




Join us on whatsapp for daily newspaper and pdf books. #0344-3310224

# مسافر محبتون

(ڪالم ۽ مقالا)

# نثار ڪوڪر




ڪمپوزنگ : شاهنواز ٽالپر

<u>ڊجيٽل ايڊيشن:</u>

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر


Join us on whatsapp for daily newspaper and pdf books. #0344-3310224

## ارپنا

انهن سيني پيار پناهن جي نالي،
جتي زندگيءَ جي نٺهڻ اُس جهڙن لمحن ۾
ٿڌي گهاٽي ڇانو نصيب ٿي.

## نثارڪوڪر



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(318)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”مسافر محبتون“** ناماري ليکڪ ۽ صحافي نثار ڪوڪر جي صحافتي لکڻين، ڪالمن ۽ مقالن جون پهريون مجموعو آهي.

نثار جون هي لکڻيون صحافتي آهن، الائي ادبي پر اڪثر ماڻهو هنن لکڻين کي نثار جي نثري شاعري سڏين ٿا، جڏهن ته عبدالقادر جوڻيجو ان کي صحافتي ادب سڏي ٿو. نثار پاڻ ئي لکي ٿو ته :

”هي اهڙيون لکڻيون آهن جن کي صحافتي حلقن ۾ صحافت نٿو سمجهيو وڃي ۽ ادبي حلقن ۾ ادبي ڪم نٿو مڃيو وڃي. اصل ۾ هي لکڻيون ٻنهي شعبن جي سنگم مان تخليق ٿيل آهن. صفا ”جيد“ صحافي دوست هن پورهئي کي ”آشنائون نراشائون“ چئي ڊسڪريج ڪندا رهيا آهن، جڏهن ته اصل تي وڏي اديبن انهن لکڻين کي ادب ڪانسواءِ الاءِ ڇا ڇا هجڻ وارا لقب ڏنا. اها ته شابس هجي اسان جي يار عبدالقادر جوڻيجي کي جنهن مختلف اسٽيجن تي اچي ان منجهيل سُٽ جي ڳنڍ سلجهائي ته بابا اهو صحافتي ادب آهي. ان جو جتي ڪٿي ڏاڪو جميل آهي اهڙين لکڻين جي آجيان ڪرڻ گهرجي.“

هي ڪتاب **موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي** لاڙڪاڻو پاران 2002ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## فهرست


- تخليقي انداز ۾ صحافت ڪندڙ ”آزاد“ رپورٽر 09
- ٽڪيٽ سجائي ٽي الاءِ نہ ؟ : ليڪ جا ٻہ لفظ 11


## حصو پهريون


1.اداسيءَ جي ڏينهن ۾ لکيل خط 13
2. انقلابين جا اداس گيت 20
3. وفائن جي تلاش ۾ ڀٽڪيل وجود 23
4. وھ عشق جو هم سي روٺھ گيا 27
5. انقلابين جي ايش ٽري 33
6. شراب چيز هي ايسي هي 36


## حصو ٻيون : غير رسمي پروفائيل


1. نانگن سان کھڙو پيار او جوڳي ! 41
2. امان الله : ميرپورخاص جو مزاحمتي مهم جو 44
3. ڪميونسٽن جھڙوڙُ 50
4. جيسي ليڪ 53
5. ٽڙياسين دامن صحرا ۾ (نواز ڪوسو: انسائيڪلو پيڊيا) 57
6. ٽر ٻاٻيھو : يوسف فقير 61
7. ميلي جي موٽ : ٻڍو فقير 63
8. هڪ غير رسمي پروفائيل 64
9. ڏاڙيل ماري سڪون جي ننڊ سمهندڙ شخص 69


## حصو ٽيون : رولاڪيون


1.گاجي شاھ : جبل ۾ جنن ۽ عاشقن جو آستانو 73
2. راڳ جو يادون ۽ حاڪم شاھ پٽ وارو 80
3. مرادون پڄائيندڙ سسئي ۽ گم ٿيل عشق جو آزار 84




Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

4. گندا واھ جو نرو، چيزل شاھ جون ڏاچيون ۽ بلوچستان جو درد 89
5. تجل جا ڪهڙا تجلا! 93
6. برھ جي بوند ۽ درد وندي جو ديس 98
7. ڪاڇي جو البم ۽ اڻ لکيل ڪهاڻيون 104
8. سعدي موساڻي، ڪرامتن ۽ محبتن جي ميلاپ جو مرڪز 109
9. نينهن ٻڌل نروار ڪيڙو 115
10 عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو! 119

## حصو چوٿون : اوجاڳا

1 ڪوڙن سچن ميرن واري خيرپور 124
2 لڙڪن ۾ وڃايل رومانس وارو شهر 128
3 ٽڪل شام جهڙو شهر 131
4 جان جيڪب ڇو ٿو روئي؟ 136
5 رڪ اسٽيشن: آخري ٽرين جي انتظار ۾! 140
6 اڙي شهر جانان... ! 143
7 ڀٽي جي لاش جو سفر ۽ ڳڙهي خدابخش جو خوف 147
8 لاڙڪاڻو: آقا جي ٽئي ڪان موسي جي سُوٽي تائين 151
9 ڏنڊ ۾ گم ٽيل ڳوٺ جا عجيب ڪردار 157

## حصو پنجون : ڪارنهن جو ڪاروبار

1 خانڳڙھ جي خانگي عدالت 161
2 عروج تي پهتل اڻ لکيل قانونن جو ڪاروهنوار 164
3 ڪارنهن جو ڪاروبار 168
4 ذلت جون ماريل عورتون 171

## حصو ڇهون : ڇڙوڇڙ ڳالهيون

1 پاپندين جي پهاڙ تان پيچڙا ناهيندڙ پيار 176
2 گهران ڀڄي نڪتل ڇوڪرين جي ڪهاڻي 183
3 انوکو پيار ۽ زماني جي روڪ ٽوڪ 186



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

4 سهڻو ساڻ ضروري آ 191
5 پيرن جي نشانن جي تاڙ ۾ هلندڙ پيري 196
6 سنڌ: جتي محبتن کان محروم ٻار رهن ٿا 202
7 جيڪب آباد جا رهجي ويل رف نوٽس 206
8 صحرا ۾ پلجندڙ پيار 210
9 فقيرن جي يارهين پيڙهي تائين ڦهليل پٽائي سان عشق 214
10 خزاني جي تلاش ۾ شهدادڪوٽي پائر 220



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# حصو پهريون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# مهاڳ
# تخليقي انداز ۾ صحافت ڪندڙ ”آزاد“ رپورٽر

اخباري رپورٽرن جي دنيا ۾ ٻن قسمن جي مخلوق هوندي آهي. هڪڙا اهي جيڪي نيوز ڊيسڪ سان سٺي ورڪنگ رليشن شپ برقرار رکندي ڪم ڪرڻ جا حامي هجن تا ڪ نيوز ڊيسڪ پاران لاڳو ڊسپلين کي غلط نہ ٿا سمجهن. ٻيا هڪڙا اهڙا رپورٽر صاحب بہ هجن ٿا، جن جو نصب العين نيوز ڊيسڪ جي ڊسپلين کي ٽوڙي ڪم ڪرڻ هجي ٿو. سندن خيال هجي ٿو تہ ڊيسڪ جي روڪ ٽوڪ ”اجائي“ هجي ٿي ۽ ايڊيٽر يا نيوز ايڊيٽر پاران لاڳو ڊسپلين جنهن کي اهي صاحبان ”هيڊ ماستر“ جو نالو ٿا ڏين. سا انهن صاحبن جي تخليق متاثر ٿئي ٿي! ! جڏهن تہ نيوز ڊيسڪ پاران اهڙن رپورٽرن کي وري ”دانشور“ يا ”خليفي“ جهڙا نالا ڏنا ٿا وڃن. روزاني ڪاوش ۾ مختلف وقتن تي اهڙا ڪيترائي ”دانشور“ رپورٽر رهندا آيا آهن، جن جي لسٽ ٺاهبي تہ ان ۾ نثار ڪوڪر جو نالو نمايان طور شامل ڪرڻو پوندو. موصوف کي ڊسپلين يا اسائنمينٽ جهڙن لفظن سان چڙ تہ وير آهي. سندس خيال ۾ آفيس ۾ اچي ويهڻ يا روٽين (عام رواجي) رپوٽنگ ڪرڻ سان سندس کي زنگ لڳيو وڃي، تنهنڪري ڪيس آزاد ڇڏيو وڃي! !

”نثار! آخر تون چاهين ڇا ٿو؟ ڇا اهو چاهين ٿو تہ هر پڇاڻي کان آزاد هجين ۽ جڏهن تنهنجو موڊ ٺئي مهيني، ٻن ۾ ڪا هڪڙي اڌ اسٽوري يا ڪالم دفتر ۾ اچلائي وري ڪلهي تي ٿيلهو رکي هليو وڃين؟ گذريل 7 سالن ۾ اهڙو سوال بطور ايڊيٽر مون نثار کان خدا کي خبر ڪيترا ڀيرا پڇيو هوندو ۽ هو هر ڀيري مون کي مستقبل ۾ تبديل ٿيڻ جي خاطري ڪرائڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجي طبيعت کان مجبور ٿي ساڳئي ريت کان آجي ”ايڪسڪلوز“ خبرون ڏيڻ ۾ ڪيس گهٽ دلچسپي هجي ٿي. بلڪ سندس شوق سدائين اکين ڏٺو احوال ڏيڻ ۾ هجي ٿو، پوءِ اهو احوال ڪنهن سياسي جلسي جو هجي يا ڪنهن ادبي گڏجاڻي جو يا ڪنهن پير، فقير جي ميلي جو. آئون سمجهان ٿو تہ سنڌي صحافين ۾ اکين ڏٺو احوال لکندڙ رپورٽرن ۾ جيڪي ڪجھ نالا مشهور آهن انهن ۾ نثار ڪوڪر سرفهرست آهي. ڪيس قدرت اها ڏات ڏني آهي تہ هو اهڙي سهڻي نموني لکي ٿو جو پڙهندڙن کي محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ هو پاڻ ان جلسي يا ميلي ۾ موجود آهن ۽ سمورا منظر پاڻ ڏسي رهيا آهن.

ڪنهن بہ رپورٽر لاءِ ڪنهن واقعي جي سنئين سڌي رپوٽنگ ڪرڻ ايتري ڏکي نٿي هجي، پر ڪنهن واقعي کي اکين سان ڏسندي ان جا هڪ سوءِ هڪ پاسا ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۽ پوءِ ڪاغذ تي سولن لفظن ۾ لاهي ڇڏڻ هڪ تمام ڏکيو ڪم آهي ۽ ان لاءِ ڪنهن رپورٽر ۾ ٽن ڳالهين جو هجڻ تمام ضروري هجي ٿو. هڪ مشاعري جي قوت ٻيو وسيع مطالعو ۽ ٽيون


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

بي رحم هجڻ. نثار ڪوکر ۾ اهي ٿئي شيون موجود آهن، تنهنڪري سندس لکٽيون گهڻيون پڙهيون به وڃن ٿيون ۽ اڪثر تڪراري به بڻجيو وڃن ۽ روزاني ڪاوش کي هڪ ٻن موقعن تي مختلف ڌرين جو ڌمر به سهڻو پيو، جنهنجي پويان نثار جو هٺ نه به ته قلم ضرور هيو. هاڻي وري ڪتاب ڇپرائي ورتو آهي، انهيءَ ڪتاب شايع ٿيڻ تي مان خوشي جو اظهار ڪرڻ سان گڏ اها دعا به ضرور ڪندس ته جن اهو ڪتاب ڇپرايو آهي، شل اهي ڪنهن جي ڌمر جو شڪار ٿيڻ کان بچي وڃن. بهرحال ڪجهه به هجي، اخباري آفيس جا ڊسپلين پنهنجي جاءِ تي ۽ انهن ڊسپلين جي پيچيدگي پنهنجي جاءِ تي، پر ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته نثار ڪوکر نه رڳو رپوٽر آهي، پر بهتر مشاهدو ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ سٺو رپوٽر تي به اهو سگهندو آهي، جيڪو سٺو مشاهدو ڪرڻ ڄاڻيءَ سگهندو آهي. رڳو اسان وٽ نه، پر عالمي طور به سڀ صحافتي دنيا ۾ اهي ئي سٺا رپوٽر ثابت ٿيا آهن، جيڪي سٺو مشاهدو ڪرڻ جي سگهه رکندا هئا. مان سمجهان ٿو ته سنڌيءَ ۾ جيڪي رپورٽر آهن، انهن مان جيڪڏهن نثار منفرد آهي ته اهو رڳو انهيءَ ڪري ئي جو هو انهن جي ڀيٽ ۾ مشاهدي جي وڌيڪ سگهه رکي ٿو نه ته اهو ممڪن ئي نه هو جو هو رپوٽنگ ڪرڻ سان گڏ چڱي نموني سان کي ڪالم، فيچر يا آرٽيڪل لکي سگهي ها. توهان ڇئن رپورٽرن کي ڪنهن هنڌ قتل جي وڏي واردات جي رپورٽنگ لاءِ موڪليو، انهن مان اهو رپورٽر ئي بهتر نموني سان واقعي جي رپورٽنگ ڪري سگهندو، جيڪو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حساس ۽ مشاهدي جي سگهه رکندو هوندو. ڳالهه رڳو ڇئن ماڻهن جي قتل ۽ ان قتل جي جوابدارن جي معلومات ڏيڻ نٿي هجي، پر ڳالهه انهيءَ سڄي منظر کي محسوس ڪرڻ جي به هجي ٿي، جتي ماڻهو قتل ٿي ويا هوندا آهن. اسان وٽ ميلي جو رپورٽون ته گهڻي وقت کان شايع ٿينديون رهنديون آهن، پر ميلو رڳو ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو نالو ته ناهي، ان جا ٻيا به ڪيترائي پهلو هجن ٿا، جن کي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت هئي، بلڪل ايئن جيئن نثار گاجي شاهه تي ورهين کان لڳندڙ ميلي بابت لکي هڪ نئون ٽرينڊ متعارف ڪرايو ته ڪنهن ميلي جي رپورٽنگ ڪيئن ٿيڻ گهرجي. ملاکڙو ته هر ميلي ۾ ٿيندو آهي، پلا جيڪڏهن ڪير رڳو اها ڳالهه ئي لکندو ته پوءِ ڪيئن چئجي ته اها رپورٽنگ ۾ ڪا نئين تخليق آهي. تخليقي ڪم رڳو ڪهاڻي يا شاعريءَ ۾ ناهي ٿيندو، پر تخليقي ڪم صحافت ۾ به ٿي سگهي ٿو، اهو نثار ثابت ڪري ڏيکاريو.

**علي قاضي**

ايڊيٽر روزانو ڪاوش حيدرآباد



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ٽڪيٽ سجائي ٿي الاءِ نہ ؟

## ( ليکڪ جا ٻہ لفظ )

هي اهڙيون لکڻيون آهن جن کي صحافتي حلقن ۾ صحافت نٿو سمجهيو وڃي ۽ ادبي حلقن ۾ ادبي ڪم نٿو مڃيو وڃي. اصل ۾ هي لکڻيون ٻنهي شعبن جي سنگم مان تخليق ٿيل آهن. صفا ”جيد“ صحافي دوست هن پورهئي کي ”آشنائون نراشائون“ چئي ڊسڪريج ڪندا رهيا آهن جڏهن تہ اصل تي وڏي اديبن انهن لکڻين کي ادب ڪانسواءِ الاءِ ڇا هجڻ وارا لقب ڏنا. اها تہ شابس هجي اسان جي يار عبدالقادر جوڻيجي کي جنهن مختلف اسٽيجن تي اچي ان منجهيل سُٽ جي ڳنڍ سلجهائي تہ بابا اهو صحافتي ادب آهي. ان جو جتي ڪٿي ذاڪو جميل آهي اهڙين لکڻين جي آجيان ڪرڻ گهرجي. جوڻيجي جهڙو گهڻ پاڙهو ماڻهو چاٽي پيو تہ مختلف ملڪن جا وڏا وڏا صحافي ان فيلڊ ۾ پنهنجو وارو وڄائي چڪا آهن پر جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ ان ۾ اسان جو ڏوهہ هرگز هرگز نہ هئڻ کپي.

هي لکڻيون نئون يا انوکو ڪارنامو بہ ناهن ڇو تہ اهڙو ڪم اڳ ۾ بہ ٿيندو هيو، ٿيندوآهي ۽ آئندہ بہ ٿيندو رهندو ۽ نہ ئي هي لکڻيون پڙهندڙن کي ادب کان صحافت طرف موڙڻ جو ڪو منصوبو آهن. جيئن اسان جو تيز مزاج وارو نماڻو يار نصير مرزا مذاق ۾ ئي سمجهندو آهي. نصير هڪ دفعي پنهنجي آفيس ۾ ئي ڪچهري دوران چيو هو تہ ”انهن لکڻين کي سانڊي رکو، سچ پچ تہ اهي ناول جا ٽڪڙا آهن. توهان تہ هاڻي اسان جي ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن کي بہ ڪاري وڌو آهي. هاڻي اهي بہ اهڙا نثري ٽڪرا لکڻ ٿا چاهين.“ اهڙي صحافتي ادب کي مڃيل ادبي ۽ صحافتي حلقن ڏاڍو دير سان ساراهيو ۽ مڃيو هو پر ان کان اڳ ئي جناح باغ لاڙڪاڻي واري گيٽ آڏو وينل مانڊڻي واري، ميرپورخاص ۾ سيڙجي ملڻ لاءِ آيل پرياسي وراي پيل ۽ راڏڻ اسٽيشن تي ٽرين مان لاهي زبردستي فوٽو ڪڍائيندڙ اخباري هاڪر جهڙن عام پڙهندرن پنهنجي محبت ذريعي اهو پسنديدگي وارو منهنجو الڪو اڳوات ئي لاهي ڇڏيو هو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هي لکڻيون جن ۾ بلاڪس هاسٽل جي ڪڙاڻ ڪان وٺي سکر جي بي رحم گرمين تائين ڦهليل اوجاڳا ۽ تنهائيون شامل آهن. تن کي ڇپڙائڻ جو مشورو سمورن سلجهيل دوستن ڏنو هو، پر اها رسڪ لاڙڪاڻي جي پبلشر مظهر ميمڻ پهرين ملاقات ۾ کڻي ڇڏي. هن ڪتاب جو سفر توهان لاءِ هي پنو اٿلائڻ کانپوءِ شروع ٿي ويندو. مختلف اسٽيشنن تا ٽيندا جڏهن اوهان آخري صفحي تي پهچو ته اهو ضرور ٻڌائجو ته توهان جي ٽڪيٽ سجائي ٿي الاءِ نه؟

**نثار ڪوڪر**

10.10.2002

حيدرآباد



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# اداسيءَ جي ڏينهن ۾ لکيل خط

تازو جڏهن هڪ سمينار ڪانپوءِ هو ٻئي سمنڊ ڪناري مليا ته ائين مليا ڄڻ سندن معمولي دعا سلام هجي ۽ ڪجهه گهڙيون گڏ گذارڻ خاطر هنن پنهنجي اڳوڻي محبت واري دور کي ڳالهه ٻولهه جو موضوع بڻايو ۽ پنهنجي عاشقيءَ وارن ڏينهن جو خوب مذاق اڏايو. ”سچي هاڻي ته مان سوچيندي آهيان ته ڪيڏا نه چريا هوندا هئاسين، ڪيڏو نه فالتو وقت هوندو هو جو ڊگها ڊگها خط لکندا هئاسين. خبر اٿئي اهي تنهنجا سمورا طويل خط مان هن ئي سمنڊ ۾ اڇلي ويئي هيس.“ پنهنجي اڳوڻي محبوبا جي اهڙي ڳالهه ٻڌي هو به کلي پيو ۽ ڪيس مذاق ٻڌايائين ته هن به سندس سمورا خط ساڙي ڇڏيا هئا. هو ٻئي ڪڏهن سندن هيلو هاءِ تي ويندي آهي ته ان دور تي کلي دل سان ڳالهائيندا آهن جنهن دور ۾ هڪ ٻئي لاءِ ديوانا هوندا هئا. انهن ٻنهي مان ڇوڪريءَ جي ته شادي ٿي وئي آهي پر هن همراهه اڃان شادي نه ڪئي آهي، جنهن تي هوءَ ڪيس ڇيڙائيندي چوندي آهي ته ” منهنجي بددعا لڳل اٿئي، ائين رشتو ڪو سولو ملندئي.“

هنن ته دنيا جي جنجهٽن ۾ اچي هڪ ٻئي کي خط لکڻ ڇڏي ڏنا آهن پر اڄ جڏهن انٽرنيٽ تي عشق جي فوبيا ڦهلجي وئي آهي تڏهن به ڪيترائي عاشق پنهنجي محبوبن ڏانهن محبت ڀريا خط لکن ٿا. انهن خطن ۾ سندن ذهني سطح موجب ئي محبت جو اظهار ۽ لفظن جي چونڊ هوندي آهي

”اڄ مان تڏهن خط لکي رهي آهيان جڏهن ياد ڏاڍو ستايو آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته تون به مون کي هن ئي گهڙي ايترو ياد ڪيو هوندو. ائين ته نه ڪندو ڪر نه! ۽ ها خبر ٿئي هاڻي ريڊيو تي ڪلام هلي رهيو آهي ” ڪڏهن ولسو سهڻا سانولا وطن غريبان دي“ مان اهو ڪلام به ٻڌان ٿي ۽ تو کي خط به لکي رهي آهيان.“ هڪ اڳوڻي ريڊيو ڪمپيئر پنهنجي پنج سئو ميل پري رهندڙ محبوب کي خط لکيو هو. سندس خط تمام طويل هو جنهن ۾ هن ڪيس اها به هدايت ڪئي هئي ته تون خط احتياط سان لکندو ڪر، آخر گهر ۾ ٿا اچن، ڪير به پڙهي سگهي ٿو ۽ ٻڌي ڇڏ ته ڪو به پاءُ پنهنجي ڀيڻ لاءِ ماءِ ڊيئر جا لفظ برداشت نٿو ڪري سگهي ته تنهنجي خط ۾ وري ملڻ جون ڳالهيون! ! گهر ۾ باجيءَ کي همراز بڻايو اٿم. هوءَ پڇي پئي ته اڳتي لاءِ به ارادا نيڪ آهن يا صرف دوستي رهندي، چيومانس اها ته مونکي به خبر ناهي. هاڻيءَ اهو تون ٻڌاءِ ته محبت مون سان ۽ شادي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن ٻيءَ سان ڪندين ڇا؟ ڏس جاني مان تنهنجو انتظار ڪري سگهان ٿي ۽ شاديءَ جي مونکي ٻه هروڀرو ڪا تڪڙ ناهي.“

هڪٻئي ڪان ٻه پري پري رهندڙ ان اڳوڻي جوڙي جي شادي تہ ڇا محبت ۽ دوستي بہ هاڻي نہ رهي آهي ۽ اهي پراڻا خط بہ هو ڪڏهن ڪڏهن کولي پڙهندا آهن جيڪي ٻنهي وٽ اجا بہ سانديل آهن ۽ انهن ئي خطن مان هڪ ۾ ڇوڪريءَ کيس لکيو هو تہ، ” رات مون هڪ خواب ڏٺو هو جنهن ۾ اسان ٻئي ٽرين ۾ چڙهي ڪيڏانهن سفر ڪريون ٿا. مان تو سان ڳالهايان ٿي پر تون رڳو ويٺو اخبار ٿو پڙهين ۽ منهنجي ڳالهين جو هون هان ۾ ئي جواب ٿو ڏين. تون ٻڌاءِ تہ اهو خواب ائين ڇو هيو؟ “ اهو خواب تہ جيئن بہ هيو پر هاڻي اهي هڪ ٻئي مٿان گذريل حادثا بہ شيئر نٿا ڪن ڪن جيڪي خواب ۽ خيالن جون ڳالهيون بہ هڪٻئي سان ڪندا هئا. انهن جو تعلق ان هڪ صفحي واري آخري خط سان ئي ختم ٿي ويو هو جنهن ۾ اڳوڻي ريڊيو ڪمپيئر اهو لکيو هو تہ ” تون هڪ سٺو ۽ شريف ڇوڪرو آهين، مان ڏاڍي خراب ڇوڪري آهيان، مان تو سان شادي نٿي ڪري سگهان، مون تو کي ڏاڍو پريشان ڪيو آهي، تون پنهنجو پاڻ کي سنڀال ۽ خدارا مون کي معاف ڪري ڇڏ. ائين سمجهہ ڄڻ مان تنهنجي زندگيءَ ۾ آئي ئي ڪونہ هيس. آئينده مون سان ڪو رابطو نہ رکجانءِ. “ ۽ آخر ۾ فقط تنهنجي پياري ۽ سونهن بجاءِ هن لکيو هو ”فقط ذليل ڇوڪري“

عاشقيءَ ۾ لکيل اڪثر طويل خط ۽ بظاهر معمولي ڳالهين سان ڀريل هوندا آهن، جن ۾ هڪٻئي کان عجيب فرمائشون ۽ سوال ڪيل هوندا آهن تہ ” تون ڪهڙي پرفيوم پسند ڪندي آهين يا موسيقي ڪهڙي ٻڌندي آهين.“ خطن جو سهارو اڪثر ڪري اهي عاشق حضرات وٺندا آهن جيڪي هڪٻئيءَ کان ڏور گذاريندا ۽ روزانو ملي نہ سگهندا آهن ۽ ڪجهہ وري ڪنڌياري جي ان فقير جهڙا بہ ساده دل هوندا آهن جيڪي هڪ اکر بہ پنهنجي جذبن جي اظهار طور لکي نہ سگهندا آهن ۽ فون تي هيلو هاءِ کان ڳالهہ اڳتي نہ وڌائي سگهندا آهن، جڏهن تہ ڪجهہ عاشق پنهنجي دل جي ڳالهہ جڏهن زبان تي آڻي نہ سگهندا آهن تہ هو خطن جو سهارو وٺندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو تہ خطن ۾ سانوري شاعر وانگر محبت جو اظهار ڪرڻ ۾ شرمائيندا آهن جنهن پنهنجي وڻندڙ شاعره کي خط جي آخر ۾ لکيو هو ”فقط تنهنجو محبوبن جهڙوءَ!“ هونئن تہ خط قيدين لاءِ بہ وڏي غنيمت هجن ٿا ۽ بار بار پڙهيا وڃن ٿا ۽ ڪجهہ دوست بہ هڪٻئي کي خط لکي پنهنجي ڪيفيتن کان آگاهہ ڪن ٿا جيئن گرمين جي موڪلن تي ڳوٺ ويل هڪ شاگرد پنهنجي دوستن کي لکيو هو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تہ ”ڳوٺ گهمڻ پلي اچو پر وڏن ڪاون واري سنڌي ٽوپي ۾ نہ اچجو ڇو تہ اهڙي ٽوپي پائيندڙ چور تازو اسان جي ڳوٺ مان مينهون چورائي ويا آهن ۽ پوليس هر ان شخص کي گرفتار پئي ڪري جنهن کي اهڙي ٽوپي پاتل آهي.“ ڪجهہ ماڻهو خطن ۾ سياسي صورتحال تي بحث ڪن ٿا ۽ انهن جا خط بہ طويل ٿين ٿا پر اهي سڀ خطن ائين انتظار نٿا ڪن جيئن عاشق پنهنجي نالي ايندر خطن جو باقائدہ انتظار ڪن ٿا. ”ڪالهہ منهنجي روم جي ٻاهران بوٽ جو اهڙو ئي ڪڙڪو آيو جهڙو ٽپاليءَ جو بوٽ هوندوآهي، مون پڪ سمجهيو تہ تنهنجو خط هوندو ڇو تہ تنهنجا پيار پريا خط وصول ڪندي ڪندي مان اهي خط آڻيندڙ جي پيرن جو ڪڙڪو سڃاڻي ويو آهيان، پر اهو ٽپالي منهنجي روم تي خط اڇلڻ کان سواءِ ئي اڳتي وڌي ويو ۽ مان در ڪولي انکي ڏسندو رهيس، پر نڙيءَ ۾ ڦاٿل اهو سوال نہ پڇي سگهيس تہ چاچا منهنجو خط ناهي ڇا؟ تون ائين ڇو ٿي ڪرين؟ خط لکڻ ۾ تہ ڪنجوسي نہ ڪر.“ سنڌ يونيورسٽي جي هاسٽل ۾ رهندڙ هڪ شاگرد پنهنجي گرل فرينڊ کي لکيو هو. ڪجهہ محبتي ماڻهن ۾ پنهنجي پيارن جا خط وصول ڪرڻ جا بہ انوکا طريقا آهن. ”خبر آهي تو کي تہ تنهنجو خط مان ڪيئن وصول ڪيو؟ ٽپاليءَ کان وٺي پهريان اکين تي رکيم ۽ ان کي چمي ڏئي آهستي آهستي کوليم ۽ پڙهندي ويس.“ لطيف يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگردياڻيءَ پنهنجي محبوب کي لکيو هو جنهن ملڻ واري محبوب جي مطالبي جي موٽ ۾ اهو بہ لکيو هو تہ ”مون سان ملڻ لاءِ ضد نہ ڪندو ڪر. مان پنهنجي وس ۾ ناهيان هوندي ۽ نہ ئي مان بهادر آهيان جيڪا اڃان تائين ڪنهن ٻار کان سواءِ اڪيلي سر ٻاهر گهمڻ بہ نہ سکي سگهي آهيان.“ اهڙن پيار پرين خطن ۾ اڪثر روئڻ جي ڳالهہ بہ شامل هوندي آهي، جيئن هڪ نوجوان پنهنجي پري رهندڙ محبوبا کي لکيو تہ ”ڪالهہ مان ڏاڍو اداس هئس ۽ تنهنجي ڪمي بہ گهڻي پئي محسوس ٿئي. دل چاهيو پئي تہ تو وٽ اچي تنهنجي هنج ۾ منهن رکي روئان ۽ ايترو روئان جو تون پرچائي پرچائي ٿڪجي پوين. رات هڪڙو خواب بہ ڏٺم. توکي ٻڌايان؟ نيڪ آ، نٿو ٻڌايان تو لاءِ ڏنل سڀ خواب مون گڏ ڪيا آهن ۽ اهي تو کي شاديءَ جي پهرين رات ٻڌائيندس.“ پر اها رات ڪڏهن بہ نہ اچي سگهي ۽ چڱيءَ موچاري شخصيت ٻڌجي ويل اهو شخص هاڻي جڏهن بہ پيگ نڙيءَ کان هيٺ لاهيندو آهي تہ روئي ڪنهن اردو اديب جو سٽون ٻڌائيندو آهي تہ ”جب اچھ اور لذيذ کهانوڻ ميڻ ڪسي بچهڙ هوئي شخص ڪي اداسي گهل جائي، جب سارا سالن آنسو اور ساري روتي انتظار هو جائي تو پهر ڪيا هوتا هي ؟“ پر وري دوستن جي دلداريءَ ۽ ٽوڪن کان پوءِ اختر بروهي جون سٽون دهرائيندو تہ:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مجان تو سدائين اسان ئي رنا هون
اوهين ٿهڪ آهيو اسين ڳل پنا آهيون
مگر نيٺ هاڻي روئڻ ئي ڇڏيوسين
ڳوڙهن سان ڳلڙن کي ڌوئڻ ڇڏيوسين

شعرو و شاعري ۽ ادب سان چاهه رکندڙ عاشقن جو وڏو تعداد رات جو ئي پنهنجي پيارن پيارن کي خط لکي ٿو ۽ اهي انهن خطن ۾ وقت به لکي ڇڏيندا آهن، جيئن ڪوششن جي باوجود شاعر نہ ٿي سگهندڙ هڪ نوجوان پنهنجي محبوبا کي لکيو تہ ”هاڻي جڏهن رات جو وقت ٻن ڪان بہ گهڻو اڳتي ٽپي ويو آهي تہ مان سوچيان ٿو ڪاش تون ڪٿان اچي وڃين! منهنجي ساهن جي پهريدار، هاڻي جڏهن دنيا جي سموريون ڪميٽون نظرون بند آهن تڏهن تون مون کان ايڏي ڏور ڇو آهين؟ تون ئي منهنجي لاءِ هڪ آٿت آهين. اهڙي آٿت، جنهن جي سهاري جيان پيو. مان هن مادي پرست دنيا ۾ اڃان شايد ايترو مادي پرست نہ ٿي سگهيو آهيان جو ٻناڪ هٽان تہ مان بنا ڪنهن سهاري جي بہ هلي ويندس نہ....... ائين تہ مان ٽٽي پوندس. تو ئي تہ منهنجي سدا بيچين رهندڙ دل تان وهمن وسوسن جي چڙهيل ڌوڙ لاهي سندس اجرو روپ ظاهر ڪيو. ها اها تون ئي آهين جنهن منهنجي چين کي چمين جي تقدس ۽ محبت جي پاڪائيءَ کان آگاهه ڪيو.“

محبتن جي جذبات سان ٽمٽار اهي خط جوانين جا ڳجها دستاويز آهن جيڪي اڪثر عاشق ساڙڻ يا پاڻيءَ ۾ لوڙهڻ چاهيندا آهن ۽ تمام ٿورن ماڻهن وٽ عمر جي آخري حصي تائين اهي خط محفوظ رهن ٿا. بي خوديءَ واري ڪيفيت ۾ لکيل اهي خط اڪثر ڪري اڳواٽ سوچيل ڳالهين کان سواءِ ئي لکيا وڃن ٿا. انهن خطن ۾ ڪي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي سدا سائو رهندڙ زخم بہ ڪجهہ ماڻهن لاءِ ٿين ٿا جيڪي انهن جي ڪيفيت متعلق ٻڌائين ٿا. هڪ اڳوڻي شاعرهہ جي ان خط جيان جنهن هن پنهنجي وڇڙندڙ محبوب کي لکيو هو تہ ”منهنجي محبت ۾ آخر تو کي ڪهڙي ڪمي ٿي؟ تو....... ها تو ئي تہ چيو هو تہ تون منهنجي ڪل ڪائنات آهين، سيني سوچن، مستين البيلاين جو محور، ۽ ڪنڌ لاڙي ( شايد وقتي طور ) تو ئي چيو هو تہ زندگيءَ تو بنا ڪيئن گذرندي....؟ ڇا جي ڪبو؟.... تو ڪانسواءِ زندگيءَ ۾ مزو ئي ڪهڙو....؟ تون ئي تہ منهنجي زخمن جو مرهم هئين، پوءِ تو اهو خنجر ڪٿان آندو جنهن مونکي رتو رت ڪري ڇڏيو؟ تنهنجو ئي پسنديدهہ غزل هاڻي مان ٻڌان ٿي تہ:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مين ئي لکا تا، مگر يہ مجهي معلوم نہ تا،
مين تمهين روح کي جاگير نهين لک سکتا،
ڀُول جانا کہ خطا هو گئي ناداني مين،
کونہ جاني کہ تمهين ياد ڀي هين يا کہ نهين

هاڻي بہ جڏهن کو چوٽ کائي تو تہ پريشاني ۾ خط ئي لکي تو پر اها ڳالهہ سندس ذهني سطح تي ڇڏيل آهي. معصوماڻي انداز ۾ سچائيءَ سان محبت ڪندڙ ميڊيڪل جي آخري سال جي شاگرد کي جڏهن محبوبا جي دوکي جي خبر پئي هئي تہ هن ڏاڍو جذباتي ٿي ۽ روئي جيڪو طويل خط لکيو هو ان ۾ هن هڪ هنڌ لکيو هو تہ ”مون کي اها خبر ئي نہ هئي تہ هتي ( دنيا ۾ ) رهڻ لاءِ مڪاري ۽ منافقي جي سخت ضرورت پوندي؟ اهو تہ هاڻي شدت سان محسوس ٿئي ٿو جڏهن تو جهڙي معصوم ڇوڪريءَ بہ ايڏو انوکو پيار ڏئي انوکو ڌوکو ڏنو آهي. سچ پڇين تہ مان صفا چڪنا چور ٿي پيو آهيان. مون تو کي اڳ ۾ ٻڌايو هو تہ سدائين محبتن ئي منهنجي ڪيريئر کي تباھ ڪيو آهي. هاڻي پاڻ سنيالي ڪٽڻ جي پاڻ کي ئي همت نٿي ٿئي. دل چوي ٿي تہ بہ ٿي ڏينهن اوباش ٿي وڃجي. وڃي شيشيون ڪڙڪائجن ۽ گندين گهٽين جا چڪر ڏجن، زندگيءَ جي منهن ۾ ڌوڙ ملجي. بيغيرت، اسان کي ايئن رلايو اٿائين تہ ان کي بہ تہ ٿورو ذليل و خوار ڪجي، ڪڏهن مونکي ئي سڀ ڪجهہ سمجهندڙ هاڻي تون بہ تقدير جي ڳالهہ ڪرين ٿي؟ مون کي اها تقدير ڪٿي ملي وڃي تہ جنڊين کان ونئي منهن ۾ گهروڙي بجو ڏيانس تہ ڪميني تنهنجو اسان ڪهڙو ڏوھ ڪيو هو جو هينئن بيابانن ۾ ڦٽي ڪري هلي وئينءَ تہ وري اڇي ڪا سنڀال نہ لڌئي.“

خطن ۾ وڏيون ڪهاڻيون ۽ وڏا داستان لڪل هجن ٿا ۽ خطن ۾ سچائي سان پنهنجي جذبن جو اظهار ڪندڙ ماڻهن جا اهي خط پنن تي وڪريل پروفائل هجن ٿا. محبت جي شروعاتي ڏينهن ۾ لکيل خطن ۾ شديد محبت، ملڻ جي آس ۽ آيل سنيارن جو ذڪر هجي ٿو. جڏهن تہ افيئر جي آخر ۾ اهڙا جذباتي منظر خطن ۾ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا جهڙا هڪ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ پر باوقار شخص جي خطن ۾ ملن ٿا. جڏهن سندس محبوبا سندس سياسي سرگرمين کان تنگ ٿي کيس ڇڏائي ايئر هوسٽس ٿي وئي هئي تہ کيس پهريان ڏيمي لهجي وارو خط لکيو هو تہ ”اسان جنهن معاشري ۾ رهون ٿا ان ۾ محبت جي اڳوات ئي کوٽ آهي. تون ان مختصر ڪوٺا کي اجان بہ مختصر نہ ڪر.“ پر پنهنجي طويل خطن ۾


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هن به ڪيس لکيو ته "اسان به عجيب ديوانا ثابت ٿياسين جو هن دور ۾ زهر ۽ ماکيءَ جو دڪان گڏ کولي ويناسين. ماڻهو زهر عيوض ماکي اسان وٽان کڻندا ويا ۽ اها ايتري مقدار ۾ کڻي ويا جو هاڻي پنهنجو دڪان زهر سان پرجي ويو آهي ۽ انهن ستم ظريفن مان پلجي به ڪو پڇڻ نٿو اچي ته توهان کي به به قطرا ماکيءَ جا کپن ٿا ؟...." پنهنجي عجيب غريب تشبيهن واري خط ۾ هن وڌيڪ لکيو هو ته "... اسان جي پيرن جي نصيب ۾ اجا کي ڊگها ۽ اٽانگا پنڌ لکيل آهن. اسان کي اجا ته کي گهگهه اونداهيون ڏسٽيون آهن. اسان جي ڳلن تي چمين جي بارش نه پر سج جي تپش جوقرض اجان رهيل آهي ۽ اسان جي سينن طرف کي غبار هلڪا کندڙ مسيحائي هٿ نه پر اجا کي سنگينون وڌڻ واريون آهن. اهڙي ماجرا ۾ تو کان محبتن جي ڪهڙي خيرات گهرجي؟ پر هاڻي منهنجو خيال ڇڏ، تون قطعي پريشان نه ٿي ۽ نه ئي تون پنهنجي خدا آڏو شرمساري محسوس ڪر. نمازن ۾ به روئڻ بند ڪري ڇڏ، ڇو ته مان تو کي اهڙي روحاني عذاب ۾ مبتلا نٿو رکڻ چاهيان. منهنجون سموريون دعائون تنهنجي پيرن ۾ وڇايل رهنديون. صرف تون اعتماد سان هلڻ سکي وٺ."

تري فراق کي راتين پي کيي پولين گي ؟
مزي ملي انهين راتون مين عمر پر کي مجهي.

خطن ۾ خوشبو ۽ هبڪار آڻڻ خاطر ڪيترائي ماڻهو خط خوشبو وارين پينن سان لکن ٿا ۽ ڪجهه وري لفافن ۽ پنن کي پرفيوم هڻن ٿا. ڪجهه خطن سان گڏ گلن جون پنکڙيون به روانيون ڪن ٿا. ٽپال کاتي جي عام رواجي دپن ۾ پوندڙ خط ٽپالين لاءِ ته عام خطن جيان هجن ٿا پر انهن لاءِ ( جيکي خط لکن ٿا ۽ جن ڏانهن لکيا وڃن ٿا ) اهي خط عام رواجي نه پر گهڻا مقدس هجن ٿا. ڪجهه خطن ۾ خودڪشين جون اٽپوريون خواهشون اماڻيل هونديون آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ جي هاڻوکي هڪ آفيسر به ته چوڏهن صفحن تي ٻڌل اهڙي خواهش پنهنجي محبوبا کي موکلي هئي ۽ اها ٻنهي ڌرين جي دوستن لاءِ ڪل جهڙي ڳالهه هئي ته اهو طويل خط بس اسٽينڊ تان لکيو ويو هو. اهڙي خواهش ان معصوم ڇوڪريءَ به ته پوسٽ ڪئي هئي جنهن پنهنجي فراخدلي ۽ محبت جي سچائي سان هڪ ڇوڪري کي ياءُ سمجهي چمي ڏني هئي ۽ هو مرڳو ياءُ پيڻ جو رشتو لتاڙڻ لاءِ بضد ٿي ويو هو. سيڪنڊ ايئر جي ان شاگردياڻيءَ نيٺ دوادوءِ مان وچي ڪيس طويل خط لکيو هو جنهن ۾ هن لکيو هو ته "هاڻي محسوس ٿئي ٿو ته هتي ڪو به مرد عورت جي حفاظت نه


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪندوآهي. هتي حفاظت صرف رشتن جي ٽيندي آهي، عورت جي نہ. ڪاش، منهنجو ڪو وڏو ڀاءُ هجي ها! ڪاش، اسان وٽ خوني رشتن ڪي ايڏي اهميت نہ هجي ها. روح جا رشتا تہ ڪا معني ئي نٿا رکن شايد. ڀين جي ڏاڍاين تي تہ توهان جي سامهون رنم پر اوهان جيڪو گهاءُ ڏنو اهو ڪنهن ڪي ڏيکاريان؟" هن خودڪشي جي تمنا ڪندي لکيو هو "..... يا خدا. مون ڪان تنهنجي انسانن جون ڏاڍايون برداشت نٿيون ٿين. مون ڪي تنهنجي بنايل ڌرتيءَ تي پناهہ نہ ملي سگهي آهي. مون ڪي پنهنجي پناهہ ۾ وٺي ڇڏ، مون ڪي پاڻ وٽ گهرائي وٺ."

**" محبت جو جنم ڏينهن "**

اڄ محبت جو جنم ڏينهن آهي،
اڄ اداسيءَ جي ڪاتيءَ سان،
پنهنجي دل ڪي وڍيندا سين،
اڄ اسان پنهنجي ڇپڙن تي،
ٻرندڙ ميڻ بتي رکي،
هڪ تار مٿان گذرنداسين،
اسان ڪي ڪو بہ ڪو نہ ڏسندو،
پر اسين هر بند دريءَ ڏانهن ڏسنداسين،
هر دروازيءَ آڏو گل رکنداسين،
ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي،
اسين روئنداسين ۽ پنهنجي روئڻ تي
اسين کلنداسي
اڄ محبت جو جنم ڏينهن آهي،
اڄ اسين هر وڻ آڏو گذرندي،
ٽوپي لاهي ڪيس سلام ڪنداسين،
هر ڪکر ڪي ڏسي هٿ لوڏيندا سين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# انقلابين جا اداس گيت

هاڻي هو اوستي (استاد) ابراهيم واري سيلون تي ويهي چرس ڀريل سگريٽ جا سوٽا هڻندو آهي ۽ سامهون پٽ تي پنهنجي اڳوڻي ليڊر جي پراڻي پوسٽر ۾ لڳل اها اڌ ظاهر تصوير ڏسندو آهي جنهن مٿان استاد جي ڇوٽوءَ ”شاهه رخ خان“ جو پوسٽر هڻي ڇڏيو آهي. ”سنڌي جي نئين نسل جو هاڻي ڪو چي گويرا يا ابوجهاد هيترو نه ٿئي استاد! اهي فلمي هيرا ئي وڃي سندن هيرا ٿيا اٿئي.“ عهو نشي جي سرور مان ڳالهائيندي چوي ٿو. هي نه لڙهندڙ نسل آهي نه اداس نسل آهي، هي ته واريءَ جي ذرڙن جيان سنڌ جي مٺ مان کسڪي ويل نسل اهو نسل آهي جنهن خواب اٽيا، هو انهن خوابن پنيان ڊوڙيا ۽ ڪين سراب مليا. ”اسان ته عشق واري عمر جيلن ۾ يا روپوشيءَ ۾ گذاري ڇڏي، هاڻي وري ڪا عشق ڪرڻ لاءِ تيار ناهي“ گنجو ٿي ويل اڳوڻو پارٽي سربراهه رات جي محفل ۾ افسوس سان چوي ٿو. حيدرآباد جي ريشم بازار ۾ ڪلف لڳل ڪاٽن پائي مڇن تي هٿ ڦيرائي هاڻي هو رڳو بازاري عورتون تاڙي ٿو. هو ڪنهن وقت ۾ پنهنجي تنظيم جي مليٽنٽ ونگ جو سربراهه هوندو هو. حيدرآباد جي هوائن ان شخص کي ٻه ته ڄڻ ونگ وجهي ڇڏيا آهن، جنهن کي پرسان ئي پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪڏهن آرام ناهي آيو. سياست کان ٿڙي اڄڻ ڪانپوءِ هن پناهه اچي ڇوڪرين سان فون تي ڳالهائڻ ۾ ورتي ۽ ان ۾ به هو پٽائي جا شعر ٻڌائيندو اٿن. ٽيليفون بوٿ تان هڪ نئين ڇوڪريءَ کي فون ڪندي هن چيو: ”هلو مان منير ٿو ڳالهايان.“ پريان آواز اچڻ ڪانپوءِ وري چيائين ”اهو منير جنهن لاءِ پٽائي چيو آهي، ڏنو ماهه منير....“ هو اڄ به فرسٽريشن مارڻ لاءِ ٽيبلٽس کائيندو آهي. شايد هر پاڙي جي ڏوٻيءَ وٽ سندس ڪپڙا پيا هوندا آهن. رلي رلي ڪٽي نه ڪٽي رات رهي وري سڄو ڏينهن رلڻ. بيقراري ته ڏوڪريءَ ۾ سائيڪلن جو دڪان هلائيندڙ حبيب سنڌيءَ کي به آهي جيڪو اڃا سکر سينٽرل جيل وڃڻ جي رومانس ۾ آهي ۽ ساٿين کان پڇندو آهي ته جدوجهد ڪڏهن ٿا هلايو؟ دادوءَ جي اها نوجوان عورت جنهنکي سندس ساٿي مذاق مان ” ڪراڙي ڪامريڊياڻي“ چوندا هئا، هاڻي لاڙڪاڻي واري سائڪياٽرسٽ وٽ اچي روئي ٿي، ”ڊاڪٽر صاحب مون کي الاءِ ڇا ٿي ويو آهي، سچ لهي ٿو ڳٽي ٿي پئي ٿي، سوچان ٿي ته اهو سچ نه لهي، جو هجي جيڪو ان سچ کي لهڻ نه ڏئي، پر جڏهن سچ لهي وڃي ٿو ته مون کي روئڻ اچي ٿو. اهو مون کان برداشت نٿو ٿئي.“ هاڻي هوءَ ان پرس ۾ انديرال ٽيبليٽس رکي ٿي جنهن ۾ هوءَ ڪنهن دور ۾ ڪتاب ۽ پسٽل گڏ ڪٺي گهمنديءَ هئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”سنڌ مان جڻ تہ اهي اوجاڳا ئي ختم ٿي ويا آهن، جيڪي ذهين اڪيون نئين صبح لاءِ ڪنديون هيون، هاڻي يا تہ چور جاڳن ٿا يا شراب پي فحش فلمون ڏسندڙ حوس پرست.“ هڪ ڪهاڻيڪار چوي ٿو، ”هو فيض، پٽائيءَ ۽ اياز ڪي طوطي جيان رٽيندڙ تہ جڻ ڪيڏانهن ٽبي هڻي هليا ويا آهن جيڪي سڪل ماني ۽ پڪوڙن تي پلجندي بہ ذهني طور صحتمند هئا، سڀ ٽائون آهن، اهڙو گروپ ناهيو جيڪو سيني ڪي سڌو ڪري چڙي“ ڪچي ۾ پنهنجي ڳوٺ رهندڙ اڳوڻو سياسي ڪارڪن ڪرياني جي دڪان تي وينلن ڪي چوي ٿو. هو ڪٽي بہ سپاهي ڪي ڏسي پوزيشن سنڀالي ويهي رهندو آهي ۽ چوويهہ ڪلاڪ پاڻ ڪي گوريلا وار ۾ شامل سمجهندو آهي. رات جو چرس پي انگلش ايڪشن مووِيز ڏسي سمهندو آهي. ان طوفان ۾ سڀ ڪو گوزي جي ان بيقرار اڪين واري نوجوان وانگر تہ پاڻ نٽو سنڀالي سگهي جنهن سياست چڙي پر ايبنارمل نہ ٿيو آهي ۽ حيدرآباد جو اهو انقلابي جوڙو جن ڪي هڪٻئي سان شديد محبت هئي. جيڪي سمهندا تہ گڏ هئا پر حوصلو ايترو بلند هئن جو امانت ۾ ڪنهن خيانت نہ ڪئي، انهن ڪي سندن نام نهاد پارٽي اصولن شادي ڪرڻ نہ ڏني. هاڻي هو اڇي چاليهن ڪي پهتا آهن پر شادي ٻنهي مان ڪنهن ناهي ڪئي.

تازو انٽرنيشنل ميگزين وارن طرفان ايڪويهين صديءَ جي آجيان طور ڇهہ اهڙا اسپيشل پرچا ڪڍيا ويا آهن جن ۾ ويهين صديءَ جي سياست، انقلاب، راندين، ادب ۽ آرٽ ۾ پاڻ مڃائيندڙ شخصيتن ڪي محفوظ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ گانڌي تي سلمان رشدي ڪان بہ لکرايو ويو آهي. اهڙا پرچا ڏسي منهنجي هڪ ذهين ڊاڪٽر دوست چيو.”ڇا سنڌ ۾ ڪو اشاعتي ادارو اهڙو ڪم ڪري سگهي ٿو، سنڌ ويهين صديءَ ڪيئن گذاري اهو ڪو ٻڌائڻ وارو ناهي؟. تازو ڏکڻ آفريڪا جي محققن پاران نسل پرستي واري دور ۾ ڪيل انساني حقن جي پيچڪڙين واري پڌري ڪيل رپورٽ جنهن ۾ وني منڊيلا تي بہ الزام لڳل آهن، بابت حيدرآباد جو هڪ صحافي چوي ٿو: ”ڇا سنڌ جا عالم ۽ مدبر ڪو اهڙو ڪم ڪري سگهن ٿا“ هو پنهنجي سوال جو پاڻ ئي جواب ڏئي چوي ٿو ”سنڌ جي ڏاهن جي تحقيق سنڌ ۾ پلجندڙ پکين، مڇين ۽ گاهن جي قسمن تائين محدود ٿي وئي آهي، اهي انهن جوانين تائين ڪيئن پهچن جن ڪي ٽارچر سيلن ۾ پيشاب پياريا ويا، راهہ ويندي گوليون هنيون ويون يا ذهني طور مفلوج ٻڌائي موالي ڪيو ويو“ هو شڪايت ڪري ٿو تہ سنڌ ۾ اڄڪلهہ منافقن ۽ چرسي نوجوانن جي گهٽائي ٿيندي پئي وڃي جيڪي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن بہ ڪميٽمينٽ کان ڪوڙا آهن. هاڻي گهرن ۾ گهٽين ۾ انهن جي نڪمائيءَ تي تبصرا ٿين ٿا ۽ هو ڪنهن اڻ ڪيل گناهن جهڙي سزا ڀوڳين ٿا.“

موري جي ان نوجوان جيان جنهن کي سخت تنقيد سبب پارٽي اڳواڻ ايجنسين جو ماڻهو هجڻ جو ليبل هڻي پارٽي مان خارج ڪري ڇڏيو هو. ان سميت اڄ بہ ڪيترا ئي نوجوان پنگ پيئڻ ۽ اخباري بيانن تي تنقيد ڪرڻ ۾ وقت گذارين ٿا. روهڙيءَ جي نوجوان پنهنجي ان ناول لکڻ جي اجا شروعات نہ ڪئي آهي جنهن ڪراچي ۾ ٿيل مرڪزي ڪانگريس مان خارج ۽ خوار ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن ٽرين ۾ چڙهيو هو تہ شهر وٺان فليش بيڪ ۾ ڪيس يادن جو وڏو وهڪرو گهيري ويو هو. هو چوي ٿو ”اهو وقت اڄ بہ مون وٽ قيمتي آهي جڏهن اسان ڪوٽڙيءَ ۾ چاڪنگ ڪندي پڪڙجي پيا هئاسين. جڏهن حيدرآباد ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي محبوبا وٽ وڃي سوپ پيئڻ جو تجربو ٿيو هو ۽ ان ۾ مرچ گهڻا وجهي ڪيڏو پڇتايو هيم ۽ سڄي رات جو لطيفو نهيو هو.“هو چوي ٿو.“ ناول ۾ اهو بہ ڏيندس تہ ڪيئن نام نهاد ويڙهو اڳواڻ هڪ دوست جي گهر ۾ هفتو ترسي ڪانئس ويهہ هزار رپيا اڌارا وٺي ڪوئيٽا فرار ٿي ويو هو. منهنجي دل چوي ٿي تہ اسان جي نسل جون سن ٿيل سڀ ويساهہ گهاتيون رڪارڊ تي اچڻ کپن.“ هو جڻ تہ اديب ملڪ آڪاڻيءَ جي ان خيال سان متفق ٿئي ٿو تہ ”ڪو جوان جو پٽ اهو چو نٿو ٻڌائي ڪالهوڪو منهنجو ليڊر جيڪو ڦاٽل جورابن ۽ ڪوٽ سان منهنجي ڳوٺ ۾ ڪچهرين لاءِ ايندو هو اهو هاڻي لينڊ ڪروزر ۾ باربار اسلام آباد جي روڊن تي ڪيئن ٿو گهمي“ هو دوستن تي سر ڏيڻ وارا هاڻي دوستن جو احتساب گهرن ٿا. اسان تڏهن چريا هوندا هئاسين جڏهن دوستن جي ڪري وڃي ڊي ايس پي کي ڦوهاڙو ڪري آياسين. هڪ مليٽنٽ ونگ جو اڳوڻو سرگرم ڪارڪن پر هاڻي ڪتن پالڻ جو شوقين همراهہ چوي ٿو. هو ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن نہ سندن گروپ جي سربراهہ کي معمولي ڳالهہ تان پوليس مقابلي ۾ مارائي ڇڏيو. جهمپير ۽ جاتيءَ کان وٺي جوهيءَ تائين ايترا ڪيئي نوجوان ٽڙيا پکڙيا ملن ٿا جن واتان ٻاهرين ملڪن جي دورن کان وٺي انقلابي ويڙهہ وارن مهمن تائين سمورا قصا ٻڌي نئون ماڻهو حيران ٿي وڃي ٿو. هو هاڻي ڪنهن جلسي گاهہ ۾ يا جلوس ۾ نظر نٿا اچن ۽ نہ ئي رات جو ڪٽي اسٽڊي سرڪل هلائيندي يا چاڪنگ ڪندي نظر اچن ٿا. هو تہ درگاهن، چرس، ميلن، ملاڪڙن ۽ بازاري عورتن سان ملي ويل ذرڙا ٿي پيا آهن جن کي ڪو پڇڻ يا جاڳائڻ وارو ناهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# وفائن جي تلاش ۾ ڀٽڪيل وجود !

جنهن سماج ۾ محبتون، ڪتابن اندر رکيل سڪل گلاب بڻجي ويون هجن، تنهن ۾ ڪي ديوانا، دنيا داريءَ جي حساب سان اڇو مٿو ٿي وڃڻ جي باوجود، وفائن ۽ جفائن تي ڀرين پيار جيان ڳالهائن ٿا. وڏين ۽ ٿڌين هوٽلن کان وٺي ڍاڪڙا هوٽلن ۾ فوٽ پاٿن تائين ڦهليل انهن ديوانن وٽ رات جي پوئين پهر ۾ پسنديده موضوع بيوفائي بڻجي وڃي ٿو. ڪڙو پيگ بڻجي ويل پنهنجي چاتين ۾ هو بيوفائين جو ذڪر سوڍا جيان روز ملائين ٿا. هيلوڪين گرمين ۾ به شاعراڻي طبيعت وارو اهو بينڪار پنهنجي ان پريميڪا کي پرپور ياد ڪري ٿو جيڪا وفائون ۽ بيوفايون ڪرڻ ۾ ڏاڍي تکڙي هئي. هوءَ ڪنهن تکڙي مسافر جيان هميشه ان آسري تي ٽرينون مٽائيندي رهي ته سندس منزل ويجهو اچي ويندي. پر اها خبر ڪيس به نه پئي ته هوءَ ٽرينون مٽائيندي رهي يا صرف بوگيون، جو هاڻي ڪنهن ويران اسٽيشن تي اڪيلي رهجي وئي آهي. ان تکڙي مسافر جو روح رکندڙ ڇوڪريءَ سان ڪافيءَ جا مگ پيري هن جڏهن ڪچهري ڪئي هئي ته ڪيس ان ڇوڪريءَ جي ماضيءَ جي ڏاڍي اڻ تڻ تي پئي ۽ اها اڻ تڻ مارڻ لاءِ هن جڏهن سڀ سچ پڇڻ شروع ڪيو ته هو تمام گهڻو چڙي پئي ۽ ڪيس چڙٻيندي چيائين ته" تون ڪو الله ناهين جو تنهنجي آڏو سڀ سچ ڳالهايان." بينڪار کي اها خبر ته ناهي ته اها ڇوڪري هاڻي ڪٿي گم ٿي وئي آهي، پر سندس اهي جملا وٽس هميشه لاءِ رهجي ويا آهن ۽ اهي جملا جڏهن بار بار سندس ڪنن ۾ گونجندا آهن ته هو:

مين رانجها نہ تها تو هير نہ تهي

هم اپنا پيار نيا نہ سکي

جهڙي شاعري ٻڌڻ شروع ڪندو آهي. جيتوڻيڪ اڪثر ماڻهن ( اهل دل ) وٽ وفائن جي ڪا واضع تشريح موجود ناهي ۽ نه ئي ڪي گهڙيل يا ڪنهن دستاويز تي لکيل وفائن جا ڪي سنهري اصول وٽن موجود آهن يا ٿين ٿا. پر هو انهن وفائن جو انتظار اپسرائن کان به وڌيڪ شدت سان ڪن ٿا جن کي ڏسي يا ڇهي نٿو سگهجي. صرف هڪ احساس وانگي محسوس ڪري سگهجي ٿو. وفا جا متلاشي رڳو پيگ، پيالي يا ڏنڊي ڪونڊي وارا موالي ناهن پر سياسي ويڳاڻپ ۽ مايوسي ۾ گذاريندڙ اهي سيئي محروم ماڻهو به بيوفائن جا ڏنگيل لڳن ٿا، جيڪي سياسي وفائن جي آسري پنهنجو سڀ ڪجهه داءُ تي لڳائي وينا پر تي ڏهاڪا گذري ويا ڪين رڳو روٽي ڪپڙا ۽ مڪان ملي نه سگهيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هو پنهنجي انفرادي زندگين ۾ ته ذلتن ۾ گهارين ٿا ۽ ڪنهن پراڻي ڪميونسٽ چواڻي طبقاتي سماج ۾ هينيئن طبقي جي ماڻهن کي ننديون وڏيون ذلتون انجواءِ ڪرڻ گهرجن، پر جڏهن انفرادي ۽ اجتماعي زندگين جون ذلتون گڏجي پون ته، هر پر اميد وجود مٿان هڪ پهاڙ ڪري پوي ٿو ۽ انهن مان ٿورڙائي اهو صلاح نما ڪلام ٻڌي پنهنجي دل ريجهائن ٿا ته:

وفا ڪٿي نه رهي آ، وفا تلاش نه ڪر

وفائن کان محروم ماڻهن جا الميا به ان ڇوڪريءَ جي ڊائريءَ جيان ڇيڇڻ کان هميشه رهجي وجن ٿا. جيڪا هنڌان هنڌان ٽٽن کان پوءِ صفا ڊيٺ ٿي وئي ۽ سورن ڀري ڊائري لکيائين پر اها ڇيڇڻ کان رهجي وئي. وفا جي آس ته ڪراچي جي ان برگر ڇوڪري جي اکين ۾ به آکيرا ناهي ورتا جيڪا پنهنجي ڦرٽي گهرٽي طبيعت واري محبوب سان محبت واري مجبوريءَ سبب مائٽن سان گڏ ٻاهر نه وجي سگهي آهي. هو اڪيلي گهر ۾ سڏڪا ڀري ٿي پر سندس "هن" کي ته "پارٽين" کان فرصت ئي ناهي. هوءَ انهن پارٽين ۾ وجي ٿي ته وڏيڪ ٽٽي پوي ٿي تڏهن ته هو پاڻ کي گهر ۾ پاڻمرادو نظربند ڪري اهو شعر دهرائيندي رهي ٿي ته "شيشي ڪا بدن ليڪي، ڦرتي نهين راهون مين، پٿر بهي ڇُپي هوتي هين، لوگون ڪي نگاهون مين." عشق محبت ۽ سياست کان وني مٿين مائٽين ۾ جذباتي وابستگين کي ٽيڏي اک سان ڏسندڙ ۽ ڪنهن جو ڪو گهٽو يا ايڪسٽرا خيال نه رکندڙ ماڻهو وفائن ۽ جفائن واري سموري قصي کي ئي وڏي بيوقوفي سمجهن ٿا، سندن چوڻ آهي ته جيستائين جنهن جو مفاد پيو پورو ٿيندو اهو توهان سان نڀائيندو ايندو. مفاد ختم وفا ختم. اهو دنيا جو دستور ٿي ويو آهي هاڻي اهي زمانا ئي نه رهيا آهن جو ماڻهو زندگيءَ ڀر وفاداري جا قسم کڻي ۽ انهن کي نڀائي سگهي. هو چرچي طور چون ٿا جنهن ملڪ جا سربراهه ئي ملڪي وفاداري جي ڪنيل قسمن جي باوجود ملڪ ۽ قوم سان وفا نه ڪندا هجن ته اتي عام ماڻهو مان ڪهڙي وفاداري جي اميد رکجي! پر شايد کين خبر ناهي ته وفا جو لفظ جڏهن گهڻ پاسائون استعمال ٿئي ٿو ته اهو رڳو ٻن پريمين جو معاملو نٿو رهي. اهو پيءُ به ته پنهنجي اولاد سان وفا ئي ڪري ٿو جيڪو عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي سموري ميڙي چوندي وڪڻي به ان بيمار پٽ جو علاج ڪرائي ٿو جنهن حياتيءَ ۾ هڪڙو پل به سک جو کيس نه ڏيکاريو ۽ جيڪڏهن اهو پٽ ساڻس وفا ڪري ها ته پنهنجي حيثيث ۾ اجا به اڳيرو هجي ها.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

وفائن ۽ جفائن تي زماني جي تبرن کان بي نياز اهو فقير بہ شهر ۾ گهمي ٿو، جيڪو ڪنهن دور ۾ خوبصورت نوجوان سمجهيو ويندو هو. بهتر مستقبل جا خواب اکين ۾ سجائي گهمندڙ ان شخص کي جڏهن عشق جي ابتي لپاٽ لڳي وئي تہ هو پنهنجو توازن ئي وڃائي وينو ۽ نشي جي سهارن ۾ هلندي هاڻي هيرونئي بڻجي ويو آهي. هو ڪنهن بيوفا کي ڪي پاراتا تہ ڪو نہ ٿو ڏئي پر پنهنجي پنڪين ۾ جڏهن اهو گانو ” قسمين وعدي پيار وفا سب باتين هين، باتون ڪا ڪيا!“ ٻڌندو آهي تہ سندس نندڙيون اکيون آليون ٿي ڪي مياروں ڏينديون آهن. بيوفائين جا ڏنگيل ماڻهو پلي تہ پنهنجو غم روئيندا رهن پر ٿين ايجرز اجان بہ وفائن. قسمن ۽ وعدن تي اعتبار ڪن ٿا. سندن عاشقي جي ميدان ۾ اجا بہ رت سان لکيل خطن جي وڏي اهميت آهي. توڻي جو اهي خط وفا جي ڪا ضمانت نٿا ڏين ڇو تہ لاڙڪاڻي جي ان جوڙي بہ هڪٻئي ڏي ڏاڍا رت سان پريل خط لکيا هئا ۽ انهن ۾ رت ايتري تہ گهڻي هوندي هئي جو اها مرد عاشق کي ليبارٽريءَ مان چيڪ ڪرائڻي پئي هئي، جيڪا ڪنهن ٻڪر يا ڪڪڙ جي نہ پر انهي ڇوڪريءَ جي هئي جنهن سان سندس پيار واري شادي ٿي. ٻن ٻارن ڄڻڻ کان پوءِ هو عليحدگيءَ واري زندگي گذارين ٿا. اها خبر ناهي تہ انهن رت پريل خطن کي هنن تيلي ڏني يا نہ پر اهڙا ڪيس بہ سامهون ايندا رهن ٿا جن مان پتو پوي ٿو تہ نوجوانن ۾ اجان بہ وفائن جي اميد آهي. جنهن جو اظهار ٻانهن تي بليڊ سان جهير ڏئي نالا لکڻ کان وٺي پڪنڪ پوائنٽن جي وڻن تي چاقن سان نالا لکڻ تائين ڪيو وڃي ٿو. سينئر عاشق اهڙين حرڪتن کي ٻاراڻيون چون ٿا ۽ اهو چون ٿا تہ وفا جي تلاش وارو احساس ئي اڙانگو آهي. جنهنڪري هنن کي خود وفا جي مفهوم ئي سمجهہ ۾ نہ ايندو، ڇو تہ وفائن جي تلاش زندگيون تباهہ ڪري ڇڪي آهي. جنهن کي هڪ پيرو اهو احساس اچي وڃي اهو سڄي عمر جو منتظر ئي رهي ٿو.

اڄ ڪلهہ وفائن ڏانهن ماڻهو جو لاڙو ائين آهي جيئن چڱاين ڏانهن آهي. هر ڪو اها توقع ڪري ٿو تہ چڱو ڪم ڪو ٻيو ڪري، ائين ئي اڪثر ماڻهو ٻي ڌر مان وفائن جي تقاضا ڪن ٿا، جنهن ڪري وفاداريءَ جي سخت ڪوٽ ٿيندي پئي وڃي. هڪ صوفي عاشق چواڻي تہ هر ڪو پاڻ بہ ڪجهہ وفائون ڪرڻ شروع ڪري تہ اهو ڏڪر لهي سگهي ٿو ۽ وفائن جي ايڏي ڪوٽ پيدا نہ ٿيندي پر جيئن اڪثر ماڻهو پاڻ سنو ٿيڻ بجاءِ ٻين کي سنو ٿيڻ جو پاشڻ ڏين ٿا، تيئن ئي پاڻ وفا ڪرڻ بدران ٻين مان وفائن جي توقع گهڻي ڪن ٿا. سادہ دل عاشق واقعي ڪڏهن ڪڏهن ان حد تائين توقع ڪري وڃهن ٿا جو لاپرواهہ محبوب جي بيوفائي سندن جان بہ وٺي ڇڏي ٿي. پر ڪجهہ ماڻهو بيوفائين کان تنگ اچي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

توائي ۾ اهو شعر دهرائين ٿا تہ ”بيوفا يار ڪنون ڪتا يار ڪريجئي“ ڪجھ بيوفائيون مصلحتن بہ ٿي وجن ٿيون ۽ ماڻھو شڪارپور جي ان ليڪچرار جيان بلڪل لاچار ٿي پوي ٿو جنھن پنھنجي زال ۽ پيٽن جي مستقبل خاطر پنھنجي پھرين پيار کي بي رحم بيابانن ۾ ڀٽڪڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. شايد شڪارپوري ليڪچرار جي زندگيءَ جو اهو وڏو الميو هجي جو تہ ڪيس اهو نياپو ملي چڪو آهي تہ ”وفا تي تنھنجي اي بيوفا اهي اعتبار ويا هلياءِ وئي دل جي باھ وسامجي اهي انتظار هليا ويا“ اهل دل حلقن اندر اڄ بہ وفائن جي بدلي ڪجھ بہ نہ طلبڻ وارو درس ڏنو وڃي ٿو ۽ اهو درس والدين جي پيار جيان ڏنو وڃي ٿو تہ جيئن والدين اولاد جي سڌرڻ ڪان بي نياز ٿي ڪيس پيار ۽ شفقت ڏين ٿا تيئن بدلي ۾ بيوفائين ڪان بي نياز ٿي وفائون ڪرڻ گھرجن. پر اهو حلقو ۽ انهن جو درس تمام محدود ماڻھن تائين پھتل آهي. ڪجھ ماڻھن جو خيال آهي تہ وفائون محبتن جيان سماج ۾ اڄ بہ موجود آهن رڳو انهن کي پرکڻ جي ضرروت آهي ۽ اهي جيڪي وفائن جي کوٽ جون دانهون ڪن ٿا اهي ”گلاس اڌ خالي آهي“ واري نظر رکن ٿا جڏهن تہ کين ”گلاس اڌ ڀريل آهي“ وارو اصول اپنائڻ گھرجي. پر اهي ڳالهيون هوءَ ڪيئن مڃي جنهن جي سمورين سچاين ۽ محبتن کي نڪرائي مڙس وڃي ٻي شادي ڪئي آهي ۽ هوءَ عذابن ۾ بہ وفائون جن کي نصيب ٿيون اهي خوش نصيب سمجهيا وڃن ٿا. پر وفائن جو اصل قدر بيوفائين جي ماريل ماڻھن وٽ ئي ملي ٿو. اهو ڪلارڪ بہ تہ بيوفائين جي ماريل ماڻھن جو قدر ڪري ٿو جنھن کي هن هڪ چٺي لکي پر پوسٽ نہ ڪئي. سادھ دل ڪلارڪ ان ۾ سچي ڳالھ لکي هئي تہ ”تون ڏاڍي پياري آهين پر ڏک اٿم تہ بيوفا بہ آهين.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# وه عشق جو هم سي روٺهه گيا

هاڻي اهو زمانو پلي ته عام خلق جي ياد تان ڏنڌلو ٿيندو وڃي. اهو ڪٽبل ڪلچر ۾ پلجي جوان ٿيل نسل ڪي سمجهه ۾ ئي نه ايندو هجي پر انهن ماڻهن کي کان اهو زمانو ڪيئن ٿو وسري سگهي جيڪي انقلاب جي آجيان خاطر ڪنڊن جي سيج تي سمهي پيا. جن پنهنجون سموريون عاشقيون، محبتون ۽ دل لڳيون انقلاب کي ارپي ڇڏيون ۽ سموري سچائي سان اها جدوجهد ڪئي ته ”هي نظام آ خراب — انقلاب انقلاب.“ اهي ديوانا وستين، واهڻن، گهٽين ۽ گهٽن ۾ اهي اپ ڏاريندڙ نعرا هڻندا رهيا پر انقلاب ڪڏهن پلجي به سندن سڏ ڪو نه ورنايو. ”اهو انقلاب هو يا ڪو سراب يا خواب جنهن تتل ڏينهن ۾ پيرين اگهاڙي رڻ جهاڳايا، اکين کي اوجاڳا مليا پر انقلاب نه مليو.“ هڪ اڳوڻي سياسي ڪارڪن ۽ شاعر چيو. اهو بحث سنڌ جي اڪثر پڙهيل لکيل ماڻهن جي محفلن ۾ ٿيندو رهندو آهي ته انهن انقلاب جي ٻچڙن تي ڪو ناول ڪير لکندو ڪا آرٽ فلم ڪير ناهيندو؟ جيڪي صرف ۽ صرف انقلاب جي رومانس ۾ حسين ٻانهن جي گهيري کي ڇڏي آيا ۽ انهن ڪڏهن گرم ٻاڪرن جي تمنا ته نه ڪئي پر اهڙي عاشقي کان ذري گهٽ نفرت وارو ڪلچر پيدا ڪيو. اها الڳ اسٽوري آهي ته سياسي سرگرمين وارن سالن دوران عورتاڻي عشق کان نفرت ڪندڙ، انهن سالڻ پڇاڙان ڪيئن ماين جي پويان فرسٽريٽ ٿي رليا ۽ تباهه ٿيا. انهن ماڻهن جو الميو ته انهن سان ڪيل ڪچهرين دوران معلوم ٿئي ٿو جن کي سمورين سچاين سان پنڌ ڪرڻ جي باوجود نه انقلاب مليو نه محبت. اهي ته هاڻي منافقيءَ جي عروج واري زماني ۾ ذلتن ۽ ملامتن جا صليب ڪلهن تي سچائي گهمندڙ ڪل جوڳا وجود بڻجي ويا آهن. عجيب طعنن ۽ طنزن کان پوءِ هو پنهنجوپاڻ کان هاڻي ڌرتيءَ تي به بار سمجهڻ لڳا آهن. هو پنهنجيون محروميون مارڻ لاءِ چرس پيئن ٿا ته به ٺوڪون. مزارن تي وڃي ڀنگ پيئن ٿا ته به ملامتون. هو اڪيلائي ۾ شراب پي غم مارڻ جهڙي ”عياشي“ ته افورڊ ئي نٿا ڪري سگهن ته ڪيڏانهن وڃن؟ ڏينهون ڏينهن بيحس ٿيندڙ سماج ته انهن متحرڪ فردن کان جڻ لاتعلقي جو اظهار ڇيرائي ڇڏيو آهي. سياسي سرگرميءَ جو دور ڇا گذريو آهي جڻ ته ڪو هيرن جو هار پريءَ بازار ۾ ٽٽي پيو آهي جنهن جو ڪو داڻو ڪنهن جي پيرن ۾ ته ڪو داڻو ڪنهن ناليءَ ۾ ڪو وري ڪنهنجي ڪار ۾ ڪري پيو آهي. پر اهي سمورا گمنام ماڻهو ڇا واقعي به نفرت لائق هئا / آهن جن کان هاڻي سندن اولاد به چڙڻ لڳو آهي يا اهي حقيقي طور سنڌ جي سونهن هئا ؟ ڇا ڪنهن دور جو اهو محنتي قومي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪارڪن نفرت جوڳو آهي جيڪو هر ڪم محبت سان ڪرڻ سبب دوستن جي حلقي ۾ قومي گڏهه سڏبو هو، جنهن ڪي سدائين هڪ وڪري ٽائيپ ڏاڙهي رکيل هوندي هئي ۽ جڏهن ڪير ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي صلاح ڏيندو هوس ته ڏاڍي محبت سان ان کي ورندي ڏيندو هو ته ڏاڙهي کي وڌڻ ڏي، مان آزاد سنڌ جون گهٽيون ڏاڙهي سان صاف ڪندس. اهو آدرشي ماڻهو اڄان به جيئرو آهي پر سياست کان پاسيرو ٿيل آهي. الائي ڇو انقلابين ۽ جنگين ۾ گمنام ماڻهو / سپاهي ئي سچا ثابت ٿين ٿا. نوابشاهه جو اهو گمنام ڪارڪن به ته سچائيءَ جي بلندين کي وڃي پهتو هو جنهنجي گهر جڏهن سندس تنظيم جي ضلعي گڏجاڻي هلي رهي هئي ته سندس سخت بيمار پٽ ميٽنگ هلندي فوت ٿي ويو. پر اهڙو اطلاع هن دوستن کي نه ڏنو ۽ گهر وارن کي به في الحال روئڻ کان منع ڪري ڇڏيائين. گهٽا سال اڳ ان ميٽنگ ۾ شريڪ اڳوٽي مرڪزي اڳواڻ موجب گڏجاڻيءَ ۾ ماني ۽ چانهه به ڏني وئي ۽ آخر ۾ هن دوستن کان اجازت ورتي ته سندس پٽ گذاري ويو آهي ان جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪرڻ خاطر ڪيس اجازت ڏني وڃي. ”ان زماني ۾ انقلاب ۽ آدرش ئي سيني کي سڀ کان وڌيڪ عزيز هئا.مفاد پرستي گهٽ هئي.“ خاموش ويٺل هڪ اڳوٽي تنظيم جي مرڪزي اڳواڻ چيو. ان زماني ۾ ڊسيپلين تي هر تنظيم اندر خصوصي ڌيان ڏنو ويندو هو. ان حد تائين ڊسيپلين رکيو ويندو هو، جو قوم پرست تنظيمن جي هاڻوڪي هڪڙي مرڪزي اڳواڻ کي بي اصولي سبب هڪ سوءِ پيرا ڪن ڪوشي ڪرڻ جي سزا ٻڌائي وئي، جنهن شڪارپور ۾ ٿيل ان گڏجاڻي ۾ پنهنجي ڪن ڪوشي ”الا ڏاهي م ٿيان“ وارو شعر پڙهي شروع ڪئي ۽ لاڳيتو پنجاهه دفعا ڪن ڪوشي ڪرڻ ڪانپوءِ هو بيهوش ٿي ڪري پيو. ڊسيپلين برقرار رکڻ خاطر سزا ته گذريل ٽن ڏهاڪن کان مرڪزي اڳواڻ رهندڙ هڪ ٻئي معزز سياستدان کي به ڏني وئي هئي. پر ان ۾ رعايت اها ٿي ته هو مهمان هئڻ جي باوجود دير سان اچڻ واري سزا خاطر ميٽنگ ۾ صرف پنج منٽ اٿي بيٺو رهيو. ”بنا سزا جي بيهوش ته اهو اڳواڻ به ٿي ويو هو جنهن شهدادڪوٽ ۾ عيد ملن پارٽي دوران پنهنجي ڪيريئر جي پهرين تقرير ڪئي هئي. بعد ۾ اهو شخص وڏو اڳواڻ ٿي ابريو. پنهنجي الڳ هڪ انقلابي تنظيم ناهيائين ۽ اڄڏهن انقلاب نه آڻي سگهيو ته اهڙو ڪريو جو مسلم ليگ جي آخري حڪومت دوران نوڪريون وڪڻڻ شروع ڪيائين. ”ان دور ۾ ڪارڪنن خاطر تعليمي تربيت جو هڪ بهترين نظام هوندو هو ۽ لڳ ڀڳ هر تنظيم پنهنجا اسٽڊي سرڪلز هلائيندي هئي، جنهن لاءِ تنظيم جا سنا پڙهيل لکيل ۽ قابل ماڻهو ليڪچرر مقرر ٿيل هوندا هئا ۽ ڪارڪنن لاءِ باقاعدي هڪ انقلابي نصاب ترتيب ڏنل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوندو هو“ سياسي سرگرميءَ واري دور جي هڪ انقلابي ليڪچرار ٻڌايو جيڪو هاڻي ڪنهن ڪي ٻہ ليڪچر ڪو نہ ٿو ڏئي پر ٻين جا بور ليڪچر پاڻ ٻڌي رهيو آهي. ان دور جي متحرڪ ڪيترين ئي تنظيمن جا ميمبر ٿيڻ لاءِ لکيل پڙهيل ماڻهون خواهشمند هوندا هئا پر اهي تنظيمون پنهنجن همدردن کي اهو انقلابي نصاب پڙهائيندي‌ون ۽ آزمائشيون وٺنديون رهنديون هيون. انهن جي نصاب مڪمل ڪرن کان پوءِ سندس صلاحيتين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ميمبر ڪيو ويندو هو. انهن تنظيمن جي حلقن ۾ اهو دليل عام هوندو هو تہ ”عدد، صلاحيتون نہ پر صلاحيتون ئي عدد پيدا ڪنديون آهن.“ ۽ ان دور جي باصلاحيت ڪارڪنن جڏهن پنهنجا رستا سياسي سرگرمين کان الڳ ڪيا تہ هو پنهنجي فيلڊ جا ماهر بنجي ويا.

سمورين اڳوڻن تنظيمن جي ذهين ڪارڪنن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ انهن مان ٿورا پنهنجون ” صلاحيتون “ استعمال ڪري هميشہ لاءِ پرڏيهہ هليا ويا جتي هو پوڙهين گورين عورتن جي گپ ۾ اهڙو تہ گپجي پيا جو ڪين هاڻي سنڌ ڪڏهن خمارن ۾ ياد ايندي آهي. انهن ذهين ڪارڪنن جي ٻي کيپ ڇتاپيتيءَ جو امتحان بيوروڪريسيءَ ۾ اهڙو گم ٿي وئي آهي جو هاڻي پنهنجي سموري ماضي مٿان روزانو شام جو ٻہ پيگ پيئڻ کان پوءِ ٿوري ٿوري مٽي ملڻ شروع ڪندا آهن. انهن گڙنگ موالي تي ويل بيوروڪريٽن سميت اڳوڻا ڪارڪن لاڙڪاڻي جي ان ڪلمڪ ڪنسلٽنٽ جهڙا ٿوڙئي آهن، جيڪي ان ماضي تي فخر ڪن ٿا. ”تازو جڏهن امداد چانڊئي، ڪارل مارڪس جي نظريي کان عليحدگي جو اعلان ڪيو تہ مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڇو تہ ڪا شئي اسان نہ ڪري سگهياسين تہ ان ۾ اسان جو ڏوهہ آهي، نظريي جو ڏوهہ تہ ناهي.“ ڪجهہ وقت اڳي ان ڊاڪٽر ڪچهري دوران ٻڌايو.

هو سمجهي ٿو تہ اڄ جيڪي ڪجهہ هو ڳالهائي سگهي ٿو اهو انهن سياسي سرگرمين وارن سالن جي تربيت جو نتيجو آهي ۽ هو اڄا تائين انهن اڳوڻن انقلابي ليڪچرارن کي سچ پچ پنهنجو استاد مڃي ٿو جيڪي اسٽڊي سرڪلز ۾ ڪين ليڪچر ڏيندا هئا. اهڙيئي هڪ انقلابي استاد کي سندس وڏي ياءَ اهو چئي اوطاق مان ڪڍي ڇڏيو هو تہ ”نندي ياءُ کي ڪافر ئي تو ڪيو آهي.“ اهو سمورو دور بڪ، ڏک ۽ انقلاب لاءِ جبل جهاڳڻ وارو دور هو جنهن ۾ ڪارڪن تہ ڇڏيو اڳواڻن وٽ بہ ڪي پيسا نہ هوندا هئا جنهن ڪري تنظيمي اڳواڻن جو اهو مشهور ڪلچر هوندو هو تہ هڪ شهر جي ڪارڪنن کان ڪرائي جا پيسا وٺي هو ٻئي شهر پهچندا هئا. ڪيترن اڳواڻن کي تہ سگريٽ، ڪپڙا ۽ بوٽ بہ ڪارڪن


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

چندي مان ونئي ڏيندا هئا ۽ اهو چندو نيٺ وڃي اڳواڻن جي گاڏين ونڻ تائين پهتو. ان دور ۾ سياست اڃا ايترو ڪمرشلائيز نہ ٿي هئي ۽ نہ ئي ڪليل سياست ڪئي ويندي هئي. اڪثر سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جون سرگرميون انڊر گرائونڊ هئڻ ڪري "يو جي" جهڙو ٽرم سياسي حلقن ۾ اڃي ويو، جنهن تي هاڻي ڪيترائي لطيفا مشهور ٿي ويا آهن، ڪجهہ شرارتي ڪارڪن پنهنجي اڳواڻن تي بہ"ڪامريڊ يو جي" نالو رکي ڇڏيندا هئا. ان دور جي سياسي سرگرمين ۾ پريس خرچ پڻ گهٽ هوندو هو ڇو تہ صحافين ۽ سياسي ڪارڪنن جو رابطو تمام محدود سطح تائين هوندو هو. وڏ ۾ وڏ خرچ ورسين ۽ جشن لطيف جي پروگرامن ۾ ٿيندو.

سنڌ اندر سياسي سرگرمين وارن سالن اندر مليٽنسي، هٿياربند جدوجهد (ويڙهو) ۽ گوريلا جهڙن لفظن جي اهڙي تہ مٽي پليت ڪئي ويئي هئي ڪارڪنن آخري سالن دوران هٿياربند جدوجهد کي ڌوهاري سرگرمين جو متبادل سمجهي ورتو. ڪجهہ سال اڳ اسان جي هڪ جسماني طور ڪمزور نظر ايندڙ سياسي اڳواڻ جڏهن پنهنجي نئين انقلابي پارٽي ناهي هٿياربند ويڙهہ جي پرپور وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي تہ خيرپور ناٿن جي ڪشتي اڳواڻن سرگرم سياسي ڪارڪنن پنهنجي حلقي ۾ اهو چرچو مشهور ڪري ڇڏيو تہ "ادا انگريزن واري دور جي پڳل سڳل بندوق يا ڪو ڪارتوسي پستول اٿئي." ٻئي پڇيو ڇو ؟ جواب مليو " يار اسان جو اڳواڻ هٿياربند جدوجهد هلائيندو. ان لاءِ هٿيار تہ اسان کي ئي گڏ ڪرڻا پوندا." سندن اهو چرچو ان اڳواڻ ٻڌي ورتو، يا ڪا ٻي ڳالهہ ٿي، ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ پنهنجي پارٽي ئي ختم ڪري ڇڏيائين.

انقلاب جي نالي ۾ هٿياربند جدوجهد سان مذاق تہ ان دور ڪان شروع ٿيو جڏهن هڪ تنظيم پاران 15 ميمبرن تي مشتمل " گوريلا سنگت " ناهي وئي هئي ۽ ڪنهن ٻاهران گهرايل همراهہ کين آمريءَ واري ٻيلي ۽ جبلن ۾ ٽريننگ ڏيڻ شروع ڪئي. پر گوريلن جي اها پهرين ڪيپ ئي ٽريننگ سخت هئڻ ڪري مڇرن جي آزار جو بهانو بڻائي ٽريننگ اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي وئي. ان دور ۾ انقلابي ۽ قومي تنظيمن جي نام نهاد مليٽنسي ايتري بدنام ٿي جو سنڌ يونيورسٽي جو هڪ ڦورو ڪارڪن گرفتار ٿيو تہ حساس ادارن جي اهلڪارن پاران پڇا ڳاڇا جو سمورو زور ٽريننگ تي هيو تہ " ٽريننگ ڪٿان ڪتا ونو ؟ " ماڙ موچڙي ڪان تنگ ٿي ينگ جي ان پراڻي مواليءَ بيزارگيءَ مان کين چيو. "صاحب ٽريننگ ٻريننگ جي پاڻ کي خبر ناهي نہ ئي اسان گوريلا آهيون، پاڻ رڳو سونا هار ۽ منڊيون ڦريندا آهيون." هٿياربند ويڙهہ واري نعري هيٺ سياسي تنظيمن سان واڳيل ڪارڪنن جي اهڙي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

کيپ ٻہ پيدا ٿي جيڪا تعلقي ۽ ضلعي سطح جي ڪاليجن ۾ ٻين تنظيمن کي يونٽ کولڻ جي اجازت ڏيڻ يا نہ ڏيڻ وارن مامرن تان ٻہ خوني جهيڙا ڪندي هئي. تعليمي ادارن جي اهڙن جهيڙن سنڌ جي جهوليءَ ۾ ڪيترائي شهيد ڪيرايا. پر ڪيترائي سال گذرڻ ڪان پوءِ اها اخلاقي جرئت ( عزيز پنگوار ڪانسواءِ ) ڪنهن ۾ پيدا نہ ٿي سگهي آهي تہ هو انهن غلطين جي سزا تہ نہ ڪاٽين، پر معافي وٺي ڇڏين. "اسان ڪنهن کان معافي وٺون، اسان تہ انقلاب جي نالي ۾ ڪارون ڦريون ۽ بينڪن کي ڌاڙا هنيا. اسان سمجهيو پارٽيءَ کي پئسا ٿا ڏيون. پر پوءِ خبر پئي تہ اڳواڻن جا گهر ٿا ڀريون." هٿياربند گروپ جي هڪ اڳوڻي ميمبر چيو تہ جنهن جي اکين آڏو اڃا نہ منظر اڪثر ڦري ايندو آهي جڏهن ڪراچي ڊفينس مان هن انقلاب جي ٻارڻ خاطر هڪ اهڙي وچولي عمر واري همراھ کان ڪار ڦري هئي جيڪو گهر ٻاهران گاڏي ڌوئي رهيو هو ۽ گاڏي ڦرجڻ کانپوءِ هن لائنسس موٽائي ڏيڻ لاءِ ايلازيو هو. اها گاڏي ڪوئيٽا ۾ وڪڻڻ کان پوءِ پارٽي جڏهن يارنهن سوء رپيا ڪيس جيب خرچي ڏني وئي هئي تہ هو اهي پيسا وٺندي بہ خراب پيو محسوس ڪري تہ اهي يارنهن سوء رپيا جيڪر پارٽي کي ڪم اچن ها. ان دور ۾ ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ همراھ هاڻي ڪروڙ پتي ٿي ويو آهي پر هي اڃا تائين بيروزگار آهي ۽ هاڻي سياسي طرح پڻ بيروزگار ٿي پيو آهي.

سياسي تنظيمن جي هٿيابند ويڙھ دوران اهڙا فطري گوريلا نہ هوندا هئا جيڪي پارٽيءَ کي پيسا فراهم ڪرڻ سان گڏ سياست ۾ دلچسپي وٺندا ۽ پنهنجي ڪارڪنن جي مالڪي بہ ڪندا هئا. اهو ڏينهن ان غريب ڪارڪن کان اڃا نہ وسريو آهي، جڏهن پاڙي جي هڪ امير ماڻهو پاران ساڻس بدتميزي ڪرڻ کانپوءِ پارٽي جي مليٽنٽ ونگ جو هڪ همراھ هٿيارن سميت اچي پهتو ۽ پاڙي ۾ اعلان ڪيائين تہ فلاڻو امير ماڻهو اسان جي ڪارڪن سان بدتميزي ڪرڻ جي ڏوھ ۾ اڄ ماريو ويندو. جذباتي ٿي ويل ان همراھ کي سمجهايو ويو تہ ڳالھ هرويرو ماڻهو مارڻ واري سطح جي ناهي، تڏهن بہ سزا خاطر امير ماڻهو کي پاڙي وارن سامهون گهٽيءَ جي مٽي ڪارائي معافي گهرڻ لاءِ چيو ويو. اهي ۽ ان جهڙا ٻيا ڪيترائي همراھ جڏهن پارٽين کي پئسا ڏيئي ڏيئي ٿڪا ۽ انقلاب بہ نہ آيو تہ هنن پنهنجيون ڏوهاري سرگرميون سياست کان اهو چئي الڳ ڪري ورتيون تہ جيڪڏهن گهر ئي ڀرڻا آهن. تہ پوءِ پارٽي اڳواڻن جا ڇو، پنهنجا گهر ڇو نہ ڀريون ؟ بعد ۾ اهي ڏوهن جي دنيا ۾ ائين گم ٿي ويا جيئن شهدادڪوٽ جو هندو ڪامريڊ مانڌل، جنهنجي ڀيڻ جڏهن هڪ مسلمان سان پيار جي شادي ڪئي تہ سندس پورو خاندان هندستان لڏي ويو. پر هو اڪيلو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ئي سنڌ ۾ انقلاب جي اوسيئڙي ۾ ترسي پيو. سياست جي بي رحم راهن تان ٿيندو بعد ۾ هڪ اهڙو مڪمل ڏوهاري بڻجي ويو، جنهن کي جڏهن نواب شاهه ۾ ماريو ويو ته سندس لاش وصول ڪرڻ ۽ ڪريا ڪرم ڪرڻ وارو ڪير به نه هو ۽ سندس لاش لاوارث ڄاڻائي دفنايو ويو. مانڊل جهڙا ڪيترا مليٽنٽ لاش لاوارث ڄاڻائي دفنائي چڪا آهن. پر سياسي ڌارا کان ٽٽڻ ڪانپوءِ اهو شاعر ته پاڻ کي جيئري ئي لاوارث سمجهي ٿو جيڪو هر انقلابي محفل ۾ گيت ٻڌائڻ هليو ويندو هو. ڪيس پرواهه نه هوندي هئي ته سندس قميص ڦاٽل آهي، وٽس ڪرايو ڀاڙو ناهي ۽ چپل ڇڳل آهي. بس هو پنهنجي عشق سان سچو هوندو هو. انقلاب جي عشق سان سچا ته اهي شهري ڇوڪرا به هوندا هئا جيڪي رنگ جا دٻا ۽ برش هٿن ۾ کڻي ڪلندي ڪلندي سڄي شهر ۾ چاڪنگ ڪري ايندا هئا ۽ صبح جي چانهه پنهنجي پسنديده هوٽل تان پي سمهڻ لاءِ هليا ويندا هئا. سياسي سرگرميءَ وارن سالن دوران شديد محنت ڪندڙ ڪارڪن جي اڪثريت اڄا به بيروزگار آهي. هو گذريل ڪيترن ئي سالن کان واندا وينا آهن. سياسي ويڳاڻپ کي مارڻ لاءِ هو چڻ ته اڪيلائيءَ جا سوء سال گذارين ٿا. انهن اڪيلاين ۾ هو اوتارن تي به وڃن ٿا، چرس به پيئن ٿا ۽ پنگ جا ڍڪ به پرين ٿا. تبصري نگارن لاءِ شايد اها ڳالهه دلچسپي جو سبب بڻجي ته انهن جي اڪثريت واندڪائيءَ جي باوجود سنڌ اندر اٿندڙ مذهبي جنون واري لهر جو حصو به بڻي آهي. انهن وٽ ڳالهائڻ لاءِ اڄ ڪٽ موضوع پنهنجو ماضي ئي آهي جنهن تي هو اڄان به دلچسپي ٽ تفصيل سان ڳالهائين ٿا. هو ائين اڪيلا ڇو ٿي ويا آهن؟ وارو سوال جڏهن انهن گمنام سپاهين کان پڇجي ٿو هو اهڙين اکين سان سوال پڇندڙ ڏانهن نهارين ٿا جن ۾ اهو شعر واضع لکيل نظر اچي ٿو ته ” امنگ دل جي ڏري پئي آ – لڇون پلا ڪيئن ڪڇون پلا ڪيئن؟ زبان رت سان پري پئي آ.“ هو پنهنجي اڳواڻن جي اڄ ڳٽين ويساهه گهاتين تي به انڪري نٿا ڳالهائي سگهن جو سندن زبان رت سان پرجي اچي ٿي. هو اڄ به سماج کان نفرت ڪن ٿا، نظام کي خراب چون ٿا، پر ڪنهن انقلاب لاءِ سڏ نٿا ڏين. خدا جي خلق سان ٿيندڙ زيادتين تي هو اڄ به تڙپي پون ٿا، پر هو ڪجهه ڪري نٿا سگهن. هو ته پنهنجي هار ۽ جيت جو به حساب نٿا ڪري سگهن، ڇو ته هو ڪنهن ٽٽل هار جا وکريل موتي بڻجي ويا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

# انقلابين جي ايش ٽري

اهو محض اتفاق ئي آهي تہ هاڻي هوءَ ڪراچي جي ان جڳهہ ۾ رهي ٿي جتي ٿي ڏهاڪا اڳ ايران جي اها سياسي پناهگير عورت رهندي هئي جيڪا ايران ۾ اسلامي انقلاب اچڻ ڪانپوءِ ڪنهن عتاب کان بچڻ لاءِ پاڪستان هلي آئي هئي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ڪو انقلاب تہ اچا نہ آيو آهي پر سياسي سرگرميءَ وارا سال گذرڻ ڪانپوءِ هن ڪراچي جي ان جڳهہ ۾ ڄڻ تہ هڪ قسم جي سياسي پناهہ وٺي ڇڏي آهي. شڪارپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ کان سفر ڪر انقلاب جي رستي تي پهچندڙ اها عورت ڪنهن دور ۾ تمام جذباتي تقرير هئي. خانداني مخالفتن جي باوجود هن جڏهن سياست ۾ پير پاتو تہ پارٽي اندر سندس وڏي آجيان ٿي. هوءَ پنهنجي صلاحتين آڏار ۽ مقابلي ۾ گهٽ ڇوڪريون هئڻ ڪري ٿورڙي وقت اندر گهڻو اڳتي نڪري آئي. هوءَ هفتن جا هفتا سياسي ڪم ڪار سانگي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مرد ڪارڪنن جيان رلندي ڦرندي هئي. پنهنجي جوانيءَ وارن ڏينهن ۾ اهڙا خواب هن ڪڏهن نہ ڏنا جهڙا اڪثر ڇوڪريون ڏسنديون آهن تہ ڪو شاهہ رخ خان ٽائيپ هيرو اچي سندن گهونگهٽ مٿي ڪري ٿو ۽ شادي ڪري ٿو. اهڙن خوابن جي ابتڙ هوءَ هميشہ اهڙا خواب ڏسندي هئي تہ ڪو انقلابي ڪم ڪندي هوءَ گرفتار ٿي آهي ۽ ڪيس طرح طرح جا عذاب ڏنا وڃن ٿا ۽ هوءَ مشهور انقلابي عورتن جيان سر تہ ڏئي ٿي پر آڻ نٿي مڃي. اهڙا ڪيترائي خواب هن ڏٺا، پر انهن جي ساپيان نہ ٿي. هوءَ پنهنجي زندگيءَ جو معمول اهڙو ناهيندي پئي وئي جنهن ۾ سندس عورتاڻي اڻٽي ويهڻي ختم ٿيندي وئي ۽ هو مرداڻين ڪچهرين ۾ وڌيڪ کلي ڳالهائڻ لڳي. اهڙي ريت عورتن کان ڪٽجي هن جڏهن مردن سان گهرو واسطو رکيو تہ مرد ڪارڪنن واريون سگريٽ ۽ ڪڏهن ڪڏهن چرس پيئڻ واريون عادتون هن بہ اپنائڻ شروع ڪيون. هن پنهنجي سڄي جواني سنڌ جي گهٽين ۾ نعرا هڻندي ۽ اسٽيجن تي تقريرون ڪندي ڳاڙي ڇڏي. راتين جو اوجاڳا ڪري ننڍن وڏن ڳوٺن جي ڇوڪرين کي بہ ليڪچر ڏنائين. پوءِ بہ جڏهن انقلاب نہ آيو تہ عام ڪارڪنن ۾ ڦهليل ويڳاڻپ هن ڏانهن بہ وڌڻ شروع ڪيو ۽ هوءَ بہ ٽٽڻ لڳي. ٽٽندڙ وجود سان هن جڏهن پنتي مڙي نهاريو تہ مٽ مائٽ ڪيس ايترو پري بيٺل نظر آيا جو ڪوشش جي باوجود هو انهن سان ملي نہ سگهي. سياسي ويڳاڻپ جي انهن سالن دوران حيدرآباد جو هڪ پروفيسر نما دانشور سندس ڪجهہ وقت جو سهارو بڻيو. هن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪيس پنهنجيون سموريون محروميون لکڻ جي نہ رڳو صلاح ڏني، پر همٿايو بہ. هن سنيون ڊائريون، پين ۽ ڪتاب وني ڏيڻ سان گڏ ڪيس سنا ڪپڙا ۽ پرفيوم بہ خريد ڪري ڏنا. هوءَ اجا لکڻ سکي رهي هئي تہ هن ڪيس دنيا جي مشهور ليکڪن جي ذاتي زندگين مان ڪنيل ٽڪڙا پڙهي ٻڌايا تہ خمارن ۾ اچڻ ڪانسواءِ ڪير بہ سنيون سٺون لکي نٿو سگهي. اهڙي طرح جڏهن هوءَ پهريون پيرو پيگ پيالي ڪان واقف ٿي تہ ڪيس ڏاڍي ڪراهت ورتو هو، پر آهستي آهستي هوءَ پاڻ ڪي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳي. انهن مدهوشيءَ وارن سالن دوران بہ جڏهن هوءَ ڪجهہ نہ لکي سگهي تہ سندس استاد ڪيس فحش فلمون ڏيکارڻ شروع ڪيون ۽ گڏوگڏ اهو مشورو بہ ڏنو تہ رڳو انقلاب ئي دنيا ۾ سڀ ڪجهہ ناهي، سيڪس بہ هڪ الڳ دنيا آهي جنهن ڪان واقف ٿيڻ گهرجي. جيتوڻيڪ هوءَ سيڪس بہ هڪ نظرياتي ۽ عملي طور گهڻو ئي واقف ٿي چڪي هئي. پر سيڪس سندس مجبوري ڪڏهن نہ بڻيو. مختلف ڪردارن سان هوءَ بسترو تہ شيئر ڪندي رهي پر ڪو معقول مڙس ڳولي نہ سگهي ۽ نيٺ اچي ڪراچي وساياٸين. گهڻن ئي سالن ڪان گمناميءَ واري حياتي گذاريندڙ ان اڳوڻي سرگرم سياسي ڪارڪن سان تازو جڏهن سندس هڪ دوست ملاقات ڪئي تہ هوءَ ڪيس ڪمزور ۽ ڏبري محسوس ٿي. هن پنهنجي دوست کي ٻڌايو تہ ڊاڪٽرن ڪيس هڏن پُرڻ واري بيماري ٻڌائي، جنهن تي سندس دوست اهو اخباري طبي نسخو مذاق طور ٻڌايو تہ ڪڏهن ڪڏهن شراب پيئڻ سان هڏن جو پُرڻ بند ٿي وجي ٿو. پر  هن جواب ڏنس تہ شراپ پي پي تہ هڏا پُري ويا آهن. جيتوڻيڪ هوءَ سمورين خاتون سياسي ڪارڪنن جو رول ماڊل ناهي ۽ نہ ئي هوءَ مجموعي سنڌي عورت جو عڪس آهي پر تنهاين ۾ گذاريندڙ ان عورت جو ڏک ڪو انفرادي ڏک بہ ناهي. پنهنجي دوست سان ملاقات دوران هن فوٽن جو البم کوليو جنهن ۾ ڪيترين ئي معزز سياسي شخصيتن سان نڪتل فوٽو هن سانديءِ رکيا آهن. هن اهي ڊائريون بہ کوليون جيڪي ڪيترائي اهم راز لڪايو وينيون آهن. جڏهن گئلري بيئر جي خالي بوتلن سان ڪڙڪڻ لڳي تہ هنن پنهنجو ماضي هڪبئي آڏو کولي رکيو ۽ هن ٻڌايو تہ ڪيئن نہ سندس پارٽيءَ جي هڪ اڳوڻي اڳواڻ ڪينجهر هٽس ۾ رات گڏ نہ گذارڻ تان ڪاوڙجي ڪيس عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو. ڪراچي جي گهمجي ويل رات ۾ سگريٽ جو دونهون ڇڏيندي هن پنهنجي دوست کي گار ڏيندي چيو تہ ” توهان مرد آهيو ئي اهڙا........  ڪير بہ هجي، سياسي اڳواڻ يا دانشور سڀ سيڪس جا بکيا. تو کي خبر آهي تہ پاڻ وارو ليبر مون سان چوٿين شادي ڪرڻ پيو چاهي، پر ڀائي پنهنجو بہ ڪو اسٽينڊرڊ آهي ٻئي نمبر تي تہ اچي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سگهجي ٿو، هاٽي چوٿين نمبر تي ڪيئن لهي وڃان ؟” هن ٺهڪ ڏئي چيو هو. پنهنجي اهڙن دوستن کان مليل تحفن ذريعي ئي هوءَ زنده رهي ٿي ۽ گذاري خاطر هلڪي ڦلڪي نوڪري بہ ڪري ٿي. هاٽي جڏهن سياست تي ڳالهائجي ٿو تہ هوءَ سخت چڙي پئي ٿي ۽ انهن سمورن ڪردارن کي گاريون ڏئي ٿي، جيڪي ڪنهن دور جا سرگرم سياسي اڳواڻ هئا. ”انهن جي انقلابيت ۾ ڪهڙي سچائي جيڪي هڪ وڏي قومي جلسي ۾ بہ ان ڳالهہ تي وڙهندا هجن تہ فلاڻي همراهہ جي سنگتياڻي اسٽيج تي ويهندي يا ڪمپيئرنگ ڪندي تہ مون واري سنگتياڻي بہ ائين ڪندي؟“ هوءَ پنهنجي دوست کي ٻڌائي ٿي. اڳوڻي انقلابي ڇوڪري اها ڊائري بہ کولي ٿي جنهن جي ڪيترن ئي پنن تي ان حيدرآبادي دانشور جا نالا ۽ ريمارڪس لکيل آهن. ڪجهہ پنن تي ڇوڪريءَ پاران اهو ئي لکيل آهي تہ ”..... مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مان ڇا لکان؟“ ائين ئي جڏهن ڪيس سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ڳالهايان تہ آذانن اچڻ ڪانپوءِ هوءَ سمهي پوي ٿي ۽ صبح جو پاڪ صاف ٿي نماز جون بہ رڪعتون پڙهي نوڪريءَ لاءِ رواني ٿي وڃي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# شراب چيز ھي ايسي ھي

خبر ناهي اهو کهڙو سرور ۽ سرمستي جو عالم هو جڏهن نئي شهر جي گهٽين ۾ وسندڙ برسات دوران ٻه نوجوان عورتون، اخباري رپورٽن موجب مدهوشي جي عالم ۾ نڪري آيون. ايندڙ ويندڙ ماڻهن جهومي جهومي گهمندڙ عورتن کي ”ڀهري برسات مين پي ليني دو،“ وارو گانو ڳائيندي ٻڌو. اها خبر ته ڪين ئي هوندي ته هو ائين پري بازار ۾ ڇو نڪري آيون، پر انهيءَ ننڍڙي خبر سنڌ اندر لڪ چوري ۾ روان دوان هڪ اهڙي لائيف اسٽائيل تان پردو کڻي ورتو آهي جنهن ۾ مرڪزي حيثيت صرف مڌ کي آهي ۽ ان ۾ جنس جي ڪا تفريق ناهي. اهو قصو توهان کي ته هاڻي ڪاليجي ڇوڪرا به ٻڌائي سگهن ٿا ته ڪيئن هو پنهنجي گرل فرينڊز کي هلڪا پيگ پيش ڪن ٿا ۽ جنسي لذت جا بقول انهن جي ته بي بها خزانا وصول ڪن ٿا. پنهنجي روايتي اصولن ۽ اخلاقيات کان اٽڃاٽل ماڊرنائيزيشن طرف رڙهندڙ سنڌي سوسائٽي ۾ روزانو ڪيترو شراب واپرايو وڃي ٿو. اهو ته وائن شاپس وارا ئي ٻڌائي سگهن ٿا، پر هاڻي اها مڃيل حقيقت بڻجي وئي آهي ته شام جون ڪيتريون ئي سياسي، صحافتي، ادبي، فنڪاراڻيون ۽ نجي ڪچهريون ”پريل بوتل“ ڪانسواءِ پنهنجو رنگ نٿيون جمائي سگهن. ”رات گذاري لاءِ ايندڙ طوائفن کي شراب پيارڻ ته منهنجي لاءِ نئين ڳالهه ناهي پر ڇا تون اعتبار ڪندين ته منهنجي نئين ٿيندڙ هر محبوبا مون سان پيگ شيئر ڪرڻ واري تجربي لاءِ ضد ڪري ٿي. اهي وڏن ڪان مڊل ڪلاس گهراڻن جون اهڙيون ڇوڪريون آهن جن ڪڏهن دارون چکيو به نه هوندو آهي، پر پوءِ به ضد ڪنديون آهن.“ گذريل 16 سالن کان روزانو وهسڪي سان گڏ ڪيل جنسي تجربا ته ڪنهن ٻئي پيري ٻڌائبا پر هو ان ڇوڪريءَ جو قصو ٻڌائيندي هاڻي به بغير ڪوشش جي ٽهڪ ڏيئي ٿو وجهي جيڪا هاڻي هڪ وڏي اين جي او ۾ ڪم ڪري ٿي، موبائيل ۽ فلائيٽ کان سندس هٿ پير هيٺ ناهن، پر ان جڏهن سندس ڪراچي واري فليٽ تي پهريون مڌ گلاس پنهنجي لپ اسٽڪ کان وانجهيل چپن سان ٽڪرايو ته ڪانئس اها رڙ نڪري وئي هئي ته ”ائي..... هي ته ڏاڍو ڪڙو آهي....“ ڪيئن چئجي هاڻي اها اين جي او عورت اهڙين خماريل شامن جي هيراڪ نه ٿي وئي آهي. شراب اهڙي شئي آهي، جنهن سان لنئون لڳي ته پهرئين پيگ مان ئي لڳي ٿو نه ته ماڻهو ڪري نرڪي پياڪ ٿي وڃي ٿو.“ هڪ پياڪ پوليٽڪل ورڪر پنهنجو تجربو ٻڌايو. پياڪن جي دنيا ۾ ان کي اناڙي سڏيو وڃي ٿو جيڪو ڪجهه پيگ پيئڻ کان پوءِ ”آئوٽ“ ٿي وڃي ٿو. پياڪن جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آدابن جو مذهبي رسمن جيترو احترام ڪندڙ سڪر جو صحافي تہ پنهنجي انهن دوستن سان بہ وڙهي پوندو آهي جيڪي چانهہ جي ڪوپن ڪي ٽڪرائي ”چيئرز“ ڪن ٿا ۽ هو انهن اناڙين ڪان بہ ٻارڙن جيان ڪاوڙجي وڃي ٿو جيڪي محفل ۾ گلاس وٺڻ ڪانسواءِ ئي شريڪ ٿين ٿا.

سڪر جو صحافي شبير پٽو تہ اجايو بدنام ٿي ويو آهي. باقي تہ سندس گلاس پائي گهٽا ئي ٿي ويا آهن، شبير تہ انهن اناڙين کي اجا سنياليو هوندو جيڪي ساٽس گڏجي پيئڻ ڪانپوءِ گند ڪن ٿا. ”گند ۾ پيئڻ شبير جهڙن کي تہ الاءِ ڪيئن ٿو وڻي.“ حيدرآباد جو هڪ سوبر پياڪ چئي ٿو جنهن کي پياڪن جي اهڙين گڏجاڻين ۾ هلندڙ گارين جي دورن ۽ اگهاڙين فلمن ڪان سخت نفرت آهي. هو حليم بروهي جي ان اصول تي هلي ٿو تہ هميشہ سڪون ۽ سانت واري ماحول ۾ ڪجهہ گهڙيون فرحت واريون گذارڻ لاءِ پيئڻ کپي. ماڻهو تخليقون صلاحيتون نکارڻ لاءِ پلي پيئي. اهو پيئڻ ئي کهڙي ڪم جو جنهن ڪان پوءِ ماڻهوءَ کي شناس هوش نہ رهي. اهڙا جملا پياڪن جي هر محفل ۾ ٻڌايا وڃن ٿا. پر لاڙ جي ڪولهي وهسڪي ڪان جيڪب آباد ۾ جکراڻين جي نري تائين سيني ديسي دارونئن ۾ ولائتي وهسڪي مڪس ڪندڙ سنڌ جو درد دل رکندڙ سياسي اڳواڻ بہ جهانگارا باجارا ۾ الاءِ ڪيئن آئوٽ ٿي ويو هو. گهٽو دارون پيئڻ سبب هو هڪ قومي ڪارڪن جي شادي واري ڪاڄ لاءِ لڳل تنبوئن هينان سمهي پيو هو جنهن جي آسپاس ڪيڏندڙ ٻارن کي هڪ وات ڦاتوڙي ڪارڪن ائين هڪل ڏيئي ٽاريو هو تہ ”ڇورا شرم نٿو اچيو قومي تحريڪ پيا تا لتاڙيو، هلو هتان.“ ائين آئوٽ تہ ميرپورخاص ۾ بہ هڪ سياسي اڳواڻ ٿي ويو هو جنهن ڪانئس انٽرويو وٺڻ لاءِ ويل هڪ مقامي صحافي کي ايش ٽري مٿي ۾ وهائي ڪڍي هئي ۽ ان انٽرويو بجاءِ سر بچائڻ ۾ ئي عافيت سمجهي. واپس سر بچائڻ ۾ تہ سڪر جا اهي صحافي بہ ڪامياب ٿي ويا هئا جن پنهنجو پرپور ”موڊ“ ناهڻ ڪانپوءِ روهڙي ۾ بيدل جي راڳ ٻڌڻ جي راءِ ڏيکاري هئي. فنڪارن کي ويجهو ئي وينل صحافين تيستائين بہ جهومي جهومي فنڪارن کي داد پئي ڏنو، جيستائين سندن هڪ ساٿي دارون سان جهيڙي واري سٽ بہ سهي سگهيو ۽ فنڪار جي باجي ۾ ئي الٽي ڪري ڏنائين. الٽي پئجي وڃڻ شرط هارمونيم جا سر کهڙي نہ ڪلڻ هاپ طريقي سان بدلجي ويا هوندا، اهو تہ هر پياڪ ۽ بي پياڪ اندازو لڳائي سگهي ٿو. قصو جڏهن پياڪن جي آئوٽ ٿيڻ جو ئي هلي ٿو تہ پوءِ سنڌ جي ان ڪلين شيو وزير اعلي کي ڇو وسارجي جيڪو لاڙ جي هڪ ماڊرن فروٽ فارم تي مهانگيون مڌ جو بوتلون پيئندي نند ۾ الوٽ ٿي ويو هو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ساڻس پيئڻ جي شرط هٽندڙ ان زميندار، جنهن وزير اعلي جي پڳهار جيتري مهانگي هر بوتل گهرائي هئي، تنهن ٻاهر اچي انتظار ۾ ويٺل ڪمشنر کي اشارو ڪري چيو هو تہ ”ڪٽو پنهنجي صاحب کي تہ وڏيڪ گند نہ ڪري“ اها کهڙي خبر تہ صبح جو دير سان وزير اعلي آفيس ۾ اچي کهڙا فائل ڪيئن صحيح ڪيا.

حيدرآباد جي ان بيروزگار پنگوڙي نوجوان جيان ڪيترن ئي پياڪن کي اها پڪ هوندي آهي تہ هو پيئڻ کان پوءِ ئي سنو سوچي، سنو لکي ۽ سنو ڳالهائي سگهن ٿا. ان پنگوڙي نوجوان اخبار ڪيڻ واري خام خيالي جي منصوبي دوران اها صلاح ڏني هئي تہ اخبار کي مالي سهڪار بينظير ڀٽو جو هجڻ کپي ۽ بينظير سان ڊائلاگ لاءِ مونکي تڏهن ئي موڪلجوجڏهن پنگ جا 3 گلاس چاڙهي چڪو هجان. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ نہ سندس اهو ڊائلاگ ٿي سگهيو نہ ئي ڪا نئين اخبار نڪري مارڪيٽ ۾ پهتي. پيئڻ ڪانپوءِ روئڻ ڪجهہ پياڪن جو اڃان تائين اڻ لکيل اصول بڻيل آهي جيڪي پاڻ پنهنجي نامراد عشق کي ياد ڪري روئيندا آهن يا وري تازي وڇوڙي کي پر اسلام آباد جي ”ڪمپنين“ ۾ شايد اهو اڪيلو سنڌي صحافي هوندو هو. جيڪو ٻن پيگن ڪانپوءِ سنڌ کي ائين ياد ڪري روئيندو هو ڄڻ تہ ڪيس آفريڪا ۾ جلاوطن ڪر موڪليو ويو هجي.

روزانو شام جو پيئڻ تہ پلي ڪٽي اڪثر پياڪن جو معمول هجي پر ڪمال تہ اهي بہ پياڪ ڏيکارين ٿا جيڪي نيراني ئي وات ڪڙو ڪرڻ جا هيراڪ آهن. هاڻي ان اوپن سيڪريٽ کي وڌيڪ ڪيترو ئي اوپن ڪجي تہ خيرپور جي هڪ بااثر پيراڻي گادي جو انتظار ۾ ويٺل گادي نشين هوش ۾ ئي تڏهن ايندو آهي جڏهن بہ چار گلاس چاڙهي ويهندو آهي. سندس هٿ پير هاڻي ئي ڏکڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ ماڻهو چون ٿا هو ”الڪو هلڪ“ ٿي ويو آهي، جنهن جياپي لاءِ شراب ائين ضروري آهي جيئن ڄام صادق دارون دوا طور استعمال ڪندو هو. اهو ئي دارون پي سگهڻ جي جي سگهہ وڃائي ويٺل لاڙ جو زميندار تہ هاڻي ڪراچي جي اسپتال ۾ ڪوما واري حالت ۾ پيل آهي پر هن نرسن جي مدد سان نلين ذريعي جسم اندر دارون داخل ڪرڻ واري عادت اڃا نہ ڇڏي آهي. پڇڻ تي هو اشارن ۾ اهو ئي چوي ٿو تہ ”الاءِ ڇا حياتي ڪجهہ تہ پي وٺون..“

پنهنجو پاڻ کي مهذب ثابت ڪندڙ ايليٽ ڪلاس کان وٺي هيٺئن ڪلاس جي ڪڇهرين تائين مذ کي مدهوشي لاءِ بي تحاشا استعمال ڪيو وڃي ٿو. سنڌ اندر شراب جي وڪري جا سرڪاري انگ اکر ڏسي اياز امير جهڙي پياڪ ڪالمسٽ بہ لکيو هو تہ مونکي سنڌ جي ”اڄ“ هاڻي سمجهہ ۾ اچي ٿي. پياڪن جي اڪثريت کي پلي ولائتي وهسڪي جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سدا آس هجي پر ٽندو آدم جو اهو جهونو ڪاڪو اجا بہ ٺرو پيئي ٿو جيڪو سندس جوانيءَ ۾ نہ محبوب مشروب هو. اڄن وارن واري ديوان وٽ ٺري پيئڻ لاءِ اهو فلسفو آهي تہ مقامي سطح تي ٺهندڙ ٺري ۾ جڙي ٻوٽيون آهن، ٻين ٻوتلن ۾ تہ الاءِ ڇا ملائي ڏين ٿا. ڪراچي ۾ گٽن خلاف قانوني وٺ پڪڙ تيز ڪندڙ هڪ پوليس عملدار جڏهن ڪجهہ ساجهہ وند ماڻهن جي ڪچهري ۾ ويو تہ اتي ڪيس ولائتي نہ سهي بيئر وٺڻ جي صلاح ڏني وئي پر هن جڏهن سنگت سان سلهاڙجڻ لاي پيپسي جو گلاس پريو تہ ڪيس عجيب مٿيرائپ ۽ معترائپ محسوس ٿي. هن پيپسي جو ڏڪ پري ٻين تي رحم پئي ڪاڏو جن بدلي ۾ ڪيس اهڙن ئي نگاهن سان داد پئي ڏنو. ملڪي قانونن ۽ روايتي اخلاقي قدرن جي ڪچي ديوار اندر گهاريندڙ سنڌي سوسائٽيءَ جو اهو بہ عجيب الميو ٿي پيو آهي تہ هوش واري زندگي گذاريندڙ ڪي پياڪن مٿان رحم اچي ٿو جڏهن تہ مدهوشي جي عالم ۾ گذاريندڙ ان ئي ڳالهہ تي اتفاق ڪن ٿا تہ:

”هوش والون ڪو خبر ڪيا- بيخودي ڪيا چيز هي.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# حصو پيون :
# غير رسمي پروفائيل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# نانگن سان کھڙو پيار او جوڳي !

هن کي کي کننا کولاپا ۽ وڏا جبا پاتل کونہ هوندا هئا نہ ئي سندس هٿ ۾ بيراڳڻ ڳچيءَ ۾ مٽيا، بغل ۾ گودڙي ۽ گودڙيءَ ۾ نانگ هوندو هو. شمن تہ جوڳين جو خوش پوشاڪ نمونو هوندو هو. تيل ڏنل هلکي ڏاڙهي، اترادي سنڌي ٽوپي پاتل اهو جوڳي اکين ۾ سرمون پائي جڏهن پهريون ڀيرو مليو هو تہ جوڳيءَ جي بدران هو اهڙو عاشق نامراد پئي لڳو، جنهنجي محبت برپٽن ۾ ئي کٽي رهجي وئي هجي ۽ هو پنهنجا کيسا نانگن سان ڀري نڪري آيو هجي. شمن جي قميص جي ٻنهي کيسن ۾ هميشہ نانگ ائين پيا هوندا آهن، جيئن ٻارڙا والدين جي جهولين ۾ پيا هوندا آهن. هن عام جوڳين جيان نانگن کي پنڻ جوذريعو ڪڏهن بہ نہ بڻايو ۽ ان کي صرف پنهنجو شوق ۽ پيار ڄاڻايو، سندس هن انوکي شوق ئي کيس گهڻو مقبول ۽ معتبر بڻايو نہ تہ کيترائي رڳو نالي جا جوڳي هڪ اڌ نانگ بغل ۾ وجهي روپئي روپئي لاءِ پيا ڳا گهٽين ۾ ڦرندا وتن. انهن کي تہ گهٽين جا ٻار ئي ڪڏهن بوريت ۾ ياد کن ٿا، پر شمن ڪنڊکوٽ ۽ آسپاس جي انهن نوجوانن کان کيئن وسرندو، جيکي هر هفتي جي موکل واري ڏينهن سندس ننڍڙي ڳوٺ گولي مار ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا.

شاگردن ۽ واپارين تہ ڄڻ سندس ڳوٺ واري اوطاق کي پنهنجي لاءِ پکنک پوائنٽ بڻائي ڇڏيو هو. سندس غريباڻي ۽ ککائين اجهي ۾ ويهڻ واري جاءِ ڏاڍي سليقي سان نهيل هئي. هو مهمانن کي پنهنجي کچي اوطاق ۾ ان واحد کمري ۾ تڏن تي وڇايل رلين ۽ چادرن تي ويهاريندو هو جنهن جي هيٺان زمين کوٽي نانگ رکيل هوندا هئا. مهمانن کي قربائتي نموني ٻراءِ فروٽ، نمکو، ۽ بسکوٽ ڏيڻ کان پوءِ جڏهن هو زمين اندر نهيل نانگن واري کمري جو در کولي نانگ کيڻ شروع کندو هو تہ مهمانن ۾ افراتفري مچي ويندي هئي، کنهن جي اکيان کاريهر پيو ويندو هو تہ کنهن جي پيرن تي لنڊي چڙهي ويندي هئي. مهمان تہ اهڙي آجيان مان لطف وٺندا هئا يا نہ پر مهمانن جي حالت ڏسي شمن تمام گهڻو کلندو هو ۽ کين ٽوکيندو هو تہ بابا نانگ ڏسڻ آيا آهيو تہ ڏسو نہ نانگ. حراسيل مهمانن جو وڏيک پاڻي کڇڻ بدران هو نانگن کي واپس زير زمين جاين ۾ موکلي مهمانن کي چانهيون پياري تازو توانو کري ڇڏيندو هو. ٽي سگهي ٿو شروعاتي طور شمن پنهنجي شوق ۽ دوستن جي تفريح لاءِ ايترا نانگ گڏ کيا هجن، جو هر وقت وٽس ڇئن کان ٻارنهن سو نانگ موجود هوندا هئا پر گذريل دفعي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جڏهن هو لاڙڪاڻي آيو تہ هن اها انوکي ڳالھ ٻڌائي تہ هاڻي ڪينسر جي مريضن ۾ نانگ ڏنگلين جو علاج بہ شروع ڪيو پيو وڃي جنهن لاءِ هن اوٻاوڙو جي مسمات نسيم خاتون ميراڻي جو مثال ڏنو جنهن کي ڇنگھ ۾ ڪينسر هو. ڊاڪٽرن پاران جواب ڏيڻ ڪانپوءِ هن شمن کان علاج ڪرايو ۽ هوءِ صحتياب ٿي وئي. ممڪن آهي تہ خود شمن جون اکيون ان تجربي ڪوليون هجن تہ هو نانگن ذريعي علاج بہ ڪري سگهي ٿو. هن ٻڌايو تہ استاد محمد خان لغاري ڪيس مريضن کان علاج جا پئسا وٺڻ کان منع ڪئي هئي. ڳالهين ڳالهين دوران هن ٺوڪ هنئي تہ اسان جي يارن جي گهٽائي صحافين هوندي بہ سندس انٽرويو نہ ٿا وٺن. منهنجي هائوڪار تي هن ڪيسي مان پنهنجو اهو انٽرويو ڪڍيو جيڪو ڪنڌڪوٽ جي هڪ صحافيءَ کان لکرائي هن فوٽن سميت حيدرآباد جي هڪ خاتون رپورٽر ڏانهن اڳواٽ ئي موڪلي ڏنو هو پر اهو شايع نہ ٿيڻ سبب جڏهن ساڳيو انٽرويو منهنجي هٿ ۾ ڏنو تہ مون بہ سندس طبيعت مطابق مذاق ڪندي چيو تہ، ”سھڻا ماڻھو توهان جي ڪنهن ڪم نہ ايندا. پلي آزمايو پوءِ اسان فقير تہ هونئن ئي وينا آهيون.“ شمن اهڙي مذاق سبب جلديءَ ۾ اهڙي دفاعي پوزيشن ۾ هليو ويو جهڙي لاڙڪاڻي جي هڪ شاعرہ جي معاملي تي چيڙائڻ مهل هليو ويندو هو.

شمن جوڳي پنهنجي فن ۾ فخر جي حد تائين مهارت رکندو هو ۽ ان فيلڊ ۾ چئلينج کي قبول ڪرڻ ڄڻ تہ لازمي سمجهندو هو. هن ملتان ان نامر نهاد جوڳڻ زرقا راڻيءَ سان بہ اها چئلينج واري شادي ڪرڻ جو ديصلو ڪيو هو جنهن ۾ زرقا چيو هو منجهس ايترو زهر پريل آهي جو ساڻس شادي ڪندڙ مرد پهرين رات ۾ مري ويندو. پر زرقا شمن سان شادي نہ ڪئي ۽ هوءَ ائين ئي چيلينج تان ڦري وئي جيئن ننني وارو جمن نانگائي ڦري ويو. شمن جيتوڻيڪ گهڻو نہ ڳالهائيندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن نانگن جون ڳالهيون افسانوي قصن جيان ٻڌائيندو هو تہ هڪ تخت نانگ ٿئي ٿو جيڪو نانگن جو سردار هجي ٿو. اهو تخت نانگ هوندو تہ ڇهن انچن جو آهي پر چانڊوڪي رات ۾ جڏهن ڪاريھر مٿان چڙهي سواري ڪندو آهي تہ سندس حفاظت لاءِ هر پاسي کان نانگ گڏ ٿي ويندا آهن. اهڙا نانگ ۽ انهن جا نظارا تہ الائي ڪٿي هوندا، پر شمن اهي قصا وڏي شوص سان ٻڌائيندو هو. جڏهن بہ نانگن پالڻ متعلق ڪو سوال ڪندو هوس تہ هو جلدي چوندو هو نانگن سان مون کي پيار آهي. هو نانگن لاءِ شوق لفظ استعمال نہ ڪندو هو. نانگن کي گوشت کارائيندڙ ۽ کير پياريندڙ شمن کان اهو سوال پڇڻ هر پيري رهجي ويندو هو تہ ”نانگن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سان ڪهڙو پيار او جوڳي!؟“ پنهنجي آخري لکرايل انٽرويو ۾ جڏهن ڪانئس ڪنهن ماڻهوءَ سان محبت وارو سوال پڇيو ويو ته ڳجهو رهندڙ شمن صرف اهو شعر پڙهيو ته:
ڪٿا منجهه قرار، هٿا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهه فراق جي، ڪيا ڏارئون ڏار،
نه جاڻان پيهار، ڪير ملندو ڪنهن سان (پٺائي)

شمن پنهنجي شوق ۾ انسانن جي زهريلن عادتن سبب ئي وچي نانگن سان سنگت رکي پر ڪيس اها خبر ئي نه هئي ته نانگن ۾ انسانن جي ناتن ۾ تورڙو ئي فرق تئي ٿو. ٻنهي مان ڪير به ڪهڙي وقت به ڪيترو به قريب ۾ پاليل هجڻ جي باوجود ڏنگي سگهي ٿو پر ڏنگيندڙ انسان ضروري ناهي ته ائين تڏي تي مري وڃي جيئن شمن کي ڏنگيندڙ پدم نانگ مري ويو. اها ته خبر نه آهي ته پدم پشيماني ۾ مئو يا شمن جي جسم واري زهر سبب پر هن پنهنجي بي وفائي ائين ڏيکاري ڇڏي جيئن ڪي مغرور محبوب ڏيکاريندا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# امان الله سومرو: ميرپورخاص جو مزاحمتي مهم جُو !

ميرپورخاص شهر ۾ گندگي هاڻي ٻہ اها ئي آهي تہ ڪتن جو آزار ٻہ ساڳيو آهي. جنهن خلاف سالن کان هو پنهنجي انوکي انداز واري هلچل هلائيندو آيو آهي پر هاڻي سندس سيلف اسٽائيلڊ سياست جون ترجيحات تبديل ٿي ويون آهن. هاڻي ميرپور جي چونڪن تي اڪيلي سر مظاهرو ڪندي ۽ پمفليٽ ورهائيندي هن ڪي ڪافي وقت کان ڪنهن نہ ڏٺو آهي ڇو تہ امان الله سومرو هاڻي نجي جيلن اندر قيدين تي تشدد خلاف آواز اٿارڻ ۾ مصروف آهي ۽ سندس جدوجهد جو مرڪز حيدرآباد شهر بڻجي ويو آهي. ميرپورخاص شهر اندر گندگيءَ جي آزار کان تنگ ٿي هن شهر جي مختلف پاڙن ۾ جايون تبديل ڪيون پر تڏهن بہ ڪيس صاف سٿرو ماحول نہ مليو تہ هن روڊن تي پيل گند ۽ مينهن جا ڇيٽا ڪٺي ڪري تڏهوڪي ڊي سي جي گهر اڳيان وڃي اڇلايا. اها گهڻا سال اڳ جي ڳالهہ آهي تہ هن پنهنجي هڪ ڇوٽوءَ سان گڏجي اهو گند جڏهن ڊي سي هائوس ٻاهران اڇلڻ شروع ڪيو تہ پهريان پٽيوالن ۽ چوڪيدارن ڪيس منع ڪئي پر هو نہ مڙيو نيٺ تئين ڏينهن پوليس اهلڪارن ڪيس لنيون هڻي موٽائي ڇڏيو. اهو امان الله سومري ايڊووڪيٽ، اسٽامپ وينڊر، ۽ اوٿ ڪمشنر جي احتجاج جڳ هڪ ننڍڙو نمونو آهي.

ان ۾ امان الله جو ڏوهہ تہ ناهي، جيڪڏهن هو طبيعتن صفائي پسند آهي. گندگي ڪي موضوع بڻائي هن ڪيترائي پمفليٽ لکيا، ڇپرايا ۽ پاڻ ورهايا پر شهر ۾ اڃان بہ گندگي موجود آهي. ”ماڻهو بي حس ٿي ويا آهن. انهن ان طرف سوچڻ ڇڏي ڏنو آهي.“ هو پنهنجي آفيس ۾ پينگ جي هلڪن خمارن دوران ٻڌائي ٿو. شهر ۾ جڏهن رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو تہ امان الله ڪي مارڪيٽ چونڪ تي عبدالرحمان رند سميت سوين ماڻهن تقرير ڪندي ڏٺو. ان وقت امان الله جي هڪ هٿ ۾ جهليل اهو رولو ڪتو بہ هو جنهن هن ڪي چڪيو تہ هو، پر تقرير ڪرڻ ڪانپوءِ هن اهو ڪتو وڃي ميونسپل ايڊمنسٽريٽر جي گهر آڏو ٻڌي ڇڏيو. سندس هلچل ڪي سال گذري ويا آهن. پر احتجاج اڃا بہ سندس اصول بڻيل آهي. جنوري جي پهرين تاريخ 1942ع ۾ پيدا ٿيل امان الله سومرو پيشي جي لحاظ کان تہ اسٽامپ وينڊر، وڪيل ۽ اوٿ ڪمشنر آهي پر سندس سڃاڻپ اهڙي احتجاجي مهم واري آهي جيڪو هر ڏاڍ ۽ ظلم تي اٿي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ پنهنجي انداز ۾ احتجاج جي هڪ اهڙي مهم هلائي ٿو جو مخالف ڌر بيزار ٿي يا تہ مٿس حملو ڪري ٿي يا پوئتي هٽي وڃي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

امان الله پنهنجي حياتيءَ ۾ هڪ ڏينهن ڪان هڪ سال جي عرصي تائين اهڙن ڪيسن ۾ جيل ويندو رهيو آهي. جيڪي هرويرو به سندس ذاتي مفاد وارا نه رهيا آهن. ”بغاوت پنهنجي طبيعت ۾ شامل آهي. مان ظلم ۽ تشدد ڏسي نه سگهندو آهيان.“ هن چيو ۽ رازداريءَ سان اهو به ٻڌايو ته ”ننڍپڻ ۾ پيءُ ۽ ڀائرن منهنجي مٿان ڏاڍو تشدد ڪيو انڪري ننڍپڻ ڪان ئي مان ظلم ۽ تشدد جي خلاف ٿي ويس.“ هن جي احتجاج جا ڪيترائي انداز آهن. هر مسئلي جي نوعيت ڏسي هو ان کي اهڙي طرح ڪٽي ٿو ته جيئن ڪاميابي يقيني ملي. ننڍين عدالتن ڪان هاءِ ڪورٽن تائين ڪيس ڪرڻ، اڪيلي سر احتجاجي مظاهرا ڪرڻ ۽ پمفليٽ لکي ورهائڻ سندس احتجاج جا مک نمونا آهن. ڏهه پندرهه سال اڳ جڏهن ڊگهڙي پاسي جي سيتا ڪولهڻ، غلام مصطفي نوحاڻي سان پيار جو پرڻو ڪيو هو ته هزارين ڪولهين ان کي سيتا جي اغوا جو ڪيس بڻائي احتجاج ڪيو هو. هزارن جي تعداد ۾ جيڪي ڪاوڙيل ڪولهي ميرپور جي گهٽين ۾ ٽن ڏينهن ڪان ڦري رهيا هئا انهن جي اڳواڻي امان الله سومري ڪئي هئي. ”انهن ڪولهين کي ڪرشن ڀيل وٺي آيو. مون کين منع ڪيو هو ته ڊي سي آفيس اڳيان مظاهرو نه ڪريو پر هو نه مڙيا پوليس به فائرنگ ڪئي ۽ 17 احتجاج ڪندڙ ماڻهو مري ويا.“ هو ان کي معمولي ڪيس جيان ٻڌائي ٿو. ان ڪيس ۾ ڪيس اسپتال مان گرفتار ڪيو ويو هو بقول سندس ته ايترو تشدد ڪيو ويو جو 15 ڏينهن تائين اٿي به نه سگهندو هئس. اهو الڳ قصو آهي ته جنهن ۾ ڊي ايس پي ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو اهو بعد ۾ امان الله اڙجي ويو. هر ٽئين ڏينهن ”حرامخور ڊي ايس پي جا ڪرتوت“ ”مون کي بچايو“، ”ڊي ايس پي ماري ڇڏيندو“ جهڙن عنوانن وارا پمفليٽ لکي ورهائيندو هو. ڊي ايس پي ان احتجاجي مهم کان تنگ ٿي بدلي ڪرائي هليو ويو. انٽرويو دوران هو پنهنجي اچن وارن ڪان لڳ ڀڳ ٻي نياز تي ويل مٿي ۾ لڳل انهن ٽانڪن جا نشان ڏيکاري ٿو جيڪي بادشاهه خان زميندار جي حملي ڪان پوءِ کيس لڳايا ويا هئا. بادشاهه خان جي زمين تي قيد هارين کي آزادي ڏيارڻ لاءِ امان الله ڏينهن رات محنت ڪئي. عدالتن ۾ ڪيس ڪيا ۽ حملا برداشت ڪيا. ان مهم دوران هن سڄي ڪيس جو دستاويز ”گهوڙا ڙي گهوڙا“ نالي ڪتاب لکي ورتو، جنهن ۾ هن نجي جيلن جي حوالي سان مشهور بڻيل تنظيم ايچ آر سي پي کي به تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. هن کي شڪايت آهي ته جج هارين جا ڪيس نٽا هلائين ۽ چون ٿا ته فراڊ آهي پر هو چوي ٿو ته توهان ويس مٽائي هلي ڏسو ته ڪيترا زميندار هارين سان حساب ڪتاب نٽا ڪن. هنن کي غلام بڻايو وينا آهن. پر ڪير چوي! شام جي ٿڌڙين هوائن ۾ اهو چئي تلخي ڀري ڇڏي ٿو. امان الله



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سومرو جڏهن عدليا کان مايوس ٿيو ته هن ”ججن کي وارننگ“ نالي پمفليٽ لکي ورتو ته جيئن کين ڪيس هلائڻ تي مجبور ڪري سگهي ”هو ڪيئن نه ڪيس هلائيندا هنن کي ڪيس هلائڻا پوندا.“ هو پنهنجي احتجاجي مهم واري يقين سان چوي ٿو. امان الله سومري جو ڏينهن صبح سوير شروع ٿئي ٿو ۽ موڊ آهر پنگ جو چڪو پي نڪري ٿو. ڇهه ست اخبارون پڙهڻ سندس ائين معمول آهي جيئن ڊائري لکڻ. روزانو جي روئداد هو ڊائري ۾ لکي ٿو، پر هفتي ۾ هڪ پيرو پمفليٽ به لکي وٺندو آهي. جيئن اسان جي سماج ۾ ظلمن جو ڪو انت ناهي تيئن ئي هن جي پمفليٽن جي موضوعن جو ڪو ڏنگ ئي ناهي. هو ٻڌائي ٿو ته ”هر هفتي هڪ پمفليٽ ضروري لکندو آهي. نه ته ضمير سمهڻ ئي ڪو نه ڏيندو.“ امان الله ٻڌايو ته اڳ ۾ هو شهري مسئلي تي چونڪ تي بيهي تقريرون ڪندو هئس پر جڏهن ماڻهن ”پاڳل پاڳل“ جا آواز ڏيڻ شروع ڪيا ته دل ٽٽي پئي انڪري پمفليٽ لکڻ شروع ڪيم. سٺ سالن جي عمر ۾ اهي سڀ ڪم ڪيئن ممڪن آهي؟ واري سوال تي هو چوي ٿو ته ”مون ۾ جذبو آهي. اسپرٽ آهي ان ڪري، ڪري ٿو وڃان. انهن مصروفيتن سبب ئي مون کي اڄ ڏينهن تائين مٿي ۾ سور يا بخار نه ٿيو آهي.“ لڳ ڀڳ 9 ڪتاب ۽ لاتعداد پمفليٽ لکندڙ امان الله سومرو وڏو ليکڪ ٿي پئي سگهيو ڇو ته سندس لکڻين ۾ سچائي هوندي آهي. ٻين ڪتابن سان گڏ هن هڪ ڪتاب پڙوت تي به لکيو. جنهن کي وڏي ريڊر شپ ملي. ان ڪتاب ۾ هن ٻن کي ملائڻ واري ان پروفيشن بابت ته لکيو پر ان ۾ پنهنجو ذاتي تجربو به لکيائين ته ڪيئن هو پنهنجي هڪ (بقول سندس) سياهه ڪار زال کي شهر جي معزز ڏانهن وٺي ويو جتي هو ٻئي ڪمري ۾ هليا ويا ۽ هو ٻاهر ويٺا رهيو. اها فلم ختم ٿيڻ کانپوءِ ان معزز ڪيس ادائي سوءِ روپيا هٿ ۾ ڏنا جيڪي هن شهر جي چونڪ تي اڇي تڏهن ساڙيا جڏهن بقول امان الله سندس رڳن ۾ غيرتمند پيءُ جو رت ڊوڙي آيو.“ اهو ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿئي ها ته ” بيسٽ سيلر “ ٿي سگهي ٿو هڪ گهڻ پاڙهو اديب راءِ ڏني. امان الله پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ دخل کي جيتو ٽيڪ غير مهذب عمل ڪوني ٿو، پر هو پنهنجي ڪتابن ۾ هميشه پنهنجا ذاتي ۽ گهرو معاملا بحث هيٺ آڻيندو رهيو آهي. اهي به ڏينهن امان الله تي آيا جڏهن هڪ ئي ڏينهن تي ڪيس ٻن جدا جدا عدالتن ۾ طلبيو ته هڪ ڪيس سندس اڳوڻي زال پاران خرچ ڏيڻ وارو هو ته ٻيو ڪيس هارين جي بازيابي جو هو.

امان الله هن وقت تائين يارهن شاديون ڪري چڪو آهي ۽ ٻارهين شادي جي تيارين ۾ آهي. سندس يارهين شادي مس ڪرن عرف مسمات ڏاهي نالي ان ڇوڪريءَ سان ٿي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جنهن ڪي هو زميندار جي نجي جيل مان بازياب ڪرائي آيو هو. جيئن اڪثر ماڻهو ٻين جي ذاتي زندگين ۾ وڏيڪ دلچسپي وٺندا آهن. تئين ئي امان الله جي گهٽين شادين جو به چرچو هر هنڌ عام آهي. ڪنهن وٽ سندس بدڪاري جي ٿيوري آهي ته ڪو اهو راز کولي ويهي ٿو ته امان الله شادي ڪانپوءِ پنهنجين عورتن جا آپريشن ڪرائي ڇڏي. تنهنڪري ئي ڪيس صرف ٻه پٽ ۽ ٻه ڌيئرون آهن. ”ذاتي زندگي جي باري ۾ ڪوڙ چو ڳالهايان، اڳي پوءِ ڳالهيون ته کلي پون ٿيون. پوءِ ماڻهو ڪوڙ ڇو هٽي؟ ڪلنٽن ٻه پهريان ڪوڙ ڳالهايو پر پوءِ پڪڙجي پيو.“ هن ٻڌايو ۽ وڌيڪ چيو ”زندگي ۾ عشق ضروري آهي. عشق ڪانسواءِ زندگي بيڪار آهي.“ هي اڪر اهو امان الله چئي رهيو هو. جنهن پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو هو ته ڇا ٻه ٿي پوي، مان انقلابي ئي رهڻ چاهيان ٿو. هو چوي ٿو ”ماڻهو مون کي ڏاڍو پسند ڪندا آهن. هو ڇي منهه جيتري عزت ڪندا آهن. هو وڏي احترام ۽ عزت سان ملندا آهن ۽ شهر ۾ ايس پي ڪان به وڌو پروٽوڪول ملندو آهي. شهري چاهين ٿا ته مان شهر جو ميئر ٿيان پر هڪ سازشي ٽولو اهو نٿو چاهي.“ هن ٻڌايو ته باقي جيڪي مون کي ڇريو چون ٿا اهي بداخلاق ۽ اهڙا آوارهه آهن جن ڪڏهن ڪجهه ڏنو ئي ناهي. امان الله جوا ۽ شراپ ڪان جيترو پري ڀڄندو آهي، ايترو ئي ڀنگ ڪي ويجهو آهي. صبح شام ڀنگ ضرور پيئي ٿو. اهڙن ئي ٽڏن نشن جي خمارن ۾ هن چيو ته ”ڀٽي واري دور تائين ڀنگ جا گتا هلندا هئا. ميرپورخاص ۾ به ٽي گتا هوندا هئا. ڀٽي اهي بند نه ڪرايا پر ضياءَ الحق هڪ سازش تحت ڀنگ جا گتا بند ڪرائي ڇڏيا ۽ جيئن هيروئن جو وڪرو عام ٿئي.“ ڀنگ جا اهي گتا جن تي آفيم ڏوڏي ۽ ڀنگ عام ملندي هئي. انهن جي بند ٿيڻ کي هو سنڌ خلاف سازش سمجهي ٿو چو ته هاڻي گريجوئيٽ نوجوان به هيروئن ٿا پيئن. خبر ناهي اهو خيال امان الله کي ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ آيو جو هن هڪ پٽيشن ڀنگ جا گتا کولرائڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي ڇڏي. جج صاحب ڪيس ڪهڙو جواب ڏنو هوندو اهو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو. پاڻ کي اشتراڪيت پسند چوندڙ امان الله جو چوڻ آهي ته هاڻي قيدين ۽ هارين جي ڀلائي لاءِ اسان پاڻ ارپي ڇڏيو آهي. ڪيس اهو گمان به آهي ته عوام مون سان گڏ آهي، پر ان حقيقت تي به روشني وجهي ٿو ته ڪارڪن نٿا ملن. ڪارڪن اهڙا فراڊي ۽ ڀيداگير ٿا ملن جو بس..... ايماندار سياسي ڪارڪن ته ملن ئي نٿا. هاڻي رڳو پئسن سان ڪارڪن ملن ٿا. جي رڳو پئسو هجي ته اهڙي پارٽي ناهيون جو ڳالهه ڇڏي ڏي. اهو عجيب اتفاق ئي چئجي جو يارهن شاديون ڪندڙ امان الله کي گهر جو سک ڪڏهن نصيب ئي نه ٿيو آهي. هن کي ياد ناهي ته گهر جي پڪل تازي ماني ۽ ساڳ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

جي خوشبو چا ٽيندي آهي. ماني هو اڪثر هوٽلن تي ڪائي ٿو. ڪپڙا ڌوٻي ڪان ڌوئاري ٿو. روزاني واري زندگي ۾ هلڪا ڦلڪا ڦڏا ڪرڻ، گاريون ۽ ذلتون برداشت ڪرڻ هاڻي جڻ ته سندس معمول بڻجي ويو آهي. پر هو پنهنجي انداز واري انقلابي جي واٽ اجا ورتيون پيو هلي.

زندگي جي عجيب و غريب لاهن چاڙهن مان چڙهي امان الله ڪي پنهنجي گذاريل زندگي تي ڪو پڇتاءُ ناهي ۽ جيئن هو محاورتاً چوندو آهي ته گهوڙا وڪڻي ننڊ ڪري ٿو. اولاد ڪي آزاد ڇڏيواٿائين ته اهي ڊاڪٽر ٿين، مصور، انقلابي يا عاشق سندن مرضي. جيڪڏهن انهن مان ڪو انقلابي ٿيو ته هو جهنڊو ڪڻي ان جي پويان هلندو. باقي ٻارهين شادي جو هو خواهشمند ضرور آهي ته اهڙي خاتون سان شادي ڪري جيڪا هن معزز شهري ۽ قانون پسند وڪيل جي جيل ۾ وڃڻ ڪانپوءِ اخلاقي مدد ڪري. باقي هن اڌ پڪل اشتراڪي ۽ انقلابي ڪان پينگ ڇڏرائڻ ان جي ڪا ذميواري نه هوندي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڪميونسٽن جهڙو حُر

مسلسل سرگرميءَ ۾ يقين رکندڙ وزير لاکي جو جيتوٽيڪ آن دي رڪارڊ چوڻ اهو هو ته سياسي سرگرمين ڪانسواءِ منهنجي لاءِ جيئرو رهڻ مشڪل ٿي پوندو آهي، پر اڄڪلهه سنڌس ڪا به سياسي سرگرمي ناهي. هن جو آخري سياسي سرگرميون 1992ع ۾ انقلابي جمهوري پارٽي لاءِ هيون، جنهن ۾ بقول سنڌس مٿين سطح تي تيل پيچ ڊاهه ڪانپوءِ هو خاموش ٿي ويو. پنهنجي حياتي جا لڳ ڀڳ به ڏهاڪا ڪميونسٽ سياست کي ڏيندڙ وزير لاکي جهڙي ڪارڪن لاءِ مايوسين ۾ شبير سولنگي جيان چريو ٿي ڇيريون پائي پاڻ تي ماٺهو ڪلائڻ جا سمورا جواز موجود هئا. پر سنڌس گهراڻي ۾ حر پسمنظر ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو ۽ هو جيد حرن ڏانهن ائين موٽي آيو آهي، جيئن پٽڪي جمهوريت (پٽو اقتدار کي حر پٽڪي جمهوريت سڏين ٿا) دوران هي ساٿن شامل هو ۽ وچ وارا سال جڻ ته هو ڪائنن انقلابين جي هجوم ۾ وڃائجي ويو هو.

چوڏهين ورهين جي عمر ۾ سنجهوري تعلقي جي ڳوٺ نارو خان لغاري وٽان مال چارڻ کان تنگ ٿي، جڏهن هو گهران ڀڄي نڪتو هو ته سنڌس ڪيسي ۾ پنجين درجي جو سرٽيفيڪٽ هو ۽ ننڍڙي بيگ ساڻ هئس. هو ان حيدرآباد ڏانهن اچي رهيو هو، جتي ڪو به سنڌس سڃاڻو نه هو ۽ ٽرين ۾ سموري سفر دوارن هو ان خوف کان آيت الڪرسي پڙهندو آيو ته ڪٿي لليجا نه ڪٽي وجن. لطيف آباد ۽ هير آباد جي مختلف گهرن ۾ سستي نوڪر جيان ڪم ڪرڻ دوارن هن تعليم به پرائي. اخبارون به شوق سان پڙهڻ شروع ڪيون ۽ پراون پنهنجن سياسي جلسن ۾ تقريرون ٻڌي نعرا هڻڻ به سکيو. انهن ئي ڏينهن ۾ پٽي واري جمهوريت دوران مشهور حر ڪيس ٿيو. سانگهڙ جي ڪانهڙ موري وٽ بظاهر پوليس مقابلي ۾ 6 حر مارجي ويا، جن مان هڪ سنڌس مامو هو، اها خبر ۽ فوٽو اخبار ڏسڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي حياتي جي پهرين هلچل هلائڻ لاءِ سانگهڙ هليو ويو. ڪجهه دوستن سان گڏجي ضلعي ۾ يوم سياءِ ملهايائين ۽ سانگهڙ ۾ هزارين ماڻهن جي جلسي ۾ پهرين پرجوش تقرير به ڪيائين. ان جذبي جي وهڪري ۾ ئي هن حيدرآباد واپس اچي حر اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن ناهي. پر بقول وزير لاکي جي ته جماعت جي خليفن سان روشن خيال ۽ پڙهيل لکيل حرن جو اختلاف ۽ ٽڪراءَ ٿي پيو، تنهنڪري ڪين اهڙي آرگنائيزيشن هلائڻ کان منع ڪئي وئي.

هو اڄ به پاڻ کي حرن جو باغي ڪردار سڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته ”مان پير پاڳاري سان نظرون نظرون سان ملائي ڳالهائيندو آهيان.“ هو سياسي ڪارڪن ۽ حر هجڻ ڪري عجيب ڪاڪ ٽيل ٻڌجي ويو آهي ۽ پنهنجي ڳالهه ٻولهه دوران هو پاڳاري کي پاڳارو ۽ پٽي کي شهيد پٽو چوندو رهي ٿو. تنهن زماني ۾ هو اجان حرن ۾ شامل وڏيرن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ پرساهي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

رهيو هو ته تاج مري ۽ امر لال (جيڪو ان وقت خادم حسين مري هوندو هو) جهڙا ڪميونسٽ ڪيس پنهنجن چنبن ۾ چائي ويا. راج مري جي ڳوٺ ۾ ٻه ٽي راتيون رهڻ ڪانپوءِ هن سانگهڙ ۾ اچي ايس اين ايف ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ۽ وزير لاکو حر مان ڦري سرخو ٿي پيو. امداد چانڊيو، شبير محمد مڱريو، صادقين ۽ ٻيا سنڌس اسٽڊي سرڪل جا انچارج ٿيا. ان دوران ئي هن پنهنجي خاندان کي ڳوٺان لڏائي حيدرآباد ۾ اچي آباد ڪيو  جو ته هو جڏهن ٽرين ۾ ڦيريون پيرو اچي حيدرآباد ۾ رهيو هو ته هن دل ئي دل ۾ عزم ڪيو ته هاڻي علي محمد جو ڪو به پٽ هاري نه ٿيندو. وزير اهڙو ڪارڪن ٿي اڀريو، جيڪو هر مرض جي دوا ٿي پوندو هو. چندا گڏ ڪرڻ، بينر نهرائڻ، پوسٽر ڇپائي پيتين تي لڳائڻ، چاڪنگ ڪرڻ ۽ اڳواڻن کي لڪائڻ سنڌس ڪاٻي هٿ جو ڪيل ٿي پيو ۽ هو ڊي ايس ايف جو مرڪزي پريس سيڪريٽري به ٿي ويو. تنهن زماني جي ڪاٻي ڌر لاءِ ديومالائي ڪردار طور پيش ڪيل ڄام ساقي انهن ڏينهن ۾ جيل ۾ بند هو ۽ وزير ”ڄام رهائي ڪاميٽي“ حيدرآباد ۽ ڄامشوري زون جو صدر به ٿي ويو. ان ڪميٽي لاءِ چندا گڏ ڪرڻ واري مهم ۾ اڳيان اڳيان رهيو. ان ۾ اهڙو ڦڙت ٿي ويو جو اڳتي هلي ڄام جي آزاد ٿيڻ بعد هن 15 منٽن ۾ ڄام کي 50 هزار گڏ ڪري ڏنا. ”مون ته ڪامريڊن جي ميٺ محبت ڏسي انهن کي هڪ ڪٽنب جيان پنهنجو ڪيو.“ هو ڏکهو ساهه کڻي چوي ٿو ۽ اهو ته پوءِ هلي ٻڌائيندو ته ڪامريڊن ڪيئن سنڌس احسانن ۽ ارمانن کي ڇيپاٽي ڇڏيو. وزير لاکو جڏهن مارچ 1980ع جي آخري تاريخ واپڊا ڪالوني ڄامشوري مان پمفليٽ ڪيس ۾ امداد چانڊيو، محمد خان، شير محمد ۽ ٻين سان گڏ گرفتار ٿيو ته سنڌس امڙ يونين جي عورت اڳواڻ زهري مڱريو سان گڏجي ڪنگري هائوس وئي ۽ تيستائين پنهنجي مرشد وٽ ترسي پيئي جيستائين سنڌس پٽ آزاد نه ٿيو. بعد ۾ وزير مٿان تڪڙي آزادي سبب ڪميونسٽ ڪلچر موجب ايجنسين جو هجڻ وارا الزام به لڳا. پر هو چوي ٿو ته ان ڪيس مان آزادي منهنجي ماءُ جي ڪوشش سبب ٿي. ان ۾ ڪنهن به طرم خان، ڪامريڊن يا خليفي جو ڪو به ڪردار ناهي. وزير کي جيتو ٽيڪ پنهنجا گهر پاتي ان زماني ۾ به دهريو ۽ ڪافر چوندا هئا پر وزير جو گهر ڪامريڊن جي محفوظ پناهگاهه هوندي هئي، جتي هو گهر پاتين کي رات جو ننڊ مان اٿاري به مانيون ۽ چانهيون پچرائي، ڪامريڊن جي خدمت ڪندو هو. ڄام ساقي جو مهينن تائين اسپتال ۾ اٽينڊنٽ به رهيو ته آزادي ڪانپوءِ ڄام جي ملڪي دوري ۾ سنڌس باڊي گارڊ به ٿي رهيو.

پراڻي انڊس هوٽل ۾ تنهن زماني ۾ هو بيرو هوندو هو، جڏهن مصطفي قريشي جي شادي ان هوٽل ۾ روبينا سان ٿي. هو ذاتي توڙي سياسي زندگي ۾ محنت ڪندو هو ۽ ساٿين سان محبت ڪندو هو. پر اوچتو ڪيس پنهنجن ڪامريڊن ۾ اوپرائپ جو احساس ٿيو. ڪيس محسوس ٿيو ته ڪامريڊن هڪ ٻئي جا عيب ڪڍڻ شروع ڪيا آهن، ڪين هڪبئي جون شڪلون نه ٿيون وڻن. هو انهن ڪارڪنن مان نه لڳي جيڪي اڄ به اهو دهرائين ٿا ته فلاڻا فلاڻا نظرياتي اختلاف



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فلاڻي ڪانگريس ۾ ظاهر ٿي پيا ته اسين ڊار ٿي وياسين، پر وزير کي اڃا به اهو ڏک ٿئي ٿو ته هو جنهن جمال نقوي کي پنهنجي گهر ۾ ترسائي وڏي پروٽوڪول سان بس تائين ڇڏيندا هئا تنهن ڪراچيءَ ۾ کين تڏهن مايوس ڪيو جڏهن علي حسن چانڊيو ۽ وزير جو ڪرايو ڪٽي پيو ۽ ڪامريڊ امر لال کي گهر جي ان پاسي وڃڻ کان منع ڪيو هو، جنهن پاسي ڪميونسٽاڻي ڪوٺا تي ڇيڪو سلوا ڪيا مان پڙهي آيل سندس پٽ پنهنجي ٻارن سان وينل هو. هو هاڻي به عجيب غريب سوال پڇي ٿو ته ”اهو ڪير ٻڌائيندو ته نذير عباسي جو قاتل برگيڊيئر امتياز آهي يا جمال نقوي.“ هو پڇي ٿو ته ”آخر نذير عباسي جي ڪيس کي ڇو نه ڪنيو ويو. ان جا اسان سڀ مجرم آهيون.“ هو جڏهن پنهنجي پهرين پيار جهڙن انقلابين جي ڳالهين جو ڳنڍيون کولي ٿو ته ڳالهيون اڃي پارسائي ۽ ڪردار تي بيهن ٿيون. وزير اعرچ سان چوي ٿو ته اسان ماڪريڊ ڀي شادي جا هميشہ مخالف رهياسين پر پوءِ ڇا ٿيو؟ ڇا مير ۽ حميده انهن آدرشن کي نڀايو؟ مير کي اسان ڏاهو سمجهندا هئاسين. ڄام سنڌ ڪميونسٽ تحريڪ جو ديومالائي ڪردار تي اپريو هو پر پوءِ خبر پئي ته اهي ”مثالي ڪردار ناهن، انهن تمام گهڻو مايوس ڪيو.“ وزير چيو ان زماني ۾ ڪنهن ڪامريڊ کي ڇيم ته هي ڇا پيو ٿئي ته هن سمجهائيندي چيو ڪامريڊ پنهنجي ڊڪشنري ۾ پارسائيءَ ۽ مسيحائي موجود ناهي ته مون چيومانس اهو مڃون ٿا، پر انسان جو ڪردار به ته ڪا شئي هوندي آهي.ڪردار ئي دنيا بدلائيندي آهي، انهن جوته ڪو ڪردار ئي ناهي. ڪيترن نام نها مها انقلابين جا هٿ ڏوئيندڙ ڪالهوڪو مسڪين ڪارڪن وزير هاڻي ان نتيجي تي پهتو آهي ته سياستدان ته سوداگر آهن. اهي پنهنجي پيٽ خاطر ڪنهن جو به سودو ڪري سگهن ٿا. هو جيڪو جيلن ۾ ساٿين جا حوصلا بلند رکڻ لاءِ:

ظلم ضياءَ جو زور ٿي ويو، اونده ڇا ئي ڪاري ٻات
ڪارا چڪر پاڳل خانہ، قري ڏناسين اهي گهات

جهڙا گيت ڳائيندو هو. سو وزير هاڻي پنهنجي ننڍڙي پائيٽي کي گيت ٻڌائي پنهنجي ۽ هن جي دل وندرائي ٿو. هو هاڻي انقلابين کان وڌيڪ ان ننڍڙي جي وڌيڪ ڊيوٽي ڏيئي ٿو. جنهن کي هو گوريلو چوي ٿو. ڪيس 3 پٽ ۽ 3 نياڻيون آهن. پاڻ ۾ 5 پائر ۽ 5 پينرون آهن.

پوري جهان کي پنهنجو سمجهندڙ ۽ دنيا جي مزدورن کي هڪ ڪرڻ وارن نعرن جي صحرا ۾ سالن تائين ڀٽڪڻ ڪانپوءِ وزير هاڻي پنهنجي نظر کي ڪٽنب تائين محدود رکي اطمينان سان چوي ٿو ته ”حيدرآباد ۾ اڪيلو آيو هئس هينئر وڏي ولر سان آهيان“ ڪٽنب وارا ۽ ٻيا واسطي وارا ڪيس نڪمو چون ٿا. پر هو چوي ٿو مان امان کي به چوندو آهيان ته مان وزير نه پر سفير آهيان. هو پنهنجي لاءِ چوي ٿو آءُ پنهڄو پاڻ کي اڄ به گهڻن حوالن سان ڪامياب ماڻهو سمجهان ٿو. صوفين، چورن ۽ چرسين سان به سنگت نڀائيندر وزير هاڻي جڏهن ليکو ڪرڻ ويهي ٿو ته ڪامريڊن جي ڪاتي رت جون اهي 38 بوتلون به ڪڍي ٿو. جيڪي هن


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مختلف موقعن تي ڪامريڊن کي ڏنيون. 30 سال اڳ ريگيولر چرس پيئندڙ وزير چوي ٿو ته ڪامريڊ ته چا منع ڪن ها، جماعت ۾ به صادق فقير ۽ اسان لاءِ چرس پيئڻ منع ناهي. ڪميونسٽن ڪان هو آهستي آهستي ائين ٽٽي ويو جڻ سئيءَ منجهان ڌاڳو نڪري ويو. سنڌ سرڪار ۾ جڏهن پير پاڳاري جو پٽ راجا سائين وزير ٿيو ته هي غريب جو ٻار ان جو وجي او ايس ڊي به ٿيو. ان دوران ئي هن نذير عباسي جي بيواهه کي ڪراچي ۾ نوڪري ۽ گهر به ونرائي ڏنو. شايد تڏهن ئي ڪيس ارمان ٿئي ٿو ته ڄام ساقي جي پهرين زال "سڪان" حيدرآباد ۾ جنهن محمودهه خاصخيلي جي گهر سجاد ظهير کي جنم ڏنو. هاڻي ڄام ان محموده کي به نٿو سڃاڻي. وزير سنڌ جي اهڙن هزارين ٻارن منجهان هو، جن جي ڪير به باقائدهه تربيت ناهي ڪندو. پر هو ڪجهه اڳتي نڪري آيو ۽ چوي ٿو ته " هڪڙي اندروني جنگ آهي جيڪا اڃا جاري رهندي." هن قومپرستن ۽ ڪميونسٽن سان اڄان سماجي ناتا نه ٽوڙيا آهن. پر پنهنجي فوٽو البمن ۾ ڪامريڊن ڪان وڌيڪ پير پاڳاري جا فوٽو رکي ٿو ۽ چوي ٿو ته پاڳاري خاندان مان اڄان به اميد رکان ٿو ته متان اتفاقي طور ئي انهن منجهان چڱائي ٿي پوي. ماڻهو سني مسيحا جي ڳولا ۾ آهن ۽ پير پاڳاري جو ڪردار وڻندر آهي. جڏهن ڪانئس هڪ هڪاڻي ڪرڻ لاءِ پڇجي ٿو ته هو چوي ٿو ته "مون کي ڪميونسٽن ڪان حر هجڻ تي وڌيڪ فخر آهي. نوجوان حر ڪميونسٽ نظريي کي پنهنجو ويجهو سمجهن ٿا چو ته هو جدوجهد ڪندڙن کي سنو سمجهندا آهن."



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# جپسي ليڪڪ

بظاهر هن جا ڪيترائي گهر ۽ ٺڪاڻا آهن پر خورشيد جي اجان به ڪنهن شئي ۾ دل نٿي لڳي. ڪنهن هڪ جاءِ تي ڪيس ٺڪاءُ نٿو اچي. هو ڀٽڪندو رهڻ ۾ پنهنجي روح جي راحت محسوس ڪري ٿو ۽ رلندو رهي ٿو. جنهن لاءِ هن وٽ مضبوط دليل اهو آهي ته ”بي مقصد ڪو نه ٿو ڀٽڪان مصقد تحت رلان ٿو.“ هن سڄي زندگي ڪي به روايتون قبول نه ڪيون آهن، تنهنڪري هو روايتي زندگي ۾ ڪوفت محسوس ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪيس خانداني ملڪيت جو ڪجهه حصو مليل نه هجي ها ته شايد هو به جوڳين جي ڪنهن ٽوليءَ سان گڏ در در ڀٽڪندو رهي ها. خورشيد قائمخاني، جنهن ورهاڱو پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. ورهاڱي کان پنج مهينا اڳ خورشيد پنهنجي پيءُ سان گڏ پنهنجي ان فوجي پيءُ سان موڪلڻ ۾ ملڻ آيو هو، جنهن جي ان وقت پوسٽنگ رسالپور ۾ هئي ورهاڱي ڪانپوءِ سندس خاندان اچي ٽنڊو الهيار پرسان ترسيو. خورشيد نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ميٽرڪ، گورنمينٽ ڪاليج مان ايف ايس سي ڪري فوج ۾ ڪميشن ذريعي چونڊيو ويو ۽ ڪيولري فوج ۾ميجر ٿي ويو پر اتي به سندس دل نه لڳي ۽ ڪاڪول اڪيڊمي ۾ ٽريننگ وارن سالن سميت 15 سال سروس ڪري رٽائرمينٽ ورتائين. ان وقت بنگال وارو سانحو ٿيڻ وارو هو ۽ خورشيد لاهور ۾ جنرل نيازي جي ڪمانڊ ۾ ڪم ڪري رهيو هو، جتان استعيفا ڏيئي ڇڏيائين. جنهن تي جنرل نيازي ڪيس طعنو به ڏنو هو هڪ پاسي جنگ ٿي رهي آهي ۽ تون فوج ڇڏي ڀڄي رهيو آهين. پر ترت ئي خورشيد ڪيس درست ڪيو ته بنگال ۾ جنگ نه پر خانه جنگي پئي هلي، پنهنجي ماڻهن سان وڙهڻ فوج جو ڪم ناهي. خورشيد ڪي جيتوڻيڪ اجا به دلين، ڌرتين، دوستين ۽ رشتن جي تقسيم پسند ناهي. پر هاڻي هو پنهنجي ڳوٺ واپس وڃڻ لاءِ ايترو آتو ناهي، جيترو شروعاتي ڏينهن ۾ هوندو هو. خورشيد موجب ”اباڻي وطن جي باري ۾ اڪثر سوچيندو رهندو هئس، ڳوٺ جا خواب ڏسندو هئس ۽ ان ڏانهن وڃڻ جون مسافريون ڪندو هئس، خواهش ڪندو هئس ته رلي ڀٽڪي واپس وڃي پنهنجي ڳوٺ جي قبرستان ۾ ائين دفن ٿيندس، جيئن ڀٽڪيل ٻار ماءُ جي هنج ۾ واپس ويندو آهي.“ هو چوي ٿو ”سنڌ کان يا ان جي ڪنهن ماڻهوءَ کان به ڪا شڪايت ناهي. پر اهو سمجهه ۾ نٿو اچي آخر منهنجي ڳوٺ ۾ ڪهڙي خرابي هئي مون کي اتي دفن ناهي ٿيڻو، جو هرويرو سنڌ ۾ اچي دفن ٿيڻو آهي؟“ هو چوي ٿو ته ”مون کي پنهنجو پاڻ کان شڪايت آهي جو ته اهڙيون حالتون جو مان اچي سنڌ تي بار بڻيس ۽ جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اچي سنڌي پائرن جو احسان ڪنيم. ڇا منهنجو ڪو ديس نہ هو؟ جيڪڏهن هئو تہ ان ۾ ڪهڙي خرابي هئي؟“ شروع شروع ۾ ڳوٺ واپس وڃڻ جا خواب ڏسندڙ خورشيد سان هاڻي وري عجيب الميو اهو ٿي پيو تہ تازو جڏهن ڪيس پنهنجو ڳوٺ ڏسي اچڻ جو موقعو مليو تہ حالتن جي تبديلي سبب خورشيد جو اهو ڳوٺ ئي نہ رهيو هو. جتي هن پوڙهپڻ گذارڻ جو موڊ ناهيو هو. ڳوٺ جي حالتن کان مايوس هن جپسي ليڪڪ جو هاڻي اهو ئي فيصلو آهي تہ باقي عمر بہ خانہ بدوشيءَ ۾ گذاربي.

خورشيد سالن تائين انقلابين، شيدين، پيلن، جوڳين ۽ ڪولهين سان گڏ پٽڪيو آهي. انهن جپسي قبيلن جي صحبت ۾ ڪيس عجيب سڪون ۾ اتساهہ مليو ٿو. شايد تنهن ڪري ئي هن ٽنڊوالهيار پرسان پنهنجو آشرم نما گهر انهن پيلن جي جهوپڙن جي وچ ۾ ناهيو آهي، جن ڪي هن پنهنجي زمين تي ڳوٺ اڏائڻ جي اجازت ڏني. هو ڳوٺ ۾ جڏهن سردين جا ٻہ ٽي مهينا ترسڻ اچي ٿو تہ انهن پيلن مان بالو پيل يا حيدرآباد جي مامو فيضو شيدي سان ڪچهرين ۾ وقت گذاري ٿو ۽ ڪيس لکڻ جو موقعو بہ ان گهر ۾ ئي ملي ٿو. گرمين دوران هو پنهنجي محدود سنگت کي ساڻ ڪري اترين علائقن طرف نڪري وڃي ٿو ۽ جبلن سان انسيت ۽ ڪوهہ پيماڻي واري ”نرڳ“ پوري ڪري اچي ٿو. خورشيد جي دل ورهاڱي کان ٿني تہ وري ڪٿي نہ لڳي. نہ ڪٿي سندس دل لڳي نہ ڪيس ڪو وطن ملي سگهيو. ورهاڱي واري غم کي غلطان ڪرڻ خاطر هن خانہ بدوش قبيلن ۾ وڃي پناهہ ورتي. ڪيس خانہ بدوشن ۾ پنهنجو عڪس نظر اچڻ لڳو. جيڪي هن جيان ئي ٻي گهر ٻي در ڦرندا رهن پيا. هو چوي ٿو تہ ”مون کي تہ پنهنجو گهر ياد آهي. پر هنن مان ڪنهن کي اهو بہ ياد ناهي تہ سندن ڪو گهر يا وطن هوندو هو. انهن جي مسلسل هلندي رهڻ ۾ بہ عجيب درد، پيڙا ۽ اپيل لڪل آهي. هو ائين ڦرندا رهن پيا رهن ڇڻ تہ سندن ڪا شيءِ وڃائجي ويئي آهي. منهنجي بہ ڪا شيءِ وڃائجي ويئي آهي انڪري مان بہ انهن سان گڏجي پيس.“ هن شيدين جي ملڪ وڃڻ واري درد سان پنهنجو درد شيئر ڪيو ۽ مگرمان تي ساڻن گڏ نچيو. ٻي گهر پيلن کي ڪير بہ پرسان نہ ويهاريندو هيو. پر هو انهن سان اٿڻ ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ لڳو. انهن پٽڪندڙ ماڻهن ۽ انهن جي عورتن کي مسلسل ظلم جي چڪي ۾ پيڙجندو ڏسي هن انهن طبقن مٿان لکڻ شروع ڪيو. جيئن سني شئي تڪڙ ۾ نٿي لکي سگهجي تيئن ئي خورشيد آهستي آهستي لکڻ شروع ڪيو. انهن خانہ بدوش قبيلن جي رڳ رڳ مان واقف ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جڏهن خورشيد لکڻ شروع ڪيو تہ اخبارون سندس ڪالم ۽ تصويرون ڇپينديون رهيون. 1990ع کان هن سنجيدگي سان لکڻ شروع



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪيو. سنڌس ٻه ڪتاب " پٽڪتي نسلين" ۽ "سيپيان اور پٿر" نئين ترجمي واري ڪتاب سان گڏ اڇي چڪا آهن. جڏهن ته ٻن ڪتابن جا مسودا مڪمل ڪري هن پبلشر کي ڏيئي ڇڏيا آهن، جنهن ۾ هڪ سنڌس آتم ڪهاڻي وارو ڪتاب به شامل آهي. هو پيشي ور ليکڪ ناهي، پر پاڻ کي " امپريشنسٽ رائيٽر" طور سڏي ٿو، جيڪو جيئن ڏسي ٿو تيئن لکي ٿو "جيڪو به لکان ٿو سو مقصديت وارو لکان ٿو ۽ جيڪو ڪجهه لکيو اٿم ان تي ڪاگهٽي تنقيد به نه ٿي." شرميلو خورشيد ايترو چئي پيلن جي ٻارن واري گوڙ ڏي ڌيان ڏيندي چوي ٿو "يار پنهنجي منهن ميان منو ڪيئن ٿيان، پنهنجي تعريف ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟" هو ڪلي ڳالهه ڪتائي ٿو. بالو پيل ۽ فيضو شيدي سنڌس دوست به آهن ته ڪردار به آهن، جن سان هو رهاڻيون ڪري ٿو. رهاڻيون ته خورشيد انهن انقلابي ڪارڪنن سان به ڏگهيون ڪيون، جن سان گڏجي هو پاڪستان ۾ مارڪسٽ انقلاب آڻڻ لاءِ جتن ڪندو هو. ان هلچل دوران هو هارين جي ڳوٺن ۾ سنڌن جهوپڙين ۽ پلال ۾ وڃي ويهندا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. هو چوي ٿو ته " انقلاب لاءِ ڏاڍو پراميد هئس اڪثر سوچيندو هئس ته هندستان وڏو ملڪ آهي اتي متان انقلاب دير سان اچي باقي پاڪستان ۾ ته سويل اچي ويندو." 10 سالن جي سرگرمي کان پوءِ هو ان سراب مان به نڪري آيو ۽ هن مهل چوي ٿو ته " هاڻي انقلاب نه پر امن لاءِ ڪوشش ڪرڻ کپن. هٿيارن جي ڊوڙ ختم ٿيڻ کپي نه ته وڏي تباهي ايندي، سنا پاڙيسري ٿي ته رهو." خورشيد جيئن ته پنهنجي حياتي جو هڪ ڏهاڪو انقلابي سرگرمين جي حوالي ڪري چڪو آهي، تنهن ڪري هو اڄ به ان ڳالهه تي قائم آهي ته مارڪسزم نظريو يا عقيدو ناهي پر هڪ سائنس آهي. جيستائين سماج ۾ طبقاتي ڪششمش جاري رهندي اها سائنس لاڳو رهندي ۽ امن به نه ٿيندو." هو چوي ٿو ته " پاڪستان ۾ نام نهاد ڪميونسٽ قسم جون پارٽيون هيون، جيڪي اصل ۾ "ٽانگا پارٽيون هيون" ۽ وڏين پارٽين تي وري سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جو قبضو هو." خورشيد سياست واري صحرا کان پوءِ پٽڪنڊڙ قبيلن سان گڏجي ويو پوءِ انهن ۾ رلي ملي ويو هو. هو جپسين جي عالمي ڪانفرنس ۾ ڪئناڊا به ويو، آمريڪا ۽ آفريڪا ۾ وڃي هن جپسين کي ڳولي لڌو. ڊاسوڙي پرسان پيلن جي گهرن جي وچ ۾ نهيل سنڌس گهر اندر آفريڪي، آمريڪي، پارٽي ۽ ٻين ملڪن جي جپسين کان مليل سوکڙيون ڪتابن سان گڏ سينگاريل آهن. جڏهن ٿورو گذري ويل حياتي جي سالن کي ڪاميابي واري نظر سان ڏسڻ لاءِ چئجي ٿو ته هو شڪايت ڪندي چوي ٿو "بس زندگيءَ جا 50 سال ضايع ٿي چڪا آهن، جيڪي ڪڏهن به واپس نٿا ٿي سگهن." خورشيد جي راجستاني روايت موجب هڪ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ئي شادي ٿيل آهي، جنهن مان ڪيس ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءُ آهي. پر هو چوي ٿو ته ”راجستاني روايت موجب ننڍپڻ ۾ ئي شادي ٿي وئي انڪري چئي نٿو سگهجي ته اها خوشگوار رهي يا نه، بس رهي آهي.“ هو انهي موضوع مان جان ڇڏائيندي چوي ٿو. جڏهن ڪائنس عشق محبت جي باري ۾ پڇجي ٿو هو شرمائيندي چوي ٿو ته ”اصل ۾ راجستاني پنهنجي عشق محبت جون ڳالهيون سرعام نه ڪندا آهن.“ ۽ ان ۾ واڌارو ڪندي مزاحيه انداز ۾ چوي ٿو ته ” شايد سنڌ ڪي اڄ تائين دلي طور تسليم نه ڪيو اٿم تڏهن ئي چئن شادين ۽ پنجن عشقن واري عادت اجا نه پئي آهي.“

خورشيد هاٽي پاڻ ڪي ڏکڻ ايشيا ۾ امن جي قيام لاءِ ارپي ڇڏيو آهي ۽ هو پاڪ انڊيا فورم جو بنيادي ميمبر آهي. هو چوي ٿو ته ” انڊيا ۽ پاڪستان جا ماڻهو امن ٿا چاهين انهن وچ ۾ نه ته اڳ ڪا دشمني هئي نه هاڻي آهي. پر ان دشمني ۾ ٻنهي پاسن جي اقتداري ڌرين جا مستقل مفاد آهن. ان ڪري مان هاڻي امن لاءِ ڪوششون ڪرڻ چاهيان ٿو ته جيئن ملڪ ۾ وڌيڪ ورهاڱن کان بچي سگهي. ڇو ته هڪ ڀيرو ورهاڱي جي اصول ڪي مڃيوسين ته پوءِ اهو سلسلو هلندو رهندو رڪنجندو ڪو نه.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ٿرياسين دامن صحرا ۾
# نواز کوسو: ٿر ي انسائيڪلوپيڊيا

هاڻي اهو پيرسنيءَ جي ان حد کي اچي پهتو آهي جتان اڪثر مايوسين جو سفر شروع ٿئي ٿو، پر هو توهان کي اجا بہ مايوس نظر نہ ايندو. بلڪ ننگر پارڪر جي نواز کوسي جون ڳالهيون ٻڌي ڪيترن ئي جوان ماڻهن جي مايوس دلين کي اتساهہ ملي سگهي ٿو. جيئن بہ ڪنهن اٽانگي سفر کان اڳ اها تياري ڪري ڇڏبي آهي تہ ڪٿي ڪٿي ترسڻو ۽ ڇا ڇا ڏسڻو آهي تئين ئي ٿر جي سفر ۾ ننگر وڃڻ لازمي شامل ٿئي ٿو ۽ نواز کوسو تہ ننگر پارڪر جي وڏي اٽريڪشن (ڇڪ) آهي. جنهن رات اسان ساڻس ملياسين ان رات هو ڪجهہ مايوس هو بلڪ همسفر دوستن بار بار اهو پئي چيو (جيڪو مونکي محسوس نہ ٿيو) تہ چاچو نواز هن ڀيري بلڪل مايوس آهي. هن اسان کي اها بہ ڏانهن ڏني تہ ڪيس پنهنجي ئي برادريءَ جي ماڻهو لنيون هٽي سندس ڪلهي وارو هڏو ڀڃي ڇڏيو آهي. ”اهو جهيڙو ان رستي تان ٿيو، جيڪو بند نہ ڪرڻ لاءِ مون کين چيو تہ ابا رستو بند نہ ڪريو پر هنن مڃيو ئي ڪو نہ، ڇيائون تنهنجو ڇا وڃي! “ هن جهيڙي جو اصل سبب ٻڌايو. سندس همذات کوسن کي شايد نواز متعلق اهڙين ئي ڪا خبر ناهي جيئن هنن کي مسڪين جهان خان بابت ڪا ڄاڻ نہ هئي. اتفاق سان اهو پڻ سنگتي هو. کوسا ٻنهي کي چريو سمجهندا آهن. نواز کوسو اڄڪلهہ ان ڪري بہ پريشان آهي تہ حڪومت سندس من پسند ڊاڪٽرن ميوارام، سيتل، پريو ۽ شنڪر وغيرهہ کي بدلي ڪري ڇڏيو آهي. هو پنهنجي مخصوص انداز ۾ نون بدلي تي آيل ڊاڪٽرن لاءِ چوي ٿو تہ ”اهي ٻئراجي علائقن مان جهلجي آيا آهن، انهن کي آزاد ڪرايو ۽ اسان کي ساڳيا ڊاڪٽر ڏياريو.“ هو جنهن انداز ۽ جنهن سطح جو ماڻهو آهي تنهن سان ڪچهريون ڪرڻ لاءِ توهان کي ڪيئن ڏينهن کپن، باقي مختصر ڪچهريءَ ۾ تہ هو چئلينج ڪري ٿو تہ ”توهان الائي ڪهڙي مقصد سان آيا آهيو، الائي ڪهڙي موضوع تي ٻڌڻ چاهيو ٿا ؟“ نواز کوسو فوڪ وزڊم جڳ انڪري بہ اڻميو خزانو آهي جو ڪا بہ رواجي تعليم وٺڻ کانسواءِ هن کي مختلف مامرن تي ماهرن کان وڌيڪ ڄاڻ آهي. ڪيس پنهنجي ڳالهہ کي سليقي، اهميت ۽ ترتيب سان رکڻ جو فن آهي. هن جي پنهنجي مخصوص ٽرمنالاجي آهي جنهن ۾ هو آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ کي وراڻيو سڏي ٿو. فوجي حڪمرانن کي چڱا مڙس ۽ راشي ڪامورن کي ڏڪار سڏي ٿو. هو توهان کي پوري ٿر جو اهڙو تعارف ڪرائي سگهي ٿو، جيڪو ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ملڻ ۾ مشڪل


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهي "هتي سائين ٿن قسمن جا ماڻهو رهن ٿا. هڪڙا ڪجهه سرمائيدار پئسي وارا، ٻيا وچولي طبقي وارا جيڪي ٻارن ٻچن سميت ڏڪار وارن ڏينهن ۾ سنڌ لڏي وڃن ٿا. جتي ڪين مچر ڪائين ٿا. مليريا ٿئي ٿي، ٻار مرن ٿا ۽ سندن پيٽ وڌن ٿا." اهو نواز جي ڳالهه ڪرڻ جو هڪ انداز آهي. ڪارونجهر جي هڪ هڪ چوٽي سان منسوب سموريون ڪهاڻيون توهان کي ٻڌائي سگهي ٿو. هن ٽڪري تي ناهيل دڪي تي ڪرنل تروٽ ويهندو هو ۽ هن ٽڪري تي ڪولهين جي جهونجهار مڏو ڪولهي کي ماريو ويو هو. ڪيس لوڪ ڪهاڻيون اصل شڪل ۾ ياد آهن. اوهان کي مارئي جو قصو به مختصر ڪري ٻڌائيندو ته ڪيئن اندران ڪوري خالي چانهينءَ (هنداڻي) وارو طعنو پريو مهٽو ملڻ ڪانپوءِ مارئيءَ وڃي ڳوٺ ڏاڙريندرو، پڳي سر ۽ راجوڙي جي واٽ واري ته واٽي تي قائم کوه ۾ پاڻ اڇلائي آپگهات ڪيو هو. هن کي ته پراڻي دور واري ڊبل گهوڙو بوسڪي، مصري، سون ۽ چانورن جي مٽن جا اگهه به ائين ياد آهن جيئن سنڌ جي بمبئي کان عليحدگيءَ واري تاريخ. هو توهان کي ورهاڱي کان اڳ واري زماني جو خبرون به اهڙي تفصيل سان ٻڌائيندو جهڙيون موجوده حالتن بابت هن وقت آهن. هو هميشه پنهنجي جاڻ کي تازو توانو ڪندو رهي ٿو. هو هڪ ئي ساهيءَ ۾ ورهاڱي کان اڳ واري ننگر بابت ٻڌائي ٿو ته "اسان کان ڪڇ (ڪڇ يج عرف گجرات واري رياست) ٽيڪس نه وٺندي هئي. روزانو گجرات ڏانهن مير محمد جي ڊاج بس ويندي هئي. جنهن جڳهه ۾ پاڻ وينا آهيون، ان ۾ رات جو بس بيهندي هئي، جيڪا صبح جو گجرات ويندي هئي ۽ شام جو پاسينگر (مسافر) کڻي موٽندي هئي. تنهن زماني ۾ گجرات تائين چار روپيا ڀاڙو هو." هونئن نواز کوسو سپاهي طور سرڪاري نوڪري ۾ ڀرتي ٿيو ۽ جمعدار ٿي ريٽائر ڪيائين پر سندس سڃاڻپ سندس سگهڙائپ آهي.

بر ۾ وينل هن جهوني سان حسن مجتبي ۽ وسعت الله خان جهڙا رولاڪ صحافي به ايتري اڪير مان ملن ٿا، جيتري اهميت سان معين حيدر ۽ جاويد جبار جهڙا سياستدان ۽ حڪومتي ڪرتا ڌرتا ساڻس ملن ٿا. هو پنهنجي ڳالهين ۾ راين ۾ اهڙو غير سرڪاري صلاحڪار به هجي ٿو. جيڪو بنا پگهار وٺڻ جي مفيد مشورا ڏئي ٿو. هو توهان کي نهرو، گانڌي، جناح ۽ ڀٽي جا احوال ائين ٻڌائيندو جيئن ٿري لوڪ ڪهاڻيون هجن يا هندو ديوتائن بابت ڏند ڪٿائون. ڪبير جا دوها هجن يا ڀٽائي جا بيت. هو توهان کي مايوس نه ڪندو. ورهاڱي واري حالتن ۽ پوءِ وارين جنگين کي اکين سان ڏسندڙ نواز کوسو چوي ٿو ته ورهاڱو اکين سان ڏٺو. " 71 ع ۽ 65 ع وارين جنگين ۾ ڏيپلي ۽ چاچري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

وارن محاذن تان وڙهياسين. اسان کي 65 واري فتح جو پوت مغز ۾ هو انڪري 1971ع واري جنگ ۾ پنهنجو بچاءُ به نه ڪري سگهياسين.“

نواز ڪوسو هر ڳالهه جا توهان کي ايترا ننڍڙا تفصيل ٻه ٻڌائيندو، جيڪي شايد ڪتابن ۾ به لکيل نه هجن. هو چوي ٿو ته اسان وٽ هندو مسلم جو ڪو فرق ناهي. ويچارن مولوين ۽ ٻانيٽن (پنڊتن) گهڻي ئي ڪوشش ڪئي آهي پر اسين پاڻ ۾ ڪو نه ٿا وڙهون. هو ٿر جي ريتن رسمن بابت به ائين ٻڌائي ٿو جيئن هو ٿر جي مختلف حصن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولين جي لهجن بابت ٻڌائي ٿو ته ڪٿ گجراتي مکس پارڪري ڳالهائي وڃي ٿي ۽ ڪٿي ڍاٽڪي ڳالهائي وڃي ٿي. هو حڪومت پاران هنيل ڪنڌ ڀڳي زرعي ٽيڪس ۽ پاٽي ۽ جي ڪوٽ جا اصل سبب ٻڌائڻ کان پوءِ اسان سان افسوس ڪندي چوي ٿو ته ” جنهن سنڌ ٻيا ملڪ ٿي پاليا ۽ ٻاهريان ماڻهو اچي هتان ڪائي ويندا هئا ان کي ڪيترو نه نظرانداز ۽ ڪمزور ڪيو ويو آهي.“ هو چونڊ نظام کان به تبديلي نه اچڻ ڪري مايوس آهي. ”اسان ووٽ آخر ڪنهن کي ڇو ڏيون؟ اسان جن کي ووٽ ڏناسين انهن ڇا ڪيو؟ اسان جي ته ووٽن جو قدر ئي ناهي. اسان جو الله ڪانسواءِ ڪو به ڌڻي سائين ڪونهي.“ ٿرين جي سموري مايوسي سهيڙيندي هو چوي ٿو ( ڪجهه ساهي پٽڻ کان پوءِ ياد ڪندي چوي ٿو) ته ”باقي هڪڙو ماڻهو ( محمد خان ) جوڻيجو هو جنهن ملڪ جي حالت نيڪ ڪئي. باقي امداد ته ايڏانهن (مٿان ئي مٿان) ئي غريب (ڪامورا ڪڙا) ڪائي وڃن ٿا.“ هو طنز مان چوي ٿو.

سنڌ جي گورنر هائوس ۾ اڳوڻي گورنر معين حيدر کي چانهه تي مشورا ڏئي آيل هي جهونو موجوده حڪمرانن ۾ چڱا مڙس ڪوئيندي چوي ٿو ته ”چڱا مڙس آهن پنهنجي مرضي وارا، ڪنهن جي ٻڌن ئي ڪون، پر نظام هلائڻ کان اڳ ملڪ ۽ ماڻهن جي ڄاڻ هئڻ ڪپي.“ هن کي ڪچهريءَ جي شروعات ۾ ئي خبر پئجي ويئي هئي ته هو ڪنهن سان ڪچهري ڪري رهيو آهي ۽ ان جا مقصد يا دلچسپي ڪهڙن موضوعن ۾ آهي هو جيئن اين جي اوز وارن کي ڪارونجهر وٽ ڊيم ناهڻ جا مشورا ڏئي ٿو تيئن اسان (صحافين) کي چوي ٿو ته ”جيڪڏهن توهان سچ ثابت ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ توهان ۾ مڙسي آهي (اهو ڪم ڪرڻ جي) ته پوءِ توهان روپ مٿائي انتظاميا، عدليا، پوليس، صحت ۽ ٻين ڪاتن ۾ گهڙي ڏسو. انهن تي نظر وجهي ڏسو ته ڪيئن اسان ترقي جي راهه تي گامزن آهيون ۽ اسان جي ڪيتري نه مرحبائي ٿي رهي آهي. باقي اسان ڪهڙيون دانهون ڪريون. دانهن ٻڌڻ وارن صحابن تائين پهچڻ لاءِ پاڙو ته ڇڏيو، ڪائڻ لاءِ ماني به ڪونهي ته ڪهڙي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

داڻهن ڪريون. تنهن ڪري ئي حڪومت به اسان کي بيڪار (بي فائده) سمجهي سهولتون نٿي ڏئي. هن وٽ حڪمرانن کي چوڻ لاءِ تمام گهڻا مشور ا آهن پر ننگر پارڪر جي هن رٽائرڊ جمعدار جون بظاهر ”اجايون“ ڳالهيون ٻڌڻ جي ڪنهن کي وقت ئي ڪٿي آهي!

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ”ٿر ڄاٻيهو: يوسف فقير“

ٿر جا اهڙا ماڻهو بظاهر گمناميءَ جي زندگي گذارين ٿا، جن ۾ گهڻو ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي ٽيلينٽ هجي ٿو. اهو ٽيلينٽ توهان کي ٿر جي خوبصورت شهر نما ڳوٺ ڪاسٻي ۾ يوسف فقير نابين جي صورت ۾ ملي ويندو. جيڪو پنهنجي آلاپن کي ڳوڙهن ۾ پسائي ڪڍي ٿو. جيئن ٿر جو ٻاٻيهو پکي ڏکار وارن ڏينهن ۾ پاڻي نه هجڻ جو دانهون ڪري ڪري نيٺ ٿر ۾ ئي مري وڃي ٿو، تيئن هي ٿر جو ٻاٻيهي جهڙو راڳي راڳ آلاپي پنهنجي نڙي خشڪ ڪري ڇڏي ٿو. يوسف فقير ٽيهن پنجهٽين سالن جو اهڙو نابين نوجوان آهي، جنهن کي قدرت پرسوز آواز ته ڏنو آهي پر ان کي اجا گهڻي تربيت ۽ پالش ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪا ڪاسٻي ۾ ته شايد ڪيس ڪڏهن به نصيب نه ٿئي. مڱڻهار فقيرن جي گهر ۾ پيدا ٿيل هن نوجوان جي مائٽن شادي به ڪرائي ڇڏي آهي. جنهن مان ڪيس به ٽي ٻارڙا به پيدا ٿيا آهن. يوسف فقير نابين مختلف ڳوٺن ۾ وڃي محفلون ڪري پيٽ گذر جو بندوبست ڪري ٿو، جنهن ڪري هو عوامي فنڪار ته آهي پر ڪيس اجا سرڪاري مڃتا نه ملي سگهي آهي. مارئيءَ جي ميلي تي ثقافت کاتي واري سرڪار، سندس وظيفي جاري ڪرڻ جو اعلان به ڪيو هو پر ڪيس اجا وظيفو ملڻ جو انتظار آهي، شايد هن وقت ڪيس پيسن جي ان ڪري به ضرورت آهي جو سندس هارمونيم ٽٽي پيو آهي.

ڳائڻ سان گڏ بهترين هارمونيم وڄائيندڙ يوسف فقير ننڍي واري پاسي پنهنجي مائٽن جي گهر ۾ ترسيل هو ته اها ڪوٺي ڪري پئي، جنهن ۾ سندس هارمونيم پيل هو. هاڻي هو اڌار وارو هارمونيم وٺي ڳائي ٿو. ڳائڻ جو ان حد تائين عشق اٿس جو مارئي واري ميلي ۾ ڊسمبر جي سردين دوران به هو ڪاسٻي کان پالوا تائين هڪ ٻارڙي سان پنڌ آيو هو. مارئي جي حوالي سان هو ان ڪري هو ته جنهن مارئي کي هن ٿر جي پٽن ۽ ڳوٺن ۾ ڳايو آهي، ان جي ميلي مان غير حاضر ڪيئن رهي؟ ڪاسٻي ايندڙ ماڻهو ڪا اوطاق نه هجڻ جي صورت ۾ ڪيس پرياسي جي ٻنين ۾ وٺي وڃي به ڳارائين ٿا. خبر ناهي ته مظهر الاسلام کي يوسف فقير جي کهڙن آلاپن موهي وڌو هجي پر ٿرين کي ته هو مارواڙي ۽ گجراتي لوڪ گيت ڳائي روئاڙي وجهي ٿو، جنهن ۾ وڇوڙن جو درد وڻجارن کي نه وڃڻ يا ساڻ وٺي هلڻ جو عاجزانه اپيلون ٿيل آهن. يوسف فقير نابين توهان کي ٿر ۾ پٽڪندڙ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

مورن جي ٺهوڪن جي به موسيقيءَ واري معني ٻڌائيندو ته مور اصل ۾ ”مي آوءِ“ چون ٿا. مارواڙي ۾ مينهن کي ”مي“ ۽ اچڻ کي آوءِ چئون ٿا. تنهن ڪري يوسف فقير موجب اسان ته موسمي مينهن گهرون ٿا پر مور ته ٻاهروئي مينهن لاءِ پڪاريندا رهن ٿا، پر سندن آلاپن جو قدر نٿو ڪيو وڃي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ميلي جي موت: ٻڍو فقير

جيئن مني جي جهوني فنڪار ٻڍو فقير جو هاڻي ڪو قدر ناهي. هو چوي ٿو ته اسان هاڻي کهڻ واري ڊور جي اگهه تي پيا وڪامجون، اڄڪلهه ڏهڻ (ڪير ڏيڻ) واري ڊورن جو اگهه وڌيڪ آهي. ريڊيو ۽ ٽي وي تان ”قرب واري ڪئي ڪچهري سا منا وسري نٿي.“ جهڙا عوامي مقبوليت وارا ڪلام ڳائيندڙ ٻڍو فقير ڪنهن زماني ۾ اڄ کان وڌيڪ پاپولر هو پر جيئن هو چوي ٿو ته ڳائڻ بيوفا فن آهي جيڪو مقبوليت تائين وفا ڪري ٿو.

شوق ۽ خانداني ڪرت سبب ٻڍي فقير 16 سالن کان راڳ جي سکيا، مراد فقير کان وٺڻ شروع ڪئي ۽ پراڻي دور جي شاعرن کي وڌيڪ ڳايو. هو چوي ٿو ته ٿر ۾ اڄان به فنڪارن کي موٽ ملي ٿي، ڪٿي به محفل ڪرڻ وڃون ته ٻڪري نڪري ڏيئي ڇڏين ٿا. ڳوٺن ۾ راسوڙا ۽ پٽائي جون وايون گهٽيون ٻڌيون وڃن ٿيون. شايد پٽائي ترين جو درد جو وڌيڪ بهتر نموني اظهار ڪري سگهيو آهي. ٻڍي فقير کي هڪ ئي شادي مان چار پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن. اهو سڄو عيال هو ڳائڻ ذريعي پالي ٿو. فن جي بيوفائيءَ جو شڪايتون ڪرڻ باوجود جڏهن ڪانئس پيرسنيءَ ۾ ڪنهن پڇتاءَ متعلق پڇجي ٿو ته هو چوي ٿو ”ڳائڻ سان ڪهڙو پڇتاءَ، سچي ڳالهه ته اها آهي ته جڏهن برسات پوندي آهي ته بيمار هوندي به کٽ تي پيو هوندس تڏهن به جهونگاريندو رهندو آهيان.“ جڏهن ڪانئس راڳين پاران برساتون وسرائڻ وارن معجزن بابت پڇجي ٿو ته هو مزاحيه انداز ۾ ڳالهه ڪري ٿو ته ”اهي زمانا ئي ويا، هاڻي ته سڄو سال ميگهه ملهار ڳايوسين پر برسات جو نالو نشان ئي ظاهر ڪو نه هو الٽو اهڙو اڇي ڏڪار پيو جو 15 روپين ۾ ٻڪري پيون وڪامجن.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# هڪ غير رسمي پروفائيل

اها خبر تہ سنڌ جي ستن ضلعن ۾ پکڙيل سندس محدود سنگتين کي بہ اجان مڪمل طور پئجي نہ سگھي آهي تہ گذريل جولاءِ ۾ پنهنجي پنجهٽين سالگرهہ جي موقعي تي هن آخر ڇو خودڪشي ڪري ڇڏي! سندس خواهش جي ابتڙ سندس خودڪشي ۽ واري خبر شهر ۾ جهنگ جي باهہ جيان ڪو نہ پکڙي هئي ۽ نہ ئي سندس ڪنهن پراڻي چاهيندڙ آهہ ڀري اهو ڊائيلاگ هنيو هو تہ ”اف! ڇري ڇوڪري خودڪشيءَ ڪري ڇڏي.“سدائين پنهنجي اميراڻي سنگت تي نازان رهندڙ ان هنيلي ڇوڪري جو موت وڙي اهڙي غربت ۾ ٿيو جو اسپتال ۾ سندس لاش تي بہ ڳوڙها ڳاڙڻ تہ ڇڏيو سندس پيشاني تي پيار ڀري آخري چمي ڏيڻ وارو بہ ڪو موجود ڪو نہ هو. سندس شاعر دوست جي اڳڪتي هئي تہ ان منهن جي معصوم ۽ اندر جي پٿر تي ويل ڇوڪريءَ جي موت تي گهٽو نہ تڏهن بہ هڪ ڪڪري ضروري وسندي پر ان ڏينهن شهر ۾ شديد گرمي هئي. سدائين وڏين گاڏين جي تمنا رکندڙ اها ڇوڪري جڏهن پنهنجي ننڍڙي فليٽ ۾ حد ڪان وڌيڪ زهريليون گوريون کائي مري وئي تہ سندس لاش کڻڻ بہ هڪ ننڍڙي ايمبولينس آئي هئي.

هونئن تہ هوءَ پاڻ بہ هڪ اهڙي غريب جو اولاد هئي جنهن سان هوءَ هوش ۾ هوندي نهندي ڪو نہ هئي پر جڏهن انهن غريب والدين ڪان ڏور ڪنهن امير شخص سان بليڪ ڊاگ شيئر ڪندي هئي تہ هوءَ ٿڙڪندڙ لهجي ۾ اهو ضرور چوندي هئي تہ ”آءِ ايم پرائوڊ آف ماءِ فادر.“ هو پنهنجي ان پيءُ تي لفظي فخر ڪندي هئي جنهن جي ڀائيٽي سان شادي ڪان انڪار هن وڏي حقارت واري لهجي ۾ ڪندي چيو هو ”مان هن جٽ جي پٽ سان شادي ڪنديس جنهنجي ڪا حيثيث ڪو مستقبل ناهي. جيڪو سڄي حياتي ريل جي آڏو بتيون جهليو بينو هوندو! “ سندس سئوٽ ريلوي ۾ معمولي ملازم هو ۽ هوءَ ان دور ۾ وڏا خواب رکندڙ انقلابي اڳواڻ تي ڀيئي هئي. هوءَ لاڙ جي ڳوٺن ۾ وجي ڳيچ ڳائي عورتن کي جاڳائڻ وارو جنون تڏهن وساري ويني جڏهن هڪ ايم اين اي جي پٽ سندس تقريرون ٻڌي ۽ ڪيس ٽينس کيڏندي ڏسيءَ شادي جي آڇ ڪئي هئي. سندس رضامنديءَ سان ٿيل ان مڱڻي جي رسم ڪنهن شاهي وليمي ڪان گهٽ ڪو نہ هئي پر سندس ضدي طبيعت اهو مڱڻو ٽوڙايو جنهن جي رسم واري وڊيو ڪيسٽ هوءَ آخر تائين پاڻ سان گڏ رکندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏسندي رهندي هئي. ” هو ڏاڍي ضدي طبيعت واري هئي. هن جو پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن سان بہ پيار نہ هو. ان خود غرضي ڪيس وڏا عذاب بہ ڏنا پر هن پاڻ کي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تبديل نہ ڪيو ۽ ٿتي پئي.“ سندس شڪارپوري دوست ٻڌايو جيڪو اڪيلائيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ساڻس ملڻ آيو هو تہ هن ڳتا لفظ ڳالهائي ڪيس گهران ڪڍي ڇڏيو هو. ڪنهن شاعر جي مغرور محبوبا رهيل اها ڇوڪري پنهنجي پائرن ۽ پيئرن جي اثر سبب ڪڏهن ڪڏهن شاعري بہ ڪري وٺندي هئي پر جڏهن ايم اين اي جي پٽ ڪان سندس مڱڻو ٽٽو تہ هن وجي پڳت ڪنور جي قتل واري جاءِ وسائي ۽ پنهنجي ڊائريءَ ۾ شاعري بدران ان شڪارپوريءَ جاني جا قصا لکڻ لڳي جنهن ڪيس شادي جو پڪو آسرو ڏنو هو. ”شادي ڪان اڳواٽ ئي جيڪڏهن توهان زال مڙس ٿي زندگيءَ گذاريو تہ هڪ شادي شده مرد اهڙي عورت سان آخر شادي ڇو ڪندو ؟“ سندس تعلق ڪان واقف ان لکي غلام شاه جي هڪ ماستر ٻڌايو جتي ان مغرور ڇوڪريءَ بس ۾ ڇتائي ڏسندڙ ڪي پونڊو ڏنو هو ۽ هن بہ لهڻ ڪانپوءِ دري وٽان اڇي ڪيس امانت موٽائي ڏني هئي.

پرفيوم جون خالي شيشون پنهنجي ڊريسنگ ٽيبل تي شوق سان سجائيندڙ اها ڇوڪري جيتوڻيڪ آخري ڏينهن پاڻ بہ ”اوپيم“ جي خالي شيشي ٻڄي ويئي هئي پر سندس حياتيءَ جي ويهين ورهين ڪان پوءِ هر پل ۾ ڪيئي افسانا لکل هئا. مرداڻو مزاج رکندڙ اها ڇوڪري هر اهو ايڊونچر ڪرڻ جو رسڪ ڪٽندي هئي، جيڪو هوءَ ڪنهن جي واتان ٻڌندي يا اسڪرين تي ڏسندي ۽ ڪنهن رسالي ۾ پڙهندي هئي. اسڪولي زماني ڪان ئي متس مرداڻو مزاج حاوي هو. جنهنڪريءَ هوءَ ڇوڪرن جيان ڪڏهن ڪڏهن فحش حرڪتون بہ ڪندي هئي. پنهنجي پائيٽن ۽ پاڻيجن جي طهرن تي بہ هن وڏا فحش چرچا ناهيا. ڇوڪرا وٽي ڪيس چوندا هئا ”آپي توهان صفا بي شرم ٿي ويا آهيو.“ ” مهرباني ڪري هن ڪي ڪا انقلابڻ يا شاعره ڪري پيش نہ ڪريو. اهو اسان جي نياڻين تي ظلم ٿيندو. هوءَ هڪ چري ڇوڪري هئي جنهن ڪي دماغ ۾ الاهي خلل هئا. اهي دماغي خلل هوءَ پاڻ نہ سلجهائي سگهي ۽ وجي اونداهيءَ ڪڏ ۾ ڪري تہ ان ۾ ٻئي ڪنهنجو ڪهڙو ڏوه ٿي سگهي ٿو!“ خيرپور جي هڪ استاد چيو جنهن جي شادي شده دوست سان ان پهرين باقاعده شادي ڪئي هئي ۽ اها شادي ويهن ڏينهن ۾ ٽوڙي هن خلع جي درخواست ڏيئي ڇڏي هئي. ”هن ڪيس هر آسائش بنگلو، گاڏي، ڪپڙا، زيور، ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ ڏنو، جنهنجو هن قدر نہ ڪيو ڇو تہ هو جنسي مريض هئي ۽ اهڙو پورائو تہ اڌڙوٽ عمر وارو پروفيسر مشڪل سان ئي ڪري سگهي ٿو.“ سندس اڳوڻي مڙس جي دوست ٻڌايو. سندس طلاق هڪ ماڊرن جرڳي ۾ ٿئي هئي جتي سندس اڳوڻي مڙس جڏهن اها دانهن ڪئي تہ مان ڪيس شريف ڇوڪري سمجهي آندو پر بيڊ روم اندر هوءَ ڪال گرل ٿي بيهي رهي تہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هن تپي باهه ٽيندي پرئي فيصلي ۾ اتي بيهي، پنهنجي اڳوڻي مڙس کي چيو هو ”پهرين رات ئي پني ڏئي سمهي پئي هيس ۽ ٻئي ڏينهن ٽري ايڪس فلمون تو آنديون هيون يا مان ؟“ اهو فيصلو ڊيگهه وٺندو پئي ويو جنهن جي خاتمي لاءِ هن وچي هڪ سي ايس پي آفيسر سان سندس سرڪاري گهر تي هفتو کن ”ڪمپني“ ڪئي ۽ حق مهر سميت طلاق وٺي اچي ڪراچي وسائي پنهنجي خودغرضي، ضدي، چيڙاڪيءَ سبب جڏهن هوءَ ايڏا اهم فيصلا به پاڻ ڪرڻ لڳي ته سندس سلجهيل پائرن ۽ پينرن سميت سيني مائٽن به جڻ ته ڪيس دلين تان لاهي ڇڏيو. نه رڳو دلين تان لاهي ڇڏيو پر پنهنجي گهرن ۾ به ڪيس اهڙي مهمان جي حيثيت ڏئي ڇڏي جنهن مان بيزار به هججي ۽ ڪيس گهر اچڻ کان منع به نه ڪري سگهجي.“ ماڻهو اجايو ٽا چون ته هوءَ ڪنهن سان پيار نه ڪندي هئي هوءَ ته پنهنجي ان پائيٽي سان به ڏاڍو پيار ڪندي هئي جنهن کي پنج سال ته هن پاليو پر سندس پاڄائي آخري سالن ۾ هن جي ساٿس ملڻ تي پاپندي هٽي ڇڏي.“ هوءَ تمام نفيس ۽ اهڙي حساس هئي جنهن کي جڏهن سندس نندي پيڻ اهو جملو چيو ته ” آپي توهان وري شادي ڪندو؟ ته هوءَ روئي پئي هئي.“ ساٿس همدري رکندڙ هڪ شاعر چيو جنهن کيس شاعريءَ جا ڪتاب تحفي طور ڏئي پڇتايو هو ڇو ته ڪيس وهم رهندو آيو ته هن جنهن به ڇوڪري کي تحفي ۾ ڪتاب ڏنا هئا ان ساٿس وفا نه ڪئي هئي. ايئن ئي هيءَ هنيلي ڇوڪري به سندس تحفي وارا ڪتاب ڪٽي اهڙو ته گم ٿي وئي جو وري نه ڪيس ملي سگهي. ڪجهه مهينا اڳ ڪراچيءَ جي هڪ ايراني ڪيفي ۾ ان شاعر سميت ڪجهه اهڙن اوپرن ماڻهن جي پاڻ ۾ اوچتي ملاقات ٿي وئي جيڪي سمورا ڪجهه گهڙين کان پوءِ ان هنيلي ڇوڪري جا اڳوڻا سنگتي نڪري پيا.“ هن کي سيڪس جي وڏي بک هئي. هوءَ مردن وانگر بي واچ، ايم ٽي وي جا گرئنڊ شو ۽ ٽري ايڪس فلمون شوق سان ڏسندي هئي. پر سندس سيڪس بليڪ ليبل سان مشروط هئي جيڪا مهانگي پوندي هئي.“ ان ڪچهريءَ رتوديرو جي اڳوڻي ايس ڊي او ٻڌايو ۽ اهو به چيو ته هوءَ پنهنجي تعلق به سنڌي مردن سان رکندي هئي ۽ گاريون به انهن کي ڏيندي هئي ته اهي ماڊرن ٻڌجي ويل سنڌي ڇوڪرين کي انڪريج نٿا ڪن. پريان وينل هڪ انسپيڪٽر ڪين چيو ته اها شڪايت ڪيس ان بلڊر کان نه هجڻ کپي ها جنهن نه رڳو ڪيس انڪريج ڪيو پر هو ڪيس وڏيڪ ماڊرن ٻڻائڻ لاءِ هانگ ڪانگ به وٺي ويو هو، جتان ڪيس پنهنجي جسم تي هاريل پيگ پيارڻ کان وٺي بريسٽ مساج تائين سڀ ٽريننگون ڏياري آيو پر واپسي جي ٻن مهينن دوران ئي هن ساٿس جهيڙو ڪري عليحدگي اختيار ڪئي. ايراني ڪيفيءَ واري ڪچهري ۾ وينل سنڌي شاعر ڏاڍو مايوس



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تي ويو ۽ هن ان ڇوڪري جو دفاع ڪرڻ شروع ڪيو جيڪا هن کي لکيل خطن ۾ سدائين پاڻ کي نالائق محبوبا لکندي هئي. هن دفاعي تقرير ڪندي چيو تہ ” مرداڻي سماج ۾ هڪ اڪيلي ۽ بيوس ڇوڪريءَ لاءِ توهان عذاب پيدا ڪيا آهن ۽ ڪيس ڦاسائڻ لاءِ ڄار وڇايا. هوءَ تہ هميشہ چوندي هئي تہ:

جسي جب تک ملي دل سي هي ملي
دل جو بدلا تو فسانا بدلا

توهان سڀني سان هوءَ جيترو وقت تعلق ۾ رهي توهان کي چاهت ڏنائين هاڻي ان جي مٿي پڇاڻان گلا ڪرڻ سني ڳالھہ ناهي چو تہ هوءَ تہ ان شعر وانگيان هئي تہ:

ڪچ طبيعت هي ملي تي ايسي،
ڪہ چين سي جيني کي صورت نہ هوئي
جسي چاها اسي اپنا نہ سکي
اور جو ملا اس سي محبت نہ هوئي

پر حساس دل شاعر کي اڃان بہ يقين نہ اچي تہ سندس نالائق محبوبا آخري سالن دوران صفا نالائق ٿي ويئي ۽ ايتري تائين جو ڪال گرل ڪان سپلائير ٿيڻ وارا ايڊونچر بہ ڪري ڏنائين ۽ ايئن سندس اکيون پيسن جي چمڪ ۾ انڌائپ جي حد تائين پورجي ويون. هوءَ موبائيل ڪڻي اهڙي تہ فاتحانہ انداز سان پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهندي هئي تہ ڄڻ تہ دنيا فتح ڪري موٽي هجي.

هن ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ نوابشاهہ ۾ معمولي پگهارن تي ڪم ڪندڙ نوجوان ڇوڪرين کي لالچائي بينڪن جيان ”خوشحالي پيڪيجز“ ڏيڻ شروع ڪيا. سندس اهڙن پيڪيجز مان ڪيترين ئي ڇوڪريون پنهنجي جدا فليٽ جو مالڪ بڻجي ويون ۽ ڪجھہ پنهنجي پيئرن جون شاديون ڪرائي سگهيون، پر سندس شادي نہ ٿيڻي هئي سان نہ ٿي سگهي. هو هر اجنبيءَ سان ان آس تي تعلق رکندي هئي تہ هو ساڻس شادي ڪندو پر اڳتي هلي هو يا تہ شادي شده نڪري پوندو هو يا صفا ڪنگلو. پنهنجي رهائش جي هڪ خاص اسٽيٽس کي برقرار رکڻ لاءِ هوءَ گهڻ محنت ۽ وڌيڪ پيسا ڪمائڻ واري پاليسي اختيار ڪرڻ لڳي. پيسا تہ وٽس اچي ويا، پر هوءَ انهن پيسن هوندي بہ غريب ٿي وئي. سندس ڪو اهڙو تعلق نہ رهيو جنهن کي هو دوست چوي ۽ سندس هنج ۾ منهن رکي روئي سگهي. ”مان ڏاڍو رني آهيان بس هاڻي وڌيڪ روئڻ مون ڇڏي ڏنو آهي.“ هڪ روئيندڙ دوست ڪان جدا ٿيندي هن چيو هو، جنهن ڪيس ياد ڏياريو تہ تيار ٿيڻ مهل


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پرفيوم هٽي ”سهڻا تيار ڪري ته موڪليانءِ “ وارو جملو به تو چيو هو ۽ ڪيئن بنگلي جي لان ۾ ستي چنڊ پيارو لڳو هو. پر هوءَ انهن حسين منظرن جي منڪر ٿي ڪيس هميشه لاءِ ڇڏي هلي وئي هئي. آخري ڏينهن ۾ هن پنهنجي هڪ اردو ڳالهائيندڙ صحافي دوست کي ٻڌايو هو ته مون کي منافقي نه وڻندي آهي ۽ سنڌي مردن ۾ وڏي منافقي آهي انڪري هاڻي فيصلو ڪيو اٿم ته ڪنهن به سنڌي مرد سان شادي نه ڪندم. سندس صحافي دوست پاران پڇڻ ته هن ڪيس ٻڌايو ته مان پنهنجي ٻولي وڃائڻ وارو ايڊونچر صرف سنڌي مردن جي ڏنل ڏوڪن سبب ڪري رهي آهيان ۽ جنهن جو ڏک به آهي. منهنجي خوابن جو شهزادو پشتو اسپيڪنگ هوندو. پنهنجي چپ اسٽڪ کي پنهنجو فيڊر سمجهي سدائين سيرانديءَ رکندڙ بي چين روح واري ڇوڪريءَ کي ڪٿي به سڪون نه ملي سگهيو. هوءَ ڀٽائي جي درگاهه تي وڃي فقيرن جي آلاپن جون ڪيسٽون رڪارڊ ڪرائي آئي. پر حياتي ۾ هر بار ڪيس ”رهجي“ وڃڻ جو احساس شديد ٿيندو رهيو، هو ڪڏهن پاڻ کي شفقت کان رهجي ويل ڪڏهن محبت کان رهجي ويل سمجهندي رهي. ڪڏهن پيسن کان رهجي ويل ته ڪڏهن اسٽيشن کان رهجي ويل سمجهندي رهي. هن گهڻو ئي مخالف رخ ۾ صرف اهو تاثر ڏيڻ لاءِ سفر ڪيو ته ڏسو مان رهجي نه وئي آهيان پر هوءَ زماني کان پوئتي ئي رهجي وئي.

هن جيتوڻيڪ پنهنجي عملن ۾ بداخلاقيءَ جي حد تائين پاڻ کي ماڊرن بڻائي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته هوءَ زماني کان به اڳتي آهي پر پوءِ به قسمت جي هٿ مان برپٽن ۾ ڇڏائجي ويل ڪنهن نازڪ ٻج جيان رهجي وئي جيڪو موافق موسم نه هجڻ ڪري سڙي سڪي لتجي ويو. ٿوري ڦير گهير سان هوءَ خشونت جي ناول وارو موهن ڪمار به ٿي سگهي ٿي پر سندس پياڪ دوست جيئن ماهوار گيدرنگ ۾ جام سندس نالي ڪن ٿا، ايئن هوءَ گراهم واري ناول ”اينڊ آف دي افيئر“ جي هيروئن به ٿي وڃي ٿي. هوءَ گهڻن ئي سنگتين جي يادن مان هاڻي ڪسڪندي پئي وڃي پر اهو شاعر ته شهر جي گهٽين ۾ آوارا عاشقن جيان اجان به گل ڪٽي گهمندو رهي ٿو جنهن کي سندس نالائق محبوبا جي قبر جو به ڪو پتو نٿو ٻڌائي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڌاڙيل ماري سکون جي ننڊ سمهندڙ شخص

هونئن تہ نئون ڳوٺ ۾ اڄڪلهہ هو عام رواجي ڪان بہ هيناهين ڪمسپرسيءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي، پر انهن ڏينهن ۾ وارث سولنگيءَ جي وڏي هاڪ هوندي هئي، جڏهن سنڌ اندر ڌاڙيلن جون ڪاروايون پنهنجي عروج تي هونديون هيون. ڌاڙيلن خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪرڻ کان اڳ فوجي اهلڪار وارث سولنگيءَ سان مشورو ضرور ڪندا هئا، جيڪو لاڙڪاڻي، دادو ۽ نوشهرو فيروز ضلعن جي ڪچي وارن علائقن ۾ رهندڙ ڌاڙيلن لاءِ موت جو ٻيو نالو هوندو هو، جنهن ڪري ڏوهاري ماڻهن مٿس وارث خچر جو نالو رکي ڇڏيو هئو. شروع ۾ وارث پاڻ بہ سنهيون سڪيون چوريون ڪندو هو ۽ ڊڳيءَ ٻڪري جو چور هوندو هو، پر ماڻهو مارڻ کان ڪيس ڊپ لڳندو هو. ”پر ڪچي ۾ ڌاڙيل جڏهن ماڻهو ماري ڇڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن لاشن کي گم ڪرڻ واري ڊيوٽي بہ مون تي رکندا هئا تہ مئل ماڻهن جا نڪتل ميجالا ڪٽندي ڏاڍي نفرت ٿيندي هئي.“ وارث ٻڌائي ٿو. اهڙين وارداتن کان ڇڙيل وارث کي جڏهن دادو پوليس پهريان پيريءَ طور پاڻ سان ڪنيو تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو. سندس ڪارگردگي سني ڏسي 1986ع ۾ ڪيس باقاعده پيري سپاهي طور پرتي ڪيو ويو. اهو زمانو ڌاڙيلن جي عروج وارو هو ۽ پوليس توڙي فوج ڪچي وارو بند بہ اڪري نہ سگهندي هئي. پر وارث ڪچي ۾ ئي نہ رڳو رهندو هو. پر ڌاڙيلن جا پيرا ڪڍي ڪين اڪيلي سر يا ساٿي سپاهين سان گڏ ماريندو هو، انهن ڏينهن کي ساريندي هو چوي ٿو تہ ”هٿيار ڪڍي راتين جون راتيون ڌاڙيلن پويان هليو ويندو هئس.“ ان دور ۾ ڌاڙيلن جي ڪاروايئن سبب ڪچي توڙي پڪي وارن علائقن ۾ ايترو نہ ڏهڪاءُ پکڙيل هوندو هو جو نئين ڳوٺ ۾ آپريشن لاءِ آيل اهلڪار گهرن ۽ مسجدن جي ڇتين تي چڙهي ويهندا هئا ۽ بقول هڪ ڳوناٽي جي تہ ڪچي واري بند کان پريان ٻيهي پڇندا هئا” ڪچي ۾ پري (پرو چانديو) آيا هي ڪيا؟“ اهڙي ڏهڪاءُ واري دور ۾ ڪچي جو ٿاڻو سنڀالڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ڀانيو ويندو هو ۽ ڪو بہ آفيسر اهڙي مقرريءَ کان استعيفي کي ترجيح ڏيندو هو. اهڙي صورتحال کي ڏسندي تڏهوڪن پوليس ۽ فوجي آفيسرن اٽيڙهيل وارث کي ترقي ڏياري اي ايس آءَ ڪرايو ۽ ڪيس نئون ڳوٺ ٿاڻي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. ” ان دور ۾ سوين گوليون ڪڍي ڌاڙيلن جي پويان اڪيلو بہ نڪري پوندو هئس.“ جهونو ٿي ويل وارث ٻڌائي ٿو. هو چوي ٿو تہ ” پنهنجي ان نوڪري دوران پورا سوء ڌاڙيل مئا هئم. ڪو بہ اڪيلو ڌاڙيل نہ ماريندو هئس.“ هو انهن ٽولن جا نالا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڄاڻائيندي چوي ٿو ته "ماڪوڙي ڏاڙيل جو ٽولو، حيدرو چانديو وارو ٽولو، ديدار پتافي، جوسو سيال، عرس ۽ نبو جوڻيجي وارا ٽولا مون ختم ڪيا باقي ته منٺي ڏاڙيل کي گرفتار ڪرايو. اهڙين ڪاروائين سبب ڏاڙيلن منهنجي سر تي 15 لک روپيا انعام رکيو هو. پر جيئن ته ڪنهن بيگناهه کي نه ماريو هو ۽ قرآن شريف جو ڪنل آهيان، ان ڪري بچايو به انهن قرآنن آهي." ڏاڙيلن خلاف آپريشن واري دور ۾ وارث ڪرنل باجواهه، ڪرنل مشتاق، ڪرنل مغل، ڪرنل ذوالفقار ۽ ڪرنل زاهد جهڙن فوجي عملدارن سان گڏ ڪم ڪيو ۽ سندس ڳوٺ ۾ اچا به اها ڳالهه وڏي طمطراق سان ڪئي ويندي آهي ته "وارث جو زمانو هوندو هو ته همراهه هيليڪاپٽر ۾ گهمندو هو." آپريشن دوران ڪجهه آفيسرن پاران وارث کي هيليڪاپٽر ۾ ڪٽي وجڻ ۽ ڇڏي اچڻ ڪان پوءِ اهي ڳالهيون مشهور ٿيون. ان دور ۾ ڪچي جي سونهون هجڻ ڪري سندس چوڻ آڪڻ به گهڻو هلندو هو، جنهن لاءِ هو چوي ته اهو ڏاڙيل هوندو هو ۽ جنهن لاءِ وارث چوي اهو بيگناهه هوندو هو. ان دور ۾ ڪانئس ڪيترين ئي غلطيون به ٿيون هونديون. پر هو چوي ٿو ته "مان بيگناهن کي نه اجايو ڪيسن ۾ ڦاسائيندو هئس ۽ نه ئي ڏاڙيلن جي مائٽن کي ڪجهه چوندو هئس." پر ماڻهو چون ٿا ته وارث ڪجهه غلط ماڻهن کي به ڦاسرايو هو ۽ ڪجهه ڏوهي ماڻهن کان پيسا وٺي ڪين آزاد ڪرايو هو. وارث چوي ٿو ته " پيسا مان ڪنهن ڪان ڪو نه وٺندو هئس، باقي ماريل ڏاڙيلن کي پاتل سون ۽ انهن جا پيسا ضرور ڪٽندو هئس." ان دور جي ۽ هاڻوڪي دور جي وارث سولنگيءَ ۾ وڏو فرق آهي " نئون ڳوٺ کان ايندي ٽيڪسي ڊرائيور ٻڌايو، جنهن جو چوڻ هو ته اڳ ۾ وارث کي هٿيار ڪلهن ۾ هوندا هئا، پر سون ۽ پيسا به ججها ساڻ هوندا هئس.

هاڻي خبر ناهي ڪير اجا تائين ڪيس بددعائن ۾ ياد رکيون ٿو اچي جو وارث ڏاڍو هيٺو ۽ ويچارو ٿي پيو آهي. پوليس سندس پروموشن رد ڪري ڪيس پيهر سپاهي بڻائي ڇڏيو آهي ۽ تازو جڏهن گيسٽرو وگهي بيمار ٿي پيو ته سندس گهر ۾ علاج جيترا به پيسا نه هئا ۽ سندس پٽن نئين ڳوٺ مان چندو ڪري سندس علاج ڪرايو. هوڏانهن ڏاڙيلن جا ساٿي پڻ سندس پويان ڦرندا وتن ٿا. ڪجهه ڏاڙيلن ڪيس نئون ڳوٺ جي سيلون ۾ ئي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ هو پاڻ چوي ٿو ته " تازو ڏاڙيل نبو جوڻيجي جا مائٽ به مارڻ آيا هئا، پر بچي ويس." پريشانين ۾ گهيريل ۽ پيرسني طرف تيزي سان ويندڙ وارث ٻڌائي ٿو ته "ٻچن جي بيروزگاري به ڪريڪ (چريو) ڪري وڌو آهي. ابي جي جاءِ ۾ پائر گڏ رهندا آهيون، پر هاڻي اهي به گهر مان تڙي ڪين ٿا، ڪيڏانهن وڃان." وارث جون ٻه


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

شاديون ٿيل آهن، سندس اولاد جو تعداد نو آهي. هو پنهنجي عملن تي پشيمان ناهي پر پنهنجي پوليس ڪاتي ڪي ڇڻ ته پاراتا ڏئي ٿو جيڪو سندس واهر نٿو ڪري. هن ڪي اهو به ڏک آهي ته ڏکين وقتن ۾ اهي پوليس ۽ فوجي آفيسر ڪيس ڇڏي ويا آهن، جن سان گڏجي هن سر ڌڙ جي بازي لڳائي ڌاڙيل ماريا هئا.

وارث ڪي ته پلي اهو ارمان هجي ته سندس " قربانين" عيوض سندس مالي سهائتا نٿي ٿئي، پر نئون ڳوٺ ۽ آسپاس ۾ اهو چرچو عام آهي ته وارث پنهنجي حيثيث پاڻ وڃائي آهي. پنجن ڪان وڌيڪ ماڻهن سان ڪيل ڪچهرين مان پتو پيو ته وارث جڏهن حيثيث ۽ پيسو هوندو هو تڏهن همراهه جوا ۽ رنڊي بازي جي علت ڪان ٻاهر نه ويندو هو، تنهن ڪري سندس سمورا ڪمايل ڏوڪڙ انهي ٻنهي عادتن ۾ دڦ ٿي ويندا هئا. ڌاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ دوستي، دشمني جي پل جهڙي عجيب ڪردار ڪان جڏهن ان باري ۾ پڇجي ٿو ته ظاهر آهي هو نهڪار ۾ جواب ڏئي ٿو، پر انٽرويو ڪان پوءِ جڏهن هادي سندس ٻيهر فوٽو ڪڍڻ وڃي ٿو ته هو ان حالت ۾ به هڪ اهڙي عورت سان وينل ئي ملي ٿو، جنهن سان گڏ هو فوٽو ڪڍائڻ گوارا نٿو ڪري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# حصو ٺيون :
# رولاڪيون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# گاجي شاھ : جبل ۾ جنن ۽ عاشقن جو آستانو

” الا توھار.... الا توھار“ عورتاڻي آواز ۾ اونداھي رات جو اھي ھڪلون اسان تڏھن ٻڌيون جڏھن بدي جبل پرسان ھڪ ٽڪري تي اڏيل گاجي شاھ جي مزار طرف تمام وڏي رش ۾ ڌڪبا وڃي رھيا ھئاسين. مزار اڃا ڪجھ ڏاڪا مٿي ھئي پر ھيٺانھين واري قبرستان ۾ ٿي ھر طرف سرندي، ٻينن ۽ الا توھار جي آواز کي ٻڌي اسان مٿي ويندڙ ھيٺ لهندڙ ماڻھن واري وھڪري کان ڌار ٿي ھڪ ڪونڙيءَ جي در وٽ ٿي بيٺل ماڻھن جي رش کي چيريندي اندر وياسين تہ ڏاڙھي، مڇن ۽ پٽڪي واري ھڪ ھمراھ جي جھوليءَ ۾ سرندو نظر آيو، جيڪو پنھنجي ٻينن واري ساٿيءَ سان گڏ وڄائي رھيو ھو، جيڪو پڻ ساڳي شبيھ جو ھو. وڏن چوٽن واريون ٻہ اڌڙوٽ عمر جو عورتون انھن سروزائين (سازندن) اڳيان ڏاڍي تيز رفتاريءَ سان ڪنڌ ( لھر) ھڻي رھيون ھيون، جنھن کي اھي فقير موج ڪرڻ چئي رھيا ھئا. سندن ھڪ ٻيو ڪارو رنگ ڪيل ڏاڙھيءَ وارو ساٿي ساوا ڌاڳا پڙھي ”جن“ ورتل عورتن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي رھيو ھو. ڌاڳن واري روشن فقير جي پنھنجي ڳچيءَ ۾ ڪاري چادر ( لوئي) پيل ھئي. ( جنھن کي ھو آڌي چون ٿا) جنھن جا نعرا ھڻي رھيو ھو. روشن فقير سڄي ڪمري ۾ ڦري رھيو ھو ۽ ڪنڌ ھڻڻ جي انتظار ۾ قطارون ناھي وينل عورتن جي مائٽن کي اھو چئي تسلي ڏئي رھيو ھو تہ ھي موج ڪري ونن پوءِ توھان جو وارو آھي. پنھنجا فوٽو وڏي شوق سان ڪيرائيندڙ ان فقير جھڙا ڪي ٿورا خوشنصيب ھئا، جن کي اڳواٽ بڪنگ تحت محفل ڪرڻ لاءِ اھي ڪونڙيون مليل ويون ھيون، نہ تہ سون جي تعداد ۾ اھڙا فقير گاجي شاھ جي مزار جي آسپاس توڙي ھيٺيئن قبرستان ۾ پنھنجيون چوڪڙيون ڪلي آسمان ھيٺ ھڻي تمام ڏورانھين ھنڌن تان ڪاڇي جا بيڪار ترين رستا پار ڪري آيل چيلين ۽ چيلن جا جن ڪڍي رھيا ھئا.

( چيلي جن ورتل عورت ۽ چيلو جن ورتل مرد کي چون ٿا). ”گاجن سائين جنن جو بادشاھ آھي، ھتي ھر جن ٻارھو (ٻارھين مھيني) اچي موج ضرور ڪندو آھي.“ اڇي ڏاڙھيءَ واري جھوني جنائي فقير ابراھيم شاھ ٻڌايو. قبرن وچ ۾ چوڪڙي ناھي وينل سندن سروزائي ساٿين اڳيان ھڪ نوجوان ڇوڪري ڳھٽي وقت کان پنھنجي وڏن ۽ ڪليل وارن کي ڦيرائي لھر ھڻي رھي ھئي. سندس پويان موج ڪرڻ جي انتظار ۾ ڪيتريون ئي عورتون پنھنجيون ڳتون (چوٽا) کولي وينيون ھلڪا ھلڪا ڪنڌ ھڻي رھيون ھيون. پھاڙن جيان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مظبوط جسم واري هن ڇوڪري پرسان لهر هٽي تڪجي پيل ڇوڪري پنهنجو ڪنڌ فقيرن جي پرسان رکي هيٺان وچايل رليءَ رلهيءَ تي ئي ڪنهن گڏيءَ جيان هيڏي هوڏي ڪري رهي هئي. سروزائين موج جي انتظار ۾ ويٺل عورتن جي قطار ڪي ڏسي اڇي پنهنجي ڪاري چادر واري آڏي ٻنهي ڇوڪرين کي هنئي "پيالو وٺندين فقير يا اڄا موج ڪندين" تيزي سان ڪنڌ هٽندڙ ڇوڪري کان فقير پڇيو، ٻه ٽي دفعا ساڳيو سوال پڇڻ کان پوءِ ڇوڪريءَ چيو "اڄا موج ڪنديس." چڱو بابا تون وري سياٽي موج ڪجانءِ." فقير کيس فارغ ڪرڻ چاهيو پر ڇوڪري مسلسل ڪنڌ هٽي رهي هئي. جنن جي ڳالهائڻ ۾ چرپر بابت ابراهيم شاهه سان اسان جو بحث اڄا هلي رهيو هو ته هن گهٽي موج ڪندڙ ڇوڪريءَ طرف سرڪندي چيو " چڱو هاٽي ڏسجانءِ هي ڪيئن ٿو ڳالهائي" ڪراڙي فقير ڇوڪريءَ جي وڏن وارن کي چوٽيءَ وٽان پنهنجي مٺ ۾ پڪڙيندي سندس لهر بند ڪرائي چڏي ۽ زور سان سندس وارن کي پوئتي ڇڪيندي چيو، " ٻڌائين چو نه ٿو ڪير آهين نالو ڇا اٿئي؟" فقير جي مٺ کان بچي ويل وار سياري ۾ ٻه پڳهرجي ويل ڇوڪريءَ جي منهن مٿان لڙڪي رهيا هئا. ٻه ٽي دفعا ساڳيو سوال ورجائڻ کان پوءِ هن خشڪ ٿي ويل نڙيءَ ۾ ڳيت ڏيندي وڏي ڪرب وچان چيو "قادر بخش هون" "...... ذات جو ڪير آهين؟" "ڊيڊ...." ڇوڪري آهستي چيو، "هي ڇهڙو اٿئي پير فقير مڃي ئي ڪو نه" ابراهيم شاهه مون ڏانهن فاتحانه انداز ۾ ڏسندي چيو ۽ قادر بخش ڊيڊ کي پيالو پي وري سياٽي موج ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. ڇوڪريءَ پنهنجي پويان ويٺل ڪراڙي مائٽياڻي جي گود ۾ پنهنجو پاڻ کي اڇلي ڇڏيو، کيس پيالو پياريو ويو ۽ هوءَ ڪافي دير تائين ساٽي ٿي اتي ئي پيل رهي. " موج ڪرڻ کانپوءِ فقير (جن ) پيالو گهرندا آهن." ميوو فقير ٻڌائي ٿو. هر هڪ فقير جو پنهنجو انداز هوندو آهي.م ڪو پيالي ۾ ٽانڊو گهري ٿو، ڪو وڻ جا پن ۽ ڪو مٽي. گاجي شاهه تي هر سال شوال مهيني جي 24 تاريخ اڇي جن ۾ جن ورتل ماڻهو لهڻ شروع ٿيندا آهن. جن کي هونئن رواج موجب ته ٽن ڏينهن تائين ترسڻو هوندو آهي، پر وڏي مسافري سبب ماڻهو ٻه ڏينهن ميلي کان پوءِ ٻه رهي پوندا آهن. پهاڙي جي چوٽيءَ کان وٺي هيٺ تري تائين هزارن جي تعداد ۾ آيل ماڻهن جون هر طرف ڇوڪڙيون لڳل آهن. ڪٿي ماني پچي ٿي ته ڪٿي موج ٿئي ٿي. هڪ ٻي ڇوڪڙيءَ جي پرسان جڏهن ويناسين ته ڪاون وارو ٽوپ پاتل نوجوان مڙس، فقير کي دانهن ڏيئي رهيو هو ته "اسان کي ڪا تڪليف ناهي پر ڇيليءَ کي ڏاڍي تڪليف ڏيئي ٿو. هفتن جا هفتا ماني نٿو کائڻ ڏئيس" هر طرف ٿوري گهٽي تبديلي ڪانسواءِ اهڙيون ئي ڇوڪڙيون مٿل آهن جتي نوجوان ڇوڪريون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پنهنجا روا (پوتيون) چيلهه ساب ٻڌي وهاڻي يا رلهيءَ تي گوڏا اونڌا ڪري سروزائين اڳيان لهر هڻن ٿيون. حق گاجن ۽ الا توهار جا نعرا اوچتو اٿن ٿا. ڪجهه جاين تي مرد به جن ڪيڏائين ٿا ته ڪٿي وري مينديءَ لڳل ڪٿل وارن واريون ضعيف عورتون به لهر هڻن ٿيون. ميلي جي وچين ڏهاڙي ڏمال هجڻ ڪري سروزائي به واندا نظر نٿا اچن. ماڻهو ڪين هڪ چوڪڙيءَ کان ٻي چوڪڙيءَ طرف وڃي وڃن ٿا. سروزائي نه ملڻ ڪري ڪجهه ماڻهو پاڻ سان گڏ آندل ٽيپ رڪارڊ ۾ سرندي ۽ بينن واري ڪيسٽ هلائي پنهنجي جن ورتل عورتن کي گاجي شاهه جي پڙ ۾ موج ڪرائين ٿا. جن ريجهائيندڙ هر فقير جي ڳچيءَ ۾ ڪاري چادر پيل آهي، جيڪا جن ورتل عورت يا مرد کي هٽي هو جن سان مخاطب ٿين ٿا. ان چادر بابت ميوو فقير تفصيل سان ٻڌائي ٿو ته ” ڪاري چادر پيل بازار مان وڃي گاجن سائين جي روزي اندر هفتو ڪن رکي وڏيون آزيون ڪندا آهيون، جنهن کان پوءِ فقيريءَ جي اجازت ملندي آهي ته نذراني ۾ چيلو يا ڪا ٻي شئي ڏيندا آهيون.“

گاجي شاهه جي مزار طرف متي وڃڻ لاءِ اجا به ڏاڪا مس ٽپياسين ته ساڄي پاسي واري ڪمري جي در تي تمام گهڻي رش نظر آئي. در ٽپي اندر ٿياسين ته همراهن رڙيون ڪيون، ”بوٽ ٻاهر لاهيو.“ اسان کي در ٻاهران بيهاري ٻڌايو ويو ته هتي گاجي شاهه جو روٽ پچي رهيو آهي جيڪو وٺڻ لاءِ ماڻهو رش ڪيو بيٺا هئا. شهرن جي بيڪرين تان ملندڙ پاپن کان به ننڍو اهو روٽ ڪڻڪ، ٻاجهر ۽ چانورن جي اٽي ۾ مناڻ ملائي تيار ڪيو وڃي ٿو، جيڪو رش ۾ لتاڙجي وٺڻ کان پوءِ جن ورتل عورتون، مرد ۽ ساڻن گڏ آيل مٽ مائٽ ڪائي فرحت محسوس ڪن ٿا. روٽ واري ڪمري جي سامهون واري ڪمري ۾ گاجي شاهه جي انهن عقيدتمندن پاران آندل چيلا ۽ ٻڪريون واڙيا وڃن ٿا، جن جي من جي مراد پوري ٿي وئي هجي. هيتري رش ۽ عقيدتمندن پاران سالن کان ملندڙ نذرانن جي باوجود گاجي شاهه جي مزار مٿان مقبرو به اڏيل ناهي، سندس قبر هڪ پڃري ۾ بند آهي ۽ اهو پڃرو مٿان بند آهي. باقي حصو بنا ڇت جي آهي. مزار جي پويان وارن ڪونڙين مان پراڻي دور جي آثارن کي به نه مٽايو ويو آهي ۽ ڇت کي لڳل چونو ائين ڪارو ٿي ويو آهي ڄڻ ان کي ڪنهن باهه ڏئي ڇڏي هجي. مزار جي چوديواريءَ اندر ئي هڪ وڻ آهي جنهن کي انن، ٻڪرين جي ڳچين وارا ڇڙا ڇڙيون ۽ پاجاريون ٻڌي سوگهو ڪيو ويو آهي. هونئن ته مزار اندر ايندڙ هر ماڻهو ان وڻ کي هٿ هڻي ٿو، پر دل ۾ ڪا ٻي نيت ڪٽي آيل همراهه جڏهن سامهون ڪا سهڻي صورت ڏسن ٿا ته وڻ کي زور سان لوڏي ڇڙا وڄائي نعرا هڻن ٿا، ”حق گاجن....جيءُ گاجن!“ مزار پرسان ئي گاجي شاهه جي ڏاچيءَ جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڏکھي قبر پڻ آھي جنھن لاءِ اھو مشھور ٿيل آھي تہ جيڪو بہ سوالي بنا ساھ کڻڻ جي ست چڪر ان قبر جي چوڌاري ڦيرا ڏيندو ان جي من جي مراد پوري ٿي ويندي. گاجي شاھ واري پٿريلي قبرستان ۾ اچي پڙاءُ ڪندڙ ھزارين ماڻھن جي اڪثريت پنھنجو ڪاڌو پاڻ تيار ڪري ٿي. دادو، جوھي، پاٽ، سيوھڻ ۽ ڀين آسپاس جي وڏن شھرن کان پڻ سوين ماڻھو ميلي ۾ صرف اڪيون ٽڏيون ڪرڻ اچن ٿا. ھونئن تہ گاجي شاھ جي ميلي تي بلوچستان، پنجاب ۽ سنڌ جي پنتي پيل علائقن کان ھزارين ماڻھو ميلي وارن ڏينھن دوران ٻارين ٻچي اچن ٿا پر خود ڪاڇي جي ٽنبو رحيم ۽ واھي پانڌي جھڙن علائقن جا ماڻھو ھن ميلي کي ڪنھن ٻي معني ۾ وٺن ٿا. ”نالي ۾ تہ جن نڪرن ٿا پر ٻيو بہ گھڻو ڪجھ جھان ٿئي ٿو.“ واھي پانڌيءَ جي ھڪ زماني ساز جھوني ٻڌايو. ”ايڏو وڏو ميلو آھي تہ پوءِ عورتون ۽ صرف جن ئي ان ميلي تي ڇو اچن ٿا.“

اسان مزار کان ھيٺ لھي ڪليل آسمان ھيٺ ننڊ پئجي ويل ۽ جاڳندڙ عورتن ۽ مردن کان ائين احتياط سان گذرون ٿا، جيئن ڪنھن جھنگ ۾ سڀ حواس گڏ ڪري گھمجي. ”ھيٺ ڏسي ھلجانءِ متان ڪو ھمراھ لتاڙي وجھين.“ ميلو گڏ گھمندڙ دوستن مان ھڪ چيو. ڪجھ ماڻھن خيما کوڙيا ھئا ۽ ڪجھ ماڻھن ھترادو خيما ناھيا ھئا. ٽرڪن، مزدا گاڏين ۽ ٽريڪٽر ٽرالين ۾ آيل زيارتي انھن سوارين کي ئي ڪمرا بڻائي سمھي پيا ھئا. متان ڪاري جبل تان آيل چشمي واري پاڻيءَ جي واھي ٽپي جڏھن ٻئي پاسي وياسين تہ اھا ڄڻ سروزائين لاءِ ڏورانھين بستي ھئي، جنھن ڪري ھو ان طرف ڪو نہ ويا ھئا ۽ ماڻھو ٽيپ رڪارڊر ھلائي عورتن کي موج ڪرائي رھيا ھئا پر ھڪ ملتاني چوڪڙيءَ وٽ مجبوريءَ ۾ دھل وڄائي عورت کان موج ڪرائي پئي وئي. شايد اھو عمل ڪافي دير کان جاري ھو. ڇو تہ اسان جي پھچڻ وقت پرسان ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ستل ھمراھن اٿي اچي دھلاري کي چيو ”فقير بابا خدا کي مڃ ننڊ بہ ڪرڻ ڏيندين يا نہ!“ ان چوڪڙيءَ کان پريان ٽارچ ھٿ ۾ ڪري ھڪ ھمراھ ڪنھن عورت سميت ميلي جون حدون ٽپي پريان واري پھاڙيءَ طرف وڃي رھيو ھو. ميلي جي ڪوريج لاءِ صحافين جون ”ٽيمون“ تہ آيل ھيون الائي نہ پر سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي وارا ڪامورا فوٽو گرافرن ۽ وڊيو گرافرن سميت پھتا ھئا. جنريٽر ھلائي ڪيمرا جون لائٽون جڏھن روشن ڪيون ويون تہ ڪيترين ئي لھر ھڻندڙ عورتون بہ اجرڪن ۾ ويڙھجي ويون ۽ ڪئميرا اڳيان فقط مرد لھر ھڻڻ لڳا. مرد نہ رڳو ويھي لھر ھڻي رھيا ھئا پر اٿي بيھي تاڙيون وڄائي لھر ۾ ڪجھ جھمر جو حصو بہ شامل ڪري رھياھئا. ” ڊرامو تہ ڏسينس جيئن ٽي وي تو پرجي تيئن ڪٽي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هٿناٿ شروع ڪيا اٿائين.“ منهنجي پرسان ويٺل هڪ اڌڙوٽ عمر جي همراهه چيو. اوچتو ثقافت ڪاتي وارن جي پهچڻ تي هڪ دوست چيو تہ ”ڇاهي ٻينن تي ڪنڌ هڻڻ وارين عورتن مردن جو موويز ڊيڪاري سنڌي ثقافت کي نڪاري وجهندا؟ ماس هسٽريا کي ختم ڪرڻ بدران هي ان کي ثقافت جو چولو پارائي پروموٽ ڪرڻ چاهين ٿا.“

جيئن مزار واري پهاڙيءَ جو سڄو قبرستان سروزائين، جنن، عاشقن ۽ زيارتين جي چوڪڙين سان آباد هو تيئن ئي هيناهين وارو ميدان روايتي ميلن جي رنگن سان رنگيل هيو جتي موج ڪان وانديون تي آيل جابلو عورتون پلاسٽڪ جون چوڙيون، ڳانا، سنهڙا لاڪيٽ، سرخيون ۽ ڪجھ رانديڪا وڏي شوق سان خريدي رهيون هيون. جڏهن تہ ميلي تي آيل مرد جميل گيهہ ۾ اچي تي ويل مئائي ۽ چانهہ وڏي چاهہ سان کائي پي رهيا هئا. هن ميلي تي ملاکڙو ۽ رڇ ڪتي جي ٻچ نہ ٿيندي آهي. چون ٿا اهي ٻئي عمل گاجي شاهہ ناپسند ڪري ٿو. باقي تہ موت جي کوهن ۽ چڙيا گهرن جا تختا، ريما جهڙيون نيم عريان ڊريسون پائي نچندڙ ڪدڙن فقيرن سان آباد هئا. جنهن جابلو ٽڪريءَ جي آسپاس ميلو لڳي ٿو ان جي چوڌاري ڪاري جبل کان نڪتل ڪاري چشمي جو پاڻي مسلسل وهندو رهي ٿو جنهن ڪري دڪاندارن ۽ زيارتين کي پاڻي جي ڪا تڪليف نٿي ٿئي. ميلو ڏسڻ لاءِ اسان واهي پانڌي ڪان موٽر سائيڪلن تي سوار تي هليليءَ وارو پاسو ڏئي پهتا هئاسون. ان مسافريءَ ۾ ميلي جي رش ڏسڻ سبب ٽڪجي رات اچي پرسان واري شهر ٽنڊو رحيم ۾ ترسياسين. ”هتان صبح جو سوير نڪري چشمي تي هلندءِ تہ توهان کي ماحول سڄو يورپين نظر ايندو.“ جوهي وارو فارين رٽرنڊ، ٽيلر ماسٽر قادر پنهور چوي ٿو. پر صبح جو موٽر سائيڪل نہ ملڻ ڪري اسان ڪچڙي منجهند جو ان چشمي طرف وياسين جيڪو گاجي شاهہ جي ٽڪريءَ کان سوا ٻہ ڪلاڪ اڳتي پنڌ تي آهي. چشمي جو شفاف پاڻي وڏي آواز سان جبل تان ناهيل رستي تان هيٺ لهي رهيو هو. جبل چڙهڻ جا ٽي اسٽاپ ڪري جڏهن مٿي پهتاسين تہ قادر واري ڳالهہ ڪجھ ديسي اسٽائيل ۾ مليل نظر آئي. عورتون واقعي ئي واٽر باٿ ۾ سن باٿ ڪري رهيون هيون پر ڪپڙن سميت. ڪاري جبل جي هڪ غار مان جنهن جاءِ تان اهو چشمو نڪري ٿو اتي مردن جو قبضو هو. چشمي جو پاڻي تازي پاڻي کان وڌيڪ گرم هو. جبل مٿي ان چشمي جيئن تہ ڪنهن تلاءَ جي صورت اختيار نہ ڪئي هئي، تنهن ڪري پاڻي هڪ نالي ناهي هيٺ وڃي ٿو جنهن جي وڏن ڪپرن جي اوٽ وني عورتون بہ ان ۾ لهي پون ٿيون. ”صبح جو سوير اچا وڌيڪ مزو هوندو آهي، جيڪو ڏسڻ لاءِ ڇوڪرا دوربينيون کڻي وڃي مٿين پهاڙين تي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ويهندا آهن.“ جوهيءَ جي هڪ عاشق مزاج نوجوان ٻڌايو. منجهند جو چشمي مان وهنجي نڪتل عورتون سموري رش جي باوجود صرف هڪ پاسي ڪان پنهنجي پوتي جي اوٽ ڏئي ڪپڙا تبديل ڪن ٿيون، هو جڏهن وهنجي نڪرن پيون ته پنهنجي هڪ يا ٻن مائٽياڻين جي مدد سان پوتي يا چادر جو پلئو ڏياري ڪپڙا مٽائي وٺن پيون اهڙي ماحول ۾ تڙ ڪرڻ ڪان گهٻرائجي اسان چشمي وٽ چانهه پي هيٺ اچي گاجي شاهه وٽ ڏينهن جو نظارو ڏسڻ لڳاسين. مزار جي ڏاڪڻين ته ڪجهه شڪاري عورتون ۽ مرد ٻگهڙ جي ڪل جا ٽڪرا 10 ۽ 20 روپين ۾ وڪڻي رهيا هئا. ٻگهڙ جي ڪل جا ههڙا ٽڪرا ونندڙ ۽ ڪپائيندڙ ٻنهي جو چوڻ هو ته اها پائڻ سان ٻار، عورتن يا مردڪي ڏپ نه ٿيندو آهي. جنن جو موجون ڏينهن جو به جاري هيون پر مزار جي آسپاس مڱڻهار فقيرن به اچي واڇڻ وڇايا. ڪجهه عورتون سهرا چونديون پنهنجين انهن ننڍڙن پٽن ڪي پاجارين ۾ وجهي مزار طرف وٺي وڃي رهيون هيون، جيڪي بقول سندن ڪين گاجي شاهه جي دعا سان ڄاوا هئا. ” تاريخ جو ڪيڏو نه وڏو الميو آهي ته ميانوال تحريڪ جا گوريلا اڳواڻ هاڻي ماڻهن ڪي پٽ ڏين ٿا ۽ عورتن جا جن ڪڍن ٿا.“ تاريخ جي هڪ نوجوان شاگرد ٻڌايو. هن چيو ته ”گاجي شاهه ذات جو ڪوسو هو ۽ ميانوال تحريڪ ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو ڪمانڊر هو، جنهن تي جبل جو اهو گهٽ (رستو) سنيالڻ جو فرض سونپيل هو.“ هن وڌيڪ ٻڌايو ته ”جيڪا آڌي اڄڪلهه جن ڪڍڻ لاءِ فقير استعمال ڪ ٿا اها ڪٿي، فلسطيني ويڙهاڪن جي رومال جيان ان وقت جي گوريلن جو خاص اهڃاڻ هوندي هئي ۽ جنهن دعا تي جن ريجهايا وڃن پيا اهو قسم نامو هوندو هو، جنهن تي ميان نصير محمد ۽ سندن سمورن ڪمانڊرن جا نالا اچ به شامل آهن.“

ميلي ۾ هڪڙي انوکي ڳالهه نڙ بيت وارن جي چوڪڙي هئي، جتي نڙ بيت چيا پئي ويا. ان ڪچهريءَ ۾ جهونن جي اڪثريت هئي. ڪجهه ماڻهو اهي بيت رڪارڊ ڪري رهيا هئا. ميلي جي سروزائين ۽ ٻين اهڙن فنڪشنن ڪي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻهن وٽ ڪانوڙين باڊين وارا سانيو ٽيپ به ساڻ هئا. ڏينهن جو عورتون خريداريءَ ۾ اجا به وڌيڪ مصروف نظر آيون. پنهنجي پنهنجي روايتي ڪپڙن ۾ ملبوس وڏن ڪاون سان پيرت پريل گهگهن واريون ڇوڪريون به هر هنڌ تجلا ڏيندي پئي مليون ته وري نڪ وارو وڏو بولو متي جي وارن سان هڪ خاص مٽين واري پريل ڌاڳي ( ڏانوٽي ) ذريعي ملائي هلندڙ ڇوڪريون به ميلي جي دوڪاندار سان اگهن تي نيم ماڊرن عورتن جيان بارگينگ ڪندي مليون. هتي عشق جي ڪي شاعراڻا اظهار نه پر اشارن جي زبان ۾ کهرو ورتاءُ پئي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هليو. هن ڏورانهين جابلو علائقي ۾ به پوليس پنهنجو ”اصلي ڪاروبار“ جاري پئي رکيو. انهن جوئا جي ريڙهن کان وٺي راڳ ڪرائيندڙ هوٽلن تائين هر شئي تي پنهنجي ٽيڪس رکي ڇڏي هئي. ”پوليس کي به منهن ڏيئي ويندا سين پر مسواڙ جي نالي ۾ رقم وٺڻ لاءِ ٽن ٽن ڪوسن فقيرن جو چنيون مليون آهن.“ هڪ هوٽل واري ٻڌايو ”هاڻي اسان منجهي پيا آهيون ته اصلي فقير ڪهڙو آهي ۽ پيسا ڪنهن کي ڏيون.“ ڏينهن جو انهن زيارتين جي تڪليف ڪجهه وڌيڪ ڇٽي ڏسڻ ۾ آئي جن سان ٻارن جا لشڪر به ساڻ هئا. ڪو ٻار ڪنهن ضد تان پٿرن تي ليٽيو پئي ته ڪنهن کي وري جهنگ جو خيال اچي ويو. پر مائي منجهند جي ماني ۽ ٽئين ٻار کي ٿڃ پيارڻ ۾ مصروف هئي. گاجي شاهه جي مزار کان هيٺ وارو سمورو قبرستان صبح تائين عوامي بيت الخلا ۾ تبديل ٿي چڪو هو. پر مزار جي صحن کان به هيٺ چمپل يا بوٽ پائڻ جي اجازت نه ڏيندڙ فقيرن کي ان جو ڪو خاص اونو ڪو نه هو. هن پاسي ڏکيو سفر ڪري اچڻ جي مقصد بابت پڇڻ تي پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن جو اهو رايو هو ته ٻهڙاري جي عورت کي گهر ۾ هميشه گهٽ ٻوسٽ وارو ماحول ملي ٿو، ان ڪري ڪيس سال ۾ جيڪڏهن هڪ دفعو ڪا تفريح ملي وڃي ٿي ته هوءَ ان کي ترت حاصل ڪري وٺي ٿي. پر ميلي مان نڪرڻ کان پوءِ به اهو سوال ذهن ۾ سوال ئي رهيو ته هي تفريح آهي يا ڪاماس هسٽريا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# راڳ جو يادون : حاڪم شاهه پٽ وارو

هونئن ته شهدادڪوٽ پرسان حاڪم شاهه پٽ واري جي ميلي جي ڏاڍي هاڪ هوندي هئي. پر ڪجهه سالن کان ميلي ۾ اهو مزو ناهي رهيو. ماڻهو چون ٿا ته بدامنيءَ ميلي کي ڦٿائي ڇڏيو آهي. جڏهن ته گادي نشين جو چوڻ هو ته ميلو گرمين سبب ڦٽي ويو. هن سال ميلي تي ڪجهه رش وڌيڪ هئي شايد ڏينهن ڪجهه ٿڌا هئا يا وري امن امان جي صورتحال بهتر ٿي هئي. بهرحال پٺائيءَ جي ميلي کان اڳ لڳندڙ هن ڏورانهين علائقي واري ميلي ۾ ماڻهن چواڻي ته ”ڪجهه مزو هو.“

اسان جڏهن شام ڌاري ميلي جون تقريبون ڏسڻ لاءِ درگاهه وٽ پهتاسين ته هڪ نوجوان فقير پنهنجي آڏو رکيل نغارن کي زور زور سان وڄائي رهيو هو. جنهن جي ڌن تي ڪجهه فقير ڌمالڙي هڻي رهيا هئا. حاڪم شاهه جي مزار گذريل 14 سالن کا زير تعمير آهي جنهن جي اندر اڃا تائين پڪو فرش يا ٽائيلس به نه لڳي سگهيا آهن ۽ نه ئي هڪ پڪي کان سواءِ ٻيو ڪو پڪو هو. جنهن ڪري جڏهن ماڻهن جي رش وڌي پي ته سيني کان پگهر نڪري ٿي ويا. اسان مزار اندران ٿي اڱڻ ۾ تڏن تي رليون وڇائي وينل گادي نشين واري پاسي وياسين. جتي گادي نشين ته پنهنجي فقيرن سان ئي ملڻ ۾ مصروف هو. جنهن ڪري سندس پٽ تقي شاهه سان ڪجهه ڪچهري ٿي، ڪچهري اڃا هلي رهي هئي ته فقيرن اچي ٻڌايو ته مينديءَ پٽي اچي اها مينديءَ جي رسم ميلي جي سمورا ڏينهن ادا ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ شام جو مينديءَ حويليءَ تان ڪٽي درگاهه تائين آندي ويندي آهي. جڏهن ته ميلي جي آخري ڏينهن تي حاڪم شاهه جي استعمال هيٺ آيل ڪپڙن، جتي،ڪولابي، يا ٻين شين جي نمائش هڪ ڪٽ تي رکي ڪئي ويندي آهي. مينديءَ وارو جلوس دهلن ۽ شرنائين سان اچي اڱڻ ۾ پهتو. جتي فقيرن جي رش وڌندي وئي ۽ پوءِ مزار اندر وڃي رسمون ادا ڪيون ويون. هن رسم ۾مينديءَ ته هوندي ناهي پر گلاب جي پاڻيءَ سان ڇڻڪاريل چادر چاڙهي ويندي آهي. هن رسم جي وڊيو ته ڪئي ويئي پر ميلي تي پراڻي دور کان ايندڙ ماڻهن جو چوڻ هو ته مينديءَ ڪڍڻ جو اهو مزو ڪٿي، جيڪو ”سيان چوڏري“ واري دور ۾ هوندو هو. حاڪم شاهه پٽ واري جي ميلي جي بهترين سالن جون يادون انور ڏنگڙائي جهڙن جهونن وٽ به سيان چوڏري ۽ غلام علي جا وڏا قصا آهن. اهي چون ٿا ته اهو جلوس ڏسڻ وٽان هوندو هو سيان چوڏري جون يادون هن ميلي سان گهريون لاڳاپيل آهن. جيتوڻيڪ تقي شاهه چواڻي ته ”هاڻ سيان ايڏي ته ٿلهي ٿي وئي آهي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جو هلڻ ڪان هلاڪ آهي پر ماڻهو ته چڻ به سندس سحر ۾ ورتل آهن.“ عام ناچڻين سان حرڪتون ڪندڙ ٻروچن لاءِ ٻڌائن ٿا ته اهي سيان جي حفاظت ڪنهن سياسي ليڊر جيان ڪندا هئا ۽ هوءَ ڳائيندي پوري اڱڻ مان پئسا اوڳاڙيندي وتندي هئي. گادي نشين جو چوڻ آهي ته حاڪ شاه جي ميلي تي ٻڙي غلام علي خان ڪان وٺي سلامت علي خان تائين سڀ گويا راڳ ڳائي ويا آهن. هي غزل جو سريلو راڳي غلام علي ته ڪجهه سال اڳ تائين به باقاعده ميلي تي ايندو هو ۽ بنا ٽڪيٽ محفل هٽي ماڻهن کي جهومائيندو هيو پر هاڻ حاڪم شاه جي اڱڻ ۾ ڪنهن سريلي راڳي جي چوڪڙي به نظر نه ٿي اچي. اڱڻ ۾ سلفيون ڇڪيندڙ آدماڻي فقير تڏن تي ليٽيا پيا آهن. پرسان عزاداري هلي ٿي ۽ بس، نه اهو راڳ ۽ نه اهو غلام علي خان جو ڪو آلاپ ۽ نه ئي سيان جي ڌمال، سڀ ڪجهه غائب آهي. صرف موت جي ڪوهن ۽ ٻين ٿيٽرن اڳيان تختا ڀڃيندڙ ڪدڙا ۽ ڪجهه ناچڻيون وڃي بچيون آهن. اڱڻ ۾ سلفي پيئندڙ ڪاريهر فقير وٽ به گهٽيون يادون آهن. هو پنهنجي مرشد حاڪم شاه سان ان حد تائين عقيدت رکي ٿو جيڪڏهن سندس عقيدت جي اظهار کي ڇپيل لفظن ۾ آندو وڃي اهو وڏو ڀنيٽ پڙڪائي سگهي ٿو. ”مرشد سائين آڪيا برٿ وچ ندي به آسي گڏهڙي ( يعني گاڏي ) به آسي.“ هو پرسان وهندڙ وارھ برانچ ۽ ٽرين بابت چوي ٿو ته اهي ٻئي شيون حاڪم شاه ڪين اڳ ۾ ئي ٻڌائي ويو هو ته اچڻيون آهن.

حاڪم شاه کي پٽ وارو به ان ڪري چيو وڃي ٿو جو سندس درگاه اهڙي برپٽ ۾ هئي جتي وڃڻ ئي اوکو هو. هاڻ ڪجهه آبادي ٿي آهي. تنهن هوندي به عام ڏينهن ۾ اهو علائقو برپٽ ئي سمجهيو وڃي ٿو. سندس گهڻا فقير ان برپٽ ۾ ڏيکاريل ڪرامتن جا تفصيل ٻڌائن ٿا ۽ گادي نشين جا نوجوان ڇوڪرا چون ٿا ان دور ۾ سائين هتي آيو. جڏهن هن علائقي ۾ ظالمن جو راڄ هوندو هو ۽ اهي اوپرن رستي ويندڙ ماڻهن کي وٺي وڃي ڪانڊيرن جو گاه ڪرائيندا هئا. ڪاريهر فقير آدماڻي جي احوالن کي ڇڏي اسان ميلي طرف وياسين ته هڪ عام ڳوٺ يا درگاه تي لڳندڙ ميلي کان نرالي ڪا شي ڪو نه هئي. اهي ئي گيهه ۾ جمي اڇيون ٿي ويل مٺايون، دڪاندارن جا گراهڪن کي ايلاز ۽ تختن تي نچندر ڪدڙن آڏو ماڻهن جي رش. هڪ جڳهه تي پنجن ستن ناچڻين کي گڏ ڪري اسٽيج تي ڊانس ڪرايو ٿي ويو. جنهن ۾ هال اندر ڪرسيون رکي ماڻهن کان ٽڪيٽ جا پئسا ورتا پي ويا. ان تنبو ٻاهران لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ڪيو پي ويو ته ”اسٽيج تي ببلي اچي وئي آهي.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

انهن ٻبلين سبلين ڪي ڇڏي لوهي پل وٽ آياسين ته عام ڏينهن ۾ شام جو ئي بند ٿي ويندڙ هوٽلن ۾ ماڻهن جي پيهه لڳي پئي هئي. ڪنهن ۾ ناچو ٿي نچيا، ته وري ڪنهن هوٽل ۾ ناچڻيون. ”هي ايترن ننڍڙن ٻارن کي ٿا نچائين ڇا اهو چائلڊ ليبر ناهي؟“ منهنجي هڪ دوست مذاق نما سنجيده سوال ڪيو. ان علائقي ۾ مقامي ناچڻيون گولا ٻاري ڇيرون ٻڌي يا ٽيپ رڪارڊر تي هلندڙ گانن تي ڊانس ڪري رهيون هيون. يا وري قرض ۾ وهائڻ جهڙي راڳي کان ڪلام چورائي جيڏانهن آين پي تيڏانهن ٽنگون ٻانهون ڦهلائي ڊانس ڪري رهيون هيون. اهڙين ڇوڪرين ۾ هڪ ٻئي سان پئسن ڏيڻ تي رڪيل ريس به ڏسڻ وٽان هئي. پر گهڻو خيال ان اڌڙوٽ عمر واري همراهه طرف ويو. جيڪو ناچڻي کي 5 روپيا ڏيئي سندس هٿ کي ٿورو پنهنجي هٿن ۾ وٺي ڊجي ڊجي ان کان نالو ۽ ايڊريس پڇي رهيو هو. سندس ٻن ڪوشش جي باوجود جڏهن ناچڻي نخرا وڏائي ڇڏيا ته سندس ئي هڪ دوست ڪيس هڪل ڪئي ته ” اڙي ڇڏينس يار، ڪهڙو سياڻي تون ماني پهچائي ايندس.“ هن پل تي ئي مقرر ٿيل پوليس وارن جا وڏا نٽ لڳا پيا هئا. هڪ ٽولي اچا پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو ته پوليس اچي ٽولي جي مک کي پڪڙي پاسي تي وٺي وئي ۽ ڪانئس ڊش ڪش (خرچي) گهرڻ لڳي ته همراهه ڏاڍيان ڳالهائي ڪين ٻڌايو ته پريان وارو به بنا پئسن جي فنڪاري ڪري رهيو آهي ته پوءِ اسان پئسا ڇو ڏيون؟ ڪنگلن سپاهين ڪيس اهو سمجهائڻ جي ڪوشش پي ڪئي ته اڳ ۾ ڪڏهن ميلن ۾ ڳايو اٿئي يا نه؟ سندس اهو بحث اجا جاري هو ته اجا اڳتي روانا ٿياسين. جيتوڻيڪ پنتي پيل علائقي جي ماڻهن لاءِ سال ۾ هڪ ڀيرو اهو ميلو تفريح جو وڏو سبب بڻجي ٿو پر هاڻ اهو ميلو انهن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن گهٽ ڇڪي ٿو، جيڪي راڳ ويراڳ ٻڌڻ لاءِ ڪو هن کان کهي اچي حاڪم شاهه پٽ واري جو ميلو ڏسندا هئا. ڪجهه سال اڳ ۾ تائين به جلال چانڊيو ۽ روبينه حيدريءَ به اچي ميلو مچايو هو پر هاڻي راڳ نالي ڪا شيءِ حاڪم شاهه جي پٽ ۾ نظر نٿي اچي.

”سياري جا ڏينهن هوندا هئا، راڳ اڳڻ ۾ ٿيندو هو. غلام علي خان جڏهن آلاپ ڪندو هو ته جان مان سياٽو نڪري ويندو هو.“ ميلي کان ناراض هڪ جهوني ٻڌايو. هو چوي ٿو ته جڏهن راڳ منڊل تي گويا هٿ ڦيريندا هئا يا وريراڳي مايون ”ديپڪ راڳ هي، چاهت اپني....“ جهڙا ٻول ٻڌائينديون هيون ته صبح تائين اٿڻ تي دل نه چوندي هئي پر حالتن اڄ ڦيرو ڪاڏو آهي جو حاڪم شاهه جي ميلي تي ايندڙ ڪجهه ماڻهو ته ڪدڙن فقيرن کي ريجهائڻ ۾ پورا هوندا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

گادي نشينن سان ڪيل ڳالهہ ٻولهہ مان اهو اندازو آساني سان لڳائي سگهجي پيو تہ حاڪم شاهہ جي ميلي تان رسي ويل راڳ کي واپس آڻڻ لاءِ هو پنهنجي سر ڪي بہ ڪوششون ونڻ لاءِ تيار ۽ نہ ئي سندن اهڙي ڪا دلچسپي آهي. جنهن ڪري هي ميلو هاڻي شايد سيان چوڌريءَ ۽ غلام علي سبب نہ پر ڪنهن ٻبلي شبلي ٽائيپ ناچڻين جي حوالي سان سجاتو وڃي پر چا اهو خود حاڪم شاهہ جهڙي فقير سان انصاف هوندو! ! جنهن کي ڪيترائي ماڻهو عابدهہ استاد منظور علي خان جي ڳايل ”عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ “ واري ڪلام سان سڃاڻين. پر مزي جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ حاڪم شاهہ پٽ وارو اهو ڪلام چوندڙ شاعر ناهي، تقي شاهہ ٻڌايو تہ اهو ڪو ٻيو حاڪم شاهہ آهي. جنهن ڪلام جي آخر ۾ چيو آهي تہ ”پنهواريون پٽن ۾ حاڪم شاهہ ڪکن ۾.“ گادي نشينن مان ڪي چون ٿا تہ حاڪم شاهہ پٽ وارو شاعري نہ ڪندو هو ۽ ڪي چون ٿا صرف عربي يا فارسي ۾ شاعري ڪندو هو. جنهن ڪري عابدهہ وارو اهو ڪلام واقعي بہ ڪنهن ٻئي حاڪم شاهہ جو لڳي ٿو. پلي ڪٽي اهو ڪلام ٻئي ڪنهن شاعر جو هجي پر ميلي جي حوالي سان هيءُ حاڪم شاهہ بہ ڪکن ۾ لڳي ٿو. جنهن کي سندس آدماڻي فقير ئي سنڀاليندا اچن ٿا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

## مرادون پڄائيندڙ سسئي ۽ گم ٿيل عشق جو آواز

اهو هڪ عام رواجي ڏينهن هيو جنهن جو سج اجان وندر جبل پويان ڪو نہ لٿو هو تہ اسان لس بيلي جي هڪ اڙانگي لاهيءَ تان لهي ان ماٿريءَ ۾ اچي وياسين جتي سسئي پنهونءَ جي گڏيل قبر (مزار) آهي. ڏکيءَ اڙانگي سفر جو ٿڪ پيڄڻ لاءِ ڪجھ دوست ڇپرن هيٺان وڇايل تڏن تي آهلجي پيا ۽ ڪجھ رڌپچاءَ واري ڪم ڪي جنبجي ويا. پهريون دفعو سسئي پنهونءَ تي (جنهن کي عام طور سسئي چيو پئي ويو) پهتلن کي سسئيءَ جو وٽو پهريان ڏسڻ لاءِ چيو ويو. ڪجھ نون دوستن سان بيزارگيءَ جي حد تائين پهتل بک ڪاٽيندي ٻن ڪلاڪن جو جابلو پنڌ ڪري وڃي هڪ پهاڙي تي بيهاريائون چيائون " هي آهي سسئي جو وٽو." چيو ويو تہ سسئي جڏهن ٻڪرار کي کير لاءِ وٽو ڏنو هو تہ ان کي هيٺان سوراخ هو. جنهن ڪري اهو ڪوشش جي باوجود ڀرجي نہ سگهيو هو تہ ان ٻڪرار وٽو اڇلي سسئي کي وڏي هستي مڃيو هو ۽ وٽو پٿر ٿي ويو هو. اهڙي پس منظر واري وٽي لاءِ اسان وٽ ڪجھ تصور بہ ميوزيم ۾ رکيل ڪنهن تاريخي شيءَ جهڙو هو پر جڏهن ٽڪرا ٽڪرا ٿيل پهاڙيءَ تي بيهي چيو ويو تہ هي سسئي جو وٽو آهي تہ اسان ڏاڍو مايوس ٿياسين. انهن پٿرن مان هڪ ٻن تي چوني سان اردوءَ ۾ لکيل هو تہ ڪجھ سال اڳ ۾ آيل همراهن وري اها ترڪيب ٻڌائي تہ " انهن ٽڪرا ٿيل پٿرن کي ٻيا پٿر هٿ ۾ کڻي وڄائڻ جي ڪوشش ڪريو، جيڪو پٿر لوھ وانگر يا اسٽيل جي ٿانو وانگر وڄي اهو ئي سسئي جو پٿر ٿي ويل وٽو آهي." پٿرن تي ٿوري دير لاءِ ڪيل وڄ وڄان ڪان پوءِ نيٺ هڪڙو پٿر اهڙو بہ دريافت ٿي پيو جيڪو ڌڪ لڳڻ سان اسٽيل وانگر وڄي رهيو هو ۽ اهو ئي سسئي جو وٽو ثابت ڪيو ويو.

هونئن تہ سسئي جو ميلو آڪٽوبر ۾ هر سال لڳي ٿو پر عام ڏينهن ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن ۽ لاهوت ڪرڻ وارن ڏينهن (شاھ نوراني جي ميلي وارن ڏينهن) ۾ اڪثر زائرين هتي بہ حاضري ڀرڻ ضروري سمجهن ٿا. چو تہ سسئي ماڻهن جون مرادون پورڻ ڪرڻ شروع ڪيون آهن ۽ سندس مزار تي مجاور ۽ ملان گڏ ٿي ڪيس جيجان جيجان ڪري پڪارن ٿا. اهو قصو (سسئي جي قبر کي درگاھ بڻائڻ) 1980ع ڌاري تڏهن شروع ٿيو جڏهن ڪراچي جي "حاجي محمد علو صديق الياساٽي"نالي هڪ سيٺ اچي سسئي پنهون جي قبر


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مٿان مزار جھڙو ڪمرو ٺھرايو ۽ لڳو لڳ مسجد بہ ٺھرائي. ٻنھي جي فرش جي آڳنڊ تي ٽائلس ھڻائي ڇڏيا. ڪراچيءَ جي ان سيٺ ڪي پيلي پار ۾ ئي خواب ۾ ھدايت ملي تہ ”ھن جاءِ ھڪ ولي جي قبر آھي اھا جوڙايو تہ وڏو ثواب ٿيندو“. سسئيءَ جي قبر جي سار سنڀال لھندڙ محمد حسن ٻرڙي ٻڌايو. ”جنھن ڪان پوءِ اھو سيٺ ھتي اچي ڏھ پندرنھن ڏينھن ترسي پوندو ھو. ھن مزار جو سڄو ڪم ان ئي ڪرايو. ھيءَ جيڪو توھان جي لاءِ ڏاچيءَ تي پاڻي پري اچان ٿو اھو ڏاچي بہ ان سيٺ ئي ونيءِ ڏنو. وڏو سخي ماڻھو ھوندو ھو. مزدورن جي لاءِ پئسن جون ٿيليھون ڪڻي ايندو ھو.“ باھ جي مچ تي ھٿ سيڪيندي ان پيرسن اھا ڳالھہ ٻڌائي جنھن ڪي سندس چواڻي جيجان ( سسئي ) جي ڊيوٽي ڏيندي 19 سال ٿي ويا آھن. ھاڻي سسئي پنھونءَ جي مزار تي ٿيندڙ آمدني سميت سمورا اختيار ٻڙرا برادري جي ھڪ سردار ڪي آھن جيڪو ڪراچي ۾ رھي ٿو. چون ٿا تہ جڏھن اھو سخي بلوچ سيٺ پھرين پيرو لس ٻيلي آيو تہ سسئي پنھون جي گڏيل قبر مٿان پر پاسي جي ماڻھن جا جانور گھمي رھيا ھئا ۽ عاشقن جي ان ڦٽل قبر ڪي ھڪ آستانو ٺاھڻ جو ڪم ھن پنھنجي ھٿ ۾ ڪنيو. جنھن ڪي ٻرڙا سردارن صرف ان شرط سان اھڙي اجازت ڏني تہ ھو پنھنجي حياتيءَ تائين ان قبر جي سار سنڀال لھي پر سندس مرڻ ڪان پوءِ سندس اولا ڪي اھڙي حجت جي اجازت نہ ڏني ويندي. سسئي پنھون جي قبر واري قبرستان جي چوڌاري ھاڻي ھلڪو ھلڪو لوڙھو ڏئي زيارتين جي ترسڻ لاءِ ڪجھہ ڇپڙا بہ ٺاھيا آھن. جيڪي صرف مٿان ڍڪيل آھن. سياري جي راتين ۾ پاسن ڪان ايندڙ ھوائن ۽ سرديءَ ڪي رڳو باھ جا سڄي رات ٻرندڙ مچ ئي منھن ڏئي سگھن ٿا. سسئي جي مزار جو مجاور ٻڌايل فقير ھتي ايندڙ زائرين ڪي ھيٺ وڇائڻ لاءِ گلمن، ٻارڻ لاءِ ڪانين ڪان وٺي پيئڻ لاءِ پاڻي ۽ روشني لاءِ گولا ۽ ٻتيون بہ مھيا ڪري ٿو ۽ ان عيوض رقم پڻ وٺي ٿو. سامھون ئي ھڪ ھوٽلڙو ۽ دڪانڙو بہ ھاڻي کلي ويا آھن جتان ضروري سيڌو سامان ملي وڃي ٿو. سسئي جي مزار اندر ۽ مسجد اندر بہ ھڪ ھڪ ٻتي سڄي سڄي رات لاءِ ٻاري وڃي ٿي. ھاڻي ان سسئي ڪي ھڪ موچاري مزار ۽ پينگھي اندر محدود ڪيو ويو آھي جنھن جي ترجماني ڪندي پٺائي چيو ھو:

چپون چير ڪٽ، پھڻ پٽراڻيون پانئيان
جتي رھان راتڙي، مرون منھنجا مٽ
سيڻن جي سھٽ، ڏونگر ڏولي مون ٿيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سسئيءَ جي حب ۾ گهڻو تڻو اهي مست اچن ٿا جن کي يا تہ لاهوت وڃڻو هجي ٿو يا هنگلاج. ڪميونسٽن تي مشتمل هڪ لاهوتي لڏو اسان جي پهچڻ کان اڳ ئي هتان هنگلاج هليو ويو هو. اسان فقير واتان صرف سندس ڳالهيون ٻڌيون. سسئي جي مزار جبلن وچ ۾ آيل هڪ ميداني ماٿريءَ ۾ آهي. جتي ڪجهہ پر پرو فصل ٿئي ٿو پر گذريل پنجن سالن کان برسات نہ پوڻ ڪري بلوچستان جي هن علائقي ۾ هاڻي سڪي نوٽ ٿي ويل وڻ، زمين ۽ ماڻهو آهن، جيڪي هر وقت ڪنهن قافلي اچڻ جي انتظار ۾ هجن ٿا،جيڪي اچي ڪائنن ڪجهہ شيون وننداۓ کين پئسا ڏيندا. " ابو برسات سالن نہ پيو آهي ان ڪري ڏڪر (ڏڪار) لڳو پيو آهي. اهو جيڪو چيلو توهان ورتو ان رڳو 15 هن سون جو تہ اناج ڪاڏو هو." هڪ همراهہ پلجي اسان کي چيو تہ ڪائنس چيلو پرسان واري چپري هيٺ آيل قافلي ورتو هو جنهن جو هو اسان کي بہ ميمبر سمجهي ذڪر ڪري رهيو هو. ڪيترائي لاهوتي صرف سسئي تائين پنڌ بہ اچن ٿا. هڪ اهڙو پناڻ نوجوان بہ اتي ئي مليو جيڪو دعوي ڪري رهيو هو تہ هو ايران،عراق سميت پاڪستان جون سڀ زيارتون سائيڪل تي چڙهي ڪري آيو آهي، سندس ڳالهين تي اسام مان ڪنهن کي بہ اعتبار نہ پئي آيو. اهو ئي نوجوان سسئي تي اڻ هوند ۾ آيل چرس جي هڪ سگريٽ لاءِ ٻاڙيو ٻاڙيو ڦري رهيو هو. ڊگهين مسافرين جا ٿڪ لاهي مانيون ڪائي، جڏهن سمورن قافلن جا ماڻهو واندا ٿين ٿا تہ رات جي ٿڌ ۾ راڳ، عليءَ جا نعرا ۽ جهونن سيلانين جون ڪچهريون باهہ جي مچن جيان ٻري پون ٿيون ۽ سيني کي گرمائي ڇڏين ٿيون. هاڻي جبل ۾ بہ مرون ڪنهن جا مٺ ٿين ٿا الائي نہ پر هتي پهتل هر ڪو قافلو پنهنجو پاڻ ۾ ئي ڪچهريون ڪري اتي ٿو. اسان واري قافلي ۾ تہ وري ڏاڙهون فقير بہ شامل هو، جنهن چپڙي يڪتاري تي وس آهر چڱا جوهر ڏيکاريا. جڏهن باهہ جي مچن تي محفلون متل هيون تہ ضروري حاجت واري بهاني ٻاهر ڪليل ميدان ۾ اچي ويس، ان رات پرپور جوانيءَ وارو چنڊ پڻ سسئي مٿان ٽڪ ٻڌي بيٺو هو چو تہ سسئي جي معني پڻ چنڊ آهي ۽ مون کي لڳو تہ هو ڪائنس اهو پڇي رهيو آهي تہ:

سسئي ڪا تنوار، ڪي هينيئن ٿي هٽ ڪٽين،
سوين رليون سسيون ، هوتاڻن هزار
ٻاروچاڻا ٻار ، توڙان ترس نہ سڪيا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جيتوڻيڪ سسئي جي مزار جبلن وچ ۾ آيل ميداني علائقي ۾ آهي تڏهن به ماڻهو قبرستان پرسان جبلن تان لٿل پاڻي جي ناهيل ناهموراين ڏانهن اشارو ڪري چون ٿا ته هي جبل ڦاٽو هو ته سسئي ۽ پنهون زمين اندر هليا ويا هئا. سسئي پنهون جيتوڻيڪ عشق جي علامت سمجهيا وڃن ٿا پر هتي ايندڙ ماڻهن هاڻي ڪانئن پٽ جمڻ لاءِ دعائن جون تقاضائون ڪرڻ شروع ڪيون آهن ۽ ڪجهه دوستن ته اهو به چيو ته شادي شده ماڻهو پنهنجي عشق جي ڪاميابي لاءِ سسئي ته دعا نه گهرن چو ته ڳوٺ واپس ورڻ شرط سندن ٻي شادي ٿي ويندي. عاشقن جي مزار آڏو هاڻي ماڻهن ڪنڌ نوائڻ شروع ڪيو آهي ۽ هو چائنٺ ڪي به ائين جهڪي هٿ لائي سيني تي هٿ رکن ٿا جيئن مڪلي ۾ مدفون عبدالله شاهه اصحابيءَ جي چائنٺ تي جهڪن ٿا. پر هن ڏکي منزل تي وينل سسئي وٽ عورتون نه اچڻ جي برابر اچن ٿيون، جڻ ته ساڻس سور سلڻ واريون به ناهن. هڪ ٻي ويڌن اها به سسئي سان ٿيل آهي ته سندس قبر ڪان سواءِ ڪٿي به سسئي نظر نٿي اچي يا محسوس نٿي ٿئي. وندر جبل جي ڇانو ۾ به بلڪل ائين سسئي جو ڪو اهڃاڻ (قبر ڪان سواءِ) نظر نٿو اچي. جيئن ڀنڀور ۾ سسئي جي ڪا سڃاڻ نه رهي آهي. ڪٿي به ڪو به تصوراتي پورٽريٽ يا شاعري جي ڪا سٽ نظر نٿي اچي. جيئن سندس پيءُ لالا جو ڳوٺ ڀنڀور پاڻي ۾ پسيل ۽ ويران آهي. پير پٿون ڪنڌڙ پهٽن مان گذري سسئي تائين پهچندر عاشقن لاءِ سنڌ سرڪار يا بلوچستان سرڪار پاران ڪو مسافر خانو ته خير، ڪو پليڪار جو بورڊ به لڳل نه آهي.

ڏونگر ڏکوين ڪي، دلاسا ڏجن،
گهٽو پڇي تن ڪي، جن وٿان هوت وڃن
تون ڪيئن سدا تن، پهڻ پير ڏکوئين

ائين ڏکويل پير ڪٽي اسان جڏهن ڄامشوري وٽان گذري رهيا هئاسين ته الائي ڇو خيال اچي ويو ته علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار تي وفائن، وفادارين ۽ عمر ڀر نڀائڻ جا قسم کڻڻ ڏاڍو سولو ڪم آهي پر سسئي تائين پهچي محبت جي عظمت کي سلام ڪرڻ به اجوڪن نام نهاد پريمي جوڙن لاءِ تمام اڙانگو آهي. سڄي سفر دوران سسئي لس ٻيلي ۾ به ائين ننڌڪي نظر آئي جيئن اها ڀنڀور ۾ ٻڌايل آهي، جتي سندس گهر ۾ ڪو نالو نشان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نہ بچيو آهي نہ ئي ڪو بورڊ لڳل آهي تہ سسئي جو گهر هوندو هو. هتي ويهي ڪپڙا ڌوئيندي هئي ۽ پنهون سان هتي پيچ اڙايائين "محبت جون سموريون نشانيون ڀنڀور مان سسئي سان گڏ هليون ويون ۽ هاڻي واقعي بہ "ڀينر هن ڀنڀور ۾، دوزخ جو دونهون" واري ڪار لڳي پئي آهي. "عاجز ڀنڀور تان موٽندي چيو ۽ اسان بہ "ڇڏينديس ڀنڀور، هنيئون هت نہ وندري" چئي ڀنڀور کي باءِ باءِ ڪيو. جتان جي ميوزيم ۾ بہ سسئي جو ڪو پورٽريٽ، (خيالي ئي سهي) موجود نہ آهي. ڀنڀور کان واپسيءَ تي اهو احساس شديد ٿي ويو تہ سسئي ڪيڏا ڪشالا ڪري اڙانگا پنڌ ڪيا صرف پنهون لاءِ ۽ ڀٽائي سندس پيرا ڪٽي ڪيس ڳايو ۽ عمل ڪيو رڳو هوتاڻي حب لاءِ پر زماني ٻنهي سان ڪو انصاف نہ ڪيو ۽ سندن نشانن (قبرن) کي ڇڙو مرادون پوريون ڪندڙ درگاهن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## گندا واه جو ٺرو، چيزل شاه جون ڏاچيون ۽ بلوچستان جو درد

اها ٽڏڙين هوائن واري چانڊوڪي رات هئي. جڏهن اسان ڪوئيٽا روڊ ڪان نوتال وٽان اولهه طرف لڙي درگاهه فتح پور شريف جو رخ ڪيو. سائين رکيل شاهه جي ميلي تي رات گذارڻ وارو دوستن جو اسرار ان ڪري به قبوليوسين جو سنڌ ۾ رکيل شاهه جي شاعري ۽ چيزل شاهه جون ڏاچيون هڪ جيترييون مشهور آهن. پر جڏهن فتح پور پهچي ميلي جو حال ڏٺوسين ته مقامي دوستن جي ان دعوي مان جڻ ته هوا نڪرندي محسوس ٿي ته "رکيل شاهه جو ميلو بلوچستان جو وڏي ۾ وڏو ميلو آهي." ميلو ڇا هيو. ٻه موت جا کوهه، ست اٺ مناين جا دڪان، هڪ چڙي گهر ۽ ڪجهه هوٽلون. پر اهو ميلو ڏسڻ لاءِ به بلوچستان جي ڏوراهن علائقن کان ماڻهو گاڏين جي ڌوڙ ۾ لتجي اچي پهتا هئا. سنڌ جي ميلن ۾ لڳندڙ موت جي کوهن تي جيڪي ناچڻيون ٻاهر نچي نچي تختا پجڻ جهڙا ڪري ڇڏينديون آهن. اهي هن جابلو علائقي ۾ سونهن جي وڏي کاڻ هيون ۽ موت جي کوهه اندر ڪجهه پيرڙا ڪٽي صرف دري مان ديدار ڪرائي غائب ٿي پئي ويون. ٿورو پريان ئي هڪ هوٽل ۾ پنهنجي برادريءَ جي شيڊول ڪاسٽ سمجهيا ويندڙ ڪدڙن جي به حڪمراني قائم لڳي پئي هئي. هوٽل ۾ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ اسڪولي بئنچون رکيل هيون جتي عمر جي فرق کان سواءِ وينل بلوچستان جا رهواسي تجسس پريل اکين سان ڏسندڙ پهرين درجي جا ٻارڙا لڳي رهيا هئا ۽ به کدڙا فقير سخت ماسترن جيان مٿن ڪنٽرول ڪيو بينا هئا. درگاهه جي اڳڻ ۾ صوفياڻو راڳ هلي رهيو هو. جتي سجاده نشين جي موجودگي سبب تمام گهڻي رش لڳي پئي هئي. پرسان ئي گادي نشينن جي اوطاقن ۾ آيل ذاتي مهمانن جا ٽولا پنهنجيون محفلون ڄمايون وينا هئا. ڪچين چوديوارن وارن اوطاقن ۾ هڪ طرف صرف گاڏيون بينل هيون. ته ٻئي طرف ٽي ٽڪل ناچڻيون پيرڙا ڪٽي مڙئي ڌوڙ اڏاري رهيون هيون. اتان جا شهزادا هيٺ رليون وڇايون وهاڻن کي ٽيڪ ڏيون وينا هئا ۽ حجتي دوستن مٿان پنجين روپين جا نوٽ گهوري رهيا هئا. "توهان بنا اطلاع جي دير سان پهتا آهيو. سڄو مال ختم ٿي ويو آهي. هاڻي چئو ته گندا واهه مان ٺرو گهرايون." هڪ صاحب زادي پنهنجي جيڪب آبادي مهمانن کي چيو.

فتح پور ۾ جيتوڻيڪ پاڻيءَ جي کوٽ نه هئي پر ايترو گهڻو به نه پئي مليو جو صبح جو ٽڙ ڪري سگهون. تنهنڪري اوطاق جي اڳڻ ۾ بينل پنگ جي ٻوٽن جا پنڙا پٽي پنهنجي خمار جو بندوبست ڪندڙ نوڪرن کي ڇڏي اسان ضلعي جهل مگسي جي ضلعي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هيڊڪواٽر گندا واھ ۾ حمام تان تڙ ڪرڻ لاءِ نڪري پياسين. فتح پور کان پنجن ڏهن منٽن جي مسافت واري ان شهر لاءِ ضلعي هيڊ ڪواٽر هجڻ ڪري جيڪا توقع ڪئي سين اها شهر ٻاهران لڳل اهو بورڊ پڙهڻ ڪانپوءِ ختم ٿي ويئي جنهن تي بلوچستان حڪومت پاران يونيسيف جي تعاون سان عجيب اشتهار لکيل هو ته " ميري گائون مين ليٽرين آئي هي، گهر گهر صفائي ڇائي هي." ميلي جي ڪري حمامن تي رش گهٽي هئي انڪري ڪم نمبرنگ تي هلي رهيو هو ۽ نئين اينڊڙ کي ويهن کان پوءِ نمبر ڏنو پئي ويو. حمام طرف وڃڻ بدران اسان شهر جو رخ ڪيو ۽ ماڻهن سان ڪچهريون ڪيون. گندا واھ ۾ ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو مضبوط مرڪز ناهي ماڻهو ووٽ هر حال ۾ بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير ذوالفقار علي مگسي کي ڏيندا آهن. "مگسي صاحب گندا واھ ۾ سالن کان نه آيو آهي سندس نياپي تي ووٽ ڪندا آهيون." هڪ دوڪاندار ٻڌايو گندا واھ جو ڪاروبار هندو سيٺين جي هٿ ۾ آهي پر هاڻي ڪجھ ٻين برادرين وارا به ڪاروبار ڪرڻ لڳا آهن. گندا واھ جي نري جي هاڻي ڇا حالت آهي؟ سا ته خبر نه پئجي سگهي پر ٻڌايو ويجي ٿو ته ڪجھ سال اڳ لوڪل ميڊ شراپ کي نڪر جي پيالن ۾ اتي پيش ڪيو ويندو هو. سندس ذائقي ۽ پيشڪش جي انداز جي تعريف جيڪب آباد تائين مشهور هئي. هتان جا تمام ٿوڙا ماڻهو اخبارون پڙهندا آهن. انهن کي به ڪوئيٽا کان نڪرندڙ اخبارون شام جون ملنديون آهن. جيڪڏهن شام جو نه ملي سگهيون ته ٻئي ڏينهن صبح جو ورهائيندا آهن. گندا واھ جي اڪيلي اخباري ايجنٽ اقبال پناڻ ٻڌايو ته هنن کي شهر جي ويجهي ماضي ۾ ٿيل ڪو سياسي جلسو جلوس ته ياد نه آهي. پر اها هڙتال ضرور ياد اٿن جيڪا سندن شهر ۾ پوليس ٿاڻو قائم ٿيڻ جي خلاف ٿي هئي. مقامي ماڻهو ٻڌائن ٿا ته سڄي ضلعي اندر هڪ ئي ٿاڻو آهي. "يعني ايس پي به هڪڙو ويهي ته ايس ايچ او به هڪڙو !" اسان سان گڏ سفر ڪندڙ بشير حيرانگيءَ مان چيو.

گندا واھ کان به اڳتي ويندڙ بريٽ جي اڪيلي روڊ بابت فتح پور جي گادي نشين جي پائٽي ٻڌايو ته ذوالفقار مگسي به اسان جي حمايت سان ڪٽندو آهي پر ان سميت ڪنهن به سياسي ماڻهو جو ان روڊ نهرائڻ ۾ ڪردار نه آهي. اهو ورلڊ بئنڪ وارن نهرائي ڏنو هو. هو چوي ٿو ته هاڻي ان روڊ سان ڪين وڏي سهولت ملي آهي. نه ته اهو پنڌ ڏاڍو اٽانگو هوندو هو. برساتن بعد مهينن جا مهينا ڳوٺ ۾ ئي محصور لڳ وينا هوندا هئا ۽ ٻاهر نڪرڻ جو رستو نه ملندو هين. ناشتي تي سنڌ ۾ عام جام چرندڙ چيزل شاھ جي ڏاچين جو ذڪر نڪتو ته ان ئي صاحب زادي هڪ واقعو ٻڌايو ته رستي ۾ ڏاچيون ملي وين. هو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پاڻ اهو ٻڌندا ايندا هئا تہ سنڌ ۾ چيزل شاھ جون ڏاچيون چرن ٿيون.“ اسان گاڏيءَ مان لهي جت کان پڇيو تہ هي ڏاچيون ڪنهن جون آهن تہ هن چيو تہ چيزل شاھ جون. چاچا سائين چيس تہ مان چيزل شاھ جو پٽ آهيان مون کي بہ ڏاچيون تہ ڏي تہ همراھ ڳالھ تان ڦري ويو ۽ چيائين تہ چيزل شاھ جڳ نالو آهي، ڏاچيون تہ اسان جون آهن، مڙئي پيا تا گذران ڪيون.“ هن ٻڌايو ۽ ڏاچين جي مالڪي بابت وضاحت ڪئي تہ هنن مان ڪڏهن هڪڙي ڏاچي بہ درگاھ تي نہ آندئي وئي آهي. درگاھ جي صحن ۾ رنگ برنگي ڳانا، رڪيل سائين ۽ چيزل سائين جو تصويرون ڪپائيندڙ کان گذري، اسان جڏهن روضي اندر داخل ٿياسين تہ بلوچستان جي هن پوئتي پيل علائقي ۾ راڳ ٻڌڻ جو جديد طريقو نظر آيو. چپڙيو يڪتارا ڪٽي، گيڙو ڪپڙا پاتل فقير جڏهن مزارن جي پيرانديءَ کان چيڙي هيٺان بيهي ”ڪلنگي والڙيا سائين جيون لڪ ٿيوين“ ڳائي رهيا هئا تہ هر عمر جا مرد ۽ عورتون گڏوگڏ اهو راڳ ٻڌي رهيا هئا، ۽ مزارن جي چوڌاري عورتون توڙي مرد گڏوگڏ ٻانهون ٻڌي ڦري رهيا هئا. ميلي تان موٽي جڏهن سبي وڃڻ لاءِ نوتال پهتاسين تہ نوتال بہ بلوچستان جي ٻين شهرن جيان نالو وڏو ديهہ ويران برابر لڳو. ”هتي پاڻي ئي ناهي تہ ماڻهو ڪيئن ترسن. هي تہ ڪجهہ ماڻهو مڙئي روزگار سانگي ترسيل آهن.“ هڪ هوٽل واري ٻڌايو ” هتي پاڻي هر ٻئي ڏينهن ريل آڻيندي آهي. اهو جمع ڪري رکندا آهيون، ٻئي پاڻي اچڻ تائين، نوتال ريلوي اسٽيشن لڳ اهو پاڻي جمع ڪرڻ وارو تلاءُ آهي ۽ پراڻي دور جا ڪجهہ ريلوي ڪواٽر بہ اجان مظبوط لڳا پيا آهن. هوٽل ۾ ويٺي هڪ جهوني نصيحت ڪئي تہ سبي وڃڻو اٿو تہ مهل ۾ نڪري وڃو نہ تہ رستو ڏاڍو ڏکيو اٿو. سندس رشتو ڏکيو چوڻ جو مطلب امن امان جي خراب صورتحال طرف اشارو ڪرڻ هو. چون ٿا تہ مين روڊن تي لڳندڙ ڌاڙن ۽ اغو جي وارداتن ۾ مختلف سردارن جا شوقيا صاحب زادھ ملوث آهن. جيڪي سچ لهندي ئي پنهنجيون ڪاروايون شروع ڪري ڏين ٿا ۽ انهن کان ڏنڊ ڏوھ ڀرائڻ يا ڦريل شيون واپس ڪرائڻ ڏکيون آهن. سردار وڏيڪ طاقتور ٿيڻ ۽ عام راج تحفظ جي چڪر ۾ آهي ان ڪراڙي کان ئي تعارف پڇيوسين تہ چيائين بلوچ آهيان. ابا ڪهڙو بلوچ؟ جي بلوچ اهڙي نفسياتي حالتن ۾ گذاريندڙ ماڻهن وٽ حڪومتي يا مضبوط سياسي قوت جو ڪو هلڪو تصور بہ نہ آهي. ” هو هيوي گاڏين ۾ هٿياربند ڪٽي گهمندڙ سردارن کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا. دو نمبري گاڏين جي ڊگين ۾ آديا ڪٽي گهمندڙ صاحبزادن کان ڪو پڇڻ وارو ناهي.“ اصولي سياست تہ اڄڪلھ آهي ڪو بہ ڪيڏو بہ شريف ۽ با اصول ماڻهو هجي. پنڌ ايندو تہ ماڻهو ڏيان ئي ڪو نہ ڏيندس پر پلي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

بي عزتو هجي پر پجارو مان لهندو تہ هر کو عزت کندس " ڊيرالهيار ۾ هڪ سرڪاري ملازم ٻڌايو. هن ٻڌايو تہ ڊاڪٽر حئي بلوچ فقير ماڻهو آهي. گهر ۾ سائيڪل بہ ڪونہ هيس ماڻهو ان کي ڪنهن ليکي ۾ ئي نہ تا آڻن پر سردارن ڏي روز پنڌ تا ڪن. سياسي ڪارڪنن جهڙيون ڳالهيون ڪندڙ ان اڌڙوٽ عمر واري سرڪاري ملازم اهو ڪو نہ ٻڌايو تہ بلوچستان جي مقامي ٻولين مان ڪا بہ ٻولي پرائمريءَ ۾ نہ ٿي پڙهائي وڃي ان ڪري هاڻي بلوچن جي رابطي جي زبان اردو ٿي وئي آهي." اڪبر بگٽيءَ جي وڏ وزارت واري دور ۾ مادري زبان اسڪولن ۾ پڙهائي ويندي هئي پر اها اسڪيم بہ اختلافن جي ور چڙهي وئي. ان ڪان پوءِ بلوچستان جا دانشور ڪنهن هڪ ڳالهہ تي متفق نہ ٿي سگهيا آهن" هن ٻڌايو.

بنا ڪنهن وڻ ٽڻ يا ساوڪ وارو بيل پٽ جو پنڌ لتاڙيندي بلوچستان جي ڪنهن وقت جي وڏي سياسي قوت بي ايس او جو ذڪر نڪتو جنهن کي هاڻي الائي ڪيترن ٽڪرن ۾ ورهايو ويو آهي. " بلوچستان جي سياسي قوت کي بي ايس او جي شڪل ۾ ٽوڙيو ويو تہ جيئن اها بلوچن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري نہ سگهي." هڪ مقامي دوست ٻڌايو "اهو انهن ڌرين کان برداشت نہ ٿيو تہ بلوچ سردارن جا پٽ قومي سياست ڪن ان ڪري هاڻي سرداري اولاد کي چورن، ڦرن ۽ ڌارن تي هيرايو پيو وڃي." بعد ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ سيوهڻ وٽان هونڊا موٽرسائيڪل سان پريل ٽرڪ ڪيئن اغوا ٿي. سندن علائقي ۾ ڪيئن پهتي ۽ پوليس کي هڪ سردار جي ڊيري تان ملي. هو بي ايس او جي ٽٽڻ کي بلوچستان جو اهڙو درد سمجهن ٿا. جنهن جو سالن تائين در مان نہ ٿي سگهندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# تجل جا کھڙا تجلا !

چونڊڪي ڪان رات جو واپس ڪوٽ بنگلي ايندي جڏهن ڊرائيور ڪان امن امان بابت پڇيم ته هن سميت گاڏي ۾ ويٺل سمورن دوستن متفق ٿي چيو ته خطري جي ڪا به ڳالهه ناهي، روڊ رات جو ٽئين چئين وڳي تائين به ائين گاڏين سان ڀريل هوندو آهي جيئن صبح جو ائين وڳي ڌاران. ڪوٽ بنگلي ڪان چونڊڪو تائين رڳو جبل ۽ ويراني پسي سگهجي ٿي پر اهڙن ماڻهن ڪان تقريبا آجي علائقي ۾ خطري جي ڪا ڳالهه نه هجڻ وارو بيان ٻڌي جڻ ته ڪجهه گهڙين لاءِ بي اعتباري اچي ويندي. پر چونڊڪي ڪان اڏائي ڪلاڪن جي پنڌ تي ويٺل تجل وارا ماڻهو به اها ڳالهه چون پيا ته رات جو گهرن کي ڍنگهر ڏيئي نه سمهندا آهن نه ئي پنهنجو مال متاع زنجيرن ۾ ٻڌندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن جو مال ڀلجي ڪنهن پاسي هليو ويو ته اهو واپس آٽي مالڪ تائين پهچائيندو. ڪوٽڏجي ۽ ڪوٽ بنگلي ڪان قومي شاهراهه جي ذريعي جڏهن به گذر ٿيو ته پهاڙين جي سلسلي کي ڏاڍي تجسس سان ڏسندو هئس ته اهو چونڊڪو ۽ نارا گيٽ آخر ڪهڙا علائقا آهن جيڪي ڪجين واري ضلعي جي پهاڙين پويان لڪل آهن. ان تجسس ۾ اها اٽڃاٽائي به شامل هئي ته احمد پور جهڙي ڏاڙيلن جي متاثر علائقي واري ضلعي ۾ چونڊڪو، نارا ۽ تجل جهڙا علائقا به هوندا جي گهمندي اهو احساس نٿو ٿئي ته ماڻهو اتر سنڌ ۾ گهمي رهيو آهي، گهڙي پل لاءِ ماڻهو جڻ ته لاڙ هليو وڃي ٿو. خيرپور جو هيءُ وسيع وارياسو علائقو دادو جي ڪاڇي واري علائقي جيان پوئتي پيل آهي، جنهن جي تعلقي هيڊڪواٽر چونڊڪي ۾ سرڪار اڃان پوسٽ آفيس به قائم نه ڪئي آهي ۽ نه ئي ڪو پوسٽ مين جهڙو ڪرادر هتي ملي ٿو. واريءَ جي ڍڙن ۾ ولاريل هن شهر سنڌ جي ڪافي شهرن جيان ورهاڱي ڪان اڳ واري وسندي لڳي ٿو جتي ڪاروبار تي قابض شوخ هندن جون شڪايتون مسلمان ماڻهو سس پس ۾ ڪن ٿا. ڏهه ٻارنهن هزار آباديءَ واري هن شهر ۾ پرائيويٽ اسڪول ته آهن پر سرڪار پنهنجي تعمير ڪرايل پرائمري اسڪول ۾ اڃا تائين عملو نه موڪليو آهي، جنهن ڪري سرڪاري اسڪول شروع ٿي نه سگهيو آهي.” هي ته هاٽي ڪجهه گئس نڪرڻ ڪانپوءِ چهل پهل وڌي آهي نه ته چونڊڪي ۾ ماڻهن جا حال پورا هئا“، هڪ دوڪاندار چيو. پر گئس ملڻ ڪانپوءِ چونڊڪي کي ڪهڙو پر لڳي ويا آهن؟ چون ٿا چونڊڪي ۽ ڪانوڙ جي آسپاس گيس ۽ تيل ڳولينڊڙ ڪمپنيءَ کي ٻارنهن ڪان وڌيڪ کوهه مليا آهن. ان ڳالهه کي ڏهه سال گذري ويا آهن پر اڃان تائين چونڊڪي شهر کي به ائين گيس ناهي ملي جيئن گهوٽڪي جي قادرپور کي. ”لاسمو ڪمپني وارا بورچي ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڊرائيور به فيصل آباد ۽ ملتان مان ڪنيون ٿا اچن. هتان جي ماڻهن جي انهن ڪي شڪل به ڪو نه ٿو وڻي" هڪ بيروزگار شخص شڪايت ڪئي، پر مقامي ماڻهو ان حق تلفي طرف ڪو عملي اجتماعي رويو نٿا رکن. "هن پاسي توهان ڪي نه ڪو ڪارو ڪاريءَ جو ڪيس ٻڌڻ ۾ ايندو". چونڊڪي جي هڪ زماني گشت همراهه ٻڌايو " ماڻهو اهڙو ڦڏي جو ڪم ڪن ئي ڪو نه. جيڪڏهن ڪنهنجو عيب ثواب ڏنائون به ته پردو وجهي ڇڏيندس". هن ڪي هڪ ٻي شڪايت به هئي ته ماڻهو "چوڪري پرست" ڏاڍا ٿي پيا آهن. اهو الزام لڳي ٿو هاڻي دادو وارن کان لهندو شڪارپور، گهوٽڪي کان ٿيندو چونڊڪي پهچي ويو آهي. جيئن ڪاچي واري وڏي شهر واهي پانڌي ۾ ٿر واري منيءَ تائين صرف روڊن جي سهوليت آهي تيئن ئي چونڊڪي تائين روڊ اچي ٿو جيڪو سوراهه ۾ ڪانوڙ تائين به نٿو هلي. سوراهه جي اولهندي پاسي اندس رينجرز پنهنجو هيڊڪواٽر اهڙي جڳهه تي قائم ڪيو آهي جتي انگريزن جو اهو بنگلو خالي ٿيل آهي، جتي حرن ڪي لاڪ اپ تشدد ڪيو ويندو هو. اتان گذرندي هوا جي جهوٽي جيان هڪ سوال ڪنن سان ٽڪرائجي ٿو. "ڇا هاڻي صورتحال تبديل ٿي آهي؟" هن علائقي ڪي عجيب انڪري به چئي سگهجي ٿو ته جابلو سلسلو ڪراس ڪرڻ ڪانپوءِ نارا ڪئنال پنهنجي مستيءَ سان ڪنارا ڪائيندي نظر اچي ٿو. اهي ٺئي شيون اهڙو ته علائقي ڪي خوبصورت بڻائين ٿيون جو هتي ڪنهن پڪنڪ پوائنٽ جي شديد کوٽ محسوس ٿئي ٿي. نارا ڪئنال اڄڪلهه جتان ڪٽان ڪپرن کان ڪائيندو پيو وجي جنهنجي ڪري مقامي ماڻهو ڪجهه وڌيڪ خوف ۾ ورتل آهن " سائين نارو آهي درياهه جو وڏو پٽ، اهڙي ئي مستي ڪري ٿو جهڙي سندس پيءُ. هاڻي ڪپڙن جي واهر ڪير ڪري؟" ڪانوڙ وٽ هڪ ڳوناڻي چيو. ماڻهن جو رستو نارا ڪئنال جي ڪپرن سان ئي نارا ڪئنال جو پيٽ ته ڏاڍو گهرو ۽ ويڪرو آهي پر ماڻهن ڪي زرعي آبادي لاءِ چئنلن جي ذريعي ملي ٿو، چو ته زمين جي سطح پاڻي جي وهڪري کان مٿي آهي. ماڻهو اڃا تائين نارا ڪئنال ڪي ٻيڙين واري پل ذريعي ڪراس ڪن ٿا جيڪا ممتاز چئنل وٽ آهي پر سخت ضرورت واري پل سالن پڄاڻان به ڪين تجل وٽ نهي نه ملي سگهي جنهن جون ٻيڙيون به ڪجهه آفيسر ڪٽائي ويا آهن. هتان جا ماڻهو اڃان تائين مفاصلو ڪلوميٽرن بدران آبپاشي وارين آرڊين ذريعي ٻڌائين ٿا "سائين تجل هتان کان 13 آرڊيون پري آهي"، هڪ ڳوناڻي ٻڌايو. نارا ڪئنال جي سمورن چئنلن تي قائم مانديٽون ۽ هوٽلڙا ئي هتان جي ماڻهن جي واحد تفريح آهن. تجل وٽ موڪلائڻ مهل ڪجهه مولاين صلاح هنئي ته "ابا ترسو ته تاڏل ( ينگ) جا ڪوندا گهوٽيون، شام جو شڪارڙو به



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪريون“ صلاح هٽندڙ موالي فخريه انداز ۾ ٻڌايو ته پنگ پيئڻ جا ڪيترائي مقابلا سندس ڪٽيل آهن. انن ۾ گهوڙن جي سواري هتي اجان تائين عام جام آهي پر ماڻهن ٽريڪٽرن کي به ٽيڪسي ڪري هلائڻ شروع ڪيو آهي. ”جتي چوندوءِ گهمائيندوسانوءِ رڳو رات ترسو ته ٽريڪٽر ڪيون تا سچو نارو تا گهمايون توهان کي ! “. هڪ خوشحال همراه دل کي کولي صلاح هنئي. ڪجهه خوشحال ماڻهن کي پڪيون جايون نهرائيندي ڏسي گهٽن ئي ماڻهن پنهنجا ڪکاون چونئرن کان شفٽ ڪري ڪچين پڪين جاين ۾ آٽي چڏيا آهن، جڏهن ته چونئرا پڻ اجان تائين عام جام ڏسڻ ۾ اچن تا. چونڊڪي ۾ جڏهن به پير پاڳارو ايندو آهي ته سندس ترسڻ لاءِ هڪ خوبصورت جهلو تيار ڪيو ويندو آهي، سنهن ڪانن ۾ سهڻن ڏاڳن سان جڙيل ان جهلي ۾ شيشي جو ڪم ته وڏي مهارت سان ڪيو ويندو آهي. چون تا اهو مڪمل ڪاتيج هوندوآهي جنهن ۾ ڪار پارڪنگ جي به سهوليت رکيل هوندي آهي. ” چاندوڪي راتين ۾ توڙي ڏينهن جو جهلو تيار ڪندڙ مرد ۽ عورتون مخصوص قسم جا مولود چوندا رهندا آهن ۽ ٽيپ تي به ٻڌندا رهندا آهن. پوري طرح پاڪائي سان ويهي اچي جهلو تيار ڪندا آهن.“ پير صاحب رات ترسي يا ڪلاڪ اڌ جي استعمال کان پوءِ جهلي جي عمر ختم پر اهو ٻئي ڪنهن کي به استعمال ڪرڻ نه ڏيندا آهن“. اهڙي ئي تازو ڪجهه مهينا اڳ استعمال ڪيل جهلي کي چونڊڪي ٻاهران گيس ڪمپنيءَ جي وڏي ڪليل ميدان واري استور ۾ پيل اسان به ڏٺو. پير پاڳاري جي جماعتين کي ته سرڪاري سزا کان وڌيڪ هٿ بند واري سزا جو ڊپ ٿئي ٿو جنهن ۾ سزا مليل همراه سان مخصوص عرصي تائين جماعتي مٽ مائٽ ۽ گهر ڀاتي به سوشل بائيڪاٽ ڪندا ۽ ساڻس ڳالهه ٻولهه ۽ هٿ ڏيڻ بند رکندا. ان دوران سندس گهر واري پڻ سوشل بائيڪاٽ ڪندي جنهن کي ”دربند“ چون تا. ” پلي گهمندو وتي مال، هتي ڪير چوري ڪري ته ٻئي ڏينهن هٿ بند تي وجينس“، هڪ ڏنار ٻڌايو.

هن وسيع ۽ ڦهليل وارياسي علائقي کي نارا چون تا. جڏهن ته نارا گيٽ، جيئن پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ڪو چونڊڪي جهڙو شهر هوندو پر نارا گيٽ صرف ڪجهه ماندڻين جو نالو آهي، جتي چانهه ملي سگهي تي. ان استاپ وٽ آبپاشي وارن جي هڪ گيٽ هنيل هئي، جنهن جي پرسان ڦٽل آبپاشي وارن جو بنگلو آهي. ان گيٽ سبب نالو ئي نارا گيٽ پئجي ويو اتس. وقت جي ڪميءَ سبب ڪتي جو قبو نه گهمي سگهياسين، ڪنهن برادري وچ ۾ هڪ لاجواب ڪتي تان ٿيل ڪجهه يادگار قتلن کان پوءِ مشهور ٿيو هو ۽ جڏهن اهو شوق وارو ڪتو مئو ته ان ڌر ڪيس دفنائي مٿانئس قبو اڏائي ڇڏيو هو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هن علائقي ۾ پکين جو شڪار بہ گھڻو ٿئي ٿو پر پکي اجان ماڻهن کان ڊڄن ٿا. مختلف قسم جا پکي ولرن ۾ گھمندي ملن ٿا. مقامي ماڻهن تہ اهو بہ چيو تہ رستي ۾ ٻوهان کي تتر گھمندي ملندا، اسان کي تتر تہ ڪو نہ مليا رڳو ٻيرا چڳندي مليا. ناري جا ماڻهو ٽر ڏٽي ۽ قلمي قرآن وارن زيارتين تي بہ عقيدتمندي واري شوق سان ويندا آهن. ٽر ڏٽي جي درگاھ تمام گھڻن زائرين کي پاڻ ڏي ڇڪي ٿي، ماڻهو سندس شجرو مخدوم بلاول سان وڃي ملائين ٿا ۽ نارا جي ڏورانهين علائقن کان انن ۽ گھوڙن تي چڙهي بہ مرد ۽ عورتون پنهنجون باسون باسين ٿا. جڏهن تہ قلمي قرآن وٽ اڪثر ڪري ماڻهو ساک پت سان آجو ٿيڻ لاءِ اچن ٿا. چون ٿا تہ ڪنهن غريب کي خواب ۾ آيو تہ سندس گھر پرسان واري وڻ تي قرآن شريف اچي لٿو آهي، جيڪو ڪنهن نامواقف ماحول تان اڏامي اچي وٽس مهمان ٿيو آهي ان کي پھرائي پاڻ وٽ رکي، جنهن بعد ان مسڪين هٿ سان لکيل قرآن شريف کي لاهي پھرائي پاڻ وٽ سنڀالي رکيو ۽ ائين سندس زيارتين جو سلسلو شروع ٿي ويو. اڄڪلھ ماڻهن کي گھڻو ٽڪو قلمي قرآن کي ساک پت لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو آهي. ”علائقي جي مشهور شخصيت شوڪت پنيرو تازو ئي ڪوڙو قسم کڻڻ سبب مري ويو آهي. هن قلمي قرآن تي هٿ رکي ڪوڙي ساک ڏني، ٻن ڏينهن کان پوءِ اچي جو بيمار ٿيو تہ مرندي مري ويو خوش نہ ٿي سگھيو“ چونڊڪي واسي تازي ٿيل واقعي متعلق ٻڌايو.

تجل کي ماڊل وليج بڻائڻ واري خواب کي ڪامورن پاران ڊوڙ ڪرڻ کان پوءِ مقامي ماڻهن سالن تائين سرڪار جي واپسيءَ جو انتظار ڪيو پر جڏهن سندن اکيون انتظار ڪندي ٿڪجي پيون تہ پنهنجي ئي پڙهيل لکيل نوجوان کي هنن سرڪاري عمارتن ۾ رضاڪارن طور ويهاري ڇڏيو. تجل اصل ۾ ڪنهن مخصوص ڳوٺ جو نالو ناهي، نہ ئي بينظير حڪومت پاران شروع ڪيل مثالي ڳوٺ واري اسڪيم ۾هتان جي ماڻهن لاءِ ڪي گھر نهرايا ويا هئا. چوڏنهن پندرنهن ٽريل پڪڙيل ڳوٺن جي وچ تي واريءَ جي دڙن کي سنوت ۾ آڻي ٻن ڪمرن تي مشتمل ٽي عمارتون تعمير ڪرايون ويون، اسڪول ڊسپينسري ۽ جانورن واري اسپتال ۽ انهن کي نالو ڏنو ويو ”مثالي ڳوٺ“ ٽيليفون ايڪسينچيچ سامان اسڪول ۾ ئي رکيو ويو. چار دڪان ساسو وارن نهرايا ۽ بہ دڪان ٽريڪٽرن جي گئريچ لاءِ اهو ٿي ويو ڪروڙين رپين جي لاڳت سان نهيل مثالي ڳوٺ. جنهن ۾ هاڻي ڊسپينسر، هائوس جاب ڊاڪٽر جيان دوربيني ڪلهن تي رکي ڊاڪٽر ٿي گھمي ٿو. سندس بہ ساٿي بہ هن وانگر رضاڪاراڻي نموني پرائمري اسڪول جو ڪم



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هلائين ٿا. ”سرڪار پنهنجو مقرر ڪيل اسٽاف سالن کان هن مثالي ڳوٺ ڏانهن نٿي موڪلي ته پوءِ هنن همراهن کي ئي ڪٽي نوڪريون ڏئي ته هي ئي پڪا ٿي ڪم ڪن“ تجل ۾ هڪ موالي چيو. تجل واسين وٽ پنهنجي دردن جو الڳ داستان آهي. هو مرحوم رحيم بخش وساڻ جو وڏيون شڪايتون ڪرڻ کان پوءِ چون ٿا ” پالٽيبازي (پارٽي بازيءَ) جو چڪر ڏسو، جنهن ڏينهن محترمه بينظير افتتاح ڪرڻ آئي هئي ان کان هڪڙي رات اڳ پوليس اسان جا ڏهه ٻارنهن همراهه لاڪ اپ ڪري ڇڏيا هئا، جي توهان ڳڙ ٻڙ ڪندو.“ ڳاڙهي ڏاڙهي واري هڪ ڪراڙي ٻڌايو ۽ وڌيڪ چيو ”ابا جڏهن جهاز به اڏري هليا ويا پوءِ اسان کي ڇڏيائون.“ تجل جي هڪ دلچسپ موالي پنهنجي روايتي انداز ۾ چيو، ”اهو به لک مولائي“ اهو جملوهر ڳالهائيندڙ جي ساهه پٽڻ کان پوءِ اهڙي ته سليليوار نموني سان چوندو رهيو جو يعقوب سرمرو ساڻ هجي ها ته ساڻس ضرور وڙهي پوي ها. واريا سي پنڌ جهاڳي وجڻ کان پوءِ تجل ڏسي جيترو اسان مايوس ٿياسين اوترو ئي تجل وارا همراهه خوش ٿيا. ماڊل وليج جو نالو ٻڌي اسان سوچيو ڪا ٺاهوڪي هارين جي ڪالوني، اسپتال، اسڪول جو وڏيون عمارتون هونديون پر ٻن ٻن ڪمرن وارا ڇپرا ڏسي ڏاڍا مايوس ٿياسين پر تجل وارا ڏاڍا خوش هئا. ”اسان پاڻ ڪيترن ئي مهينن کان تيارين ۾ هئاسين ته اخبار وارن کي وٺي اچي هھڙو ظلم ڏيکاريون پر توهان کي ته اچ الله آندو آهي، گهر ويٺي مهمان اچي ويا آهن“ هڪ نوجوان چيو ۽ جڏهن سندس ان جملي تي 50 سالن کان پوءِ ڪنهن اخبار وارا تجل آيا آهن ته مان خاموش ويٺو هئس ته موالي هڪل ڪئي ”اهو به لک، حقيقت اٿئي“. تجل جون هوائون ڏاڍيون زور هيون، ڄڻ اسان ڪيٽي بندر يا ٺٽي سڙڪ ڪناري ويٺا هجون. تجل پرسان وهندڙ واهه جي ٻنهي ڪپرن سان پوکيل املتاس جي وڻن کي ڏسندي ائين لڳو ته آبهوا ۽ امن امان جي حوالي سان لوئر سنڌ جو علائقو اپر سنڌ ۾ اچي ويو هجي، جتي ماڻهن جي ملڪيت پڻ مانيٽي آهي. ڪين واپڊا جي معمولي ڪم لاءِ به خيرپور وڃڻو پوي ٿو پر شڪايت نٿا ڪن، نارا ڪئنال تي ٻيڙين جي پل ۽ روڊ نهي نٿو ملين پر هو شڪايت نٿا ڪن، گيس نڪرڻ کان پوءِ ڌارين جا ڪٽڪ اچي ويا اٿن پر هو چپ نٿا چورين، سندن سادگي جي حد آهي يا پاسي تي ويهڻ سبب ڪين پتو نٿو پوي جو هڪڙي سپاهي کان به پوري ايس ايچ او جيترو ڊڄن ٿا. تر جا ننڍا وڏا زميندار صوبيدار ته ڇڏيو سپاهي سان به سنگت رکڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. ائين ئي پوليس، ٻيڙي ۽ تيل ڳوليندڙ ڪمپنيون سندن سچائي جو سبب ٻڌجنديون رهن ٿيون پر هو مٿيءَ جيان خاموش آهن، اجان ڪو طوفان ٻڌجي نه سگھيا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ٻره جي ٻوند ۽ دردونديءَ جو ديس

ڪيئن چئجي ته ڪارونجهر جي هنج ۾ سٽل ننگر شهر جا نصيب به ڪڏهن جاڳي پوندا ۽ هو ايترو ئي اهم شهر ٿي ويندو، جيترو ورهاڱي کان اڳ هو. ننگر پارڪر جا نصيب رڳو نواز ڪوسي جي دعائن ۽ اپيلن سان ته ڪو نه ٿا جاڳن ۾ جيڪو هر اهم ۽ غير اهم ماڻهو سان سور پٽيندو رهي ٿو. اهو الميو رڳو ننگر واسين جو ناهي پر پوري ٿر واري علائقي سان اهو ئي ويل آهي. جيئن هو چون ٿا ته ”اسين ته انهن (حاڪمن) جي نظرن ۾ ماڻهو ئي ناهيون اسين ته گدڙن وانگر پيا آهيون.“ پاري ننگر، ڪاسبو ۽ پارڪر جو اڳوڻو اوج ورهاڱي کان پوءِ جيئن ختم ٿيو آهي ته وري موٽي نه سگهيو آهي. اهي سون چانديءَ جا دڪان ۽ اهو گجرات، بمبئي، احمد آباد سان ڪاروبار ته ڪڏهوڪو ختم ٿيو پر اهو ڪاجهڙاسر به هاڻي اجڙي ويو آهي جتي شهر جو مايون جڏهن صبح جو اچي منهن ڌوئي وينديون هيون ته سجي تلاءُ مٿان انهن جي ڪجل جو ڪارو تهه ڄمي ويندو هو. هاڻي خير تلاءُ ته موجود آهي پر اهي ڪجل ۽ ڪجل واريون ته ڳولهيو ڪونه ٿيون لڀن. پاري ننگر جو حسن به ڄڻ ته انهن ”ويجهڙساءِ“ ۽ ”ڪاجهڙساءِ“ پائرن وانگر هتان رسي هلي ويو آهي جيڪي نڪرن جي ظلمن کان تنگ ٿي ڏياري واري ڏينهن ٻتيون ٻاري هميشه لاءِ پاري ننگر مان روانا ٿي ويا هئا. هاڻي چوڌاري بک ۽ غربت جو راڄ آهي. پر هاڻي راڄ جي خاتمي جا ڏينهن ويجها اچي ويا آهن، ڇو ته برساتن ڪانپوءِ ٿرين جا نصيب جاڳي پيا آهن ۽ هنن کي پلي فصلن لهڻ جي اميد آهي، هو پنهنجي تيار فصلن کي ڏسي قرض تي ورتل اٽي جي ماني کائي روايتي طور اهو جملو دهرائين ٿا ته ”اجا هڪڙو مينهن کپي.“ اهو مينهن ٿرين جي مطالبي وارو اهڙو مينهن آهي جيڪو ڪڏهن وسيو ئي ناهي، ڪيتري به برسات پئجي وڃي پر جڏهن ٿرين کان پڇبو ته هاڻي ته گهڻي برسات پئجي ويئي آهي ته هو اهو ئي جملو دهرائيندا ته ”اجا هڪڙو مينهن کپي.“

جنهن رات اسان اڏارتي مهمان ٿي اچي ننگر پارڪر پهتا هئاسين ان رات نه رڳو بادل ٿرين تي مهربان هئا پر هلڪي ڦڙ ڦڙ به پئجي رهي هئي. سڄو ڏينهن ٿر ۾ پٽڪندي ٿڪاوٽ جو احساس ئي نه ٿيو هو ڇو ته ٿر سڄو سرسبز ۽ سائو لڳو پيو هو ۽ اسان هندوري جي جهولن وانگر نهيل پٽن تان لهي ۽ چڙهي هر واديءَ جي نظاري کي ائين اتساه مان ڏسي رهيا هئاسين ڄڻ ته اليند اسڪيز جي ڪنهن شاهڪار مجموعي جا حسين صفحا اسان اڳيان کلندا ويندا هجن. ٿر جو اهو حسن پنهنجن پراڻن عاشقن لاءِ ڄڻ ته ڪيسيٽي پيغام ۽ نياپا ڏئي رهيو هو. ڏڪار جي ڏينهن ٻئراجي علائقن ڏانهن ويل ڍور ڍڳا ۽ ماڻهو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پنهنجي پٽن واري ديس ۾ ڏاڍا خوش ۽ مطمئن ٿي پي هليا. جيئن ڪيترن ئي ماڻهن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي آهي ته بک، بدحالي، ڏڪار ۽ سهولتن جي اڻهوند هوندي به ٿري آخر ٿر مان لڏي ڇو نٿا وڃن تيئن ئي اها ڳالهه سنڌ جي اڳوڻي ملنگ گورنر دائود پوٽي کي به سمجهه ۾ نه آئي هئي ۽ هن ڏڪار وارن ڏينهن ۾ ڪاڪٽ‍ھيار ۾ اچي اها راءِ ماڻهن سان شيئر ڪئي ته توهين هتان لڏي ڪراچي ڇو نٿا اچو. ٿرين پاران ان شهر ۾ مارجڻ واري خدشي ٻڌائڻ ڪانپوءِ هن کين اهو مشورو ڏنو ته چڱو پوءِ توهين سکر لڏي وڃو. عظيم دائود پوٽي جي اها ڳالهه ٿر ۾ اجا تائين ائين لطيفي طور مشهور آهي. جيئن مقامي وڏيري قائم علي شاهه جي رعب تاب تي اهو لطيفو نهيل آهي ته ڪنهن ٿريءَ ٻڌايو ته پٽي کي ڦاسي ڏني ويندي ته هڪ ٻي ٿريءَ ڪيس وراڻيو ته ”ڪارڙو قائم علي شاهه ويو آ مري جو ضياءَ پٽي کي ڦاسي ڏيندو.“ عظيم دائود پوٽي جي صلاح ماڻهن انڪري به لطيفي طور ورتي جو ٿري ٿر ڇڏڻ جو شايد تصور به نٿا ڪن ۽ هاڻ وسڪاري ڪانپوءِ توهان وڃي ڏسندؤ ته توهان به اهو چوڻ ڪان ڪونه رهي سگهندو ته هي حسين واديون ڇڏي آخر ٿري لڏي ڇو وڃن؟

ٿر جو زمينون جيڪي وسڪاري ڪانپوءِ هڪ ئي وقت ڪيترائي فصل ڏين ٿيون. انهن کي ٿري آخر ڇو ڇڏين. ٿر جو زمينون وسڪاري ڪانپوءِ ايتريون ته پليون ٿي پون ٿيون جو معمولي هر ڏيڻ ڪانپوءِ ڇٽيل هر ٻج مان اپت ڏين ٿيون. ٿر جي زمينن لاءِ مشهور آهي ته اهي امانت (ٻج ) ۾ خيانت نه ڪنديون آهن. هي زمينون ته چور جو پير به نٿيون لڪائين ته اهڙين اصيل زمينن کي ڇڏي ٿري اهڙن شهرن ڏانهن ڇو لڏي وڃن جتي چورن جا پير ته ڇڏيو انهن جا مائي باپ به لڪي ٿا وڃن.اهو قصو شايد ائين سمجهه۾ اچي ته ٿريءَ جو من به مور جهڙو ٿئي ٿو جيڪو آزاد پٽن ۽ ڳوٺن ۾ موج ڪري ٿو، پر شهرن ۾ اچڻ سان مري وڃي ٿو. جڏهن ڪان مٺي اسلام ڪوٽ ۽ ننگر پارڪر شهر ٿي ويا آهن ته مور انهن شهرن مان ئي لڏي ويا آهن. اهي ڳوٺن ۽ پٽن ۾ ته بنا ڪٽڪي جي گهمن ٿا، پر شهرن ۾ مايوس ٿي مري وڃن ٿا، شايد اهو ئي سبب آهي جو رينجرز جي ويراواهه واري هيڊڪوارٽر جا سپاهي جڏهن ٽن مهينن ڪانپوءِ موڪلن تي ڳوٺ وڃن ٿا ته هو ڪٽڻ لاءِ جيئرا مور به کڻي سگهن ٿا. پر هو ائين نٿا ڪن ۽ رڳو انهن مورن جي خوبصورت کنين جون ٻهاريون ناهي ڳوٺن ڏانهن کڻي وڃن ٿا.

بدترين ڏڪار ٿرين کي گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيو آهي، تنهنڪري هن وسڪاري ڪانپوءِ تمام گهڻا فصل پوکيا ويا آهن ۽ ڪجهه هنڌن تي ماڻهن ٻاجهر، گوار،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چانهيون (هٽداٽا) پوکي ڇڏيا آهن. نئين ايندڙ ماڻهو ڪي مري ويل جانورن جا رستن ۾ پيل هڏاوان ڍانچا شايد اجا به حيرت ۽ حراس ۾ آڻي ڇڏين پر هاڻي انهن ڏانهن ٿرين جي اک ئي ڀي آهي. هو پنهنجي تيار فصلن ڪي هڪ اميد ۽ آسري سان ڏسن ٿا. تيار ته هاڻي پٽن تي روهيڙي جو اهو وڻ به آهي، جنهن مان نهيل فرنيچر ڪي سرو نه لڳندو آهي. ڪونيٽ جو وڻ به گهڻو تيار بينو آهي، جيڪو ٻڪرين جو خاص ڪاچ ٿئي ٿو. ٿر ۾ هر قسم جي ساوڪ ڏسڻ ڪانپوءِ جڏهن ڳوٺن ۾ نمن جا وڻ ڏٺم ته آئون انڪري به حيران ٿي ويس جو ٿر جي معنىٰ بر ورتي وڃي ٿي ۽ هي نمن جو چائون ته بر ۾ پهاري هجن ٿيون. ڊاڪٽر سوني ٻڌايو ته ٿر ۾ سرڪار نه پر وٽن جو ٻج ڇٽڻ وارو ڪم گهڻو ٽٽوٻڪريون ۽ ڪانو ئي ڪن ٿا. انهن جي مهربانين سان ئي اهي گهاٽيون نمون ۽ ٻيا وڻ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. چون ٿا ته ٿر جي ماڻهن جيان ٿر جا وڻ به برسات جي اڳڪتي ڪن ٿا ۽ پٽن تي بينل ٻير جڏهن صفا سائي ڇهچ ٿي ٻور جهلي ته سمجهو برسات ويجهي آهي. سڀ وڻ ۽ گاه ساوا هئا پر ڪنڊيءَ جو وڻ سڪل هو، جنهن لاءِ ٻڌايو ويو ته اهو وڻ به اٺ جيان ٿئي ٿو. وسڪاري وارن ڏينهن ۾ خوراڪ گڏ ڪري ٿو ۽ ڏڪار وارن ڏينهن ۾ ان گڏ ڪيل خوراڪ تي ئي گذران ڪري سائو ڇهچ ٿي وڃي ٿو. ٿر ۾ ماڻهو اجا بڪن ۾ پاه پيا ٿين پر هاڻي اها ساوڪ ئي سندن اميدن ڪي به سائو رکيو اچي ٿي ۽ ڪين خوشحاليءَ جا ڏينهن ويجهو ايندي محسوس ٿين ٿا پر هيءَ اها خوشحالي ناهي جنهن جو آسرو ٿيندي ئي اتر سنڌ ۾ جهيڙا شروع ٿي ويندا آهن. ٻاويهه هزار چورس ميلن تي پکڙيل هن ريگستان ۾ لکين ماڻهو آباد آهن پر هو پاڻ ۾ ورلي ڪو وڙهن ٿا. ڪاڪٽهيار بجير ڪان ٿي جڏهن اسان ”ڪاڪٽهيار رحم علي“ وٽان گذري رهيا هئاسين ته واري جي پٽن وچان نهيل هڪ رستي تي وروڪڙ مٽيندي اسان جي گاڏي سامهون ايندڙ گاڏي سان ذري گهٽ ٽڪرائجي وئي هئي پر ان تي ٻنهي ڏرين مان ڪير به نه ڪاوڙيو ۽ ٻنهي ڪلندي گاڏيون اتي پوئتي ڪري هڪٻئي ڪي رستو ڏنو. هونئن ته سڄو ٿر پرامن آهي پر جنهن ڳوٺ ”منڙيو سومرا“ ۾ اسان ڪجهه گهڙيون ترسياسين ان بابت ٻڌايو ويو ته ان ڳوٺ ۾ گذريل ڏيڍ سؤ سالن دؤران ڪوبه قتل نه ٿيو ۽ نه ئي ڪو خوني جهيڙو ٿيو آهي. ان ڳوٺ ۾ نه رڳو مختلف ذاتين وارا ماڻهو رهن ٿا، پر مختلف مذهبن وارا ماڻهو به رهن ٿا، پر ان ڳوٺ ۾ ڪڏهن ڪا چوري به نه ٿئي آهي. ان ڳوٺ جي مسلمان وڏيرن جي گهر پرسان مينگهواڙن جي عبادت گاه ”ٿان“ نهيل آهي. ان ڳوٺ ۾ ڪو به گوڙ شور ڪونه هو صرف پکين جو آواز هو. ان ڳوٺ جي صاف سٿري چؤنري ۾ پيل هندوري ۾ لڏندي ”ڪاٺائو جاني“ الاءِ ڇو صفا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

معصوم پئي لڳو ۽ ڪيس شايد اهڙو سرور ملي رهيو هو جهڙو اسان کي ننگر جي ننڊ مان صبح جو سوير جاڳندي ٿيو هو. ان صبح پکين جي آواز تي جڏهن اک کلي ته سامهون ئي ڪارونجهر جون چوٽيون ڏنڌليون نظر اچي رهيون هيون. ان ئي ڪارونجهر ۾ اڄڪلهه ته ڪو انديا مان پلجي آيل چيتو لڪل آهي، پر ان پهاڙ جي هر پٿر هيٺان ڪولهين جون ڪيترون ئي ڪهاڻيون لڪل آهن. اهو ته چاچو نواز علي ڪوسو ئي ٻڌائي سگهي ٿو ته ڪيئن انگريزن روپلي جي هٿن کي ڏيئا ٻٽائي باه ٻاري هئي. پر هن راز نه اوڳاڇيو. ان ئي نواز ڪوسي، انور پيرزادي ۽ بدر ابڙي سان گڏجي ان جڳهه تي پٿر رکي نشان ناهيو هو جتي وڻ ۾ تنگي روپلي کي ڦاهي ڏني وئي هئي پر اهي پٿر به هاڻي ڪير اکاڙي ويو آهي ۽ صرف ڳالهين تي ئي اعتبار ڪرڻو پوي ٿو. ڪولهي اڄ به روپلي جي شاعري ””ٻوليو وڪڙا ٻول“ جهڙا مصرعه ٻڌائين ٿا. چاچو نواز ته اسان کي ڪولهين جي هڪ ٻئي وڏي جهونجهار مڏو ڪولهي جو به يادگار ڏيکاري ٿو، جنهن جو اولاد هاڻي مڏاٽي ڪولهي سڏجي ٿو ۽ هر ڏياري واري ڏينهن اهي ڪولهي سندس ورسي ملهائين ٿا. ڪولهين جا ڳوٺ گهمڻ کان پوءِ اسان جڏهن ڪاسبي پهتاسين ته اعتبار نه پئي آيو ته ٿر جي ڪنهن علائقي ۾ بيٺا آهيون ڪاسبي جون زمينون بيراجي علائقن جيان مشينن ذريعي پاڻيءَ تي آباد ٿي رهيون آهن. ڪاسبي ۾ انبن،ليمن ۽ ناريلن جا وڻ به اپت ڏين ٿا. ٿر جي ان ننيڙي نخلستان جهڙي مندر ۾ مورن جي ٿهوڪن اسان جي آجيان ڪئي، الاءِ پوڄاري کي اطلاع ڪيو ته اجنبي اچي ويا آهن؟ اسان ڪاسبي جي باغن مان گهمندي رابيل جا گل پٽي خوشبو جا واس وٺندي موٽياسين ته رستي ۾ مور جا کنڀ پيل مليا، هڪ کنڀ مون به کنيو. ڪاسبي جي ٻارڙن تي رشڪ پئي ٿيو، جيڪي مورن جي کنڀن سان کيڏي رهيا هئا. هڪ ٻارڙي کان کنڀ ورتم پر هن بعد ۾ ڦڏو اهو ڪيو ته ٽڪ (کنڀ) واپس ڪر يا وري به روپيا ڏي. ٽرين جي ٻارڙن جي ڪمرشل ٽيڻ تي حيرت سان گڏ خوشي به ٿي ۽ ماڻهن جي ٻڌايل انهن ڳالهين تي به شڪ ٿيو جيڪي چئي رهيا هئا ته ٿر ۾ ڪير اجان به مفت ۾ ملي ٿو، پيسن تي وڪرو نٿو ڪيو وڃي. ڪاسبو ٿر جي ٻين ڳوٺن کان گهڻن حوالن سان منفرد آهي. ڪاسبي جا ماڻهو ڏڪار دؤران سنڌ جي بئراجي علائقن ڏانهن لڏي ڪونه ويا هئا. پارتي سرحد کي ويجهي هن شهر جي آبادي هاڻي وڌندي پئي وڃي جنهن ڪري گهٽيون ۾ گهر سوڙها ٿيندا پيا وڃن.

ڪاسبي جي حسن جي تعريف هنڌان هنڌان ٻڌيسين پر اسان کي رڳو سرسبزيءَ وارو حسن نظر آيو. اهو عورتاڻو حسن الاءِ ڪٿي لڪل هو جيڪو نه ڏسڻ جون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ميارون واپس اچي منيءَ ۾ به مليون. ڪاسبيءَ جي ننڍڙي زميندار ڊاڪٽر شنڪر ٻڌايو ته ڪاسبي جي اڊائي ٽي سؤ ايڪڙ زمين آباد ٿي سگهي ٿي، پر پاڻي محدود هجڻ ڪري هاڻي پنجاهه سٺ ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. ڪاسبي وججي ۽ يوسف فقير نابين جا رسوڙا نه ٻڌجن ته سڄو سفر اڌورو رهجي وڃي ٿو. اسان کي جنهن هڪ ڪمري واري ڪلينڪ ۾ چانهه پياري ويئي ان جي فرش تي ويهي فقير جڏهن پنهنجي هارمونيم تي هٿ رکي آلاپ شروع ڪيا ته ڪجهه گهڙين لاءِ اسان صحرا جي اداسيءَ ۾ گم ٿي وياسين. هو جڏهن درد ونديءَ جي ديس وسڻ جي ڳالهه ڳائي رهيو هو تڏهن به چڻ ته سندس ڳل تان ڳوڙهو سڪل نه هو ۽ هن کان جڏهن گجراتي ۽ مارواڙي لوڪ گيتن جي فرمائش ڪئي وئي ته هن پنهنجي دل جي درد کي انهن ڏنن ۾ ويڙهي پيش ڪيو. اهي سٽون شايد سمجهي نه سگهجن پر انهن جو ترجمو اهو پيو ٻڌائي ته ”تون گجرات يا مارواڙ وٽج واپار تي وڃين ٿو ته مونکي به پاڻ سان ورتيون هل، چو ته تون دير سان موٽندين.“ انهن ئي سٽن ۾ وڻجاري جي زال چوي ٿي ته ”ڪجهه ڪاغذ تي لکيل هجي ته پڙهي ونجي پر قسمت کي ڪيئن پڙهجي.“ هڪ ٻئي لوڪ گيت ۾ وڻجاري جي زال چوي ٿي ته ” آوڻ جا ڪهه ڳيو ڪر ڳيو قول هزار“ يعني اچڻ جا انيڪ وعدا ڪري ويو پر سندس انتظار ۾ ڏينهن آڱرين تي ڳڻي ڳڻي آڱرين جون لڪيرون ئي ڊهي ويون آهن پر هو به پهتو.

اداسي ۽ انتظار جي  ڪيفيت نه رڳو ”يوسف فقير“ جي رسوڙن ۾ هئي پر هر ڳوٺ ۾ چڻ ته اداسي ۽ انتظار موجود هو جيڪو هنن پٿن ۽ چؤنئرن ۾ هميشه لاءِ ترسي پيو آهي. اداس ته هاڻ ڳوڙيءَ جو اهو مندر به آهي جنهن ۾ پوڄا پاٺ لاءِ ته ائين ڪو به نه ٿو لڙي جيئن ڪارونجهر جي قطار ۾ تباهه ٿيل جين ڌرم وارن مندرن ۾ ڪوئي نٿو لڙي. اوسواڙ ذات جي شاهوڪار منگي پاران 1376 ۾ نهرايل پارسانات جي ان مندر ۾ ڪڏهن ساڌو اچي تپسيا ڪندا هئا پر هاڻي ان مندر کي اچي چمڙن وسايو آهي. آئون ته چمڙن جي ڊپ کان اندر ئي نه پئي گهڙيس پر جڏهن ”ڪاڻائو جاني“ همت ڏياري وني هليو ته هر ساڌوءَ جي چلي ڪڍڻ لاءِ الڳ جاءِ نهيل هئي. مندر ٻاهران ئي زير زمين وڃڻ لاءِ هڪ ڏاڪڻ نهيل هئي پر اها ڪجهه فاصلي تي پوريل هئي. چون ٿا ته دنيا تياڳيندڙ ساڌو زير زمين وڃي چلا ڪيندا هئا ۽ پاري ننگر تائين هليا ويندا هئا تباهه حالي ۽ بي ڌياني رڳو مندرن کي نقصان نه پهچايو هو. پر پوڏيسر جي اها مسجد به جهريل هئي جيڪا روايت موجب حڪمرانن پاران هڪ رات اندر تعمير ڪرائي وئي هئي. گوڙي مندر جيان پوڏيسر جي مسجد جي زبون حاليءَ کي به اچي چمڙن وسايو هو ۽ انهن جي صفائي اهي عمارتون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڏسڻ لاءِ ايندڙ سياح ڪري رهيا هئا. ٻنهي عمارتن اڳيان آثار قديمہ وارن جي اها ڪل جهڙي تنبيهہ لڳل هئي تہ هنن عمارتن کي نقصان پهچائيندڙن کي هيتري سزا ڏني ويندي حالانڪہ ڪنهنجي بہ پاران نقصان پهچائڻ ڪانسواءِ ئي اهي عمارتون تباہ ٿي رهيون هيون پر سندن مرمت نہ ٿي رهي هئي.

پوڊيسر ڪان واپسي تي اسان ان رڻ مان گذرياسين جنهن کي ڪڇ جو رڻ چيو وڃي ٿو. چاچي نواز ڪوسي چواٽي اصل رڻ تہ انديا ۾ آهي اسان واري پاسي مڙئي پچاڙون آهن. پر اهي پچاڙون بہ ايڏيون خطرناڪ هيون جو ماڻهو پلجي وڃن ٿا. ان رڻ جو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ درشن ڪرڻ ڪانپوءِ احساس ٿيو تہ اسان رات ڪيڏو رڻ جهاڳيو هو، جنهن ۾ جيڪڏهن تجربيڪار ۽ واقفڪار ماڻهو گڏ نہ هجن ها تہ اسان سان بہ شايد سازدا جي ان اڳوٽي چيئرمين جهڙو حشر ٿئي ها، جيڪو ساٿين سميت رڻ جو پنڌ جهاڳيندي پلجي وڃي پرئين پار پهتو ۽ ان پار جي اهلڪارن مارڪٽ بعد ڪانئن اهو پئي پڇيو تہ ”اڌر ڪيون آئي هو؟“ جڏهن اتان جان ڇڏائي موٽيا تہ پاڻ وارن ڊول سپاهين ٻيهر وري سندن مزماني ڪندي ڪانئن اهو پئي پڇيو تہ ”اڌر ڪيون گئي ٿي؟“

جڏهن ڪان انديا وارن پنهنجي سرحدي پٽي تي ڄاريون هٽي ڇڏيون آهن تڏهن ڪان اهو بدنام اسملنگ جو ڌنڌو نپ ٿي ويو آهي، جنهن جي آڙ ۾ اڪثر ٽري ڪٽبا رهيا آهن تہ ”بتاؤ اندين وسڪي اور ڪرنسي ڪهان هي.“ هاٽي ان اسلام ڪوٽ کي پنهنجو اوج ڪير موٽائي ڏي جيڪو ٿر جو مرڪزي شهر هوندي بہ تباہ حال آهي. هاٽي تہ شهر ۾ ڪو سيٺ نهال چند بہ ڪونهي جيڪو وٽن پوڪڻ ڪان وني ميوزيم نهرائڻ تائين سمورا ڪم ڪري سندس نيڪيءَ ۽ ڀلائيءَ وارن ڪمن جي تعريف ٻڌي جڏهن اسان اسلام ڪوٽ جي نجي ميوزيم اندڙ گهڙياسين تہ شام ٿي وئي هئي ۽ ميوزيم جي وراندي ۾ ٽي وي ۽ وي سي آر رکي ڪجهہ ماڻهو فلم ڏسي رهيا هئا. ان ٻن ڪمرن واري مختصر ميوزم جو بہ ٿر جهڙو حال هو جنهنجو ڪوڏٽي سائين ڪونهي. ان حسين صحرا ۾ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لڪل آهن. پر حالتن ان وسيع منفرد ايراضيءَ کي معمولي سرڪاري ۽ غير سرڪاري پٽيلن حوالي ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي ٿر سان صرف هڪ حد تائين هلن ٿا ۽ هي صحرا ڏوراپا ڏيئي ٿو تہ،

”حد حد چليا هر ڪوءِ، بيحد چليا نہ ڪوءِ،
بيحد ڪي ميدان مين کهڙا ڪبيرا روءِ.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڪاڇي جو البم ۽ اڻ لکيل کهاڻيون

ان ڏينهن هروڀرو ڪنهن وڏي خبر جو آسرو ڪونہ هو پوءِ بہ ”واهي پانڌي“ مان نڪري جڏهن ”بودي“ جي پرسان پهتاسين تہ ائين لڳو تہ پنڌ سجايو ٿيندو. روز (ڪاڇي ۾ هر شئي جا ڪجهہ عجيب نالا آهن، جيئن وسندين ۾ روز، سوري، هليلي وغيره) ڪان اڳتي ٿياسين تہ خوبصورت پهاڙن جو البم اسان آڏو کلي پيو. پهاڙن جو گلابي، سليٽي ۽ هلڪي سائي رنگ واريون چوٽيون قطار ۾ ائين لڳي رهيون هيون ڄڻ سهڻن چٽسالي ڪيل پلرن واري وڏي حويلي ڊير تي پئي هجي. بودي وٽ اچي ويتر حيرانگي اها ٿي تہ جبل ۾ بہ پوڪ ٿئي ٿي. ڪاڇي ۾ بودي متعلق اها چوڻي مشهور آهي تہ قلندر شهباز وارو بودلو فقير ڪجهہ وقت هن چشمي واري غار ۾ ترسيو هو جتي هاڻي چشمي جي پاڻيءَ مان چمڙيءَ جي مريضن کي شفا ملي ٿي ۽ خارش يا ملي ورتل ماڻهو اتان وهنجي صحت ياب ٿين ٿا. ان چشمي جي مٿان واري پهاڙي تي سائو جهنڊو بودلي جي نشان طور لڳل آهي. جبلن وچ ۾ نرم زمين کي کيڙي هو هر شئي پوکين ٿا. ” هن سال مرچ بہ پوکيا آهن پر ڊاڪٽر صاحب انهن کي الائي کهڙو بيماري اچي لڳي آهي. ڪا دوا تہ لکي ڏيو!“ بودي وٽ ڊاڪٽر علي احمد رند کان ميرا ڪپڙا پاتل ۽ گهڻي وقت کان ڪونہ وهنتل همراه جڏهن اهو سوال پڇيو تہ مون کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو. ڊاڪٽر پاران ماڻهن، جانورن ۽ فصلن جي ڊاڪٽرن وچ ۾ فرق سمجهائڻ جي باوجود همراه جو اهوئي ضد تہ ”دوا تہ ڊاڪٽر لکي ڏيندا آهن، تون بہ ڊاڪٽر آهين،مرچن لاءِ ڪا دوا لکي ڏي.“

بودي وٽ چانهہ پي اچي ”چاڪر گهٽ“ پهتاسين جتي ڪاڇي جي انسائيڪلوپيڊيا سمجهيو ويندڙ جهوني مامي عرس ٻڌايو تہ ”هتي چاڪر اعظم ۽ لاشارن وچ ۾ جنگ لڳي هئي. هن پاسي رند مورچا بند هئا ۽ هن پاسي لاشار“. هن جبلن جي چوٽين تي قطار ۾ پيل پٿرن جا نشان ڏيکاريندي چيو: ”اهي مورچا هئا ۽ هي چاڪرا اعظم جي رهائشگاه هئي.“ ان رهائشگاه واري پٿريلي زمين وٽ بظاهر ڪجهہ پٿرن جي بيا ڪي بہ نشان نہ هئا. هڪ چئن ٽڪرن ۾ ڀڳل پٿر لاءِ ٻڌايو ويو تہ اهو هتي پوريل دنيا (دولت) جي ديڳ مٿان ڍڪ ڏنل هو جيڪا ويجهي ماضي ۾ ڪجهہ ماڻهن کي هٿ آئي هئي. هو ٻڌائين ٿا تہ ڪاڇي جي هر حصي جي ان مقصد لاءِ کوٽائي ڪيل آهي. پر چند ماڻهن ڪانسواءِ سمورن کي مايوسي نصيب ٿي. جابلو ٽڪر جي وچ ۾ نهيل تمام سوڙهي رستي تان ٿيندا جڏهن ”سدو ڊوه“ پهتاسين تہ ڪاراڻ مائل وڏا پهاڙ ڪر ڪنيو بيٺا هئا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

انهن جي هيٺان وڏي اونهي پر ننڍڙي ڊنڍ هئي جنهنکي سدو ڍه (ڊنڍ) چون ٿا. سامهون وارو جبل تمام اوچو ۽ ترڪڻو هو پر ٻڌايو ويو ته جابلو ٻڪريون اتان به وڏي مستيءَ سان ٽينگ ٽپا ڏيندي ويون لهنديون آهن. هن جابلو علائقي ۾ جتان به ماڻهو گذرن ٿا اتان پنهنجا نشان پٿرن مٿان ڪجهه ٻيا پٿر رکي يا وڏي گاه کي ڳنڍ ڏئي نئين ايندڙ کي هڪ لحاظ کان رستو ٻڌائين ٿا. اهڙي نشان کي هتي "چورو" چيو وڃي ٿو. "سامهون واري سوراخ تان هڪڙو همراه پٿر جي وڏي سرميداڻي ڪٽي آيو هو. ان پرسان ناهيل چورو به اجان به ڊنو آهي" هڪ جهوني ٻڌايو. سدو ڍه بابت مزيدار ۽ اڻ لکيل آکاڻي اها ٻڌائي وڃي ٿي ته جڏهن چاڪر اعظم ۽ لاشارن وچ ۾ جنگ لڳي ته هن ڍه (ڊنڍ) جي مٿان واري وڏي جابلو چوٽيءَ تي چاڪر اعظم جون به زالون سدو ۽ سمي پنهنجي ڳچين ۾ جنڊ جي پڙن وارا وڏا پٿريلا ٽڪرا ٻڌي بيٺيون. انهن عورتن مڱڻهارن کي چيو ته جيڪڏهن چاڪر جنگ کٽي ته اهي خوشيءَ واري ڏن ۽ هارائي ته غمگين ڏن وڄائين ته جيئن جنگ هارائڻ جي صورت ۾ دشمنن جي لشڪر جي هٿ لڳڻ کان پهريائين ئي هو خودڪشي ڪري ڇڏين. چون ٿا ته اها جنگ جيتوڻيڪ چاڪر کٽي ورتي هئي پر عورتن جي وفاداري آزمائڻ لاءِ شرط تي مڱڻهارن کان غمگين ڏن وڄرائي وئي جيڪا ٻڌڻ شرط سدو ۽ سميءَ ٻنهي ان ڊنڍ ۾ ٽپو ڏنو جنهن ڪري ان ڊنڍ کي سدو ڍه يا سمي ڍه چون ٿا. جنهن ۾ هاڻي خطرناڪ واڳون رهن ٿا. پهاڙن جي وچ ۾ ان ڊنڍ پرسان پٿريلي واريءَ جو به هڪ ٽڪرو آهي جتي خيما هڻي آرامي تي سگهجي ٿو. تمام اوچي ۽ ڏکئي پيچري واري جابلو چاڙهي ڪيترين ئي ساهيون پٽي چڙهڻ کان پوءِ سامهون "گاجي چوڻ" ۽ ڪوٽ نظر آيا. ڪوٽ هتي ڪبوتر کي چيو وڃي ٿو ۽ جنهن پاسي گهڻا ڪبوتر رهن ٿا ان علائقي کي ئي ڪوٽ سڏين ٿا، جڏهن ته هڪ وڏي پهاڙي ٽڪريءَ تي ناهيل نشان "گاجي چوڻ" بابت ٻڌايو وڃي ٿو ته گاجي شاه ڪنهن همراه کي ڏسيو هو ته سندس بندوق ان ٽڪريءَ تائين مار ڪري ٿي. اها ڳالهه نه مڃڻ کان پوءِ اهو همراه جڏهن شرط پڄائڻ لاءِ ان چوٽي تي وڃي بيٺو ته گاجيءَ ڪيس بندوق سٽر ۾ هڻي منڊو ڪري وڌو. ڪاڇي ۾ سٽر کي چوڻ چيو وڃي ٿو.

هڪ دفعو ٻيهر سڌو پهاڙي رستو نڪري پيو جتان دولت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوٽيل ڪوهن جا نشان ڏسي اڳتي ٽپاسين. جتي ميدان ۾ وڪريل پٿرن لاءِ ٻڌايو ويو ته اهو انگريزن جي زماني ۾ پوليس ٿاڻو هوندو هو. هاڻي ته هن پاسي پوليس پلجي به ڪونه ٿي اچي. " واهي پانڌيءَ ۾ اسان جي اوطاق تي ويهي ايمرجنسي ۾ به پوليس وائرليس تي بالا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

عملدارن کي ٻڌائيندا آهن ته سائين پوزيشن ڪاري ڪوٽ وٽ آهي. هاڻي اجازت هجي ته ٿاڻي واپس اچون“ واهي جي پڙهيل لکيل نوجوان غفور ٻڌايو. ڪاري ڪوٽ تائين پهچندي اسان جي به حالت ڏاڍي ابتڙ ٿي چڪي هئي جتي پٿرن ۾ هڪ بينڪ ناهي همراه ماني تيار ڪرڻ لڳا. مانجهاندو ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اک کلي ته چوطرف جا نظارا به وڻڻ لڳا. وڏن جبلن جي وچ ۾ هڪ سرسبز ۽ سائي وادي جنهن جي وچان چشمي وارو پاڻي فصلن کي سيراب ڪندو اڳتي پئي ويو. ”سامهون ميان جو ڪوٽ اٿئي“ سفر ۾ شامل هڪ دوست ٻڌايو ”جنهنجا آثار به هاڻي مٽجڻ لڳا آهن. اهو ڪوٽ اهڙي ٽڪري جي مٿان اڏيل آهي جتان هن پوري واديءَ تي نظر پوي ٿي ۽ بلوچستان کان ايندڙ سمورن رستن کي چڱي نموني نظر ۾ رکي سگهجي ٿو.“

ميانوال تحريڪ جي اڳواڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي کي مغل بادشاه جي ان پيڻ گواليار قلعي جي قيد مان آزاد ڪرايو هو. جيڪا مٿس موهت هئي، جنهن کان پوءِ ميان اچي ڪاچي کي پنهنجو هيڊ ڪواٽر بڻايو. هن سفر کان ڪجهه وقت اڳ جڏهن اسان کي اين شاهه واري پاسي کان ميان جي قبي (ميان نصير محمد جي قبر) تائين ويا هئاسين ته اتي به رڳي رڃ نظر آئي هئي. خود ميان نصير جو مقبرو بنا ڇت وارين پٿين اندر هو، جنهن تي بي اولادي ماڻهو تمام گهڻ تعداد ۾ دعا گهرڻ اچن ٿا. ميان نصير جي قبر انهيءَ وڏي قبرستان سان گڏ آهي جنهن جي ڪيترين ئي قبرن تي عاليشان چٽسالي ٿيل آهي پر اهي پڪيون قبرون سنڀال نه ٿيڻ ڪري هاڻي جهري رهيون آهن. چون ٿا ته اڳوڻي وزيراعظم جي بادشاه مڙس کي ڪنهن اهو ٻڌايو ته ميان نصير اصل ۾ سندن مرشد آهي، ته ان صاحب روڊ ذريعي ميان جي قبي کي شهرن سان ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو، جيڪو ڪم اڃا به جاري آهي. ”ايڏانهن نه وڃو، بيبين جون قبرون آهن. ڏسندؤ ته ڪدڙا ٿي ويندؤ“ قبرستان ۾ الڳ پٽ اندر نهيل قبرن طرف وڃڻ کان انهن ننڍڙين ڇوڪرين منع ڪئي، جيڪي خيرات وٺڻ لاءِ اسان جي پويان لڳل هيون. پر ميان جي ڪوٽ وٽ بلڪل سانت هئي نه قبرون هيون ۽ نه وري خيرات گهرندڙ ڇوڪريون، هر طرف سانت هئي. ان ڪوٽ اندر هاڻي ڪوبه نه رهندو آهي جو ته ڪوٽ ته نالي ۾ آهي باقي ته ان جا آثار ڪنهن ننڍڙي چوديواريءَ جيترا مس ٿا لڳن. ميان جي ڪوٽ کان ٿورو پريرو ”پپل سري“ آهي جتان چشمي جو پاڻي وڏي آواز سان هيٺ لهي ٿو. پپل سري بابت ٻڌائين ٿا ته ڪنهن دؤر ۾ ان جاءِ تي هندن جو تيرٿ هوندو هو. جتي هر سال ڪنهن مخصوص ڏينهن تي پري پري کان هندو مرد ۽ عورتون اچي گڏ ٿيندا هئا. عبادتون ڪري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ان چشمي وٽ وهنجندا هئا ۽ پپل جي گهاٽن وڻن هينان ويهي ڪاڏو ڪائيندا هئا. چشمي وٽ اجان بہ پپل جا ننڍا ننڍا وڻ موجود آهن. پپل سري ڪان اڳيان وارين ڪارين ٽڪرين کي ڪارو ڪوٽ چون ٿا جيڪو ”ڪافرن جي ڪوٽ“ طور بہ مشهور آهي. انهن سمورين جاين جا لڳ ڀڳ ميسارجي ويل آثار موجود آهن، باقي تہ آرڪيالاجيءَ وارن يا ٻئي ڪنهن کاتي پاران هن علائقي ۾ ڪنهن بہ شئي جي نشاندهي ٿيل نظر نٿي اچي. ان واديءَ ۾ رهندڙ ماڻهو هڪٻئي ڪان پري هڪ هڪ يا ٻہ ٻہ ڪکاوان گهر ناهي رهيا آهن جيڪي سنڌي ٻولي بہ نٿا سمجهن. انهن وٽ ڪو اسڪول يا ڪا اسپتال ناهي، ڪين گهر جو ماهوار سيڌو سامان وٺڻ لاءِ بہ واهي پانڌي اڇٽو پوي ٿو.

رات پاڻ سان ڀرپور اوندھ ڪنيو اچي ٿي جنهن ۾ آسمان تي سمورا ستارا چٽا نظر اچن ٿا. جابلو علائقن ۾ مخصوص اسٽائيل ۾ ڪٽڪ جي ماني پچائي وجي ٿي. جنهن کي ”ڪرو“ چون ٿا. جنهن لاءِ اٿو ڳوهي ڪنهن گول شڪل جهڙي صاف پٿر کي چوڌاري ويڙهي اهو سجي وانگر باھ جي ڀرسان رکي سيڪيو وجي ٿو. سمورا پاسا پچي وڃڻ ڪان پوءِ ڪرو کي ڀجي پٽرن جي وچ مان ڪڍي ماني ڪاڌي وجي ٿي. اسان اجا ڪرو سان ٻوڙ ڪائي رهيا هئاسين تہ برسات شروع ٿي ويئي جنهنڪري پنهنجي بينڪ بسترن سميت پٽر جي هڪ غار اندر منتقل ڪري ڇڏيسين. ڪنڊي جيئن تہ ڪاڇي ۾ تمام گهٽي ٿئي ٿي. انڪري اسان بہ باھ جو مچ ڪنڊي جي ڪانين سان مچايو، پوءِ باھ هئي ۽ همراهن جي ڪچهري. مامو عرس، جبل جي گهٽ گهيڙن ڪان وٺي هتي جانورن جي ٿيندڙ چرپر تائين سڀ احوال ٻڌائي ٿو: ”جڏهن بلوچستان مان مينگلن کي هيلڪاپٽرن ذريعي ڀڄڙايو ويو تہ اهي پنهنجي هٿيارن سميت هنن رستن ڪان ٿيندا سنڌ ۾ داخل ٿيا هئا“ هو بلوچ قومپرستن تي ٿيل آپريشن بابت ٻڌائي ٿو: ”انهن واهي ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجا هٿيار واقفڪارن وٽ لڪايا ۽ اڳتي هليا ويا“. هو ٻڌائي ٿو تہ ” انهيءَ عرصي دؤران اسان جون 51 مينهون بہ مينگل ڪاهي ويا هئا جيڪي وڏن ڪشالن ڪان پوءِ اسان موٽرايون.“ ڪاڇي جي هنن جابلو وادين ۾ واهي پانڌي ۽ ٻين شهرن جا ماڻهو پنهنجو مال متاع خاص ڪري مينهون هفتن جا هفتا چرڻ لاءِ ڇڏي ويندا آهن. ”چور هتان چوري ڪري ڪيڏانهن ويندو؟“ هو ٻڌائين ٿا، ”چوري جهڙو ماحول ناهي باقي هاڻي ڪجهہ ڌاڙيل شروع ٿيا آهن، پر هي علائقو ڌاڙيلن لاءِ بہ ڏاڍو اٽانگو انڪري آهي جو اٺ يا پيادل سفر ڪانسواءِ ٻي ڪا سواري هتي هلي نٿي سگهي“ چون ٿا تہ ڌاڙيل اڪثر آرام يا روپوشيءَ وارا ڏينهن اچي هن واديءَ ۾ گذاريندا آهن، نہ تہ هو برپٽن واري پاسي ڪان ڪاروايون ڪن ٿا. ڌاڙيل دلبر چانڊيو جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مرڻ کان پوءِ هاڻي ڏاڙيل به مچرجي پيا آهن، مخبرن ئي هوج لغاري ڏاڙيل کي مارائي پوليس کي لاش ڏنو، جنهن هوج کي ڪراچي ۾ مارڻ جي دعويٰ ڪئي. هاڻي منظور پنهور ڏاڙيل دلبر واري ٽولي کي سنڀالي ٿو.“ هو واڳن ۾ مرن کان وني ڏاڙيلن تائين جبلن ۾ چرندڙ هر شئي تي نظر رکن ٿا. هو ان عوامي اڳواڻ جو به ورجائي ورجائي ذڪر ڪن ٿا جيڪو پنهنجي عورت ڪارڪنن کي هن پاسي هٿياربند سکيا ڏيڻ آيو هو. ان ڪارڪن جو نالو وني ٻڌائين ٿا ته ”چاچي پاڻ ان (عورت) کي ياڪر ۾ آڻي اڳيان بيهاري ڪانئس ڪلاشنڪوف جي پنڊال اندرئي فائرنگ ڪرائي هئي.“ صرف هڪ اڳواڻ جون ڳالهيون ٻڌائڻ تان منع ڪرڻ تي اڌڙوٽ عمر جا همراه چون ٿا ”اسان وٽ ايندو ئي رڳو چاچو هو ته ٻين جون ڳالهيون ڪيئين ٻڌايون؟“

رات جو ننڍڙي ريڊيو تي ڪنهن اسٽيشن تان هلندڙ غلام علي جو اهو غزل ”هم تيري شهر مين آئي هين مسافر کي طرح“ اجان ٻڌي رهيا هئاسين ته بلوچستان ويندڙ جتن وارن انن جي قافلي به اچي اسان واري غار وٽ ڏاهو ڪيو. ”جبل تي رهندڙ ماڻهو يا ته مال متاع تي گذران ڪن ٿا يا پيش ڪپائين ٿا“ واهي جي هڪ دڪاندار ٻڌايو. هن چيو ته ”مٿي جبل تي ٻيو ڪجهه ناهي، هو ٻڪريون چارين ٿا ۽ پيش جا پن ڪٽي شهرن ۾ ڪٽي اچن ٿا“ پيش ڪجي جهڙا پن ڪندڙ اهو ٻوٽو آهي جنهن پنن مان مشهور ۽ مهانگو پيش جو واڻ ناهي وڪرو ڪيو ويندو آهي. گورگ جبل تي ٽڌ هجڻ ڪري هيٺ لهي آيل هڪ همراه کان جڏهن سندن ڪاڻ پيئڻ ۽ رهڻ بابت پڇيم ته هن چيو ”سياري ۾ چانهه پيئون ٿا، باهه ٻاريون ٿا ۽ ڪمبل ۾ سمهون ٿا ٻيو ڇا ڪريون؟ “ ڪاڌڻ لاءِ هن ٻڌايو ته ڪير سان يا رکي ماني کائون ٿا، ڪڏهن ڪڏهن ٻٽالو (ٻٽاٽا) ۽ دال به کائون ٿا. ڪميونڪيشن جي دؤر ۾ به ٻاهرين دنيا کان ڇڄڻ ته ڪٽيل هنن ماڻهن وٽ ويجهڙ ۾ ڪنهن به تبديلي اچڻ جون اميدون ناهن، جبلن جهڙن مضبوط ارادن ۽ جسمن وارا ماڻهو جيڪي جبل جا پنڌ پنهنجي پيرن سان ماپي چڪا آهن. انهن کي روڊ تي هلڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي ۽ واهي جهڙن بجلي وارن شهرن ۾ اچي بلب ٻرندي ننڊ نه ڪري سگهندا آهن. هو سياست کان ڏاڍا ڏور آهن، پنهنجي سيڪس لائف ”استادي گهرن“ کان شروع ڪندڙ هنن ٻروچن وٽ عشق ڪو اڳوات جڙيل خاڪو ناهي. ڪاري جبل کان ويندڙ فلڊ پروٽڪشن (ايف پي) بند تائين هر پاسي غربت، جهالت ۽ مفلسي جا موضوع ڦهليا پيا آهن جن جي ڏانهن واهي جي ان ڪراڙي چواڻي ته ” اسان جي ته ڪو ٻڌڻ وارو ئي ڪونهي!“.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سعدي موساڻي: ڪرامتن ۽ محبتن جي ميلاپ جو مرڪز

اهو ماه پهرئين جمعي رات جو پهريون پهر هو جڏهن اسان ميهڙ کان پنجويجهہ ڪلوميٽر پري درياهہ طرف مخدوم سعدي موساڻيءَ جي درگاهہ اندر پير پاتا. بنا ڇت واري ۽ اڌوري تعمير ٿيل درگاهہ اندر ساوَن ريشمي ڪپڙن سان ڍڪيل هڪ ڊگهي قبر کي ڏنل پڃري ۾ هٿ وجهي سوين عورتون ۽ مرد روئي رهيا هئا ۽ پنهنجي من جون مرادون پوريون ٿيڻ لاءِ دعائون گهري رهيا هئا. عورتن ۽ مردن جي اڪثريت ان پڃري کي پڪڙي ڪنڌ هيٺ ڪري اکيون ٻوٽي روئي رهي هئي ۽ روئيندي روئيندي پنهنجا درد ٻڌائي رهي هئي. سخت گرمين ۾ گڏ ٿيل ان روئيندڙ هجوم کي ڏسي ائين لڳي رهيو هو جڻ هو تمام وڏين مصيبتن ۾ ڦاسي پيا هجن ۽ ڪنهن بااختيار شخص کي ننڍ يا آرام مان اٿڻ لاءِ ايلازي رهيا هجن. تمام ڏورانهين علائقن کان آيل انهن هزارين ماڻهن لاءِ تڪڙ ۾ ڪو فيصلو نٿو ڪري سگهجي. اهي مصيبتن جا ماريل هئا پر اهي وقت جي اهڙي وڪڙ ۾ آيل ضرور هئا جتي ماڻهوءَ کي ڪوبہ گس نظر نہ ايندو آهي. قبر جي ساڄي پاسي کان وينل ان بلوچ عورت کي بہ شايد ڪو گهٽ نہ پئي مليو جيڪا پنهنجي جوان بيمار پٽ سعدي موساڻي تي ڪٺائي آئي هئي. سندس پٽ هڪ ڊگهي بخار کان پوءِ چرڻ پرڻ کان معذور ٿي ويو آهي. بقول ان پيرسن عورت جي ڊاڪٽرن کان ڏاڍو علاج ڪرايم، درگاهن تہ بہ ويئي آهيان پر پٽ خوش نٿو ٿئي. ڪنهن سعدي موساڻيءَ جو ڏس ڏنو تہ اهو در بہ پيٽڻ آئي آهيان. پنهنجو جوان پر معذور پٽ جهوليءَ ۾ ڪري وينل ان ماءُ کي تہ ايڏي مايوسي ۽ نااميدي هئي جو ساڻس احوال ڪندڙن کي بہ هو پيرين پئي روئيندي ايلاز ڪرڻ شروع ٿي پئي تہ "دعا ڪريو پٽ چاڪ ٿئي." اهڙن مجبورن ماڻهن جا هٿ پنهنجي پيرن تي پوندي ڏسي راڄ ۽ رعيت وڏن تي خوش ٿيندڙ حضرات ڪيڏا نہ بيرحم ٿين ٿا، اهو سوچيندي اک ا ن طرف ڪڄي وڃي ٿي جتي تمام خوبصورت اکين مان ڳوڙها نار ناهي وهي رهن ٿا ۽ چپ ٿڙڪندي صدائون ڪن ٿا. عجيب اتفاق آهي تہ هزارين اهڙا چپ اچي ان پير جي پيراندي چمن ٿا جنهن جي شجري يا مڪمل تعارف جي ڪنهن کي خبر ئي ناهي ۽ نہ ئي درگاهہ جو انتظام سنڀاليندڙ اوقاف کاتي پاران درگاهہ جي ڪنهن ڪنڊ تي ڪا تعارفي ۽ معلوماتي تختي لڳائي وئي آهي، جنهن ڪري مختلف ماڻهن پاران ٻڌايل ڳالهين مان ئي سعدي موساڻيءَ جي شخصيت جو اندازو ڪرڻو پوي ٿو. هڪڙن جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چوڻ آهي تہ ڪچي واري جهنگ ۾ قبرستان اندر هڪ وڏو ڪبڙ هوندو هو جنهنجي هيٺان ستل پيرزادن جي هڪ پيرسن کي هڪ پيري هڪ بزرگ خواب ۾ اچي چيو. ”بابا مان سعدي موساڻي الله جو اولياءُ آهيان. تون منهنجي خدمت ڪرڻ بجاءِ منهنجي مٿان چو ستو پيو آهين؟“ پيرسن پيرزادي جي اهڙي خواب ڪانپوءِ قبرستان ۾ سعدي موساڻي جي درگاه آباد ڪئي ويئي. جڏهن تہ نئون ڳوٺ (درگاه سعدي موساڻي) جي هڪ بزرگ حافظ محمد عالم پيرزادي جو چوڻ هو تہ مخدو سعدي موساڻي اچ شريف (پنجاب) ڪان آيو هو. سندس نالو مخدوم سعيد احمد ولد محمد موسیٰ هيو، بعد ۾ سعدي موساڻي طور مشهور ٿيو. ڪيس جيئرو ڏسڻ جي دعویٰ اسان جي وڏڙن بہ نہ ڪئي. هو پنهنجي الائي ڪهڙي حساب سان سالن جو ليکو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ مخدوم سعدي موساڻي ستين سين ۾ آيو هو هاڻي پندرهون سن هلي ٿو، وڏيڪ وجي پاڻ ليکو ڪر. شروعات کان ئي نئون ڳوٺ جا پيرزادا سعدي موساڻي جي درگاه جي سار سنڀال ڪندا رهيا، پر جڏهن درگاه جي آمدني وڌڻ لڳي تہ پيرزادا پاڻ ۾ اٽڪي پيا ۽ درگاه جو سمورو انتظام اچي اوقاف کاتي وارن سنڀاليو.

مخدوم سعدي موساڻي جي درگاه بہ اڪثر پيرن فقيرن جي درگاهن جيان هڪ وڏي قبرستان جي تمام گهٽين قبرن جي هجوم وچ ۾ آهي، جتي ايندڙ زائرين کي کلئي آسمان هيٺ قبرن وچ ۾ ڪجهيءَ جي پنن مان ناهيل تڏا وڇرائي بسترا هڻڻا پون ٿا. قبرستان جي ڪابہ اهڙي قبر واندي نہ هئي جنهن جي پاسي ۾ زائرين پنهنجي عورتن سميت ستل نہ هجن. عورتون قبرستان اندر وڇايل تڏن تي ستيون پيون هيون ۽ سندن مٿان خلقون گذري رهيون هيون ساڻن گڏ آيل مرد درگاه جي ان معمول کان واقف هجڻ ڪري بي نياز ۽ خاموش هئا. شام ٿيڻ شرط ئي اڪثر عورتن قبرستان اندر ئي رڌ بچاءُ شروع ڪري ڏنو هو چو تہ بقول سندن هوٽل جي ماني ڪين مهانگي پوي ٿي. درگاه تي ايندڙ هر سواليءَ کي جيئن تہ چار راتيون ضرور ترسڻو پوي ٿو ان ڪري اڪثر ماڻهو پنهنجو کاڌو پيتو پاڻ تيار ڪن ٿا. شام جي ٻوسٽ ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ ڪيتريون ئي عورتون قبرستان ۾ لڳل نلڪن (هينڊ پمپن) هيٺان ڪپڙن سميت پاڻ بہ وهنجي رهيون هيون ۽ پنهنجي ٻارڙن کي بہ وهنجاري رهيون هيون. زائرين جي سهولتن لاءِ متولي پيرزادن پاران ڪجهہ ڇپرا ۽ اوقاف وارن پاران ڪجهہ ڪمرا مسافر خانن طور نهرايل آهن پر درگاه تي ايندڙ هزارين ماڻهو اندر محدود سهولتين کي ماڻي نٿا سگهن جنهن ڪري هو درگاه تي پنهنجيون رليون ۽ وهاڻا پاڻ سان گڏ کڻي اچن ٿا ۽ اچڻ شرط ضرورت آهر ڏهہ روپيا مسواڙ تي تڏا وٺي کنهن خالي ڪنڊ تي اچي ديرو ڄمائين ٿا. تڏن جو اهو ٺيڪو ساليانو هڪ لک ڇهہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هزارن ۾ وڃي ٿو جڏهن ته گلن جو ويهه هزار ۽ ننگر جو به لک رپين ۾ وڃي ٿو. سعدي موساڻي تي زائرين جي اڪثريت بلوچستان ۽ پنجاب جي علائقن کان علاوه جيڪب آباد ۽ گهوٽڪيءَ ضلعن کان وڌيڪ اچي ٿي، جڏهن ته ٻين ملڪن جا ماڻهو پڻ وڏي تعداد ۾ اچن ٿا.

سعدي موساڻي جي درگاه تي نه ته ڪو عام يا صوفياڻو راڳ ٿئي ٿو نه ئي سرندي وارا عورتن ۽ مردن کان لهرون هٽائي، جن ڪين ٿا ۽ نه ئي وري ڪجهه مخصوص ماڻهو ڌاڳا ڦيٽا ۽ دعائون لکي ڏين ٿا. ماڻهن جي رش ته ايئن بنا سهولتين جي سعدي موساڻي جي صحن ۾ سٽل هجي ٿي جيئن جاتيءَ ويجهو شاه عقيق يا ڪاڇي واري گاجي شاه جي درگاهن تي هجي ٿي پر سعدي موساڻي واري شايد پهرين درگاه آهي، جتي زائرين موجب عوامي شفاخانو هلي ٿو ۽ رات جو سائين (سعدي موساڻي) پاڻ آپريشن ڪرڻ لاءِ نڪري پوي ٿو. سعدي موساڻي تي اڪثريت ۾ اهڙن مريضن کي آندو وڃي ٿو، جيڪي بقول زائرين جي ته دوائون ڪائي ٿڪجي پون ٿا پر بيماري مان جند آزاد نٿي ٿئي. ماڇڪي کان آيل همراه به اهو ئي قصو ٻڌايو جيڪو پنهنجي بيمار سس کي ٿي ڏينهن اڳ ۾ سعدي موساڻي تي ڪٺي آيو هو. سندس سس کي پٿريءَ جي بيماري هئي پر ان رات هنن ٻڌايو ته هاڻي خوش آهي. ڪراڙيءَ پاڻ ٻڌايو ته اڳ ۾ ڪجهه به نه ڪائي سگهندي هيس پر هاڻي درگاه تي ديڳ وارا چانور به ڪائي وڃان ٿي. سندس اهڙيون خبرون ٻڌي درگاه تي پهريون ڀيرو آيل اوباوڙي جي انهن همراهن کي به ڪجهه اميد ٿي پئي، جيڪي پنهنجو نوجوان ڇوڪرو اسلم علاج لاءِ درگاه سعدي موساڻي تي ڪٺي آيا هئا. اسلم کي پراڻي ٽي بيءَ جي بيماري هئي. سندس مائٽن رحيم يارخان لکان لاڙڪاڻي تائين هر سني ڊاڪٽر وٽ سندس علاج ڪرايو هو پر ڇوڪرو صحتياب نه ٿيو هو ڪيس سعدي موساڻي تي ڪٺي آيا. هو اچڻ مهل پاڻ سان گڏ دوائون به ڪٺي اچن ٿا ۽ وڃڻ مهل فائدي ٿيڻ جي صورت ۾ اهي دوائون قبرستان ۾ اڇلي وڃن ٿا ۽ فائدو نه ٿيڻ جي صورت ۾ گڏ واپس ڪٺي وڃن ٿا. هر شفاياب ٿيندڙ مريض بابت رات جو لائوڊ اسپيڪر ذريعي سينيءَ کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو.

زائرين سان ڪيل ڪچهرين ۾ مخدوم سعدي موساڻي جو خاڪو، من جو مرادون پڄائيندڙ ڪنهن بزرگ اولياءُ بدران هڪ اهڙي سرجن طور ابري اچي ٿو جيڪو ناسور ٻڌيل بيمارين جو ماهر هجي ٿو. اهو جيئن ته هڪ روحاني راز سمجهيو وڃي ٿو تنهنڪري عام زائرين کي سعدي موساڻي نظر ئي نٿو اچي، جڏهن ته زائرين موجب


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن به مرض ۾ مبتلا هر ماڻهو ڪي اڪثر رات جو يا ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن جو به نظر اچي وجي ٿو. زائرين موجب ڏاڙهي سان سائو ويس پهريل بزرگ اچي جسم جي تڪليف واري هنڌ تي پنهنجو هٿ گهمائي جسم اندران اها تڪليف ڏيندڙ شئي ڪڍي ونئي ٿو. ائين درگاه جي صحن واري ڪليل آپريشن ٿيٽڙ جهڙي قبرستان ۾ سوين اهڙا ماڻهو ملي ويندا جيڪي پنهنجو ڪونه ڪو آپريشن ڪرائڻ وارو تجربو بيان ڪرڻ لاءِ آتا هوندا. زائرين جي عقيدي موجب هر مريض يا سواليءَ کي چار راتيون ضرور ترسڻو پوي ٿو. انهن چئن راتين دؤران ڪيس (مريض/ سوالي کي) سعدي موساڻيءَ پاران ڪونه ڪو اشارو ضرور ملندو جنهن ڪان پوءِ هو انهن هدايتن تي عمل شروع ڪرڻ جو پاپند هوندو. زائرين وٽ موجود ڪيترن ئي قصن مان هڪ قصو ان نابين شخص جوبه ٻڌايو وڃي ٿو جنهن جي درگاه تي ترسڻ واري ٽين رات دؤران هڪ اک روشن ٿي وئي. پر جڏهن هو ٻي اک لاءِ وڌيڪ ترسڻ لڳو ته ڪيس خواب ۾ گوٺ وڃڻ جو اشارو مليو ۽ ڳالهه ڪندڙ پيرن موجب سعدي موساڻيءَ ڪيس حڪم ڪيو ته جيترو تنهنجو ڪم ٿيڻو هو اوترو ٿي ويو. هاڻي پلي گوٺ وڃ. سعدي موساڻيءَ جا اهي تجربا واقعا ۽ ڪرامتون ميڊيڪل سائنس سان لاڳاپيل ماهرن لاءِ هڪ بهترين مشاهدي جي حيثيث رکن ٿيون ته جيئن هو به اهو جاڻي سگهن ته سندن شعبي وارو ڪم ڪا به ڊگري نه رکندڙ ۽ نظر نه ايندڙ بزرگ ڪيئن نه بخوبي سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ سندس مريضن جو تعداد وقت سان گڏ هزارن تائين پڪڙيو پيو وڃي؟ ”هتي درگاه (سعدي موساڻي تي) نه ڪنهن ايڪسريءَ جي ڳڻتي، نه دوا ۽ سئي(انجيڪشن) جي. جيڪڏهن بنا ڪنهن تڪليف جي مرض ختم ٿي وڃي ته چار راتيون ترسي منائي ورهائي گوٺ هليو وڃڻ ۾ ڇا هي؟“ هڪ اڌ پڙهيل ماڻهو چيو. اها حقيقت به ڪجهه ماهرن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث بڻبي ته سعدي موساڻيءَ جي گوٺ ۾ ٻن ايم بي بي ايس ڊاڪٽرن جون ڪلينڪون به ڏام ڏوهم سان هلي رهيون آهن.

سعدي موساڻيءَ جي عوامي ٻوليءَ ۾ شناخت اسي واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ ”ڏاڙيلن جي پير“ طور ٿيندي هئي ۽ تمام ٿورا ماڻهو ان طرف ويندا هئا. نئون گوٺ وارن موجب پرو پلي ڪٿي به هوندو هو ۽ ڪيترو به ڪيس خطرو هوندو هو پر هو جمعي رات سعدي موساڻيءَ تي حاضري ضرور ڀريندو هو. ڪجهه ماڻهن موجب ان دؤر ۾ ماڻهو سعدي موساڻيءَ تي ايندا ئي پرو چانديئي کي ڏسڻ هئا ۽ زيارت لاءِ ايندڙ عورتون ڏاڙيلن جي ٽولي ڪان جڏهن حجابن ۾ پڇنديون هيون ته ”ادا پريل ڪهڙو آهي؟“ ته پرو اڳتي وڌي انهن عورتن کي مٿي تي هٿ رکي رئي (اجرڪ) جا پئسا ڏيندي چوندو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هو ”ادي مان آهيان.“ درگاه سعدي موساڻي ۽ نئين ڳوٺ ۾ ڏاڙيلن جون ڳالهيون اجا تائين ايئن بيان ڪيون وڃن ٿيون، ڄڻ اها ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه هجي. اسان کي اهو هوٽل به ڏيکاريو وڃي ٿو، جتي پرو پنهنجي ساٿي ڏاڙيلن سان اچي ويهندو هو. اهو ٽاٽو به ڏيکاريو وڃي ٿو، جيڪو آهي ته اصل ۾ مسافر خانو پر پهرين اهو ڏاڙيلن جي ڇانوڻيءَ طور مشهور هوندو هو ۽ هاڻي ٽاٽو ٻٽيل آهي، جنهن جي درن ۾ اجا به ڏاڙيلن جي گولين جا نشان آهن. گولين جا نشان ته نئون ڳوٺ پرسان شاه پنجو ڦاٽڪ وٽ لڳل ٽيليفون واري پول تي به واضع آهن جتي شايد هر نئين ايندڙ ماڻهو کي اهو ضرور ٻڌايو وڃي ٿو ته پروءَ کي هن ڦاٽڪ تي ماريو ويو هو. درگاه سعدي موساڻيءَ ۽ آسپاس جي ڪچي وارن ماڻهن وٽ ڏاڙيل راڄ ۽ ان جي خاتمي لاءِ شروع ڪيل فوجي آپريشن جا ڪيترائي قصا لطيفن جي صورت ۾ اجا به جيئرا آهن. هو ٻڌائين ٿا ته ڪيئن ڏاڙيلن کان موٽي آيل همراهن کان جڏهن پوليس پڇيو ته ڏاڙيل ڪيئن ۽ ڪهڙا آهن ته انهن ڳوناٽن کين ٻڌايو هو ته ”اڇيون ڏاڙهيون ۽ اڇا پٽڪا پاتل اٿن، هٿن ۾ بانس جا لڪڙا اٿن ۽ سڄو ڏينهن تسبيحون سوريندا ٿا وتن.“ ڪچي مان ڏاڙيلن جي راڄ جي خاتمي کان پوءِ ماڻهو ججهي تعداد ۾ درگاه سعدي موساڻيءَ تي اچڻ لڳا ۽ نوي واري ڏهاڪي دؤران جڏهن نئون ڳوٺ تائين روڊ تعمير ٿيو، شاه پنجو واري ريلوي اسٽيشن قائم ٿي ۽ بجلي ته اڳواٽ ئي هئي ته ماڻهن جي تمام گهڻي اڪثريت درگاه سعدي موساڻيءَ جو اهڙو رخ ڪيو جو درگاهن سان لاڳاپيل ماڻهو اهو چون ٿا ته سعدي موساڻيءَ تي هاڻي روزاني رش تهائين وڌي ويئي آهي. جيتوڻيڪ درگاه تي هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو عام طور هر روز ۽ خاص طور هر جمعي رات اچن ٿا پر زائرين جي سهولت ته ڇڏيو، ضرورتن جو به ڪو خاص خيال نٿو رکيو وڃي. هر مهيني اوقاف کاتي ذريعي سرڪار کي هڪ لک 15 هزار کان پنجاه هزار تائين روڪ رقم مهيا ڪندڙ سعدي موساڻيءَ جي زائرين لاءِ ڪو به فرشبندي ٿيل ۽ پڪا لڳل وڏو مسافر خانو ته ڇڏيو، ڪڪاوان ڇپرا به نهيل ناهن. ٽڏي پاڻي جون ٽانڪيون ٽن سالن کان خراب پيل آهن. عورتون ۽ مرد نلڪن تي وهنجڻ تي مجبور آهن. سموري قبرستان ۾ گندگي ڦهليل آهي. اوقاف کاتو ڪچي جي ان درگاه تي ايندڙ زائرين لاءِ هونئن به ڇا ٿو ڪري سگهي جو ته خود سعدي موساڻيءَ جي مزار اڻپوري آهي. سيمينٽ ۽ لوهه جا پلر ايا لڳا پيا آهن ۽ انهن ذريعي قبر مٿان مقبريءَ بجاءِ هڪ مستقل شاميانو لڳايو ويو آهي. سرڪار درگاه جي آمدني ته آسانيءَ سان ڪٽي وڃي ٿي پر پنهنجي شوق ۽ مرضي سان ايندڙ ماڻهن کي گرمين واريون راتيون قبرن وچ ۾ مسواڙي تڏن تي گذارڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

لاءِ مجبور ڪري ٿي ۽ انهن مريضن مان ڪجهه مريضن سان ته ڪراچيءَ جي ان واپاريءَ جهڙي حالت ٿئي ٿي جيڪو ڊائلاسس تي هلندو هو ۽ درگاه تي جڏهن سندس طبيعت خراب ٿي هئي ته ايمرجنسي بنيادن تي ڪيس پهرين لاڙڪاڻي ۽ بعد ۾ جهاز ذريعي ڪراچيءَ نيو ويو.

هونئن ته سعدي موساڻيءَ مريضن جا آپريشن ڪري ڪين صحتياب ڪرڻ لاءِ مشهور آهي پر سندس درگاه تي هاڻي اهڙن سائلن به اچڻ شروع ڪيو آهي، جيڪي عام سوال ڪٽي عام درگاهن تي وينا هوندا آهن، بلڪل خيرپور جي ان پوليس ڊرائيور لعل محمد جيان جيڪو سعدي موساڻيءَ تي زنجير ڪلهي ۾ پايون اکين تي چشمو لڳايون گهمندو پيو رهي. هن راڻيپور، پٽ شاهه ۽ سيوهڻ وجڻ کان پوءِ اچي سعدي موساڻيءَ تي ديرو ڄمايو آهي ۽ هو پنهنجي سوال راز ۾ ئي رکي ٿو. ان سپاهيءَ جي سوال جهڙا ڪيترائي راز ان رات جي اونداهيءَ ۾ گهمندي ملن ٿا جڏهن قبرستان ۾ اگهور ننڍ پيل زائرين کي رولاڪ ڪتا ۽ ڳوٺن جا چڙيل گڏهه لتاڙڻ لڳن ٿا. اهو راز هفتو اڳ ان ڪراڙيءَ کي به سمجهه ۾ نه آيو هو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته سندس به جوان ڏيئرون درگاه تان ايئن غائب ٿي ويون جيئن وهمي ماڻهن جي اکين اڳيان غيبات. اهو راز شايد ننڍڙو راز هجي ته درگاه جي صحن مان زائرين جون جتيون ۽ پئسا ڪيئن چوري ٿين ٿا، پر اهو سوال ته معمولي نه هجڻ ڪپي ته زائرين جون نوجوان ڇوڪريون ڪيئن غائب ٿيون وڃن! جنهن رات اسان درگاه سعدي موساڻيءَ تي حاضري ڀرڻ وياسين ان رات ته ڪا نينگري فرار ڪونه ٿئي هئي پر بازار ۾ هڪ نئين پرڻيل ڪنوار کي خريداري ڪندي ڏسي نئون ڳوٺ جي هڪ همراهه اهو واقعو ٻڌايو ته سال کن اڳ هڪ نئين پرڻيل ڪنوار جڏهن رسمي طور پنهنجي مڙس سان گڏ درگاه گهمڻ آئي ته رات جو هن مائٽن کي جهنگ جي خيال سان وڃڻ جو چئي اهڙو ته جهنگ منهن ڪيو جو وري واپس نه آئي. چون ٿا ته ان ڪنوار به ڀهراڙين جي اڪثر محبوبائن جيان پنهنجي پرين کي درگاه تي ملڻ جو واعدو ڏنو هو ۽ پنهنجي گهوٽ کي ڇڏي ان پريميءَ سان هلي وئي هئي پر پاڻ جيئن ته ٻنا ڪنهن انجام ۽ آسري ويا هئاسين تنهنڪري درگاه جي صحن تي ڦهليل ميڊيڪل جي ”ڪرامتن“ کان وٺي پريمين جي ملڻ تائين سمورن قصن جون حيرتناڪون ڪٽي واپس ٿياسين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# نينهن ٻيدل نروار ڳيڙو

اڳوڻي بخشي انڙ جي ڳوٺ ۽ هاٽوڪي ٻيڙي فقير جي ڳوٺ ويندي جڏهن ان ريلوي لائين تي پهتاسين (جيڪا وچائڻ لاءِ جڏهن انگريزن اچي خيما کوڙيا هئا ته ٻنل فقير 18 سالن جو هو) ته ان اڪيلي ريلوي لائين جو ڦاٽڪ بند هو. هونئن ته شايد ايتري سواري ان پاسي نه ويندي هجي پر ميلي جا ڏينهن هجڻ ڪري جڏهن ڦاٽڪ بند ٿيو ته گاڏين جي رش ڏسي ائين پئي لڳو ڄڻ ڪراچيءَ جي ڪنهن چوراهي جو ٽريفڪ سگنل بند ٿيو هجي. ميلي جي رش کي چيريندا جڏهن اسان درگاه جي پرسان پهتاسين ته ننگر جاري هو ۽ راڳ اڃان باقاعده شروع نه ٿيو هو. جيتوڻيڪ درگاهه پاران مخصوص راڳين لاءِ الڳ اسٽيج ناهي وئي هئي، پر مک درگاه جي صحن ۾ راڳين جون ٽوليون پڻ پنهنجي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪرڻ ۾ مصروف هيون. روضي اندر وڃڻ لاءِ اسان جڏهن بوٽ لاهي پيسن عيوض ڏيڻ بجاءِ اهي پنهنجي ساٿين جي نگراني ۾ ڏنا، ته پيسن عيوض جتيون سنڀاليندڙ جهوني اسان جي ساٿين کي ”روزي تي لت ڏيڻ“ وارو مهڻو ڏنو. جيئن هر مشهور درگاه سان سنڌ اندر جڳهه جو مسئلو آهي، ائين ئي ٻيدل فقير جي روضي اندر به جڳهه جو مسئلو هو، ڇو ته روضي اندر پنج ڇهه قبرون هيون جنهن ڪري اندر ايندڙن کي روضي اندر ويهڻ ته ڇا گذرڻ ۾ به تڪليف ٿي رهي هئي. مقبري جو هڪ ئي دروازو هيو، جتان ايندڙ ۽ ويندڙ ماڻهن جون قطارون ناهيون ويون هيون. مقبري اندر هر شخص جي هٿن ۾ گل هئا سواءِ هڪ جهوني فقير جي، جيڪو ٻيدل فقير کي پنهنجي ڪلا جي پيٽا ڏيڻ آيو هو ۽ تمام سوڙهي جاءِ هوندي به هن جڏهن چپڙي يڪتاري سان راڳ شروع ڪيو ته ڪيس ڏڪا اچڻ شروع ٿيا ۽ فقير جون چپڙيون، سندس اسان جهڙن پاڙيسرين جي مٿي ۾ لڳي موٽنديون رهيون. ٻيدل فقير جو مقبرو تمام سوڙهو ۽ پراڻو نظر آيو. جنهن جي گنبذ کان وٺي اندرين پٽين تي ڪي خاص رنگ روغن ٿيل نه هئا. مقبري اندر سمورن ماڻهن جيان اسان قبرن جي چوڌاري ڦري جڏهن ٻاهر نڪتاسين ته چوڪرو اسٽيل جي وٽي ۽ لوٽو ڪنيو سبيل ڪندي نظر آيو. گلاب جي پنن مليل اهو پاڻي هو ڪجهه پيسن عيوض ڏئي رهيو هو پر وٺڻ وارو ڪير به نه هئس. مقبري جي اڳيان ئي هڪ جهونو راڳي ٻهراڙين کان آيل ماڻهن کي پنهنجي راڳ تي جهومائي رهيو هو. سندس ٽولي جي سامهون ئي هڪ ننڍڙي چوکر تي ڏاڍي رش هئي جيڪو ناچڻ جيان نچي ته نه پيو پر اتي ويهي بنا مائيڪ جي ”ذري ذري نه ڏي مهڻا“ وارو ڪلام ڳائي رهيو هو. سندس



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٽڪل سازندا بہ ساڻس سر ملائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا پر ماڻهو ڪيس داد ۽ چٽرون گڏوگڏ ڏئي رهيا هئا. چون ٿا تہ شمن ميرالي بہ ان درگاه تي اچي ائين ئي ڳائيندو هو جيڪو هاڻي مشهور ٿيڻ ڪان پوءِ پيرو پيجي ويو آهي ۽ ان رات ڪاري چلڪي جيڪٽ پاتل ان سيڪڙات چوڪري (جنهن ڪي اجا مڇن جي ساول مس آئي هئي) ڪي ڏسي خيال پئي آيو تہ سياڻي هي بہ سنڌ جو ميراليءَ جيان مهانگو ڪيسٽي ڳائڻو ٿي سگهي ٿو ۽ ڪانئس درگاه جو صحن وسري سگهي ٿو.

چون ٿا تہ صوفي شاعر بيدل فقير سال 1865 ۾ بخشي انڙ واري ڳوٺ ۾ تڏهن پيدا ٿيو جڏهن سندس والد عبدالواسع انڙ جي سوال تي هڪ نانگي مست فقير ڪيس دعا ڪئي ۽ پٽ جو نالو بہ بيدل رکڻ جو چيائين. بيدل فقير لاءِ لکت ۾ اهڙيون ڳالهيون موجود آهن ۽ مريدن ۾ بہ مشهور آهن، جن مٿان تڪڙ ۾ يقين ڪرڻ مشڪل آهي. آنند رام طوطلداس راجاڻيءَ پاران ڊسمبر 1941 ۾ بيدل فقير جي ڇپرايل رسالي ۾ ڄاڻايل آهي تہ بيدل سائين جنهن مهل ڄائو تہ ناڙي وڍڻ لاءِ عورتن ڪاتيون ڳولهڻ شروع ڪئي پر ڪاتي ڳولي نہ سگهيون. تہ تازي ڄاول بيدل فقير ڪين ڏسيو تہ ڪاتي فلاڻي هنڌ رکي اٿو. يا وري اهو تہ هو جڏهن ڳائيندو هو تہ بن ڪلامن ڳائڻ ڪان پوءِ وجد ۾ اچي ويندو هو ۽ ٽيون ڪلام ڳائيندي هو اڏامي ويندو هويا جڏهن مال چارڻ ويندو هو تہ جنهن وڻ هينان ننڊ ڪندو هو، وقت جي ڦيري سان ڳڏ اهو وڻ مٿانئس ڇانو نہ هٽائيندو هو. انهن ڳالهين ۾ صداقت هجڻ يا نہ هجڻ واري بحث ڪي اسان بيدل فقير واري ئي صحن ۾ ڇڏي اڳتي وڌياسين تہ گادي نشين واري صوفا سيٽن سان سينگاريل ڪمري اندر مريدن جي رش نظر آئي. مقبري سامهون نهيل گادي نشين جي انهن اوطاق وارن ڪمرن مٿان هڪ ڊش بہ لڳل هئي جيڪا ميلي جي روشنين ۾ تمام گهٽ ماڻهن ڪي نظر پئي آئي. صحن جي گهاٽي بڙ پرسان ڪانين جا ڪچا اهڙا ڪمرا نهيل هئا، جيڪي پري پري ڪان ايندڙ عقيدتمندن جي ترسڻ لاءِ مخصوص ٿيل هئا. بيدل فقير جي درگاه تي ايندڙن جي ترسڻ لاءِ حالتن آهر سنو بندوبست ٿيل هو. بيدل فقير جيئن تہ پنهنجي شاعري ۾ ئي اهو پيغام ڏنو هو تہ:

عشق وارن جا پنڌ پراهان، اوري دين ايمان،
نہ مئن سني نہ مئن شيعا، نہ مئن مسلمان،
عشق اسان دا ڪعبہ قبلا، عشق دا اعلیٰ شان.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تنهنڪري ٻڍل جي عقيدتمند مسلمانن سان گڏ گھڻا هندو بہ شامل آهن جن لاءِ ٻڍل فقير جي وقت ۾ ئي عقيدتمندن لاءِ درگاه تي هڪ خاص مسافر خانو نهيل هوندو هو جتي، آکهہ سميت اچي رهڻ جي سهولت موجود هئي. درويشي ڪلامن سان ايتري دل هوندي هئي جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ وينا يڪتاري ۽ دلي تي درد آلاپيندا هئا. سندن فقيرن جي ٽولي رندي ڪلامن جي ڪري مشهور هوندي هئي پر هاڻي ماجرا ٻي آهي. سندس درگاه تي روزانو راڳ جو ڪو رواج ناهي ۽ هر ماه پهرئين جمعي تي محفلون ٿين ٿيون. سندس ڪلام ڪي ڳائڻ وارن راڳين جو تسلسل جڻ تہ ٽٽي پيو آهي.

ٻڍل فقير جي درگاه واري ميلي جي هڪ خصوصيت اها بہ هئي تہ ميلي جي موقعي تي جيتوڻيڪ ڪجهہ عورتون بہ آيل هيون پر ڪانئن لهر هٽائي جن ڪيڻ وارو سلسلو خوشقسمتيءَ سان ڪٿي بہ نظر نہ آيو. ميلي تي ٻڍل فقير جي همعصر گندا واهہ واري سائين رڪيل شاهہ ۽ چيزل شاهہ واري ميلي ڪان بہ گهٽي رش هئي. چيو وڃي ٿو تہ شڪارپور ۽ پرياسي ۾ ٻڍل فقير جي ميلي ڪان وڏو ڪو ٻيو ميلو سالن ڪان نہ لڳو آهي. پرياسي جا ماڻهو تفريح جو اهو واحد موقعو پرپور نموني ملهائين ٿا. درگاه جي صحن ڪان ٻاهر موت جي کوهن، ميجڪ شوز، چڙيا گهرن، منائي ۽ رانديڪن وارن دڪانن جا تہ ٻڍل فقير وارين سٽن ”اڄ مون ڪي عيد تي جڏهن يار جا ديدار ٿيا“ جيان پنهنجا سڄڻ ڏسي بہ عيد ۽ ميلا ٿيا. دڪانن واري پاسي تہ ايتري رش هئي جو چيو پئي ويو تہ درگاه ٻاهران واري پلاٽ جو ڏهين روپئي فوٽ ميلي جي ڏينهن لاءِ وڪرو ٿيو آهي. وڏن آوازن ذريعي ڪن ڦاڙيندڙ لائوڊ اسپيڪرن ۾ ”ادا هي شير بلا ڏسو، ادا هي بگهڙ اٿي ٿو، هڻ لٺ، ادا هڻ لٺ.“ واريون رڙيون ٻڌندا هڪ عجيب ٽينٽ آڏو بيناسين جنهنجي ٻاهران اهو بينر لڳل هو تہ ”ڪمال شاهہ جو ڪمال ڏسو، سوئر اندر ٻڌل ڏسو.“ ان ٽينٽ ۾ وڃڻ جا پئسا پئي ورتائون پر اسان تہ گيٽ واري ڪي ڏسندي ئي اندازو لڳايو تہ اندر ڪهڙي بلا هوندي.

ميلي وارن دڪانن تان رش ۾ ڏڪبا اچي راڳ واري پاسي ٿياسين جتي پڻ وڏي ميدان ۾ ماڻهو رش ڪيو وينا ۽ بينا هئا. سامهون مٽيءَ جي دڙي تي هڪ اسٽيج نهيل هئن، جتي صوفي فنڪار فن جو مظاهرو ڪري رهيا هئا هينان جڏهن ڪجهہ سمجهہ ۾ ۽ نظر بہ نہ پئي آيو تہ اسان ان اسٽيج اندر داخل ٿياسين، جتي عام ماڻهن تي گيٽ وارا لنين جون الرون ڪري ڪين موتائي رهيا هئا. پر هو تہ ٻڍل جي عشق ۾ آيل هئا انڪري اهڙين الرن جڻ تہ هنن تي ڪو اثر ئي نہ پئي ڪيو ۽ هو ٻڍل جون اهي سٽون جهونگاريندا رهيا تہ: ”عشق وڃايو حجاب، ڦٽ ڦڪڙي آهي ڏاڄ منهنجو“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻيل فقير جي ميلي وارن ٽن ڏينهن جون الڳ الڳ نشستون ٿين ٿيون. پهرئين ڏينهن سندن تربتون ڪنيون وڃن ٿيون. ٻئي ڏينهن اهي حويلي کان درگاه آنديون وڃن ۽ ٽئين ڏينهن معززن ماڻهن جي دعوت ۽ پرپور راڳ ڪيو وڃي ٿو. انهن سڀني نشستن ۾ جيڪا ڳالهه شديد نموني غير حاضر نظر اچي ٿي سا آهي ٻيل فقير تي ادبي يا ثقافتي ڪانفرنس، جتي پڙهيل لکيل ماڻهو اچي ٻيل جي ڪلام کي سمجهن ۽ سمجهائين. ٻيل جون ڪافيون ته هونئن ئي مشهور آهن پر ڇا گادي نشينن کان ٻيل جو ڪلام سهيڙي چڱي نموني ڇپرائڻ به نه ٿو پڄي سگهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا سوال ۽ صلاحون ذهن ۾ ڪٽي جڏهن رات دير سان واپس ٿياسين ته ٻيل جون ئي سٽون ذهن ۾ پئي آيون ته :

"پنهنجو ڳولي ڏس پاڻ تون،
آدم ڪيئن ڪوٺائين تون."



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# عشق جو ياروءِ درازن ۾ عجب اسرار هو!

ان ڏينهن ميلي تي وڃڻ کان اڳ هڪ ڪهاڻيڪار دوست فينٽسي ٻڌائيندي چيو ته ڪيس ڪوٽڏيجي واري پاسي سچل سرمستيءَ ۾ نظر آيو. هن جڏهن ڪائنس سبب پڇڻ جي گستاخي ڪئي ته هن ڏاڍي بيزارگيءَ ۾ چيس ته درازن ۾ اڄ رش گهڻي ٿيندي انڪري هو چاندوڪيءَ ۾ پٺن واري پاسي نڪري پيو آهي ۽ چيائنس ته "مرشد ساڪون اينوين آکيا، چوڙ خلق دي ياري." پر درازن ۾ ٺاهوڪي سيءَ واري رات پهچي محسوس ٿيو ته خلق تمام گهڻي گڏ ٿي چڪي آهي. اجرڪ ۽ لوئيون ويڙهي نڙي سوگهي ڪرڻ جهڙين مناين واري دڪانن تي رش ڪندڙ سنڌين جي انبوهه کي ڇيريندا اسان ڄڻ ته سچل کي ڳولڻ جي مشن تي نڪري پياسين. سنڌي لفظ پيهه پيهان واري اصل روح واري پيهه مان گذرندا اسان جڏهن سچل سائينءَ جي روضيءَ واري صحن ڏانهن وڌياسين ته ناچن ۽ راڳين جون مختلف ٽوليون پنهنجي پنهنجي فن ۾ محو نظري آيون. "سچل جو صحن ته قبرستان ٻٽيل آهي جتي هاڻي وڌيڪ تدفين جي گنجائش نظر نٿي اچي." مون جيان سچل جي درگاهه تي پهريون ڀيرو آيل هڪ همراهه چيو. انهن قبرن وچ ۾ موالين (جيڪي پاڻ کي صوفي سڏائڻ جوحق محفوظ رکن ٿا) جون ٽوليون ائين ٽڙي پکڙي دونهڙيون دکايون وينيون هيون ڄڻ ته ڪين رڻ ۾ رات پئجي وئي هجي. رليون ۽ پراڻا ڪمبل ويڙهي سياري جي رات ۾ ٻاهه تي وينل انهن ٽولين وٽان اڪثر سلفيءَ جي سوٽن مان ڦهليل دونهون ۽ ڪڏهن ڪڏهن "يا علي" جو نعرو پئي آيو. هو راڳ رنگ ۽ ميلي جي ٻئي ٻکيڙي کان بي نياز ٿي وينا هئا.

ماڻهو صحن ۾ لڳل ان خوبصورت علم پاڪ جي ديدار ڪرڻ لاءِ به ترسي پيا هئا جيڪو لاڙڪاڻي مان سچل جي هڪ مريد اچي لکين روپيا خرچ ڪري جوڙايو هو. "پر هي پناڻ به ته پنهنجي طرز سان سچل کي پيئنا ٿا ڏين." اسان جي هڪ ساٿيءَ صحن ۾ پناڻن جي روايتي ڊانس ڏانهن ڏسندي چيو. اهو سڀ ڪجهه صحن ۾ ٿي رهيو هو جتي "آيا مک ويکڻ" کان وٺي "ڪلنگي واليا" تائين صوفين جا آلاپ، ناچو چوڪرن جي ٽولين کان پناڻن ۽ موالين تائين آيل ماڻهو ڦهليل هئا. روضي طرف وڃڻ لاءِ اڳتي وڌياسين ته روضي جي اندروني در اڳيان پنجاب کان آيل ٽولو به وڏا دهل ۽ ٻيا ساز وڄائي نچ پنگڙو مچايو بينو هو. روضي ۾داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ به در آهن پر ان رات عقيدتمند ٻنهي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

درن مان اچڻ توڙي وڃڻ واري مشق ڪري رهيا هئا. اسان جتي بوٽ لاٿا اتي ماڻهو قبرن جي سنهن سيمنٽ وارن پنروڙن کي نہ رڳو پاڻ پر ٻارين ٻچين ستا پيا هئا. سيرانديءَ کان ٻہ وڏا پنجابي دهل وڄڻ جي باوجود هڪ عورت لوئي ويڙهيو ستي پئي هئي جنهجي ڳچيءَ ۾ پيل تعويذ سندس اکين وٽ اچي ويو هو. روضي اندر گهڙڻ سان حيرانگي انڪري وڌي وئي جو تمام سوڙهي ڪمري ۾ ننڍيون وڏيون ٻارهن قبرون ڦهليل هيون. هڪ هڪ ماڻهو مشڪل سان گذرڻ جيتري جاءِ قبرن جي چوڌاري بچيل هئي. جتان زيارتي هڪٻئي جي مٿان چڙهندا صلواتون پڙهندا ۽ گنبذ ۾ اچا ٻہ وڏيڪ گونجندڙ حيدري نعرا هڻندا هڪٻئي کي ٻاهر ڌڪيندا رهيا. روضي جو گنبذ جيترو ٻاهران خوبصورت نظر اچي رهيو هو اها ڪشش اندر واري سوڙهہ ختم ڪري پئي ڇڏي. روضي اندر سچل جو ڪو ڪلام لکيل نظر نہ آيو صرف چار ڪلاڪ لڳل هئا، شايد سچل کي گلن جي گهڻين چادرن سبب سجاڻي ورتو. هونئن هر قبر جي آڏو هڪ اسٽيل جي شناختي تختي بہ لڙڪيل هئي. ٻاهر اچي حيرانگيءَ مان اندر رش ڪندڙ ماڻهن کي ڏسندي نانڪ ٻڌايو تہ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير غلام حيدر آرائين سنڌ جي اوقاف کاتي کي روضي جي حدن جي واڌاري ۽ سينگار لاءِ لکين روپيا ڏنا هئا پر اهو ڪم اڌ ۾ بند ڪري نيڪدار ئي پچي ويو.

صحن ۾ ئي ڪتابن جو هڪ اسٽال بہ لڳل هو پر ماڻهن جي رش پڪوڙن ۽ ڪنڍ سوجيءَ واري مٺائي تي هئي. پنهنجي محبوبن لاءِ ڪوڙيون منڊيون، راڪيٽ ۽ ٻانهوٽنا سوڪڙيون ڪري ونندڙ نوجوانن کي تڪيندا اسان اچي ان ميجڪ شو وٽ پهتاسين جتي پردي اندر فنڪارائن جي ڊانس سميت مختلف آئٽمز پيش ڪيا پئي ويا. اتي ئي بيٺا هئاسين تہ ”تنهنجو ديش منهنجو ديش“ جا نعرا هڻندا لطيف يونيورسٽي جا شاگرد اچي ان شو ۾ مفت داخل ٿيڻ لاءِ زور پرڻ لڳا. اهو شو ڏسڻ لاءِ رينجرز جا هٿياربند اهلڪار بہ پهچي چڪا هئا، وڏي گوڙ گهمسان کان بچڻ لاءِ شو جي منتظمين شو جي خاتمي جو اعلان ڪيو. پرسان ئي موت جي کوه وٽ چلڪٽا ڪپڙا پائي ڊانس جي نالي ۾ تختا پچيندڙ نينگريون بہ هڪ عدد چوٽو مشڪري سميت محو رقص هيون. ڪجهہ ساٿين جي دل ڏاڍو رڪجڻ لاءِ چيو پر اسان جي گروپ ڪمانڊر اڳتي هلڻ تي اسرار ڪيو. اداڪارئن جا فوٽو وننڌڙ ۽ انهن سان گڏ فوٽو ڪيرائيندڙ نوجوانن کان ٿيندا اچي هڪ اهڙي محفل ۾ پهتاسين جيڪا نيم سرڪاري پئي لڳي. گيٽ تي بہ هٿياربند اندر ايندڙ کي ڊسپلين لاءِ چئي رهيا هئا. وڏي شاميانا اندر سرڪاري محفل کان الڳ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مچايل مانداڻ شايد هن سال ئي ٿيو هو. ان صبح ئي درگاه درازا شريف جي ويسٽرنائيزڊ سجاده نشين سخي قبول محمد سرڪاري تقريبن جو اڻ اعلانيل بائيڪاٽ ڪيو هو. ليڊي ڊائنا جي ڊزائينر ڪان ٿاءِ گهرائڻ واريون ڳالهيون ڪندڙ ۽ تازو فاروق لغاريءَ واري ملت پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ ان سجاده نشين جڏهن گورنر جي عيوضي دوست محمد فيضي کي اڇي روايتي گيڙو پٽڪو نه پارايو هو ته سندس بائيڪاٽ واريون خبرون ڦهلجي ويون هيون ۽ هاڻي رات واري محفل ۾ هن سرڪاري ڪانفرنس ڪان الڳ هٽائي ماڻهن جي ان خيال کي جڻ ته پختو ڪيو ته هو سچل بابت سرڪاري تقريبن جو بائيڪاٽ ڪري ٿو. سندس شامياني ۾ ماڻهن کي منايون ۽ چانهيون پيش ڪيون پئي ويون. هوڏانهن سرڪاري تقريب پڻ پوليس لنيون هٽي ڦٽائي ڇڏي هئي. اسان سميت ڪيترن ئي ڪارڊ هولڊرن کي پوليس اندر ڇڏڻ ڪان نابري واريندي ڌمڪي ڏني ته گيٽ ڪان هٽي پري ٿيو نه ته لنيون وسنديون ته هڪ به نه بيهي سگهندو. اسان پنهنجا پٽڪا ڊاهي حليو تبديل ڪري صحافتي داٻا ڏيئي جڏهن اندر داخل ٿياسين ته سپاف ۽ جساف چوڪرن وچ ۾ نعريبازيءَ جي مقابلي ڪانپوءِ پوليس سانوٽيءَ جي مينهن وانگي جڏهن لنين جو وسڪارو لائي ڏنو ته ڪيترائي ماڻهو زخمي به ٿي پيا. ”هي سچل جي درگاه آهي جتي سرڪار راڳ بندڻ لاءِ آيلن مٿان به لنيون وسائي.“ هڪ پانڌيئڙي چيو. جڏهن سرڪاري محفل ۾ مزو نه ڏنوسين ته ڪنهن دوست اطلاع ڏنو ته ”هن سال عابده پروين، علڻ فقير ته آيا آهن پر اهو شمن ميرالي به ڪنهن محبوب جي منع ڪرڻ سبب رڪجي پيو آهي، جنهن کي سچل ايوارڊ ڏنو پئي ويو“ هن ٺوڪ واري انداز ۾ چيو”گذريل سال واقعي شمن ميراليءَ ئي سچل کي گهڻو ڳايو هو اهو ئي حقدار هو ايوارڊ جو.“ اسان گرم ڦلن جون ڀوريون پرائي ڪائيندا اچي ٻلهڙجيءَ وارن زائرين جي مئخاني تي پهتاسين جتي استاد گلزار علي ڪجهه ڪلاڪن ڪان ڳائي رهيو هو. ”گذريل سال جيان هن سال برسات ته نه پئي آهي پر چنڊ به الاءِ ڇو شرمائي ڪڪرن ۾ لڪندو ٿو وتي“ هڪ دوست چيو. ان مئخاني تي سنڌ جو ذهين شاعر ۽ صحافي انور پيرزادو به سرور وننڊي نظر آيو ته لطيف جو حافظ لطف به ڪنهن ڪنڊ ۾ ليٽيل هو. باه جي مچ تي اها تنوار هلندي رهي. اسان جڏهن ٽانگي تي چڙهي ٽڏ ۾ سرور جي فريز ٿي ويل وارن ڪان آجي مٽي تي پوڳ ڪندا راڻيپور موٽياسين ته ميلي وارن ميدان ڪان وڏي آواز ۾ ”دل بنگلو گهري ٿي“ وارو بازاري ڪلام ڪافي پنڌ تائين اسان جو پيڇو ڪندو رهيو. ان گهڙي مون کي ڪهاڻيڪار دوست جي فينٽسي ياد پئي ته واقعي اڄوڪو ڏينهن سچل ڪنهن ويرانيءَ ۾ گذاريو هوندو ته جيئن درازن ۾ پلي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سرڪار، سياست ۽ ٽرڙ پائيءَ ڪي جلوا ڏيکارڻ جو موقعو ملي. سچل جي هڪ عقيدتمند چيو ته ”سال ۾ هڪڙو ڀيرو هڪڙو ڏينهن ئي ميلو مچي ٿو ته هاڻي سرڪاري پروٽوڪول ۽ سياستون ان کي به ڦٽائي ڇڏينديون.“ درازن ۾ عجب اسرار هو. سوال وري به اهو رهجي وڃي ٿو ته ڇا سخي ۽ سرڪار اهو اسرار قائم رهڻ ڏيندا ؟.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# حصو چوٿون : اوجاڳا


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ڪوڙن سچن ميرن واري خيرپور

هونئن تہ هر شهر جون هزارين ڪهاڻيون ٿين ٿيون، پر خيرپور جي ڳالهہ انڪري بہ ٻي آهي جو هن شهر جو عروج تہ ڪي باز چنبن ۾ چائي ويا آهن. شايد انڪري ئي ڪالهوڪا ”مدل مين“ اڄوڪي خيرپور جا ”ڪنگ ميڪر“ ٿي ويا آهن. ميرن جي حاڪميت چا هلي وئي، پيداگير ماڻهن ميرن جا نٽ نانگر بہ ڪوٽڏيجي قلعي جي توپن جيان گهلي اچي پنهنجي درن اڳيان اڇليا ۽ خيرپور کي اجاڙي ڇڏيو.

هاڻي هنن ڏونهين ۽ دز وارين گهٽين ۾ ان خيرپور کي ڪٿي ڳولهجي جنهن جي بخاري پاڙي ۾ ڪڏهن شام ٿيندي ئي محلي جو ماحول عطر عنبيرن سان واسجي ويندو هو، مائي هندان ۽ سندس ڌيءُ بندان جون محفلون مچنديون هيون. بندان جي هڪ ڊي ايس پي سان شادي ڪان پوءِ بہ سندس طبلي نواز نورو سندس در اڳيان رهندو هو ۽ چون ٿا تہ هن آخري پساه بہ ان در اڳيان پورا ڪيا. ”هنن پيداگيرن تہ خيرپور سان ان نوري جيترو بہ نہ نڀايو آهي“ هڪ دل جلئي خيرپوري نوجوان چيو. جنهن خيرپور ۾ جمعي رات ڪان سواءِ هر رات راڳ ٿيندو هو اتي هاڻي ڪو محفل مچائڻ وارو ڪونهي. وقت جي ستم ظريفي تہ ڏسو ڪڏهن راڳ جو گهر سڏي ويندڙ خيرپور ۾ هاڻي رڳو مختيار شيدي ئي وڃي راڳي بچيو آهي. جنهن ٻڌندڙن جا تڻ تپائي ڇڏيا آهن.

جڏهن خيرپور جون گهٽيون اڄان اڄوڪن خيرپوري سيٺين جي دلين جيان سوڙهيون نہ ٿيون هيون تڏهن جيلاني محلي واري مائي زيبا وٽ ”هالا جي شاعراڻي طبيعت واري پير“ جهڙا مهمان بہ دل جي سڏ تي هليا ايندا هئا. اختيارن جو غلط استعمال تہ اڄوڪي خيرپور ۾ شروع ٿيو نہ تہ ”رياست جي جج پير علي شاه“ جي ڌيءُ جڏهن هڪ غير سيد سان نڪري وڃي پسند جي شادي ڪئي هئي تہ اهو رياستي جج پنهنجي ان ”زور آور“ ناٺيءَ کي گرفتار تہ چا بلڪ سينئر خيرپوري چواڻي تہ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيو هو. ان ئي سينئر همراه ٻڌايو تہ ”هاڻوڪي اشرافيہ ٻيو نہ تہ تڏهن بہ شراب پيئڻ جي ڪيس ۾ ماڻهن کي ڪاٺ ۾ وجهرائي هانءُ هلڪو ڪري ٿي وٺي“.

اڄوڪي خيرپور ۾ اهو ڦول باغ ڪٿي جنهن ۾ رتن مل تاس راند ڪيڏندو هو ۽ هر جمعي تي پوليس بئنڊ اچي ”ارمان آ نازڻ تنهنجو دم بيوفا تي ناز هو“ واري ڌن وڄائيندي هئي. اهو رتن مل اڄوڪي ڊاڪٽر چيلا رام (جنهنجو نصير مرزا چيلو آهي) جو چاچو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوندو هو. ”جارج عليمراد ٽاڪيز“ ۾ انٽرويل دوران دال ڪپائيندڙ رتن مل تي جڏهن ٽاس راند ۾ ڏنڊ (سزا) پوندو هئو ته سندس اٺ ويهه ڪرڻ ته نرالي هوندي هئي. ان قول باغ ۾ ٽي وي ۽ ريڊيو به عام خلق جي سهوليت لاءِ رکيل هوندا هئا ۽ ريڊنگ روم به هوندو هو. جنهن کي هاڻي ڪٽي گراٽ جيترو ڪيو ويو آهي ۽ ها ان ٽپالي گهٽيءَ کي ڪيئن وسارجي جنهن ۾ رياست جا پوسٽ مين رهندا هئا. هاڻي ان گهٽيءَ ۾ ٽپالي گهٽ ڊاڪٽر وڌيڪ رهن ٿا، شايد ان ڪري ئي گهٽي سوڙهي ٿي ويئي آهي ۽ ها هو منشي محلو، جنهن ۾ رياستي ڪورٽ جا منشي رهندا هئا اهو به ته هاڻي ميرن جي حاڪميت وانگر ماضيءَ جي مزار بڻجي ويو آهي.

جنهن خيرپور مان مير فيض محمد انگريزن کي ريل جي پٽڙي وڇائڻ جي اجازت نه ڏني هئي ته متان ڌاريا اسان جو ديس نه ڏسي وٺن ڪاهون ڪن، ان خيرپور ۾ هاڻي ڪيترا نه ڌاريا اچي ويا آهن. شايد انهن ڌارين جو ئي اثر آهي جو موجوده هزهائينس کي به سندس ابن ڏاڏن واري نهرايل عمارت هاٿوڪي سرڪٽ هائوس مان لڏائي وڃي ڪوٽڏيجي ويهڻ تي مجبور ڪيو اٿن. هاٿوڪي خيرپور جي سياسي ۽ سماجي منظرنامي ۾ مير خاندان به فيض محل وانگيان اهڙو ته پسمنظر ۾ هلندو ٿو وڃي جو پنهنجي اباڻي پارليامينٽ واري سيٽ به سندن هٿن مان ڇڏائجي وئي آهي. پنجاب جي مهاراجا رنجيت سنگهه سان ڪنهن زماني ۾ جنگ جون تياريون ڪندڙ اڳوڻي مير حڪمران گهراڻي جو به ڇا اهڙو حشر ٿيندو، جهڙو مهاراجا رنجيت سنگهه جي آخري پٽ دليپ سنگهه جو ٿيو، جيڪو سک مان عيسائي ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ئي پنجابين کي گاريون ڏيندي، پئرس جي هڪ هوٽل ۾ گمناميءَ جو موت مري ويو. ڪنهن ڏاهي ٻڌايو ته سالن کان رياست جي خاتمي جو سوڳ ملهائيندڙ مير خاندان کي خيرپور فتح ڪندڙ مير سهراب خان جي زندگي ضرور پڙهڻ گهرجي. جنهن 27 سال دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. مير سهراب جي سمهڻ بعد سيراندي ۽ پيراندي کان به تلوارن وارا پهريدار بيهندا هئا. پنهنجي زندگي جو اڌ کان وڌيڪ حصو جنگين ۾ گذاريندڙ مير سهراب 90 سالن جي عمر ۾ ٿڏهن مري ويو هو. جڏهن هو خيرپور جي محل واري دريءَ مان جهڙالي آسمان کي جهاتي پائي ڏسي رهيو هو. محل جي دريءَ مان هيٺ ڪري دم ڏيندڙ ان مير ته 71 سالن جي ڄمار ۾ گوشه نشيني اختيار ڪئي هئي پر وقت پڇي ٿو ته هي ڪهڙا مير آهن جن پنهنجي پوري عمر ئي گوشه نشيني ۾ گذاري ڇڏي آهي. رياست وارن ڏينهن جون اهي عوامي سٽون ته ”مير نصير رنگ ۾، مير سهراب جنگ ۾، مير رستم پنگ ۾ ۽ مير مراد علي جهنگ“ ۾ ڪجهه تبديلين سان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ماڻهو اڄوڪن خيرپوري شاه حڪمرانن لاءِ هينئن ٻڌائن ٿا ته ”غوث علي شاه رنگ ۾، قائم علي شاه ڍنگ ۾ ۽ پرويز علي شاه (سياسي) جهنگ ۾“ باقي مير سهراب واري ڪُردي تلوار جنهن لاءِ چئجي ته اهو جنگ ۾، جيڪڏهن ڪو خيرپوري جنگ ۾ هجي ها ته پيو تڏهن به رياست جي ”عوامي ڀلائي ٽرسٽ“ وارا هڙپ ڪيل پيسا ته خيرپور ڪي موٽائي ڏي ها. اها ٽرسٽ 1953-54ع ۾ هڪ هڪ ڪروڙ جي لاڳت سان قائم ڪئي وئي هئي پر مغربي پاڪستان جي گورنر نواب ڪالاباغ 1959ع ۾ هڪ آرڊيننس ذريعي ان ٽرسٽ کي ختم ڪري ڇڏيو ٽرسٽ ان دؤر ۾ خيرپور يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ 120 ايڪڙ زمين به خريد ڪري ورتي هئي ۽ ان جو تعميراتي منصوبو فرئنچ آرڪيٽيڪٽ کان نهرايو هو. ان ٽرسٽ جا خيرپور ٽيڪسٽائل ملز ۾ 95 سيڪڙو شيئرز هئا، جيڪي فوجي فائونڊيشن جي ”پوسٽ وار ڪنسٽرڪشن“ فنڊ ۾ ڏنا ويا، جيڪي اڃان نه موٽيا آهن. اڄ شهري مسئلن جي حل لاءِ ان خيرپور کي مالي مدد جي ضرورت پوي ٿي جنهن 1914 واري عظيم جنگ ۾ هوائي جهاز خريدڻ لاءِ برطانيا کي پيسا امداد طور ڏنا هئا ۽  هڪ جهاز جو نالو ئي خيرپور رکيو ويو هو. پر هاڻي خيرپور ميونسپل وٽ صفائي واري عملي کي پگهارون ڏيڻ جيترا پيسا ناهن. خيرپور ۾ رات رهڻ کان نفرت ڪندڙ ۽ شڪار تي زالون گڏ وٺي ويندڙ مير علي مراد خان اول 5 شينهن شڪار ڪري انهن جون کلون راڻي وڪٽوريا کي تحفو ڪري موڪليون. ”هڪ جهوني خيرپوريءَ فردوس هوٽل تي چانهه پيئندي خواهش ڏيکاري ته جيڪڏهن ممڪن هجي ته سچل سرمست جي مريد مير علي مراد کي اڄوڪي خيرپور ۾ به شڪار جي دعوت ڏجي، جتي گدڙن شينهن واريون کلون پائي گجگوڙون ڪرڻ شروع ڪيون آهن. ارمان ڪندي وڌيڪ چوي ٿو ته مينهن جي ڪچي واڙي ۾ ويهي گوريلا جنگ جا سانباها ڪندڙن ماڻهن جون قسمتون به خير ڪو بدلايون، پر پنهنجو سوچون ئي بدلائي ويهي رهيا.

هاڻوڪي خيرپور جديد رومانوي داستان جي هيروئن باليءَ جي ان ياءَ جيان ڪيڏي نه ننڍڙڪي ٿي پئي آهي، جنهن پنهنجي پيڻ جي ڏڍ تي ميرن جي صاحبي دوران سؤ سؤ روپين وارا نوٽ سگريٽن جيان تماڪ سان پري ساڙيا پر بالي جي وفات کان پوءِ رڪشا هلائيندي مري ويو. عابد شاه چواڻي ته شهر ايترو ننڍڙڪو ٿي پيو آهي جو ان جي سياسي اسٽيج تي هندستان کان آيل قوالن قبضو ڪري ورتو آهي. ان خيرپور جي لقمان پاڙي ۾ هندستان جي ڪنهن رياست جو والي ته تنگدستي ۾ زندگي گذاري مري ويو پر سندن گهوڙن جا طنبيلا صاف ڪندڙ هاڻي نئون مير بڻيو ماڻهن کي وينو بيوقوف بڻائي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هونئن به ڏسجي ته ڪجين واري هن ديس گهٽن ئي پئڪندڙ روحن کي پناه ڏني پر ان شهر سان نڀايو تمام گهٽ ماڻهن آهي. نڀايو ته خيرپورين اميد خيرپوري ۽ تنوير عباسي سان به ڪونه سندن سانت جي هڪ معصوم نوجوان پڇيو هو، عاشقن ۽ شاعرن هن شهر سان هميشه دغا چو ڪئي آهي. اميد خيرپوريءَ سان ته اهڙا سنگين چرچا ساڻس ملهايل شام ۾ به ڪيا ويندا هئا ته ” خوشقسمتيءَ سان جيڪڏهن مريم توپ ۾ ڪو گولو پئجي وڃي ۽ بدقسمتي سان اهو هلي به پوي ته جنهن شخص کي اهو لڳندو سو آهي اميد خيرپوري“ چو ته اميد خيرپوري مريم توپ جي سامهون ايس پي آفيس آڏو عريضي نويس وارو ڪم ڪندو هو.

خيرپور جي هاڻوڪن مسئلن تي شهرين ۾ چانيل مانٺ بابت جڏهن پڇا ڪيم ته سينئر توڙي جونيئر خيرپورين جي متفق راءِ هئي ته ماڻهو خيرپور سان محبت ته ڏاڍي ڪن ٿا پر ڪنهن اڻڄاتي خوف کان مسئلن خلاف ڪڇن ڪونه ٿا. ڪجهه ماڻهو ته اهو به ٻڌائين ٿا ته 1972ع ۾ جڏهن ڪمشنريٽ واري حيثيت جي خلاف شهرين لاڳيتو 3 ڏينهن هڙتال ڪئي هئي ته ان وقت جي وزير قائم علي شاه پاڻ لڪڻ ڪڻي شهر جو رائونڊ ڪيو هو. شايد ماڻهن جي ذهنن ۾ ان لڪڻ جو خوف اڄان به وينل آهي. جو هو گهٽين ۾ گند ڏسي ۽ گندو پاڻي ته پي وڃن ٿا، پر ٻڙڪ به ٻاهر نٿا ٻولين. جيتوڻيڪ هاڻي قائم علي شاه خيرپور ۾ ايترو ڪونه ٿو ترسي پر سندس مڇر ته موجود آهي. جنهن کان ليگي دؤر هوندي به آفيسر شاهي ڪن هٽندي آهي. ”مظهر علي عرف مڇر“ کي ڪاوڙ ته ”يشونت“ فلم رليز ٿيڻ کان پوءِ ڏاڍي آئي هئي. جو گهٽين ۾ ڪيس ڏسندي ئي ماڻهو ان فلم جي هيرو ”نانا پاٽيڪر“ جو اهو ڊائيلاگ وڏي واڪ دهرائيندا هئا ته ”سالا ايک مڇر – آدمي ڪو هيجڙا بنا ديتا هي.“

وقت جي ستم ظريفي ڏسو جنهن خيرپور کي مڇرن ۽ روبين جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# لاڙڪڻ ۾ وڃايل رومانس وارو شهر

اها وقت جي ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي جو بجليءَ جا ڏگها بريڪ ڏائون، روڊن تي ٽائرن ڪي باهيون ۽ ڇوڪرن جون ڇوڪرن سان شاديون اڄوڪي شڪارپور جي سڃاڻپ بڻجي ويون آهن. شڪارپور جنهنجا رستا روزانو ٻه دفعا ڌوپجندا هئا، جيڪا سالن جا سال خراسان جي حڪمرانن جي يار دلخواه رهي هئي ۽ جنهنجي جدائيءَ افغاني حاڪم هتان ڳوڙها ڳاڙيندا هليا ويا. ان شڪارپور جا اڄوڪا حاڪم شڪارپور کان گهڻو ٽڙو ٻاهر گذارڻ ۾ خوش ٿين ٿا. هنن کي ته جون ۽ جولاءِ ۾ سنڌ واه جو وهڪرو ٻه پاڻ ڏانهن نٿو ڇڪي. هو ته يورپن، مري ۽ باٿ آئليند وارن بنگلن ۾ شڪارپور کان گهڻو پري هليا ويا آهن. هو سنڌ ورڪي سينيا ٿوروئي آهي جيڪي سمر قند، بلخ بخارا تائين وڻج واپار ڪري وار وري ٻه اچي شڪارپور جي حجم کان نهرائيندا هئا ۽ راڳ رنگ جون محفلون سڏائي ڪلڪتي ۽ لاهور کان ڳائڻيون گهرائيندا هئا. انهن شڪارپوري شاهوڪارن وٽ بيدي جيڏا زمرد، ياقوت ۽ راجائن جهڙا جواهر ۽ ماڻڪ هوندا هئا پر اهي وهنجندا وڃي سنڌ واهه ۾ هئا ۽ تفريحي شاهه باغ ۾ ڪندا هئا پر اڄوڪن شڪارپوري اميرن جو ڏس ميرا ۽ شگفته ڏانهن ئي ملي ٿو. شڪارپور شهر جو بنياد رکندڙ دائودپوٽن جو ته هاٽي ڪو ڏس ئي ڪونه ٿو ملي. هو شهر جي چوڌاري نهرايل ۽ پوءِ ڏاهيل انن ئي دروازن وانگيان گم ٿي ويا آهن، پر شڪارپور مان ته گهڻو ڪجهه گم ٿي ويو آهي. رڳو لکيدر، هاٿي در، هزاريدر، خانپوري در، ڪرن در، واڳڻون در، سيوي در ۽ نوشهرو در ٿورو ئي گم ٿيا آهن، هتان ته سردارن جون حويليون، سنڌ ورڪي سينين جا محل ۽ ماڙيون باغ ۽ باغيچا، سرائون، ڌرمشالائون، انصارين جا سندل، صديقين جون ڪٽون ۽ شيخن جون بئجنچون ٻه غائب آهن. شڪارپور مان هاٽي ته انسانن لاءِ رحم وراو احساس ٻه ختم ٿيندو پيو وڃي. شايد ان ڪري ئي گذريل عيد واري ڏينهن شڪارپور جي گهٽين ۾ سڱاوتي تڪرار تا ٻتو قتل ٿيو هو. هي اهو شهر آهي جتي ورهاڱي کان اڳ ڪٽ واري ڌرمشالا مان هڪ ماڻهو روزانو مانين جي هڙ ٻڌي نڪرندو هو ۽ بازار جي ڪتن کي هڪ هڪ ماني ڏيندو ويندو هو. ان ئي شهر ۾ ڪي ماڻهو شاهي باغ جي پپل جي وڻن جي پاڙن ۾ کنڊ ۽ منائي جا بڪ پري هاري ويندا هئا (جيئن ڪيولين ۽ جيتن کي ٻه کاڌو ملي) پر اڄ ان شاهي باغ ۾ رولو گڏهه گاهه چرن ٿا ۽ ڪي شوقين وڻن جي اوٽ ۾ ڇوڪرن سان ڪچهريون ڪن ٿا. ڇا اڄوڪو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

شڪارپور دائود پوٽن واري دؤر کان اڳ واري شڪارگاهه آهي جنهن ۾ پير سلطان ڪي ٻيهر گهوڙي تي چڙهي اچي دعا گهري شهر آباد ڪرڻو پوندو.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته شڪارپور ۾ قبيلائي جهيڙا ان ڪري ٿين ٿا جو شڪارپور جو بنياد ئي مهرن ۽ دائود پوٽن وچ ۾ جنگ کان پوءِ پيو هو جنهن ۾ 12 هزار مهرن ۽ بلوچن جي لشڪر سان دائود پوٽن جي 4 سؤ سپاهين جنگ ڪئي هئي، 3 هزار مهر مارجي ويا هئا جنهن کان پوءِ ان ميدان کي ڳاڙهو مقام سڏيو ويندو هو، پر 1944ع ۾ سنڌو درياهه ۾ آيل اٿل ڪري هاڻي ان قبرستان جو ڪو نشان ظاهر ناهي. مهرن جي سردار ڪريم ڏني ۽ دائودپوٽن جي امير بهادر خان وچ ۾ هڪ ٻي جنگ مهرن جي صرف 2 گهوڙن جا پچ ۽ ڪن ڪپي ڇڏڻ تان ٿي هئي. اها جنگ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اڄ به جاري آهي جنهن ڪري وڙهندڙ قبيلن جي سردارن پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ۾ پناهون ورتيون آهن ۽ سندن شڪارپور وارا پراڻي دؤر جا نهرايل بنگلا هاڻي چونو ڇاڻي رهيا آهن. انهن بنگلن ۾ سادو ۽ پراڻو فرنيچر پيل آهي، پوءِ به هتي سرداري نظام جو وڏو دٻدٻو ليڪيو وڃي ٿو. شايد انڪري ئي مقبول شيخ جي نواز شريف سان گڏ اجرڪ ٽوپيءَ سان نڪتل تصوير هينان به "سردار مقبول احمد شيخ" لکيل آهي. جنهن شڪارپور جي جاگرافي هميشه تبديل ٿيندي رهي آهي تنهن کي هن وقت ڪو اعليٰ تعليمي ادارو ناهي پر ورهاڱي کان اڳ ٻيا تعليمي ادارا ته پنهنجي جاءِ تي پر ڪاروباري ماڻهن پنهنجي اولاد کي بزنس اسٽڊي ڪرائڻ لاءِ "اوجها" اسڪول به کولرايا هئا. هاڻي ته ڪو معياري اسڪول نه هجڻ ڪري پرائيويٽ اسڪول کوليندڙ اڪثر ماڻهن جي چاندي ٿي وئي آهي جن ۾ اڳوڻي وڏي وزير عبدالله شاهه جو اهو دوست به شامل آهي جنهن شهيد پٽي جي نالي تي تحقيقاتي اداري ۽ ميوزيم لاءِ سرڪاري پلاٽ وٺي پرائيويٽ اسڪول نهرائي ڇڏيو آهي. اهڙن چالاڪين سبب ئي "شڪارپوري" ٽرام کي ڊبل معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي.

هن شهر مان وڻ ان جي اڳوڻي حسن وانگيان غائب ٿي ويا آهن. هاڻي اسٽيشن روڊ تي انهن وڏيل وڻن جا ٽڏ توهان کي ضرور نظر ايندا. ڪنهن دؤر ۾ شڪارپور ۾ ٽرام هلائڻ لاءِ ٽرام وي به منظور ٿيو هو جنهن جا نقشا اڄ به دفتريءَ ۾ موجود آهن پر اڄوڪي شڪارپور جا ماڻهو ٻه ٻه روپيا ڏئي گڏهه گاڏن تي سفر ڪن ٿا جن تي اس کان بچاءَ لاءِ مٿان ڪپڙو ڏنل آهي. عام شڪارپوري ته گهوڙي تان به لهي گڏهه گاڏي تي اچي وينو آهي ور خاص شڪارپوري التو ڪار مان نڪري سرف گاڏين ۾ پرسڪون سفر ڪن ٿا. ڪجهه محقق اهو الزام به اڄوڪن شڪارپورين تي هڻن ٿا ته هنن ورهين جي محنتن ۽ ڪشالن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

کان پوءِ ٺهيل ڪاٺ جي عاليشان ٽڪ وارين درين ۽ درن ڪي چلهن جو ٻارڻ بنائي ڇڏيو. هنن ته راءِ بهادر اڏوداس ۽ لال ڪشچند جهڙن نيڪ ۽ سخي مردن جا مجسما به ڀڃي ڊٺا ڪري ڇڏيا جن منجهان هڪڙو اڏوداس جو بچيل مجسمو بنا نالي ۽ تعارف جي سنڌالاجي ۾ پيل آهي. اڄوڪي شڪارپور جي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ شهيد الهه بخش سومرو، تاراچند، سيٺ ڪيول رام، ڊاڪٽر سران صديقي، سرغلام حسين هدايت الله جهڙا ماڻهو ڳولهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. هاڻي لکيدر واري گل فروش ڏي ته ڪو لڙي به ڪونه ٿو. اهي ململ جا پهراڻ، عشق جا نياپا، ٽانگي وارن جا پيار ڀريا جملا هاڻي ته هڪ خواب بڻجي ويا آهن جنهن ڪي ڪجهه شڪارپوري سارين ٿا ۽ ڪجهه ان حسين خواب مان جان آجي ڪرائڻ چاهين ٿا، ان جو حسين مثال الاهي بخش سومري پاران شڪارپور شهر ڪي ڏنل پني آهي. شڪارپور شهر جي قتل حسن جو درد ڪجهه ماڻهو روئين ٿا باقي ته شڪارپور جي ٻهراڙين جي سماجي زندگي ساڳي آهي جتي عورتن ڪي اڄ به ماهو ڪري ماريو وڃي ٿو. امير صادق محمود جي دؤر ۾ جڏهن نورمحمد ڪلهوڙي سان ڳڏجي ايراني فوج شڪارپور تي حملو ڪيو هو ته امير صادق پنهنجي عورتن ڪي پنهنجي هٿن سان زهر ڏئي (ماهو) ڪري ماريو هو. اڄ به شڪارپور شهر ايندڙ ٻهراڙين جا ماڻهو نواب ولي محمد جي ان لشڪر جيان لڳن ٿا جنهن افغانين ڪي تڙڻ وقت شهر ۾ گشت ڪري چيو هو "واهه شڪارپور واهه شڪارپور! يلا يلا مار ماريندا سون ڙي! رئيس جي سر جي سلامتي ضرور گهرن ٿا. ڪنهن دؤر ۾ قلعه قافلہ وٺ ميل پراسٽيٽيوشن هلي ٿي. ڪجهه ماڻهو اهو ٻڌائيندي شيشي وانگر ڀري پون ٿا ته هڪڙي هوٽل ۾ ته اسڪول گرلس به مهيا ٿين ٿيون. ڇا ته تماشو بڻيو آهي شڪارپور جو! جتي ماسٽر چندر، مولي ٻائي، عاشق علي خان، جيوٽي ۽ هندان ٻائيءَ جا آلاپ هوندا هئا، اتي اڄ ڪو ڪيسٽي فنڪار رڙيون ڪري چوي ٿو "چو ٿا ايڏو انتظار ڪرايو جاني، پنهنجو ديدار ڪرايو جاني!" هاڻي ته گهنٽا گهر جي چوڌاري به انڪروچمينٽ ٿي وئي آهي ۽ اسٽيشن تائين ٻڌجندڙ گهنٽا خاموش آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

# ٽڪل شام جھڙو شھر !

ڪجھ هفتا اڳ جڏهن گرمين جي حوالي سان بدنام شهر سکر جي موسم جون ۽ جولاءِ وارن ڏينهن ۾ به ميگھ ملهار تي پئي هئي ته شام جو لڳندڙ ٿڏڙين هوائن جو مزو وٺڻ لاءِ تمام ٿورا ماڻهو ڳتيل آباديءَ کان ٻاهر نڪري آيا هئا، هنن کي چانڊوڪي راتين ۾ ترندڙ اپسرائن جهڙين لڳندڙ، درياهي ڇولين به پاڻ ڏي نه ڇڪيو هو. هتان جي اڪثريتي آبادي دڪانن مٿان نهيل ڪڏڙين جيترين جاين ۾ سوير سمهڻ جي عادي آهي. هو سيئي موسمون ”روٽين“ ۾ گذارين ٿا، جنهن ڪري سکر جي زندگي شهر جي اگهاڙين پٽين جيان بي رنگ ٿي پئي آهي ۽ سکر برج جي ٽمڪندڙ بتين کان وٺي پرين گهاٽ جي ٻڙ تائين سڀ اڪيلائي جو عذاب سهن ٿا. هتان جي عاشقن جو چانڊني تن جلائي تي الائي نه پر اسان ته سکر جو اهو اونهارو ڏسڻ لاءِ ترسي پيا آهيون جنهن لاءِ مير علي شير قانع لکيو هو ته ”آبڪلاٽيءَ ۾ جڏهن ميوا پچن ٿا ۽ گل ٽڙن ٿا تڏهن شهر جا امير توڙي غريب زالن ۽ ٻارن سميت سڄو سڄو ڏينهن باغن ۾ گذارين ٿا.“ واقعي اهي گل سنگهڻ لائق آهن پر هتي ته اونهارو، بهار ۽ سيارو ايئن گذري وڃي ٿو ته ”گل کلهي نه ان سي ملي نه مئي پئي هي، عجب رنگ مين اب کي بهارين گذري هين“. سکر جي سونهن ۽ جمال کي معصوم شاهه جي مناري تان بيهي ڏسڻ جي صلاح ڏيندڙ رڇرڌ برٽن کي هاٽي جيڪڏهن معصوم شاهه جي مناري تي چاڙهي اڄوڪي سکر جو نظارو ڪرائجي ته هو شايد روئي پوي. چون ٿا ته دنيا ۾ تمام ٿورڙا شهر آهن جن کي سکر جهڙي قدرتي سونهن هجي ٿي، جنهن جي پاسي مان درياهه وهندو هجي ۽ شهر جو ڪجھ حصو ٽڪرين تي هجي، هونئن به پراڻن زمانن کان درياهه جي اهميت ۽ حيثيث سهوليت واري شئي کان وڌيڪ رومانس واري رهي آهي. قديم زمانن ۾ مصري نيل نديءَ کي ديوتا ڪري مڃيندا هئا، آرين جي رشين پنهنجي جهوني رگويد کي سنڌوءَ جي ڪنارن تي ئي قلمبند ڪيو هو تنهنڪري هو سنڌوءَ کي گنگا ۽ جمنا کان به وڌيڪ متبرڪ سمجهندا هئا. رگويد ۾ ئي سنڌوءَ جي تعريف سلوڪن ۾ ڏنل آهي پر اڄوڪي سکر جا ماڻهو پوري شهر جو گند اڇي درياهه ۾ اڇلائين ٿا، اها عجيب ڳالھ ناهي ته هو پاڻي به ان درياهه جو واپرائين ٿا ۽ گندگي جي نيڪال جا منهن به ان طرف ڪري ڇڏيا اٿن، پر ڪين روڪڻ واري ڪا اختياري ناهي. هو گند اڇلائيندا انهن مٿان درياهه اندر جايون اهڙي طرز سان نهرائيندا وڃن ٿا جڻ ته هو درياهه جي به پلاننگ ڪندا ۽ جڻ ته ڪين هن درياهه جي ڪا خاص گهرج ناهي. لنڊن جي ٿيمسز پل کان پنجوڻ تي وڏي لائيڊ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

برج هتي آهي پر ان جي سونهن وڌائڻ لاءِ کو اڳتي نئو اچي. ڇا اهو رڳو آبپاشي وارن جي ملڪيت آهي؟ يا پنهنجي شهرن کي سينگارڻ بدران هو ڪنهن انگريز فاتح جو انتظار ڪن ٿا جن سکر جي جابلو ٽڪرين تي نهيل قبرون ڊهرائي بنگلا ۽ دفتر تعمير ڪرايا. مقامي آباديءَ جي احتجاج تي انگريزن چيو هو. ”توهان به عجيب قوم آهيو، نظاريدار ٽڪرين کي قبرستان بڻائي ڇڏيو اٿو. اسان توهان ۽ اهل قبور تي وڏو احسان ڪيو آهي جو سندن سڙيل هڏن کي ڪڍائي درياهه ۾ اڇلايو آهي ڇو ته درياهه عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.“

اڄوڪي سکر جي بنيادن ۾ ڪيئي ڪهاڻيون لڪل آهن جيڪي ان ناول نگار کان وقت گهرن ٿيون جنهن روڊن جي ڪوتائي وقت پنجن روڊن جا ته ڏسي چيو هو”سکر جو اهي پنج زندگيون دفن ٿيل آهن انهن کي رڳو ٺيڪم سان نه پر قلم سان به کوٽڻ گهرجي.“ جيتوڻيڪ روزانو ڪروڙن جو ڪاروبار روزانو سکر ۾ ٿئي ٿو ۽ امير ترين ماڻهو به ملي ويندا پر شهر توهان کي ڏاڍو غريب لڳندو، جنهن جي ڪا سوشل لائيف ناهي، جنهن جي روڊن تي خوشبودار پاڻين جا ڇٽڪار ۽ نمن جون گهاٽيون ڇانئون هاڻي پراڻا قصا بڻجي ويا آهن. اڻليل گٽر، گندگي، ڏينهن رات هلندڙ ڪوئن جي بادشاهي ۽ هر فيلڊ ۾ واپارين واري ايڪسپلائٽيشن، اڄوڪي سکر جو مختصر تعارف آهن. جتي مورن جي جاءِ اچي ”معشوقائن“ورتي آهي. جيئن بني اميه جو حڪيم ابن فرزون سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ مورن جو گوشت شوق سان ڪائيندو هو تيئن ئي مختلف روپن ۾ سٽي جا حاڪم بڻجي ايندڙ اڄوڪن مورن جو گوشت ڪائين ٿا. ”سکر مان هر ڪنهن ڪمايو آهي شهر کي ڏنو ڪنهن به ناهي ٻيو ته ڇڏيو گهنٽا گهر جا گهڙيال ۽ مورتيون به ماڻهو الائي ڪاڏي ڪٽي ويا،“ هڪ جهوني ساڪروءَ جي دانهن ۾ درد لڳي ٿو. جڏهن هو چوي ٿو ته ماڻهن هاڻي شهر کي مسافر خانو بڻائي ڇڏيو آهي، جتي ڪمائڻ واري سيزن گذاري هو خرچڻ لاءِ پنجاب کان سينگارپور هليا وڃن ٿا ۽ گهنٽا گهر تي تيل مالشون ڪرائيندڙ به وڃي مساج ڪرائين ٿا، پر هو شهر جي ڪنهن پٽ يا نالين کي پالش ڪرائڻ لاءِ تيار ناهن. سکر ته مغليه دؤر ۾ به قافله سراءِ بڻيل هو، جڏهن وچ ايشيا جا قافلا آگرهه جي قافلن جا مال سان مٽا سٽا ڪندا هئا ۽ آگرهه جا قافلا دهلي، اجمير ۽ جيسلمير کان ٿيندا روهڙي پهچندا هئا پر انهن ڏينهن ۾ مير محمد معصوم هشت پهلو سراءِ تعمير ڪرائي ڇڏي هئي جنهن جي چوڌاري ست ڪوهه هوندا هئا. مسافرن ۽ واپارين جي سهوليت لاءِ مسجد منزل گاهه، آرامگاهه ۽ باغ بلخ تعمير ڪرايا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ خراسان جا واپاري خشڪ ميوا، ڪيمخواب، ڪلاباتون ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

غاليچا وڪٽي نيرو، هوڙيون، روهڙي جو درياهي ڪپڙو (تسر) ۽ ملتان جو رنگين ڪپڙو خريد ڪندا هئا، پر اڄ نہ اهي واپاري آهن نہ مير معصوم جهڙو فرد. هاڻي ماڻهن جون اهي دانهون بہ ٻڌڻ وارو ڪو نہ آهي تہ ڪجهہ اڳواڻن غريب شهر ڪي عذاب ۾ وجهي امير شهر جي محفلن ۾ شرڪت ڪئي آهي. تڏهن تہ ٻاهران ايندڙ ماڻهو حيران ٿي پڇن ٿا تہ هتي روڊ تمام خراب آهن جيڪڏهن روڊ سٺا هجن ها تہ بنگلا ايڏي خوبصورت ۽ عاليشان ڪيئن هجن ها!؟

جنهن شهر ڪي 1896ع ۾ بہ صاف پاڻي ميسر هوندو ۽ زير زمين ڊرينج سسٽم هو، ان سکر ڪي هڪ صديءَ جي ترقي ڪان پوءِ صاف پاڻي بدران ڊرينيج مليل پاڻي فراهم ٿئي ٿو ۽ ڊرينجي سسٽم هاڻي زير زمين نہ رهيو آهي اهو روڊن جي مٿان اچي ويو آهي. چون ٿا اڄوڪي سکر جي سبزي، ميوا ۽ گوشت مارڪيٽ، وڪٽوريا مارڪيٽ جي 1883ع ۾ حالت چڱي هوندي هئي، جتي هر شئي صفائي سان ملندي هئي پر اڄ سڄي مارڪيٽ مڇي مارڪيٽ بڻيل آهي، جتي فروٽ وٺڻ وقت بہ ائين لڳندو ڄڻ توهان مرغي جو گوشت وٺي رهيا آهيو. هاڻي وڪٽوريا مارڪيٽ ۾ تہ اهو انسپيڪٽر سبحان علي شاهہ بہ ناهي رهيو جيڪو سختي سان مارڪيٽ جون شيون چيڪ ڪندو هو، نہ ئي اڄوڪي سکر ۾ ڪو سينٽري انسپيڪٽر مارڪر نظر اچي ٿو، جنهن ڪي باڪس صاحب چوندا هئا ۽ هو ٽانگي تي چڙهي شهر جي صفائي جو جائزو هر روز وٺندو هو. شهر ڪي گهيرو ڪري ويل لالچي ماڻهن جي هجوم ۾ ڪو اهڙو ڳولهڻ مشڪل ٿي پيو آهي جيڪو مير محمد معصوم جي پيرن جي نشانن ڪي نظر ۾ رکي. اها هن شهر جي بدقسمتي ئي سڏجي ٿي جو مير محمد معصوم جهڙو ڪو اڳواڻ هن شهر ڪي وري نہ ملي سگهيو آهي. جيتوڻيڪ هن ڪي مسجدون ۽ مذهبي عمارتون تعمير ڪرائڻ جو شوق هوندو هو، پاڻ بہ خوشخطيءَ جو وڏو ماهر هو پر سندس محبت جو محور سکر هو. جڏهن اڪبر بادشاهہ پاران شاهي سفارت سان ايران ويو هو تہ پنهنجي سفر جي حالتن متعلق مسجدن ۽ خاص عمارتن جي نقش ڪيندو ويو. اگري قلعي جي دروازي، فتحپور جي جامع مسجد ۽ ٻين مسجدن تي هن جا ڪتاب لکيل آهن. روهڙيءَ جي عيد گاهہ، مناره معصوم بہ پاڻ ٺهرايائين، طبيب بہ هو تہ لڙايون بہ لڙيائين. شاعري ۾ سندس تخلص نامي هو. ديوان نامي ۽ طب نامي جهڙن ڪتابن ڪان سواءِ سسئي پنهون قصي ڪي پارسيءَ ۾ ناز و نياز جي نالي سان ترجمو ڪيائين. چون ٿا جيئن مير معصوم سکر ڪي ناهيو تيئن ئي هڪ سادت اڳواڻ بہ تازوڳالهيون ڪيون پر اڄوڪو اڳواڻ جنهن ڪي ماڻهن مير معصوم سمجهڻ شروع ڪيو هو تنهن شهر



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

کي سالن جي تباهي کانسواءِ ڪجهه نه ڏنو، ان به نوان ڪاروبار کوليا، نيون شاديون ڪيون پر سکر کي گٽرن ۾ ٻوڙي ڇڏيو، جتي اڏوهيءَ ۽ ڪوئن جو ايترو آزار وڌي ويو آهي جو دوائون ڪپائيندڙ دڪاندارن جي چاندي ٿي ويئي آهي، پر شهر جي سار سنڀال لاءِ مقرر عملو ڇڻ ته هڪ ٽئين پليگ جو انتظار ڪري رهيو آهي.

1895ع ۾ جڏهن سکر ۾ پهريون پليگ (طاعون) آئي هئي ته هزارين ماڻهو مري ويا ۽ ايڏي افراتفري ڦهلجي وئي هئي جو ڪنهن پاڙيءَ ۾ پليگ جي ڳوڙهي نڪرندي هئي ته ٻيا پاڙي خوف وچان پنهنجي ان بيمار پاڙيءَ کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي ٻاهران تالو هڻي ويندا هئا. بيمار جي رڙين تي ڊاڪٽر تالا ڀڃائي گهر جو سامان ڊوئي ساڙائي ڇڏيندا هئا. سکر ۾ 1915ع ۾ ٻيو دفعو پليگ آئي هئي ته ماڻهو شهر ڇڏي ڀڄي ويا هئا. 1918ع ۾ هڪ ٻي وبائي بيماري ينفلوئنزا به شهر سان ڪلور ڪيا، جڏهن مسلمانن کي ٻي ڪفن دفنايو ويو ۽ هندن کي مردا ساڙڻ لاءِ ڪاٺيون نه پيون ملن. ”ڇا اڄوڪا اختيار ڌڻي سکر کي ڪنهن ٽئين پليگ ڏکين ٿا. جڏهن هو رڙين جي باوجود شهري سهولتون نٿا ڏين ته اسان ڇا سمجهون؟“ هڪ نوجوان دڪاندار چيو. پارسي سيٺ لمجي جي نالي سان مشهور نم جي چاڙهي ۽ سنڌ جي اڳوڻي ڪمشنر مسٽر بارٽل فريئر جي نالي منسوب ٿيل روڊ سان گهمندڙ نوجوانن کي ڇڻ ته هن شهر ۾ گهمندي به ارمان ٿئي ٿو جتي هو صرف ”ڦشق“ جي ئي عياشي ڪري سگهن ٿا. ”منهنجي پيار جي پهرين ملاقات لاءِ سکر ۾ جاءِ ڳوليندي ڏه ڏينهن گذري ويا پر اهڙو ڪو ڪارنر نه ملي سگهيو جتي ڪجهه گهڙيون سکون سان هڪٻئي کي ٻڌي ۽ ڏسي سگهون. تنگ ٿي اسان ڪوٽڏجي قلعي طرف هليا وياسين.“ هڪ عاشق مزاج نوجوان ٻڌايو. هاڻي ته مير ابوالقاسم نمڪين جهڙو ڪردار ڳولهيو نٿو لڀي جنهن ستين جي آستان واري ٽڪريءَ جي چوٽيءَ کي صاف ڪرائي چانڊوڪي راتين ۾ عالمن، اديبن ۽ دوستن لاءِ محفلن جو بندوبست ڪيو. چانڊوڪي راتين جون اهي مجلسون مير نمڪين جي زندگي  تائين ئي هلنديون رهيون، هو بکر جو باذوق حاڪم هو پر مورخن ڪيس الاءِ ڇا ڪري پيش ڪيو آهي ته هو هڪ وقت تي ٽي هزار انب ۽ هزار صوف ۽ هڪ مڻ گدرا هڪ ويلي تي کائي ويندو هو. ”اڄوڪا حاڪم چانڊوڪي راتيون بکر يا سکر ۾ ڇو گذارين جڏهن هو يورپ ۾ پلي رات گذاري سگهن ٿا. حاڪم ته ڇڏيو اڄوڪي عوام کي به اهو ذوق ناهي رهيو ته چانڊوڪي رات ۾ سکر جي سونهن ڪهڙي آهي!. هڪ جهوني ساڪروءَ ٻڌايو ۽ چيو ته توهان کي سکر جي سونهن ڏسڻي هجي ته ستين جي آستان وٽان يا سکر بئراج مٿان بيهي ڏسو. ڪيئن به هجي سکر جي ترقي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪيتري بہ ڳڻائي وجي پر اڄوڪي سکر کي ڏسي ان جهوني ساکروءَ جي لفظن سان سهمت ٿيڻو پوي ٿو تہ هاڻي شهر ۾ ڇا رکيو آهي، شهر تہ هڪ چراگاهہ بڻجي ويو آهي. اڄوڪي سکر جون شامون اداسي ۽ اوٻر گذ ڪٽي اچن ٿيون ۽ حبس وارين شامن ۾ پگهر ڳاڙيندڙ ماڻهن لاءِ رابيل جا گجرا ۽ گلاب جا گل ڪا اهميت نٿا رکن، ماڻهن جي گهٽائي گنڪن ۽ ريجنٽ سينيما تي رش ڪري ٿي، ٿورائي وجي گتن ۽ گل فروش ڪونين تي ڪري ٿي. لائبريريون ۽ پارڪ جڏهن ڳولهيا نٿا لين تہ نوجوانن جا ڪٽڪ مني سينيما گهرن تي وجي ڪڙڪن ٿا جتي ڪين روڪڻ وارو ڪو دادا ناهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# جان جيڪب ڇو تو روئي ؟

ان رات جڏهن راڄ واهه جي فيملي لائين واري موريءَ تي وجي ويناسين ته رستن تان گهوڙن، گڏهه گاڏن ۽ ماڻهن جي رش ختم ٿي چڪي هئي، چانڊوڪي رات ۾ جيڪب آباد مٿان سانت ڇانيل هئي. ان رات الائي ڪٿان اچي حيدرآباد جي هوائن جهڙيون ٿڌريون هيرون گهلڻ شروع ٿيون پر راڄ واهه ۾ وهندڙ گندگيءَ سبب گهڻو وقت ويهي نه سگهياسين ۽ هوٽل طرف هلڻ لڳاسين. چون ٿا قان آف قلات جي حفاظتي دستي جا 20 فردن وارا پنج خاندان رهندا هئا ۽ ان ڪوٽ ڪي خانڳڙهه سڏيو ويندو هو جتي هندن جا صرف ٽي دڪان هوندا هئا. پر برگيڊيئر جنرل جان جيڪب سي بي، ان ننڍڙي خانڳڙهه ڪي پنهنجي فوجي ڇانوڻي ٺاهڻ لاءِ منتخب ڪيو ۽ شهر جي تعمير ڪرايائين، جتي هاڻي هزارين هندو ڪاروبار ڪن ٿا ۽ لکين ماڻهو اچن وڃن ٿا. هتان جو چونڊيل نمائندو قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر آهي. شراب جي اوت جام ٿئي پر ماڻهن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ۽ منو پاڻي ميسر ناهي. سم ۽ ڪلر سبب جيڪب آباد کي جر آهي ئي ڪونه، باقي واٽر سپلاءِ به ميونسپل وارن جي مرضيءَ تي آهي. ”ڏيڍ صدي اڳ انگريز فوجي عملدار جا جيڪب جي دؤر ۾ وڏيڪ خوشحال هوندي هئي“ هڪ ليکڪ چيو. جڏهن نور واهه کي واڌائي ان مان راڄ واهه ۽ ٻڌو واهه کڍيا ويا هئا، ته وڪٽوريا ٽاور جي اوپر طرف يڪو ۽ وسيع پاڻي جو تلاءُ تعمير ڪرائي نور واهه مان آندل پاڻي جو ذخيرو ڪيو ويندو هو. تلاءُ جي چوڌاري وڻ پوکرائي وڏي چوديواريءَ ڏني وئي هئي ته جيئن تلاءُ کي ڪپڙن ڌوئڻ ۽ تڙ ڪرڻ کان بند رکي سگهجي. پر وقت جي ستم ظريفن ۽ جيڪب آبادي شرفاءِ جي لاتعلقي ته ڏسو جو ان تلاءَ واري جاءِ تي حجم ماڻهن جا لاٽل وار، هوٽل وارا گندو ڪچرو اڇلين ٿا ۽ موالي نوٽڻ وينا ڪيڏن ۽ جيڪب آباد کي منو پاڻي پهچائڻ واري راڄ واهه جي ڪنارن سان لڳل پل، نم، ٽاري، ٻڙ ۽ گدامڙين جي وڻن کي ته هنن ڪڏهوڪو ڪپي ڇڏيو. پر جڏهن واهه جي ڪاٽي نه ڪنيائون ۽ تازو پاڻي نه آيو ته ماڻهن واهه جي ڪناري پنهنجا گهر ناهي راڄ واهه ۾ گندي پاڻي جو نيڪال ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن وقت خوبصورت راڄ واهه هاڻي وچ شهر مان گندي پاڻي جون ڇوليون هڻندو وهي ٿو. ”گندگيءَ ۾ ئي ڪنهن ڏينهن ٻڏي ويندياسين پر ڪنهن کي پرواهه ناهي“ هڪ دڪاندار چيو. ”واهن تي عورتن ۽ مردن جي وهنجڻ لاءِ الڳ الڳ گهاٽ ٺهيل هئا جتي عورتن واري گهاٽ کي پيتيون به لڳل هونديون هيون پر اخلاقي پابنديءَ سبب به اوڏانهن ڪير به نه ويندو هو“ سينيئر ليکڪ فتاح عابد



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻڌايو. هو چوي ٿو تہ ”اهڙي تفريح تہ ڇڏيو هاڻي تہ اسان پيئڻ واري پاڻيءَ لاءِ بہ پريشان آهيون.“

جيڪب آباد ۾ واٽر سپلاءِ جو پاڻي ڪير ٿر مان آڻي استعمال لاءِ ڏنو وڃي ٿو پر پوءِ بہ پورت نٿي پوي، انڪري ماڻهو پيسن تي پاڻي خريد ڪن ٿا. ڪير ٿر جڏهن ٻن مهينن لاءِ بند ٿيندو آهي تہ ڪارو پاڻي واپرايو وڃي ٿو. ٻڌايو وڃي ٿو تہ بينظير واري گذريل حڪومتي دؤر ۾ جيڪب آباد جي واٽر سپلاءِ اسڪيم لاءِ 14 ڪروڙ منظور ٿيا هئا، جنهن مان 4 ڪروڙ روپيا مليا بہ هئا پر ”ڪميشن“ واري چڪر سبب ڪم رولڙي ۾ پئجي ويو ۽ صاف پاڻي اڃا تائين جيڪب آبادين جي اڻپوري خواهش بڻيل آهي.

جان جيڪب جيڪي وسيع رستا نهرائي انهن سان گهاٽن وڻن جي وڻڪاري ڪرائي هئي سا تہ هاڻي غائب آهي پر رستا بہ سوڙها ٿيندا ٿا وڃن. شهر جي قائداعظم روڊ ڪي ڇڏي باقي سمورو شهر حددخلين جي ور چڙهي ويو آهي، جنهن ۾ افغاني پناڻن ڪان وٺي ياڳناڙيءَ جي ڪاڪن تائين سڀ حصيدار بڻيل آهن. جيتوڻيڪ جيڪب آباد جو ڪو وڏو سخي مرد تہ مشهور ناهي پر اڳوڻا هندو سيٺ مختلف چوراهن تي پاڻيءَ جون سبيلون ماڻهن لاءِ الڳ ۽ جانورن لاءِ الڳ نهرائيندا هئا گهوڙن ۽ ٻين جانورن بيهارڻ لاءِ شيڊ نهرائيندا هئا پر مڪيش چوائي تہ ”جيڪب آباد ۾ هاڻي ياڳناڙيءَ جا اهي ڪاڪا اڇي ڪاروبار ۾ لڳا آهن جيڪي پنهنجو بخار بہ ڪنهن کي ڪونہ ڏين، تہ اهي سبيلون ۽ مسافر خانا ڪيئن نهرائيندا“ ايئرپورٽ پرسان فورس گرائونڊ جي حالت بہ ڪا سٺي ناهي جتي انن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ بہ ٿيندي هئي ۽ جانورن لاءِ اصطبل بہ نهيل هئا جيڪي هاڻي پُري ويا آهن ۽ فورس گرائونڊ ۾ سم جو پاڻي اڇي بيٺو آهي جنهن ڪان ٻچيل ڪنهن ڪنڊ تي نوجوان والي بال ۽ فوٽ بال کيڏن ٿا. ”تفريح تہ جيڪب آباد ۾ آهي ئي ڪو نہ، اڳي سينمائون هونديون هيون انهن مان بہ وڃي هڪ بچي آهي، باغ باغيچا ۽ رانديون تہ ڄڻ ڪو خواب هجن“ هڪ نوجوان ٻڌايو ”هاڻي نوجوانن پاڻ کي شراب جي گٽن، مني سينيما گهرن تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي.“ هونئن تہ جيڪب آباد ۾ ڪيتريون ئي ذاتي لائبريريون ٿي سگهن ٿيون. پرڪاشرام پل وٽ ڪامريڊ ٽيڪا رام پاران 1932ع ۾ قائم ڪيل شري ڪرشنا فري لائبريري اڃا تائين هلي رهي آهي. هڪ ڪمري واري زبون عمارت ۾ پراڻي فرنيچر تي ويهي روزانو بہ ٽي سؤ ماڻهو اخبارون پڙهي وڃن ٿا. 1978ع کان لائبريري جي چند ڦوڪ ڪنڊڙ لالا وشنو موجب اڳي لائبريري ۾ ڪتاب ۽ رسالا بہ ايندا هئا پر هاڻي رڳو اخبارون اچن ٿيون. سرڪاري سطح تي ڪا بہ سرپرستي نہ ٿيڻ سبب



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

لائبريري ڏينهون ڏينهن ختم ٿيندي پئي وڃي. جيڪب آباد جو وڪٽوريا ٽاور وارو گهڙيال ته سالن کان خاموش آهي پر شهر ۾ وڏنڊڙ ٻاهرين آباديءَ تي به ماڻهو خاموش آهن. ڪوئيٽا وانگيان هاڻي جيڪب آباد ۾ به افغاني پناڻن جون ڪاروباري سرگرميون وڌي ويون آهن. هتي ايراني تيل ۽ ٻيو اسمگل ٿيل سامان عام جام ملي ٿو. ”پناڻن جو ڪاروبار ۾ ايترو ته اثر وڌي ويو آهي جو پلي ڪنهن به پارٽيءَ طرفان هڙتال جو سڏ هجي، جيستائين هو راضي نه ٿين ته هڙتال ڪامياب نه ٿيندي“ پرويز ٻڌايو. هن چيو ته هڙتالن جي موقعن تي هو هٿيار کڻي وينا هوندا آهن ته جيئن هڙتال ڪرائيندڙن سان منهن ڏئي سگهن.

خوبصورت ڪپڙي مارڪيٽ واري هن شهر جي ترقي نه رڳو گهٽين عمارتن ذريعي ڳڻائي سگهجي ٿي باقي ته جيڪب آباد منزل تي پهچڻ کان اڳ ئي ڪنهن سراءِ ۾ ڊهي پيل مسافر جهڙو شهر بڻجي ويو آهي جتي صوبيدار سراءِ سهڻي سراءِ جهڙيون عمارتون اڃان به موجود آهن. ڏيڍ صدي کان اڳ جان جيڪب چيو هو ته ”جيڪو ڪم مون کي روزانو ڪرڻو پوي ٿو اهو 50 دماغن جي ڪرڻ کان به وڌيڪ آهي. 24 ڪلاڪن مان مون کي صرف 3 ڪلاڪ ننڊ به ورلي نصيب ٿئي ٿي. اهو اٿاهه ڪم هڪڙي ڏينهن مون کي ختم ڪري ڇڏيندو پر مون کي افسوس ناهي ڇو ته مون ثابت ڪيو آهي ۽ ڪي بنيادي اصول واضع ڪيا آهن، جن تي مونکان پويان ايندڙ ڪم هلائي سگهندا“ پر سندس پويان ايندڙ ڪم ته ڪو نه سنڀالي سگهيا رڳو جان جيڪب جو گهڙيال، تلوار، قبر ۽ سندس گهوڙي جي قبر سنڀالي سگهيا. برطانيه جي وولنگٽن واري علائقي ۾ هاڻي شايد ڪير جان جيڪب کي سڃاڻي الائي نه، پر جان جيڪب اڄ تائين جيڪب آباد جي ماڻهن وٽ پنجهائب وارو نالو بڻيل آهي. چارلس نيپئر سان گڏجي ڊبي ۽ مياڻيءَ واريون جنگيون وڙهندڙ ۽ خان آف قلات سان به وڙهندڙ انگريز فوجي عملدار سان مقامي بلوچ قبيلن جو عجيب رشتو هو. جيتوڻيڪ هو ڪانئس نفرت ڪندا هئا پر جڏهن گرمين جي ڏينهن ۾ جان جيڪب پنهنجي گهوڙي ميسينجر تي ئي گهمندي بيهوش ٿي ويندو هو ته اهي ئي بروچ کيس کڻي اچي سندس ريزيڊنسيءَ تائين پهچائيندا هئا. پادرين جي عيوضيءَ جي پٽ جان جيڪب پنهنجي قبر تي صليب نه لڳائڻ ۽ پاڻ کي جيڪب آباد ۾ ئي دفنائڻ جي نصيحت ڪئي هئي. عبدالڪريم گدائيءَ موجب هن 9 سال حڪومت ڪري خونخوار قبائلين کي هڪ امن پسند ۽ باذوق آبادگار طبقي ۾ بدلائي ڇڏيو. شايد اهو ئي سبب هو جو سندس وفات کان پوءِ ڪيترن ئي سالن تائين مقامي ماڻهن مان ڪنهن کي ٽيئڙ تپ (بخار) ٿيندو هو ته اهو وڃي جان جيڪب جي قبر کي پاڪر پائي ايندو هو ۽ سندس بخار هليو ويندو هو. هاڻي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جيتوٽيڪ ڪوئيٽا روڊ سان واقع ڪرسچن قبرستان ۾ جان جيڪب جي قبر ۽ دروازي ڪي ٽائلز وغيره هٽايا ويا آهن جتي برطانوي هاءِ ڪمشنر ۽ دفن ٿيلن جا خاندان هر سال حاضري ڀريندا آهن پر عيسائين جي قبرستان ۾ اها رونق ئي نہ رهي آهي جيڪا ڪجهہ سال اڳ هوندي هئي. گلن ۽ ڇٻر جي جاءِ هاڻي سم ۽ ڪلر ورتي آهي. جيتوٽيڪ هاڻي قبرستان ڪي در ڏنل آهي پر پوءِ بہ ڪجهہ ماڻهو جان جيڪب جي قبر تي منائي ۽ ڏيئا ٻاري جڻ تہ خراج پيش ڪري وڃن ٿا.

جيئن جيمخاني جيڪب آباد ڀرسان واقع ڪنهن ستي جتي عورت واري قبر لاءِ ماڻهن جي چوڻي آهي تہ اها رات جو نڪري چوراهن تي نچندي آهي. ايئن ئي جيڪب لاءِ مشهور چوڻي آهي تہ هو رات جو روڊن تي نڪري شهر جو گشت ڪندو آهي. هڪ دوست جي فينٽسي موجب ٿڌين هوائن واري چاندوڪي رات ۾ اسان جان جيڪب ڪي وڪٽوريا ٽاور وٽ روئندي ڏٺو. هو راڄ واهہ جي گندگي وٽن ڪان خالي ٿيل ۽ حددخلين سان ڀرپور شهر ڪي ڏسي روئندو رهيو. هن ڪان تہ پنهنجي گهوڙي ميسينجر جي زناني اسپتال واري قبر ۽ پنهنجا ناهيل گهڙيال بہ ڪونہ لڌا. هن پاڻي پيئڻ چاهيو پر ڪارو پاڻي ملڻ ڪري هو واپس هليو ويو جنهن ڪي اتان جو چونڊيل ميمبر پرچائڻ ويو پر هن ساڻس نہ ڳالهايو ۽ پنهنجي ان شهر جي حالت تي ڳوڙها ڳاڙيندو هليو ويو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# رُڪ اسٽيشن: آخري ٽرين جي انتظار ۾!

هيءَ هڪ صدي پراڻي ريلوي اسٽيشن هاڻي ڏاڍي ننڍڙي ۽ غير اهم اسٽيشن بڻجي وئي آهي جتي 24 ڪلاڪن ۾ صرف ٻه ٽرينون چار اسٽاپ ڪن ٿيون ۽ بس. رڪ اسٽيشن ريلوي ملازمن ۽ ٽرين جي سفر سان دلچسپي رکندڙن لاءِ هاڻي ته ڄڻ هڪ ميوزيم بڻجي وئي آهي جتي هو ڪڏهن ڪڏهن اسٽيشن جي لٽيل جوڀن ۽ پنهنجي يادگيرين جا داستان شيئر ڪن ٿا. ”بائيتاليهن واري ٻوڏ کان اڳ هي ءَ اسٽيشن جنڪشن هئي“ واٽر مين محمد علي ابڙو ٻڌائي ٿو. ”هتي لوڪو شيڊ هوندو هو، ٽرينن جون انجڻيون هتان تبديل ٿينديون هيون، ڪبين وٽ اهو چڪر (انجڻيون تبديل ڪرڻ وارو) اڃا به موجود آهي. جيڪا به گاڏي سکر اينڊي يا ويندي هئي هتي ضرور بيهندي هئي. هڪڙي انجڻ هتي مستقل بيني هوندي هئي ۽ شنٽنگ انجڻ به موجود هئي.“

واٽر مين جون ڳالهيون ٻڌندي چوڌاري نظر ڦيرائجي ٿي ته پري پري تائين ڪا انجڻ يا انجڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. شايد شنٽنگ به نٿي ٿئي جو پٽڙيون به مٽيءَ ۾ پورجنديون ٿيون وڃن. ”ان زماني ۾ هن اسٽيشن تي گريڊ ٽريءَ جو اسٽيشن ماسٽر رهندو هو ۽ رڪ کي سي ڪلاس ريلوي اسٽيشن جو درجو مليل هو.“ اي ايس ايم ذاڪر منگي، ڪين مين ضمير ميمڻ ۽ خان محمد راڄڙ ڪانٽي وارو به اسان جي گفتگو ۾ شامل ٿي ويو. ”هاڻي گريڊ ون جو اسٽيشن ماسٽر ويهي ٿو، صرف اسٽيشن تي لهندڙ مسافرن جون ٽڪيٽون چيڪ ڪرڻ لاءِ اڳي 9 ٽڪيٽ ڪليڪٽر هوندا هئا. بڪنگ ڪلارڪن ۽ ڊرائيورن ۽ گارڊن جو به هتي جهجهو تعداد هوندو هو. ”هو ٻڌائين ٿا ته ان زماني ۾ ريلوي اسٽيشن جو ٽوٽل عملو پنج يا ڇهه سؤ ملازمن تي مشتمل هو، جيڪو گهٽجي هاڻي 13 ملازمن تي پهتو آهي. اڳي به اڍائي هزار مسافرن جا پير روزانو پليٽ فارم تان گهمي ويندا هئا ۽ هاڻي ٽيهه يا چاليهه اهڙا مسافر اچن ٿا جن کي سيوهڻ يا لاڙڪاڻي بنا ڀاڙي يا رعايتي اگهه سان وڃڻو هجي ٿو.

اڳوڻي جنڪشن واري زماني ۾ وڏي ريلوي ڪالوني، ريلوي اسپتال ۽ زبردست مارڪيٽ هوندو هئو جو ڪا شئي جيڪڏهن سکر مان به نه ملي ته رڪ اسٽيشن واري مارڪيٽ مان ملي ويندي هئي پر هاڻي ڪجهه ٻچيل ڪواٽرن ۾ ڪوبه رهڻ لاءِ تيار نه آهي ڇو ته اهي ڪرن ڪنديءَ تي وڃي پهتا آهن. پنهنجو اوج وڃائي وينل هن اسٽيشن جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پليٽ فارم تي هاڻي نه ڪو ڳاڙهي پٽڪي يا صدريءَ وارو قلي نظر اچي ٿو نه ئي ڪنهن ريڙهي واري يا گهورڙئي جي ”گرم اندي“ يا ”ننڍي هوٽل“ جهڙو هوڪو يا هڪل ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. ”ٽڪيٽ يهان سي خريد ڪرين.“ واري دري جڻ ته هميشه لاءِ هتي بند ٿيل آهي. نه ڪا مسافرن جي لائين لڳل آهي ۽ نه ڪو ٽانگن جي رش آهي. ”ايڏانهن سُج ۾ ڪهڙو ڪم ڦاٿو اٿئي؟“ رڪ اسٽيشن لاءِ مليل ايڪڙ ٻيڪڙ سواري ڪان ٽيڪسي يا ٽانگي وارا شڪارپوري اسٽائيل ۾ پڇن ٿا.

ڪنهن بيگناه جو قتل ان اداس اسٽيشن تي اجان به ٿئي ٿو الاءِ نه پر ڀڳت ڪنور جي رت جي خوشبوءَ اجا به اجڙيل اسٽيشن تي ڦهليل آهي. ڪي فراق جا ماريل ته رڪ اسٽيشن ڪي صرف انڪري به ڏسڻ ايندا آهن ته جيڪڏهن هو اها جاءِ پنهنجي حافظي ۾ محفوظ ڪري ڇڏين جيڪا ڪنهن ڪلاڪار لاءِ ڪڏهن مقتل گاهه بڻي هئي. ڪنهن مغرور محبوبا جي ياد اجان به انهن عاشقن ڪي اڪيلي سر اسٽيشن تي وٺي اچي ٿي جنهن ڪان هوءَ سرد رات پهرئين پهر ۾ رسي ريل ۾ چڙهي وئي هئي. وٽس وري ڪڏهن به نه موٽڻ لاءِ. هاڻي هو رڪ اسٽيشن تي ڏينهن جي روشني ۾ شايد ان اسٽيشن جهڙي اداس ڇوڪريءَ جي واپسيءَ جو انتظار ڪرڻ لاءِ اچي ٿو جنهن ڪي ايدز جي خطري ولايت جا وڻ ڏيکاري ڇڏيا آهن.

جيتوڻيڪ ان واقعي تي وقت جون ڪيئي ويرون چڙهي ويون آهن پر الاءِ ڇو اجان به رڪ اسٽيشن ۽ ڀڳت ڪنور جا نالا هڪٻئي سان سلهاڙيل آهن ۽ ٻئي نالا گڏ ورتا وڃن ٿا. ڀڳت ڪنور جو ڪو فوٽو يا مجسمو ته ڪٿي به نظر ڪو نه ٿو اچي پر هڪ پراڻي پٽ تي ”يادگار امر ڀڳت ڪنور رام“ لکيل ملي ٿو، جيڪو ڪنور جي ڪنهن مداح پاران ڳاڙهي رنگ سان چاڪنگ ڪيل آهي. اسٽيشن تي ڪو اهڙو جهونو به نٿو ملي جيڪو ڀڳت ڪنور جي قتل واري اصل جاءِ ڏيکاري سگهي پر ڪجهه خاص ماڻهو اسٽيشن جو اهو پاسو ان واقعي واري ”جاءِ واردات“ طور ڏيکارين ٿا. جتي گهاٽيون جهاڙيون ۽ گاهه وڏي جنگ تي ويو آهي.

هاڻي هن اسٽيشن جي چوڌاري جهنگ وڌندو وڃي ٿو. اسٽيشن ڏانهن ويندڙ رستا به هاڻي سم جي ڪڌن سوڙها ڪري ڇڏيا آهن. اسٽيشن جي پويان واري ڪڌ ته اچي عمارت سان لڳي آهي. هتي ريلوي انجنيئرنگ ونگ اي ڊبليو آءِ وارن جو هيڊڪواٽر اڳوڻي اسپتال ۾ اجا قائم آهي پر اهي به پنهنجا نٽ بولٽ ۽ ٻيا اوزار ريل جي هڪ پراڻي ڊٻي ۾ رکن ٿا. اسٽيشن تي مسافرن جي سهولت واري خوبصورت ڪراسنگ پل به اجا موجود آهي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

پر اها ڏاڍي زبون ۽ بي رنگ ٿي وئي آهي جتان ڪو جوڙو توهان کي گذرندي نظر نہ ايندو. ”اڳي واٽر سپلاءِ جو عملو ۽ مشينون بہ هيون پر هاڻي آفيسرن پاڻي بند ڪرائي ڇڏيو آهي.“ ننڍا ملازم ٻڌائين ٿا تہ ”توڙي جو ڇهہ لکن جي خرچ سان نئين پائيپ لائين وجهرائي اٿن پر اسٽيشن تي پاڻي ناهي. بس مسجد شريف وارو هينڊ پمپ آهي جتان ملازم ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ مسافرن ڪان سواءِ پرسان ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هاري ۽ هارياڻيون اچي پاڻي پيئن ٿيون.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# اڙي شهر جانان.......!

هونئن ته ڏوڪري ڪو اهڙو خوبصورت شهر به ناهي جنهن لاءِ حليم جون اهي ستون سيڙائجن، پر جيئن پري ڪان هر شئي خوبصورت لڳندي آهي. ايئن ئي هاڻي جڏهن ڏوڪريءَ ڪان ڏور تي حيدرآباد جا وڻ وسايا آهن، ته ڏوڪري ويچاري ٽري معنىٰ واري ڏوڪري لڳي ٿي. (ٽري دوستن موجب ٽر ۾ ڪراڙي شخص کي ڏوڪر ۽ ڪراڙي عورت کي ڏوڪري چئبو آهي.) هاڻي حيدرآباد تي جڏهن هوائون مهربان آهن ۽ بادل ڇانيل رهن ٿا ته شديد گرمين ۾ گهاريندڙ ڏوڪريءَ جون اهي گهٽيون ياد اچن ٿيون، جيڪي ڪجهه ڏينهن جي بارش ڪان پوءِ گند ۽ گندگيءَ سان ڀرجي ويون هونديون. اهي گهٽيون سدائين گند جو ٽوڪريون ڇو رهيون آهن؟ پر انهن گهٽين ۾ ڪيترائي افسانا اڇلايل آهن. جن کي وقت جي تبديليءَ سان ڪڏهن ڪو گلاب سمجهي ٿو ته ڪڏهن گن.

ڏوڪريءَ جي گهٽين ۾ هاڻي وڊيو گيمز تي رش ڪندڙ ٻارڙن جو رڙيون ۽ هيرونئين جون صدائون ٻڌڻ لاءِ ملن ٿيون، پر ڪنهن دؤر ۾ اهي گهٽيون نعرن سان گونجنديون هيون. ان عرصي ۾ هن شهر کي اهڙي ڪا انقلابي ڪشش هوندي هئي، جو ڪابي ڌر جي هڪ سياسي اڳواڻ صرف سياسي مقصدن لاءِ اچي ڏوڪريءَ ۾ ديرو ڄمايو هو ۽ ڪلينڪ کولي هئائين. انهن ئي گهٽين ۾ هاڻي اڳوڻو ڪامريڊن جو اهو ٽولو به الڳ الڳ گهمي ٿو، جن لاءِ ڪڏهن اهو مشهور هوندو هو ته اهي نه رڳو سدائين گڏ گهمندا آهن، پر اهي ڪابي ڌر سان لاڳاپيل هجڻ ڪري اوور ڪوٽ پائي گروپ ۾ گڏ گشت ڪن ٿا. انهن لاءِ جيتوڻيڪ ڪيتريون ئي عجيب و غريب ڳالهيون به شهر ۾ مشهور آهن. پر اهو ڪريڊٽ اجا به سندن ئي حصي ۾ اچي ٿو ته شهر ۾ مزدور جدوجهد جي شروعات انهن ڪئي. جنهن اهڙو رنگ لاتو جو هڪ ڇولن وارو بلدياتي اليڪشن ۾ شهر جي وڏيري ڪان چونڊون کٽي ويو. ڪو دؤر هو، جڏهن ڏوڪريءَ جي گهٽين ۾ راتين جو ڪامريڊ چاڪنگ ڪندا هئا ۽ وال پوسٽر هڻندا وتندا هئا. پر هاڻي اها چاڪنگ ۽ وال پوسٽر ته ڇڏيو، گهٽيون ئي ساڳيون نه رهيون آهن. هاڻي انهن گهٽين ۾ وياج خور ۽ ڀتا خور ئي گشت ڪندا رهن ٿا. رڳو گهٽيون ئي ڇو؟ اهو علي پارڪ به ته ساڳيو نه رهيو آهي، جتي ادبي سنگت ڪان وٺي سياسي جماعتن تائين سڀني باشعور ماڻهن جو ڪچهريون مچنديون هيون. اها نرڪ هاڻي ته منظور جي هوٽل تي ئي ماري وڃي ٿي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

شهر جي آباديءَ ته ڏاڍي تيزيءَ سان وڌندي پئي وئي، پر ننڍڙڪاٽي ۾ لاوارثي به وڌندي پئي وڃي؟ هيرونئين جون قطارون شهر ٻاهران ائين نظر چو اچن ها، جيئن کنهن شهر جي هوٽل ٻاهران خيرات جي مانيءَ جي آسري ويٺل فقيرن جون قطارون. هن شهر جي بدقسمتي اها به رهي آهي جو سندس ترقيءَ جو اختيار رکندڙن وٽ ڏوکريءَ لاءِ کو لحاظ ناهي ۽ ساڻس محبتن کندڙن وٽ کو اختيار ناهي. سکر جهڙي بي جان ۽ ڏوڙ ۾ لٽيل شهر لاءِ شروع ۾ اها راءِ هئي ته ان شهر سان پيار ڪرڻ وارو ته شايد ڪير به نه هوندو. پر ڪجهه وقت کان پوءِ خبر پئي ته شيخ صاحب جهڙا ڪيترائي سکر جا عاشق آهن، جيڪي ٻاهريون ٽک به مهراڻ مرکز واري چانهه پيئڻ کان پوءِ اچي لاهيندا آهن. ايئن ڏوکريءَ سان کنهن به جو لڳاءُ تي سگهي ٿو الاءِ نه؟ پر اهو رٽائرڊ ڪهاڻيڪار جيڪو هاڻي ڪراچي ۾ نوکريءَ سبب ڏوکريءَ کان ڏور آهي، سو به ڄڻ جلاوطنيءَ ۾ هجي. اهو ڪهاڻيڪار اڃا به ڏوکريءَ سان ايترو پيار ڪري ٿو، جو هو پنهنجي خوابن مان هڪ خواب ڏوکريءَ ۾ پنهنجي جاءِ نهرائڻ ٻڌائي ٿو، سو به اهڙي دؤر ۾ جڏهن ڪجهه ماڻهو ڏوکري ڇڏڻ جو سوچي رهيا آهن ۽ اهي تڏهن به سوچي رهيا آهن، جو سندن ڪجهه ساٿي ڏوکريءَ وارن کي نه سڌرڻ جون ائين ميارون ڏئي هميشه لاءِ هتان هليا ويندا آهن. ڏوکڙي، لاڙڪاڻو انتظاميا کان وسري ويل اهڙو علائقو آهي، جتي کنهن به دؤر ۾ ڪا به ترقي ٿيڻ ڏوکريءَ واسين جو اڻپورو خواب ئي رهيو آهي. سياسي پنڊتن کان ته اهو شهر ايئن وسري ويو آهي، جيئن ڪا اڳوٽي سنگت، جنهن مسئلن تي کو خاص ڌيان ڏيڻ جي هنن ڪڏهن ضرورت ئي محسوس نه ڪئي آهي. اهو خيال هوندئن ته پاڻهي کنهن کي کونه ايندو، پر ڏوکريءَ جا ماڻهو رڙيون ڪري چون ٿا ته باءِ پاس روڊ نهرايو. جيئن شهر مان گاڏين جو گذر بند ٿئي. پر اهي رڙيون ٻڌڻ وارو ڪير به ناهي چو ته اهو باءِ پاس روڊ به دفعا صرف ڪاغذن ۾ ئي نهيو ۽ پئسا سمورا سرڪار ۽ ٺيڪدار ورهائي ڪٽي ويا. لاڙڪاڻي جي سمورن ننڍن شهرن ۽ تعلقن کي ڊجيٽل فون ذريعي ڳنڍيو ويو آهي، پر اهو شهر جنهن جي پير ۾ ڪيڊٽ ڪاليج، موئن جو دڙو ۽ رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ هجي ان کي اڃا به پڇڙيءَ جو آبادگار سمجهيو پيو وڃي. شهر جي آبادي وڌندي پئي وڃي، پر اڳاٽو تعمير ٿيل پرائمري اسڪول هڪڙو ئي آهي. ڏوکريءَ سان ايتريون ڏنگايون ڪيل آهن، جو ان جي سورن جو داستان ڪلندو ته بند ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺندو. اسپتال تائين پهچندو ته ساڳي سهوليتن جي اڻاٺ واريون دانهون بوائز ۽ گرلس اسڪول وارا ڏيندا. هي ننڍڙو شهر جنهن لاءِ اسان جي هڪ دوست انور ابڙي لکيو ته ”موئن جي دڙي وجو ته ڏوکريءَ ضرور



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

وججو، اهو شهر بہ پنهنجي معطل ايم اين اي نصرت پتو جهڙي حال ۾ آهي، جنهن کي هاڻي سهارن جي ضرورت آهي، ڇو تہ منشيات فروش ۽ وياج خورن شهر جو ست ئي کڍي ڇڏيو آهي. چورن ۽ پاتايدارن اڇي پنهنجيون پنهنجيون بساطون وڇايون آهن ۽ مقامي ٽاڻو جڏهن انهن سمورن ”خير جي کمن“ جي نگراني کري تہ پوءِ تباهي کيترو پري هوندي، اهو هر کو ئي سمجهي سگهي ٿو.“

هونئن تہ شهر ۾ کجهہ لائبريريون رهنديون هيون پر خيراتي لائبريريءَ تي مقامي بااثر ماڻهو جو بنگلو نهڻ کان پوءِ اهو سلسلو صفا بند ٿي ويو هو ۽ هاڻي کجهہ شاگردن همت کري پنهنجي ذاتي جاءِ ۾ لائبريري قائم کئي آهي. جنهن کري اهو تاثر تبديل کرڻو پوي ٿو تہ ڏوکريءَ ۾ گهڻا چور، مشيات فروش، پاتايدار ۽ ڇوکري باز رهن ٿا، پر اکثريت ۾ نفيس ماڻهو بہ رهن ٿا، جيکي شهر جي معاملن تي حساس هجن ٿا ۽ شاعري بہ تخليق کن ٿا. شهر جي ماحول ۾ پلي گهٽ ٻوسٽ پريل هجي، پر ان ئي شهر ۾ کي عاشق بہ رهن ٿا جيکي پيار جون شاديون کرڻ جا ارادا ۽ واعدا کن ٿا. شهر جون سڀ عورتون ان اڌوٽ عمر واري عورت جيان سڄي حياتي غمن ۾ تورونئي گذارين ٿيون، جنهن جي ماستر مڙس ٻي شادي کري وڃي ڏور وسايو ۽ شهر ئي ڇڏي ڏنو. کيس اکيلي عذاب سهڻا پيا. ان جي ابتڙ شهر ۾ کا جانان بہ رهي ٿي، جيکا پنهنجي جنون سان اڃان نينهن نيائيندي پئي اچي.

اهو دؤر ڏوکريءَ جي عروج وارو تہ نہ هيو، پر خوشحاليءَ وارو ضرور هو. جڏهن شهر ۾ گورا سياح موئن جو دڙو جي ويجهڙائي کري ٽوک جي حساب سان ايندا رهندا هئا. انهن سياحن تہ هاڻي شهر کان منهن موڙي ڇڏيو آهي، پر سندن افسانا اڃان بہ ٻڌايا وڃن ٿا. شهر ۾ گورن سياحن جي ترسڻ لاءِ جيتوڻيک کو بندوبست نہ هوندو هو. پر کي مولائي لڏي وارا گورا پنهنجي گورين سميت اڇي لاهوتيءَ واري هوٽل تي ترسي پوندا هئا، جتي لاهوتي کين چرس پياري مست کري ڇڏيندو هو. اهي گورا سياح جڏهن ٽيلهن، وڏين کيمرائن ۽ ٽي شرٽن ۾ ملبوس ماين سميت شهر جو گشت کندا هئا تہ چڱو خاصو جلوس سندن پويان لڳي پوندو هو، هاڻي اهو ٽانگي وارو بہ جيئرو آهي الائي نہ؟ جيکو بيگناهہ وقت تي ٽرين مان لٿل اکيلي انگريزياڻي کي جڏهن موئن جي دڙو تائين پهچائڻ پئي ويو تہ سندن نيت خراب ٿي وئي هئي ۽ کيڊٽ کاليج وٽ بينل اڳوٽي جهنگ ۾ ٽانگو بيهاري هن جڏهن اها فرمائش کئي تہ مائيءَ کيس کجهہ گهڙيون ترسڻ لاءِ چيو. کجهہ گهڙين کان پوءِ انگريزياڻيءَ پنهنجي ٿيلهي مان جڏهن پستول کڍيو تہ ٽانگي واري


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻانهون ٻڌي وڏيک انگريزي ۾ اچڻ ڪري رکو "نو امي نو امي" جون رڙيون ڪري جان ڇڏائي. اهڙا ڪيترائي پرڏيهي سياحن سان لاڳاپيل قصا شهر ۾ اجا مشهور آهن. پر انهن سياحن ته هاڻي هن طرف سک جي هوائن جيان اچڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. ڏاڙيلن جي عروج واري زمانيءَ ۾ گولين سان گونجندڙ ڏوڪريءَ جي رستن تي هر سياسي هلچل دؤران سڙيل ٽائر ٻه ملن ٿا. اها هلچل جمهوريت جي بحاليءَ جي هجي، مرتضيٰ جي قتل خلاف هجي يا ڪالاباغ ڊيم جي تعمير خلاف هجي. پر ان هڙتال واري شام ڏوڪريءَ جي روڊن تي گهمڻ ۾ پنهنجو مزو هوندو آهي، جتي رش صفا گهٽ، سانت ۽ سناٽو هجي ۽ گهمندي گهمندي ڪنهن سڙيل ٽائر جا نشان توهان کي ملي وڃن. بند پيل دڪانن آڏو تلهن ۽ ماڊٽين تي وڏي آواز ۾ هلندڙ بي بي سي اردو سروس ۽ ماڻهن جا تبصرا ان مزي ۾اضافو ڪن ٿا، جڏهن سنڌي – مهاجر فساد ٿيا ته اها باهه هن ننڍڙي شهر تائين به پهتي ۽ جذباتي نوجوانن شهر جي اردو آباديءَ وارن گهرن تي حملن جون تياريون ڪيون ۽ ڪجهه حملا جڏهن ٿيا ته ڪيترائي اردو ڳالهائيندڙ هي شهر هميشه لاءِ ڇڏي ويا. هميشه لاءِ هي شهر ته ڪيترائي ماڻهو ڇڏي ويا آهن، جيڪي هاڻي شهر واسين کي صرف عيد گاهه ۾ عيد نمازن تي ئي نظر ايندا آهن، پر انهن جي جاءِ هاڻي ٻهراڙين کان لڏي آيلن اچي ولاري آهي، جيڪي شهر کي ٻهراڙيءَ واري ڪلچر ۾ ڏسي جڏهن پاڻ ۾ وڙهن ٿا ته قانون جو سهارو وٺڻ کان اوليت وڏيري واري فيصلي کي ڏين ٿا، اهي ماڻهو شهر جي سياست جا مستقل ميمبر ٿي ويا آهن ۽ اهي نوجوان ته جڻ ته ڪجهه وقت لاءِ ئي شهر ۾ مهمان اداڪار هجن جيڪي نوان خيال ۽ نوان خواب کڻي ڏوڪريءَ جي گهٽين ۾ گهمن ٿا ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ بي قدريءَ جون دانهون ڪري هميشه لاءِ هتان هليا وڃن ٿا. ان آرٽسٽ جيان جيڪو ڏوڪريءَ ۾ رهي آرٽسٽ بدران سائن بورڊ رائيٽر ٿي ويو هو، هميشه جيان هاڻي به ڪيترائي باصلاحيت نوجوان ڏوڪريءَ کان ڏور وڃي ويندو ۽ هي شهر ان ماءُ جيان اداس ٿي ويندو، جنهن جا ٻچا روزگار سانگي شهرن ڏانهن هليا ويندا آهن ۽ هوءَ پنهنجي گهر جون شامون اڪيلي سر گذاري وڏيک اداس ٿي ويندي آهي. ڏوڪريءَ جون شامون اڄ به اداس ۽ وياڪيل آهن، پر ڪنهن جي انتظار ۾؟ شايد چڱائي ۽ ڀلائي جي انتظار ۾، اهو ته وقت ٻڌائيندو ته اها چڱائي ساڻس پنهنجا ڪن ٿا يا پراوا؟



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڀٽي جي لاش جو سفر ۽ ٻڍڙهي خدا بخش جو خوف

ٻڍڙهي خدابخش ڀٽو جي جهونن ڳوٺاڻن کان ويهه سال اڳ واري اها رات اڃا تائين نه وسري سگهي آهي جڏهن بقول سندن رات جو يارهين وڳي ئي کين خبر پئجي وئي هئي ته ”صاحب کي شهيد ڪيو اٿن.“ تڏهن لٺ ٻانڌي جو زمانو هو، هٿيار ڪنهن ڏنا ئي ڪونه هئا، تنهنڪري فوج جا وڏا وڏا هٿيار ڏسي اسان هيسجي وياسين. ٻڍڙهي خدابخش ڀٽو ۾ ڪچهريءَ دوران هڪ جهوني ٻڌايو. ان ڪچهريءَ ۾ غلام مصطفي ابڙو، محمد حسين ڀٽو، اعجاز احمد لغاري، عبدالغفور لغاري ۽ ٻيا شامل هئا. هو ٻڌائين ٿا ته ”رات جو ٻارهين وڳي ئي فوجين جون گاڏيون اچڻ شروع ٿيون. ٻاهران ڳوٺ کي ٽن قطارن ۾ ڪڙو چاڙهيائون. بعد ۾ هو گاڏيون بيهاري مورچا بند ٿي ويا. جڏهن هنن ڳوٺ جي گهٽين ۾ اچي گهرن جي در ٻاهران بند ڪيا ته اسان سمجهي وياسين ته صاحب کي شهيد ڪيو اٿن.“ هنن ٻڌايو ”صبح جو ڇهين وڳي ڀٽو صاحب جي مئنيجر حاجي نظر محمد لغاريءَ کي برگيڊيئر اچي ٻڌايو ته ڀٽي کي ڦاسي اچي وئي آهي، اسان تدفين جو انتظام ڪنداسين، توهان جنازي جي نماز پڙهي وٺو هو پنهنجي ٽرڪن ۾ ڪوڏرون، سرون، ڪاٺ ۽ ٻيو سڀ سامان کڻي آيا هئا، پر اسان کين چيو ته اسان پاڻ دفنائينداسين، غسل لاءِ پاڻي به کڻي آياسين پر فوجين قسم کڻي ٻڌايو ته غسل ڏنل آهي ۽ ڪفن به ڏنل آهي.“ بينظير ڀٽو جي مئنيجر محمد حسن ٻڌايو. صبح جو اٺين وڳي پهريون فوجي هيليڪاپٽر آيو، جيڪو چڪر ڏئي هليو ويو. جنهن کان پوءِ به هيليڪاپٽر لٿا، انهن مان هڪڙي ۾ ڀٽو صاحب جو لاش آندل هو. ٻاهران زمينن ۾ هيلي پيڊ ٺهيل هو، جتان فوج جي ڪليل گاڏيءَ ۾ اها پيتي آندي وئي، جنهن ۾ ڀٽي صاحب جو لاش هو. پيتي جون مٿيون پاسو ڪليل هو. لاش مٿا ڦڪا (پيلا) گينديءَ جا گل پيل هئا. هو ڳالهيون ٻڌائڻ وقت سوڳوار ٿي وڃن ٿا.

اڳوڻي وزيراعظم جو پنهنجي ئي ملڪ جي فوجي سربراهه پاران موڪليل لاش وصول ڪندڙن ۽ ان کي لحد ۾ لاهيندڙ هنن ماڻهن کي اهو به نه ٻڌايو ويو ته لاش مٿان گينديءَ جا گل رکڻ جي مهرباني ڪنهن ڪئي هئي؟ ”پيتي مان لاش ڪڍي کٽ تي رکيوسين. صاحب جي شيو تازي ٿيل هئي، سندس عضوا گرم هئا،انهن کي جيڏانهن ورايون پيا ته اهي ورن پيا. لاش کي صرف سيني تائين ڏسڻ پيا ڏين. وڌيڪ اجازت نه هئي. هو ٻڌائين ٿا ته ڳوٺ ۾ ڪو ڪاريگر (رازو) نه هو جنهن کان قبر ٺهرايون ها، انڪري فوجين جي گاڏي ۾ چڙهي نئين ديري مان ڪاريگر وٺڻ وياسين. فوجي روئڻ به نه پيا ڏين ۽ چون پيا ته مٿان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

رنا آهيو پر جڏهن نئين ديري پهتاسين ته مونکان اوچنگارون نڪري ويون“ ڪراڙو محمد حسن اها ڳالهه ٻڌائي روئي پيو ۽ اهي ڳوڙها وهائڻ لڳو جيڪي ويهه سال اڳ ان ئي ڳوٺ ۾ وهائڻ تي بندش پيل هئس. ڪاريگر وني آياسين ته فوجين ڏاڍي تڪڙ ڪئي دفنائڻ جي. لاش اندر حويليءَ ۾ موڪيلوسين ته فوجي ٻه لاش سان گڏ ويا. شيرين بيگم، ذوالفقار علي ڀٽو جي پهرين گهر واري، ڪين ڏاڍا ايلاز ڪيا ته آخري ديدار آهي، اسان کي فوٽو ڪڍڻ ڏيو، پر هنن چيو ته اسان پنهنجو فوٽو گرافر ساڻ آندو آهي. اهي فوٽو توهان کي ڏياري موڪليندا‌سين اهي فوٽو اڃان تائين نه موڪليا اٿن.“ هو شڪايت ڪن ٿا ۽ ٻڌائين ٿا ”جنازي نماز ۾ سيني ڳوٺ وارن شرڪت ڪئي. ڪنهن به ٻاهرئين ماڻهو کي اجازت ڪونه ڏنائون. ڏهين وڳي دفن ڪري قبر مٿان گل وڌاسون. تدفين جي ڪلاڪ ڪان پوءِ بينظير ڀٽو ۽ نصرت ڀٽو کي وني آيا. ڪجهه دير ڪان پوءِ ڪين واپس وني ويا. گهر گهر ۾ تڏو وڇايل هو. سڄي ڳوٺ جي گهرن ۾ ٽي ڏينهن ڪنا نه چڙهيا هئا پر معجزو اهو ٿيو ته ٻن ڏينهن تائين ڳوٺ جي ڪنهن ننڍڙي ٻار به ماني نه گهري هئي، هاڻي اسان حيران ٿيندا آهيون ته ٻارڙن مانيءَ جي طلب ڇو نه ڪئي؟. ان ڏينهن اسان لاءِ ڪربلا هئي، خبر ئي نه پئي پوي ته ڇا ٿي رهيو آهي؟ هونئن ته ڀٽو جي ڦاهيءَ ڪان پوءِ چاليهن ڏينهن تائين فوج ڳڙهي خدابخش ڀٽوءَ مورچا بند ٿي وينل هئي پر هو ٻڌائين ٿا ته فوجين هفتي ڪان پوءِ ڪجهه نرمي ڪئي پر پوءِ به اهي ڳوٺ ڪان ٻاهر ويندڙ ۽ ٻاهران ايندڙ سيني ماڻهن جي تلاشي وٺندا هئا. اسان سان نه ڳالهائيندا هئا ۽ سندن ماني به لاڙڪاڻي مان فوجي ٽرڪ ڪٽي ايندي هئي. پورا چاليهه ڏينهن هو سيدن ۽ ڀٽن جي حويلين مٿان به مورچا ٺاهي وينا هئا.“

ڳڙهي خدابخش، بادشاهن جو اهو ننڍڙو ڳوٺ آهي جنهن هڪ بادشاهه ۽ ٻن شهزادن جا لاش وصول ڪرڻ ڪانپوءِ جڻ ته بادشاهيءَ لاءِ ڪو نئون اميدوار موڪلڻ ڪان ٻان(توبهه) ڪري ڇڏي آهي.

ٻه اڍائي سؤ گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ هاڻي ڀٽو خاندان جي ڪنهن به فرد جي ڪا رهائشگاهه ڪانهي. هتان جي ماڻهن وٽ هاڻي صرف يادون ۽ ڪجهه ڳالهيون آهن، جيڪي هو ورجائي ورجائي ٻڌائين ٿا. ”شروع ۾ ڀٽو صاحب عيد نماز هتي پڙهندو هو پر پوءِ نئين ديري ۾ پڙهڻ شروع ڪيائين. باقي مير مرتضىٰ به عيد نمازون هتي پڙهيون.“ هڪ جهوني ٻڌايو. هو بينظير سميت سموري ڀٽو خاندان جي تعريف ڪن ٿا. ”اسان ته ڇا سڄو ڳوٺ هنن جو راڄ آهي. ڀٽو صاحب جنهن طريقي سان ڏسندو هو، اهڙي ئي طريقي سان بينظير ڀٽو به ڏسي ٿي، جنهن سڄي ڳوٺ کي حج ڪرايو آهي، ڊرينيج سسٽم ڏياريو“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هو جيئن ٻي ڏڙڪ تي پٽو خاندان جي تعريف يا ڳالهيون ڪن تا ائين ئي آصف زرداري يا غنوئ پٽو بابت ڳالهائيندي محتاط ٿي وڃن ٿا. هو ٻنهي لاءِ ٻڌائين ٿا ته ”هو مزار تي ايندا آهن.“ باقي ڳوٺ ۾ ڪنهن سان سلام دعا ڪونه اٿن ۽ نه ئي اهڙي ڪا ڪوشش ڪندا آهن. جيتوڻيڪ آصف زرداريءَ سڌي ريت ڀٽو خاندان جي فرد سان رشتيداري ۾ ڳنڍيل آهي پر ٻڙهي خدابخش ڀٽو جا ماڻهو هن کي ”ٻاهريون“ سمجهن ٿا. صرف ايترو ٻڌائن ٿا ته ”بينظير صاحبه جو نڪاح اسان جي ڳوٺ واري ان ئي پيش امام پڙهايو هو، جنهن پٽي صاحب جي جنازي نماز پڙهائي هئي.“ هنن کي بينظير ۽ صنم جي شادين ۾ باقاعده دعوت ڏئي گهرايو ويو هو. هو چون ٿا ته هر عيد تي بينظير پاران کين عيد ڪارڊ موڪليا ويندا آهن ۽ هر ڇهين ائين مهيني بينظير پاران هڪ راجوٽي ڊنر جو اهتمام ڪري ساڻن ڳالهه ٻولهه ڪندي آهي. ”شروع ۾ جڏهن بينظير زمينن جو ڪم سنڀاليندي هئي ته گرم پاڻي جي باوجود سارين جي فصل ۾ پاڻ لهي گاهه پٽي چوندي هئي ته هي گاهه فصل مان ڪڍائي ڇڏيو. سارين جي خوراڪ اهو گاهه کائي ٿو وڃي.“ محمد حسن ڀٽو ٻڌايو. هو چوي ٿو ته ڀٽو صاحب کان پوءِ بينظير وڏي محنت ڪري ٿي. هو ذوالفقار علي ڀٽو جون ڳالهيون به ائين ئي عوامي رنگ ۾ ٻڌائين ٿا ۽ چون ٿا ته هو جڏهن به علائقي ۾ هوندو هو ته ماڻهن سان عام جام ملندو هو. ”اسان جي ڳوٺ جي هڪ همراهه جمعو خان لغاري ميٽرڪ پاس ڪري نوڪري وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نوڪري نه مليس پوءِ هن واپار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان ۾ به ماڻهو ٺڳي ويس. جنهن تي ڪلام ناهي، چپڙيون يڪتارو ڪٽي هو رستن تي ڳائيندو وتندو هو.“ ٻڙهي خدابخش جو هڪ پڙهيل ڳڙهيل همراهه ٻڌائي ٿو. ”هڪ ڀيري روڊ سان جمعي ڳايو پي ته سامهون ڀٽو صاحب اچي ويو. هن گاڏي روڪي ڪانئس حال احوال ورتا ته هن پنهنجي بيروزگاري ۽ بدحالي جو ذڪر ڪيو. جنهن تي ڀٽو صاحب کيس چيو ته ڪا درخواست اٿئي ته هن وراڻيو ته، نه درخواست آهي نه ئي ڪو ڪاغذ، جنهن تي پٽي صاحب قلم ڪڍي جمعي کي پنيرو ڪري سندس اچي قميص تي ڊاڪٽر مبشر حسن (ان وقت ناڻي وارو وزير) ڏانهن نوٽ هنيو ته هن کي بئنڪ ۾ ڪيشيئر ڪري رکو. ٻئي ڏينهن جمعو اها قميص بريف ڪيس ۾ ويڙهي ڪٽي ويو ۽ نوڪري وٺي آيو. هاڻي مئنيجر تي ريٽائر ڪيو اٿائين.“

ٻڙهي خدابخش سوين قصن ڪهاڻين جي باوجود اڄ به هڪڙو ننڍڙو ڳوٺ آهي، جتي ماڻهن جي ذهنيت ڳوناڻي آهي. کين ون وي روڊ مليل آهي پر ان جي گرين بيلٽ ۾ ڳوٺ جون عورتون ڇيڻا ٿڦنديون آهن. مزار پرسان وينلن کي جديد رهائشي ڪالوني مليل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهي. پر انهن ڪوارٽرن جي ڇتين تي ڇيٽا ٿڦيل ۽ ڪوارٽرن اڳيان حددخليون ٿيل ملنديون. بجلي، فون ۽ گيس سميت ڪين پوسٽ آفيس جي سهوليت مليل آهي پر عمارت نہ هئڻ ڪري اها واٽر سپلاءِ واري ٽانڪيءَ جي هيٺان ناهيل ڪمري ۾ قائم آهي. زيد اي پٿو جي دؤر ۾ نهرايل رورل هيلٿ سينٽر ۾ هاڻي صرف هڪڙو ڪمپائونڊر ويهي ٿو جڏهن تہ بينظير جي گذريل حڪومتي دور ۾ چار ڊاڪٽر ۽ هڪ ڊاڪٽرياڻي ايمبولينس سميت موجود هوندا هئا. ڳوٺ جي هوٽلن ٻاهران وڏن سائن بورڊن تي نهيل پٿو خاندان جون اهي تصويرون پيل آهن، جيڪي ٻاهران ايندڙ قافلا ڇڏي وجن ٿا. جڏهن تہ هوٽلن اندر اداڪارئن جا فوٽو لڳل آهن. لاڙڪاڻي ضلعي جي هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ منشيات جو آزار وڌي ويو آهي. هتي بہ ہر ٿي هيروئني توهان کي ملي ويندا. هن ننڍڙي ڳوٺ جي چوڌاري زمينن ۾ فصل ڏاڍا پلا بيٺل آهن پر ڳوٺ مٿان چڙ تہ اداسي اجا ڇانيل آهي ۽ وٽن فوجين خلاف پراڻي دشمن جهڙي نفرت بيٺل آهي. ”اسان ٿي ڪربلائون ڏٺيون آهن. مير صاحب ۽ پٿو صاحب جا لاش تہ تڪڙا مليا پر شاهنواز جي لاش لاءِ اسان ڏاڍو انتظار ڪيو هو. ڪيترائي ڏينهن گهٽين ۾ تڏا وڇائي ويٺا هئاسين.“ هڪ جهوني چيو. ڪجهہ وقت خاموش ٿي پاڻ ئي تجزيو ڪري چوڻ لڳو تہ ”اسان ڏاڍا بدنصيب آهيون جو ٽئي هستيون هليون ويون پر خوشنصيب بہ آهيون تہ انهن جو آخري ديدار تہ نصيب ٿيو.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# لاڙڪاڻو: آقا جي تئي ڪان موسي جي سُوٽي تائين

پينس ڪالونيءَ ۾ ڪيئن چئجي تہ هاڻي بہ اها رات جي راڻي جهڙي خوشبو ڪٽي گهمندڙ اچي ٿي، الاءِ نہ؟ جيڪا استاد واري گهر اندر مختصر باغيچي ۾ ويهي چانڊوڪيءَ سان حسن پيٽيندي هئي ۽ دارونءَ سان پير ڌوئيندي هئي. تڪڙي سياسي ترقيءَ ۾ جج ٿي ويل وڪيل جي اڳوٽي رڪيل ماڪ پنل بدن کي پنهنجي ئي ٻانهن ۾ وڪوڙي ڪراهت مان ڏسندي هئي. هو سدائين اهي پير چمي انهن جي ساراهہ ڪندو هو. ڪيترائي فيصلا هن انهن پيرن وٽ ويهي ڪيا. هاڻي پاڻ کي وڏو مصنف ٿو سمجهي. پينس ڪالوني جهڙي غريباڻي آباديءَ ۾ اهڙيون "شرڪتون" تہ ڪڏهن ڪڏهن اچن ٿيون پر اهو آقا هر وقت ملي وڃي ٿو جيڪو بنا ڪنهن پگهار جي ڪالوني جي مکيہ گهٽي صاف ڪري ان مٿان ڇٽڪار ڪندو رهندو آهي. سندس شڪل جيتوڻيڪ هيروئنين جهڙي آهي ۽ لاڙڪاڻي ۾ هيروئنين جي گهٽائي سبب هو پهرين نظر ۾ هيروئني ئي لڳندو پر هو هيروئن نٿو پيئي، باقي ڪو چرس وارو وزم هٽڻ سندن شخصي آزادي ۾ اچي وڃي ٿو.

ان جو پورو نالو تہ الاءِ ڇا آهي؟ پر هر ڪو ڪيس "آقا" چئي پڪاري ٿو. آقا کي ميونسپل وٽان باقاعدي ڪا پگهار وغيره نہ ملندي آهي، پر تڏهن بہ گهٽيون صاف ڪري انهن مٿان پاڻيءَ جي ڇٽڪار ڪرڻ هو پنهنجي ڊيوٽي سمجهي ٿو. پينس ڪالونيءَ جو روڊ ۽ گهٽيون گرمين ۾ گهمڻ پاڻ کي عذاب ڏيڻ برابر آهي ۽ آقا ان عذاب ۾ گهٽتائي ڇٽڪار سان ڪري ٿو. سڄو ڏينهن ڊيوٽي ڏيڻ کان پوءِ رات جو اچي مرتضىٰ واري هوٽل جو پاسو وٺي ٿو ۽ ڪين ياد ڏياري ٿو "بابا ماني نٽا ڪائو ڇا؟" جنهن جو اڻ سڌو مطلب ڪيس ماني ڪارائڻ هوندو آهي. انهي هوٽل جي ڪانوڙين بئنچن تي پاڙي جا ٻار بہ ڪيس تنگ ڪن ٿا پر هو ڪڏهن ڪڏهن موڊ ۾ اچڻ کان پوءِ الاءِ ڪهڙي جهام مان ويهي انٽرويو ڏئي ٿو. جڏهن ڪانئس ڇٽڪار ڪرڻ بابت پڇجي ٿو تہ هو چوي ٿو "بابا منهنجي ڊيوٽي آهي درياهن تي، ان ڪري هي ڊيوٽي پيا ڏيون، منهنجي پياءُ جي ڊيوٽي آهي جبلن تي، هو بہ اها ڊيوٽي پيو ڏئي." سندس پياءُ شهر مان پٿر ميڙيندو رهندو آهي. ڪين اها ڊيوٽي ڪنهن ڏني ۽ ڪڏهن کان ڏني اهو تہ هو پاڻ بہ نٿو ٻڌائي سگهي؟ ايترين خدمتن باوجود جڏهن ڪيس ماني وقت سر نہ ملندي آهي تہ هو مرتضىٰ وارن کي چوندو آهي "بابا تئو چو نٽا آٽيو، پنهنجو ضروري آهي."



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اصل ۾ تئي جي افاديت ۽ اهميت جي خبر آهي ته آقا کي آهي. باقي ٽيپل مان ٽيپ ڪائي موٽيل شبير سولنگي کي تئي جو ڪهڙو قدر! هن ته خوامخواه تئي کي تڪليف ۾ آڻي ان کي خوار ڪيو آهي. شبير سولنگي! تئو توسان ڪونه ڳالهائيندو، ان کي لاهي ڇڏ ته تنهنجي صابرين زال ان مٿان مانيون پچائي تو کي کارائي. هڪڙو لاڙڪاڻو گڙنگ سياستدانن، اميرن، پوتارن ۽ سيٺين جو لاڙڪاڻو آهي. ٻيو لاڙڪاڻو مسڪين حال، پنهنجي پورن ۾، مجبور ماڻهن جو آهي ۽ ٽيون لاڙڪاڻو وري عجيب مستانن جو لاڙڪاڻو آهي. جنهن ۾ اها دانشور جوڙي به اچي وڃي ٿي. جيڪا جنونين جيان اجان به مارڪسي ۽ ليني بحثن ڪرڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو واحد مقصد سمجهي ٿي. ان جوڙيءَ ۾ هڪ ٿلهو متارو ڪارو، شهپري ۽ قدآور شخص (جنهن کي توهان نوجوان به چئي سگهو ٿا) ۽ ٻيو هلڪي قد وارو پيٽ نڪتل، گنجو مائو ڪيپ ۽ چشميءَ وارو همراهه شامل آهي. سندس نالي کان وڌيڪ ماڻهو ڪيس چشميءَ وارو ڪاڪو ڪري سڏيندا آهن. هو ماڻهن کي ڳولهي ڳولهي ساڻن مارڪسي ۽ ليننی بحث ڪندا آهن ۽ داس ڪيپيٽال جا (خدا ڄاڻي سچا، الاءِ ڪوڙا) حوالا ڏيندا آهن. هنن جو جيتوڻيڪ ڪنهن ڏانهن به ڪو قرض رهيل ناهي هوندو. پر ڪين ايندو ڏسي ماڻهو گهٽيون مٽائي ويندا آهن ته متان گهٽي ۾ ئي بحث شروع نه ٿي وڃي. چون ٿا ته هڪ ڀيري نه ڄاڻ نه سڃاڻ هوندي ڪاٻي ڏر جي هڪ روپوش اڳواڻ سندن ور چڙهي ويو. هو ڪيس المدينه هوٽل ۾ وٺي ويا. جيڪو آني چاڙهه ۽ آني ڪيڪ واري زماني ۾ طوفان ميل هوٽل هوندو هو ۽ اتي گولي مار چانهه ملندي هئي. هنن ڪيس چانهه ته خبر ناهي ڪهڙي پياري پر ساڻس بحث ضرور گولي مار ڪيو. بعد ۾ هن اچي پنهنجي ساٿين کي ٻڌايو ته اج يار سي آءِ ڊي وارن جي رخ (ور) چڙهي ويس. پر بحث ڪري پڄي آيس. هنن جي دانشوري رڳو شهر تائين محدود ناهي. جنهن زماني ۾ سنڌ اندر سياسي جاڳرتا جام هوندي هئي ان زماني ۾ چشميءَ واري دانشور بابت چون ٿا ته هن سائين جي ايم سيد جي موجودگيءَ ۾ ٽيندڙ پارٽي جي هڪ اهم اجلاس دؤران سنڌ جي آزاديءَ جو هڪ انوکو فارمولو رکيو. چشميءَ واري دانشور جي فارمولي موجب ”پنجاهه کن اهڙا ورڪر چونديا وڃن، جيڪي تمام گهڻا ذهين هجن، ڪين مقابلي واري امتحان جي تياري ڪرائي پارٽي خرچ تي پڙهايو وڃي ۽ سندن پاس ٿيڻ کي پڻ يقيني بنايو وڃي. بعد ۾ ڪين ڊي ايم جي ۽ پوليس گروپ ڏياري سنڌ اندر ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي طور مقرريون ڪرايون وڃن. ٻاهران جلسن، جلوسن جو دٻاءَ وجهڻ کان پوءِ هو پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ آزاديءَ جو اعلان ڪن ۽ پاڪستان حڪومت جا حڪم مڃڻ کان انڪار ڪن.“ هر ڪو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سمجهي سگهي ٿو تہ سندس ان فارمولي تي پارٽي اندر ڪيترو سنجيده بحث ٿيو هوندو ۽ ڪيترا ماڻهو ڪليا هوندا. اصل ۾ ڪين اجان تائين اهو ئي ڏک آهي تہ ماڻهو سندن ”دانشوري“ ڪي سنجيدگيءَ سان چو نہ تا وٺن!!!

دانشورن جي ان جوڙي مان هڪ همراه تہ ذري گهٽ مرڻ کان تڏهن بچيو هو. جڏهن ماتمي جلوس پنهنجي گهر وٽان گذرندو ڏسي هو جذباتي ٿي ڇت تي چڙهي ويو ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳو ”هي رت توهان ڪي ائين نہ وهائڻ گهرجي. اهو رت انقلاب لاءِ ڏيڻ گهرجي.“ اهڙي ڪارنامي بعد ساڻس جيڪا حالت ٿي هوندي، تنهن جو اندازو هر ڪوئي لڳائي سگهي ٿو. پر اهڙيون حالتون ڪين هرويرو مايوس بہ نٿيون ڪن ۽ ڪو بہ شڪار نہ ملڻ جي صورت ۾ هو گهٽين ۾ گهمندي پاڻ ۾ بحث ڪندي اڪثر پنهنجي ٻاڙ ماري وٺن تا.

هاڻوڪي تبديل ٿيل لاڙڪاڻي جا پنهنجا ڪردار آهن. اهو اڳوڻو لاڙڪاڻو هاڻي ناهي رهيو، جتي ديوان سخي هوندا هئا ۽ رائل چوڪ تي ريجهي مل جو مجسمو لڳل هوندو هو. هر طرف باغ ئي باغ ۽ باغن ۾ پڪا لڳل هوندا هئا. انهن جي وچان واهہ وهندا هئا. ڪرمان باغ ۽ غالب نگر وٽ جڏهن سرڪس لڳندو هو تہ ان جا هاٿي گهاڙ واهہ تي وهنجڻ ويندا هئا. جڏهن جناح باغ جو نالو ريالي باغ هوندو هو ۽ ڪينڊي مارڪيٽ وٽ بہ هڪڙو بولس باغ هوندو هو. هاڻي تہ ايوب کهڙي جهڙو ڪردار بہ ڪونہ ملندو. جيڪو غريب شاگردن ڪي اسڪالرشپون ڏئي پڙهائيندو هو ۽ مسجدن ۾ پکا بہ هڻائيندو هو. پر علي گوهر آباد جي سدا جوان رهڻ جي ڪوشش ۾ رذل محمد صديق ميمڻ چواڻي تہ ” طبيعت جو ايڏو رڪو ۽ سخت هوندو هو جو پلي ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا ملوس تہ بہ هر ڀيري پڇندو هو ”ڪير آن ڙي؟“ هاڻي اهو الهڏنو پڙهي وارو بہ ڪٿي آهي جيڪو گم ٿيل ٻارن ڪي مائٽن سان ملائيندو هو. پر هڪ ڇوڪريءَ جا وارث جڏهن سالن تائين ڪيس نہ ليي سگهيا. ۽ ڇوڪري بہ اچي جوان ٿي تہ هن ڊي سي کان اجازت وٺي پاڻ ان گم ٿيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏي. هاڻ اهي ڪاٽڪو بہ ڪٿي رهيا آهن جيڪي هوا خوريءَ لاءِ سکر ويندا هئا ۽ ڪاٽڪن کان منتليون اوڳاڙيندا هئا. ها البتہ مراد واهڻ ناڪي جي ان ناڪي منشيءَ گلشن صوفيءَ جهڙا ڪور ملي ويندا. جيڪو ورهاڱي کان اڳ ئي ناڪي جا سڀ پيسا ڪٽي انڊيا هليو ويو. اتي وڃي ”ايڪتا“ فلم ۾ ڪم ڪيائين وري واپس نہ آيو. ان ٺاڪرداس جهڙا تعصب پرست بہ اجوڪي لاڙڪاڻي ۾ ڪوڙ ملي ويندا، جنهن 47ع واري زماني ۾ رائل سينيما تي ”عرب ڪا ستارا“ فلم لڳائي سينيما اندر بم رڪرايا هئا. هن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اگواٽ ئي هندن کي فلم تي نہ اچڻ جو چيو هو پاڻ تہ پڇي ويو سينيما روچيرام هلائي، جنهن کي نقصان کان اڳ گرفتار ڪيو ويو.

ان ڏينهن حيدرآباد ۾ جڏهن روٽين جي اها خبر ناهي رهيو هئس تہ مارڪيٽ پوليس تانيا عرف وسڪيءَ کي فحش اشارا ڪرڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو آهي تہ نہ چاهيندي بہ مون کي لاڙڪاڻي جو اهو موسم ياد اچي ويو. جنهن پنهنجي سگريٽ جي سوٽي ۾ صحافت کي اڏائي ڏيکاري آهي. اهو هتي هجي ها تہ ان وسڪيءَ جي ضمانت ضرور ڪرائي ها. لڳ ڀڳ پنجاهہ سالن جي عمر کي اچي پهتل موسي پنهنجي سڄي حياتي جيتوڻيڪ صحافت کي ڏئي ڇڏي آهي، پر ڪيس خبر لکڻ (ناهڻ تہ الڳ ڳالهہ آهي) اچا بہ نہ ايندي آهي. پر هو ڊي ايس پي سطح جا عملدار بدلي ۽ مقرر ڪرائيندو آهي. موسي جڏهن صحافت شروع ڪئي تہ ڪيس سائيڪل بہ نہ هوندي هئي ۽ هاڻي وٽس هڪ عدد ڪار بہ آهي.

اهو بہ وقت جو ڪيڏو نہ الميو آهي تہ ڪيس خبرون لکي ڏيندڙ منير اڄڪلهہ ڪنهن اخبار جو رپورٽر ناهي پر موسو صحافت ۾ موجود آهي. لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي لائبريري ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪانئس ڊگهو انٽرويو ڪرڻ منير ۽ منهنجو مشغلو رهيو. موسو ٻڌائيندو هو تہ ”شروع ۾ هو لاڙڪاڻي جي ڪپڙي جي واپارين وٽ دڪان تي ڪم ڪندو هو پوءِ ٽرين ذريعي هن واپارين لاءِ ڪپڙي جو ڪوئيٽا کان ”واپار“ شروع ڪيو. ان دؤران ڪيس ڪنهن ڏس ڏنو تہ اخباري نمائندو ٿي ويندين تہ پوليس تو کي هٿ بہ نہ لائيندي ۽ ائين موسو صحافي ٿي ويو. هن جو هلڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ ۽ سگريٽ جو سوٽو هڻڻ جو پنهنجو اسٽائيل آهي. پلي ڪمري ۾ ڪارپيٽ وڇايل هجي، پر موسو پنهنجا پائنچا گوڏن کان ٽورو هيٺ متي ڪري چنبيندو وڏو سوٽو هڻي هلڪي گار ڪڍي پنهنجي ساٿين کان پڇندو ”ساڍا پنج ٿي ويا آهن، اڃا خبرون نہ ناهيون اٿو تہ پوءِ لڳنديون وري ڪٿان؟“ موسو صحافت جي داءُ پيچن کان ايترو تہ واقف ٿي ويو آهي جو چوندو هو تہ ”ايتريون ڳالهيون آهن پيٽ ۾ جو ٻاهر ڪيان تہ... “ پوءِ هو ڳالهائيندو نہ هو. پر پنهنجي ڏسٽي آگر ڏندن وچ ۾ ڏئي ڏندين آگريون اچڻ جو عملي مظاهرو ڪندو هو. موسو اڄ بہ فخريہ ٻڌائي ٿو تہ ”ڪنهن زماني ۾ شهر جي ڳاڙهي بازار تي سندس حڪم هلندو هو. ڪيترائي ماڻهو سندس چنيءَ تي بازار جو مفت ۾ ايئن چڪر ڪاٽي ايندا هئا. جيئن سڪر جي دادي دلوڪ مڪرانيءَ جي چنيءَ تي اڄ بہ ماڻهو مفت ۾ فلم ڏسي اچن ٿا.“ موسي لاءِ اها ڳالهہ مشهور آهي تہ هڪ پريس ڪانفرنس دؤران هن هڪ اگوڻي ايس ايس پي کي پنهنجي ٽوپي جو واسطو ڏئي بازار



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

کولڻ جو عرض ڪيو هو ۽ شايد ان ئي عملدار بازار جو چڪر ڏيڻ وقت ڪيس چيو هو تہ "منهنجو وس پڄي تہ تنهنجي ڪٺ هن بر جي وڻ هيٺ لڙڪايان." موسو پوليس وارن سان سنگت رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندو آهي. ۽ چڱن ڀلن صحافين جي نالن ڪي عملدارن وٽ وڪڻي اچڻ سندس ڏائي هٿ جو ڪيل آهي. جيتوڻيڪ هو مختلف سياستدانن ۽ ڪامورن جي پريس ڪانفرنسن ۾ ويندو رهندو آهي. پر ڪانئن سوال وغيره نہ پڇندو آهي ۽ نہ ئي ڪا نوٽنگ وغيره ڪندو آهي. اوچتو هڪ ڀيري هن زراعت جي هڪ اڳوڻي مرحوم وزير ۽ سردار ڪان اچي اهو پڇيو تہ "سائين توهان جي تعليم ڪيتري آهي." وزير صاحب استقباليہ وٽ اوچتي سوال ڪان تتائي ويو تہ هن اندر وڃي ٻيهر پڇيس. وزير جي اشاري تي ڪيس حفاظتي عملو ٻاهر ڪڍي ويو، پر ڪجهہ وقت بعد اوچتو موسو مانيءَ جي ٽيبل تي اچي ظاهر ٿيو ۽ وزير ڪان ساڳيو سوال پڇيائين تہ هن وڏي خار مان ڪيس وراڻيو "خاندان ۾ ٻيا بہ چريا اٿو يا تون اڪيلو ئي آهين؟" اهڙي جواب ڪان پوءِ موسي ڪي تقريب مان ئي ڪڍيو ويو. "پر اهو سوال تو ڇو پئي پڇيس؟" واقعي ڪان گهڻا سال پوءِ پڇيل منهنجي ان سوال تي موسي عجيب منطق اهو ٻڌايو تہ "مون ڪي ڪنهن ٻڌايو تہ وزير صاحب رڳو ميٽرڪ پاس آهي. ان ڪري مون ڪي خيال آيو تہ ميٽرڪ پاس تہ مان بہ آهيان ۽ صحافي ٿي ويو آهيان. هاڻي ان ڪان ڪو گر پڇان تہ هو وزير ڪيئن ٿيو تہ مان بہ ائين ئي وزير ٿي وڃان." هاڻي هو شگر جو مريض بہ ٿي ويو آهي ۽ ان لحاظ ڪان ان ۾ ڪجهہ تبديليون بہ آيون آهن تہ هو اڳي جيان پريس ڪلب اندر ڳاڙهي بازار وارن جا فيصلا نٿو ڪري. پر منجهائنس وڪڙ اجا نہ ويو آهي، جيئن سندس هر انداز مختلف آهي. تيئن ئي سندس تعريف ڪرڻ جو انداز بہ مختلف آهي. منجهند جي ماني سنگت سان هڪ ڪنڊائتي هوٽل ۾ ڪائي رهيو هئس تہ موسي جي رڙ ٻڌم "او جوڳي- نانگن سان کهڙو پيار" ان هوٽل ۾ موسو ڪجهہ پرڀرو ٽيبل تي پوليس وارن سان گڏ ماني ڪائي رهيو هو ۽ شمن جوڳي جي موت تي لکيل منهنجي ڪالم جي اها هن پاران تعريف هئي. ان رڙ تي سڀ ماڻهو دسترب ٿيا. پر هو پنهنجي مخصوص کل ۾ ٻڏو پيو هئو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ پريس ڪلب ۾ اچي هن پڇيو تہ "منهنجي مدد ڪر ۽ اهو ٻڌاءِ تہ ڪنهن ڪي محبت ۾ اهو چوان تہ نانگن سان کهڙو پيار او جوڳي تہ ان ۾ نانگ مان ٿيس يا هوءَ."

موسیٰ صحافت ڪي ڇا ڏنو؟ پاڻ انهيءَ سوال جو جواب لاڙڪاڻي واسين تي ڇڏي ٿا ڏيون. پر صحافت ڪيس گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. سندس ڪيئريئر ڏسي ڪجهہ نوجوان بہ موسي جي نقش قدم تي هلي پيا آهن. جيتوڻيڪ موسو هاڻ مڇي ماني لائق ٿي ويو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پر پٽ سٽ واري سندس اها عادت اجا به نه وئي آهي. روزانو هو ڪوشش ڪري سگريٽ، چانهه، ماني تي پاڻ خرچ نه ڪندو آهي. ڪار گهر ۾ بيهاري رڪشي جو ڪرايو به ٻين کان ڪڍندو آهي. لاڙڪاڻو اهڙن انيڪ ڪردارن سان ڀريو پيو آهي. جيڪي شوق ئي نرالا ڪن ٿا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ڏنڊ ۾ گم ٿيل ڳوٺ جا عجيب ڪردار!

هاڻي ڳوٺ جي ٿواٽن تي اهي بخيل ۽ گاريال پوڙها ڪونہ ٿا ويهن جيڪي پنا اگهاڙا ڪري چلمون ڇڪيندا هئا ۽ نتيجي طور جهرڪ جيڏا ڪانگهارا اڇلائيندا رهندا هئا. ان برسات ڪان پاڻ بچائڻ انهن رستن تان گذرندرن جي ذميواري هوندي هئي. اهو ڏاڏو واڌو (واحد بخش) سيني جو ڏاڏو ۽ سيني ڪي ڪم ايندڙ هو. اوڙي پاڙي وارن ڪي هو پلال ۽ لوسڻ جي ڪتر ڪهاڙيءَ سان هٽي ڏيندو هو ۽ معاوضو صرف لسي ماني وٺندو هو. ٻارن لاءِ ڪشش سندس اهي دانهون هونديون هيون، جيڪي هو اٽندي ويهندي بي سبب ”الاڙي گهوڙا ڙي“ ڪري ڪندو هو. جڏهن ڳوٺ جا شرارتي ڇوڪرا ننڍ دوران ڪيس ڪٽ سميت ڪٽي ٻي گهٽيءَ ۾ ڇڏي ايندا هئا تہ هو وڏي آواز ۾ ڪين ڪچيون گاريون ڏيندو هو. پنهنجي چلم جو تماڪ هو دڪانن تان چوندي ڪٽندو هو ۽ مختلف گهرن مان چلم دکائڻ لاءِ چلم جي ٽوپي ۽ چمٽي سميت ٿاندو ڪٽڻ ويندو هو. پنهنجي وڏي ڄمار ۽ عجيب طبيعت سبب هو گارشيا مارڪيز جي ناول ”اڪيلائي جا سؤ سال“ واري بوئينديا خاندان جو فرد لڳندو هو، جنهن کي جڻ تہ اوجاڳي جي بيماري لڳي ويئي هئي.

ڪچن رستن ۽ ڪچين نالين واري هن ڳوٺ جي حالت اجا بہ ساڳي آهي. ڪيئي ورهيہ گذري ويا آهن هنن کو سک جو سج ناهي ڏٺو. بدلجندڙ وقت سان هلندي هنن ووٽن جون بہ پيٽيون ڀريون آهن. پر شناختي ڪارڊن ۾ وڏندڙ سوراخن سان گڏ هو پاڻ بہ پروڻ ٿي چڪا آهن. ” اڄ ۽ ڪلهہ ۾ فرق بہ ڪهڙو؟“ شيخ اياز جي اها سٽ تڏهن من تي تري اچي ٿي جڏهن ڪيترن ئي سالن کان پوءِ انهي ڳوٺ ۾ پير پائجي ٿو. هو ضياءالحق جي صدر ٿيڻ کان مشرف جي صدر ٿيڻ تائين مسلسل ماٺ ۾ آهن. ڪين اهو بہ آسرو ناهي تہ اهو روڊ ڪڏهن ڪين پڪو ٿي ملندو، جنهن جي ڌوڙ ۾ پير وڃائيندي هنن جا ابا ڏاڏا گذاري چڪا آهن. هو غربت جي ڇڪيل ليڪ کان بہ گهٽو هيٺ حياتيون گذارين ٿا، پر کو بہ غربت مٽايو پروگرام سندن زندگي ۾ معمولي تبديلي بہ نہ آڻي سگهيو آهي. ڳوٺ جي گهٽين ۾ تہ مفت جون مليل پن جو ٻيڙيون شوق سان پيئندڙ اهو گلو مينگهي بہ ڪونہ ٿو ملي. جنهن جون فقيراڻيون ڪرامتون ڏينهون ڏينهن ڳوٺ ۾ مقبول ٿي رهيون هيون، پر گلو مينگهي کو جناتي بابا نہ بڻجي سگهيو ۽ نہ ئي وٽس وزيراعظم هائوس جا دعوت ناما پهتا. وهم ۾ ورتل ڳوناڻن کي مفت ۾ ڏاڳا پڙهي ڏيندڙ گلو مينگهي لاءِ چون ٿا تہ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مرڻ کان اڳ هن هڪ قبر جيڏي ڪڏ کوٽي ان ۾ رهڻ شروع ڪيو هو. ماڻهن ڪيس ڳڙن جي وسڪاري ۾ به پسار ڪندي ڏٺو هو ۽ سندس دعائن سان ڳوٺ جي ڪجھ ڇوڪرين پٽ ڇمڻ جون نه دعوائون ڪرڻ شروع ڪيون، پر هو پاڻ هرتو گوشه نشينيءَ ۾ هليو وڃڻ کان پوءِ گذاري ويو. گلو مينگھي گهٽين مان ڇا غائب ٿيو آهي. ڳوناٽن مان فقيراٽي رمز هلي ويئي آهي. هاٽي جڏهن کو خيال ۽ ڪا توائي ڪيس ستائي ٿي ته ڳوٺ جا ڇوڪرا چرس جا سگريٽ پرين تا ۽ جوا جي ٽڪريءَ تي جوا جي گهوڙيءَ وارا داٽا اڇلي اميد سان هڪل ڪن تا ”آ- ڇڪو!“ ۽ هاٽي اهي محنتي ۽ سخي مرد ته ڄڻ ڳوٺ مان ئي لڏي ويا آهن جيڪي فصل پچائڻ جا مقابلا ڪندا هئا ۽ اوطاقون هلائيندا هئا. هاٽي ڪچي تائين مشهور ”در محمد“ جي ان اوطاق جو اڱڻ به سوڙهو ٿي ويو آهي. جتي ڇجون لاڙي ڪارايون وينديون هيون ۽ ڏاند گاڏين تي رستي سان گذرندڙ ڇجن ڪي ويلي جي مهل ماني کائڻ بنا وڃڻ جي موڪل نه ملندي هئي. هاٽي ته ڳوٺ ڪي جواري، وياج خور ۽ گهر جا چور سم ڪلر جيان وکوڙي ويا آهن. ڇا هاٽوکي نسل مان کو اهو سيٺ عدل ڪريم (عبدالڪريم) اپري ايندو. جنهن ڳوٺ ۾ پهريون پيرو لوٽي واري ٽڪ ٽڪ ڪندڙ مشين هٽائي هئي؟“ هاٽوکو تعليم ئي مڪمل نٽو ڪري سگھي ته سيڙپ ڏانهن ڪيئن ويندو.“ پن جي بيڙي پيئڻ سبب ڪاراٽيل ڇپن واري ڳوناٽي جي ڪيل اها ڳالھه ان ڪري به درست لڳي جو اسڪولن جي حفاظت هن ڳوٺ جو دستور ئي نه رهي آهي. نئين ڪليل پرائمري اسڪول جي درن جا تالا پيجي بئنچن تي حاجت پوري ڪندڙ ماڻهن جي ڳوٺ ۾ گرلز پرائمري اسڪول اجان به بهه جو گودام آهي. ڪم کان ڪيبائيندڙ اڇوکي دور جي هيرن جي ڳوٺ ۾ وي سي آر تي فلمون هلائيندڙ هوٽلن جو تعداد ته وڌي ويو آهي پر اسڪول جي عمارتن ۾ کو اضافو نه ٿيو آهي. هاٽي هو انڪري به پاڻ ڪي ترقي ۾ سمجهن تا جو ڪين اڳ جيان ٽي وي، وي سي آر گڏھ گاڏن تي مريضن جيان شهرن مان نٽي آڻٽي پوي. وي سي آر کان واندا ٿي هو جوا ڪيڏن تا، کو بيو ساٿي ڪيڏڻ لاءِ نٽو ملي ته هو پنهنجي پاڙي جي عورتن سان ئي پتي راند ڪيڏي باڙ پوري ڪن تا.

اهي لطيفا ته اجا تائين ڳوٺ جي ٻارن ڪي ٻڌايا وڃن تا ته جڏهن بجلي لڳڻ جو ڪم شروع ٿيو ته ڪيئن نه اڪثر ماڻهن بلبن مان باھ لڳڻ ۽ تارن ۾ قاسي مرڻ جي ڊپ کان بجلي فراهمي جي مخالفت ڪئي. هن ڳوٺ مان هر کو ته سرائي نارو ۽ حافظ عيسو ٽي کونه اپريو جن معمولي علم شناسي هوندي به ڪاروبار جون نيون بلنديون ڇهيون. هڪڙي ڳوٺ جي زمين تي محنت ڪري بس ورتي (ٽرانسپوٽ جو ڪاروبار) ۽ ٻئي


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سعودي ويزائون وڪرو ڪري ماڻهو پرڏيهه موڪلڻ ۾ مني چينجنگ جو ڪم ڪيو. اها ته وري الڳ ڪهاڻي آهي ته شهر تائين سائيڪل تي ويندڙ پائو ڪيئن ڪراچي کان موهن جي دڙي تائين جهازن ۾ اچڻ لڳا ۽ وري ساڳي به ڪهي چپل پائي پنڌ گهمڻ لڳا. پيسو پيسو ڪري ملڪيت ميڙيندڙ زميندار پنهنجي پٽن کي انگريزي تعليم نه ڏياري ته ماستر کين مارينداپر اهو المياتي افسانو اجا تائين ڳوٺ ۾ ڳائجي ٿو ته ڪيئن ان زميندار جي پٽن پيسا ۽ پنهنجيون حياتيون ڦوڪ ۾ اڏائي گل ڪري ڇڏيون. ان زماني ۾ ڳوناٽن نجم عباسي جي ”چوڏو“ ڪهاڻي ته ڪونه پڙهي هئي پر هو پنهنجي ٻارن کي ڪنگهه جي دوا وٺي ڏيڻ بدران دگيگن واري ٻير جا چوڏا ٻارن جي ڳچين ۾ ٻڌندا هئا، هاڻي اها ٻير به ڳوٺ مان غائب آهي ته ٻڪرين جي اها واڙ به گم آهي، جتي پنگوڙي پوڙها نشي ۾ ڪير ڏهڻ لاءِ ٻڪرين بجاءِ نر ٻڪرن کي پڪڙي ويهندا هئا ۽ پوءِ دانهون ڪندا هئا ته ”اڄ ٻڪري پلا ڪير چو نه ٿي ڏئي!“

سال گذري ويا، ڳوٺ جي قسمت هاڻي به ساڳي آهي. ڳوٺ جي گند پريل گهٽين مان گذرندي اها خبر نٿي پوي ته ڇيٽا ٿڦيندڙ. لوڙهن تي رليون سڪائيندڙ ۽ گاهه پريون ڪندڙ نارين ۾ اجان به ڪي چاهتن جا چؤٻول آهن الائي نه پر اها پڪ آهي ته ويم دوران عورتن ۽ ٻارن جي موت ٿيندو رهي ٿو. فيملي هيلٿ ڪيئر واري هن زماني ۾ ڳوناٽن کي ڊسپرين وٺڻ جيتري به جڏهن رقم ناهي ته هو صحت جي هر اصول کان ئي لاتعلق ٿي وڃن ٿا. ڳوٺ جي ڪشادين اوطاقن جي اڱڻن تي پپر جا وڻ ۽ انهن جي لامن ۾ پينگهون ته هيون ڪونه ۽ نه ئي باغن ۾ ڪوئل ۽ بلبل جون لاتيون هيون، جن جي هاڻي پچار ڪجي. ميٺ محبت به ڳوٺن مان ڪڏهوڪو موڪلائي چڪي آهي. پر هاڻي ته ڳوٺ ۾ اها شناس به نه رهي آهي جيڪا ڳنڀير طبيعت جي وڏڙن کان کين ورثي ۾ مليل هئي. هاڻي هو هڪ ٻئي جي پٽڪي ڀاهه لاءِ هر وقت تيار آهن پر هو جنازي جي جلوسن تي به بندوقون ڇوڙڻ لڳا آهن. هڪ ٻئي جي گهرن ۾ ڪات هڻندڙ ڳوٺ ۾ انتها تي پهتل بدديانتي واري دؤر کان ته ڏاڏي واڏي ۽ گلو مينگهي وارو دؤر ڇڱو هو. جتي سهپ ۽ سچائي ته جيئري هئي. مال ۽ ڳڏهه گاڏن گذرڻ کان پوءِ دڳ تان اٿيل ڌوڙ جڏهن سخت گرمي واري شام جو ڳوٺ مٿان ڇانئجي ٿي ته اوچتو ڳوٺ جي عمر جو خيال اچي ٿو. لکت ۾ ڪا ثابتي نه ملڻ سبب ڳوٺ جا جهونا صرف اهو ٻڌائين ٿا ته ڳوٺ ۾ مهتن (واڻين) جا به دڪان هوندا هئا. ان عمر جي ڳوٺ تي آخري نظر وجهندي به اهو ارمان ٿئي ٿو ته هن وقت تائين هي ڳوٺ ڪا ڇوڪري يا ڇوڪرو پوسٽ گريجوئيٽ به پيدا ناهي ڪري سگهيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# حصو پنجون :
# ڪارنهن جو ڪاروبار



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# خانڳڙه جي خانگي عدالت

پاڪستان اندر عدالتن پاران انصاف جي فراهمي جي رفتار ڇا آهي، ان جي قطع نظر سنڌ جي جاگيردارن جي بنگلن تي ٿيندڙ جرڳا ان رفتار ۾ تمام اڳتي آهن. جيتوڻيڪ اهڙن جرڳن جي ڪا سرڪاري حيثيث ناهي پر سنڌ ۾ گهٽي ۾ گهٽا بهتر فيصلا ڪندڙ سردار خادم حسين جتوئي توڻي سردار علي گوهر مهر ٻڌائين ٿا ته سرڪار پاران اهڙا ڪيس سندن جرڳن حوالي ڪيا وڃن ٿا جيڪي هونئن نبرجي نٿا سگهن. سرڪار جي زوربار تي ئي ڪالهه خانڳڙه ۾ اهي شر ۽ مهر اچي فيصلي لاءِ گڏ ٿيا هئا جن جي جهيڙن ۾ زخمي ٿيلن جا گهاءُ به ڪونه ڀريا هئا ۽ ڪجهه گهرن ۾ اڃان تڏو وڇايل هو. پر سردارن جي سڏ تي اچي سڀ خانڳڙه ۾ سهڙيا جتي عام راڄ جي ويهڻ لاءِ شاميانو هڻي پڪا هلايا ويا هئا باقي راڄن جا چڱا مڙس پنهنجي سردارن سميت اندر ايئرڪنڊيشنڊ ٿڌن ڪمرن ۾ وينا هئا. پر انهن مان به جيڪي مهر هئا سي سڀ هيٺ وينل هئا جو انهن کي پنهنجي سردارن سامهون صوفي، ڪرسي يا کٽ تي ويهڻ جي اجازت ناهي. هونئن ته جرڳي جو ٽائيم ڏهين وڳي رکيل هو پر ٻري ٻري ڪان ايندڙ همراهن جي انتظار سبب جرڳو شروع ڪرڻ ۾ منجهند جو هڪ ٿي ويو. جرڳي کان ايم پي اي سردار علي گوهر مهر اسان کي جرڳي ۽ فيصلي ۾ فرق ٻڌائيندي چوي ٿو ته جڏهن قتل يا ڪارنهن جو معاملو ٻن الڳ ذاتين (جن کي هو قومون چوي پيو) وچ ۾ نبيرڻو هوندو آهي ته ان کي جرڳو سڏبو آهي پر ملڪيتن يا ٻين معاملن بابت نبيري کي فيصلو سڏيندا آهيون. هو پنهنجي وسيع بنگلي جي ان هال طرف هلي ويهڻ لاءِ چوي ٿو جتي فيصلو ٿيڻو هو، اتي سردارن جي ويهڻ لاءِ صوفا سيٽ پيل هئا. هال جو سمورو وچ خالي پيل هو ۽ باقي ڪرسيون ڀتين سان ٽيڪ ڏياريل پيون هيون. اسان ته اچي ڪرسين تي ويناسين پر شر ۽ مهر برادرين جا جهونا ۽ جوان بوٽ يا جتي در کان ٻاهر لاهيندا ان هال ۾ هيٺ ويهندا ويا. شرن جي پوڙهن جا وار ايترا ته وڏا هئا جو اهي پٽڪي جي ورن ۾ ويڙهيل هئا. قميص هڪڙي ڪپڙي ۽ رنگ جي ته سٿڻ ٻئي رنگ ۽ ڪپڙي جي پهريل پوڙها به اچي پنهنجي برادري جي سڏ تي گڏ ٿيا هئا. ڏسندي ڏسندي هال ڀرجي وڃي ٿو ۽ اتي اهو سڃاڻڻ مشڪل ٿي وڃي ٿو ته ڪير شر ۽ ڪير مهر آهي. هڪٻئي جا تازا خون ڪري گهرن کي ٻاهيون ڏيئي موٽندڙ اهي ماڻهو سردارن جي حڪم تي اچي خاموشي سان هڪٻئي پرسان ويهي رهيا. جيتوڻيڪ ڪنهن


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن ”ڪانيو خان“ جون اکيون رت ڇڏي رهيون هيون پر باقي سڀ خاموش هئا. سردارن جي اچڻ شرط ٻنهي برادرين جا پڪا پوڙها ٻه اسڪول ٻارن وانگي اتي ويهن ٿا ۽ سردارن جي اشارن تي ويهي رهن ٿا. هاڻي سيني درن تي ماڻهو ويهجي وڃن ٿا ۽ هالن ۾ پکن هلندي ٻه گرمي شديد ٿيندي وڃي ٿي. جرڳي ۾ پهريان شرن جو مقرر ڪيل ماڻهو فرياد ڪري ٿو جنهن کان ٿورا گهڻا سوال پڇي وري مهرن کي فرياد داخل ڪرائڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ۽ سموري ڪاروائي هڪ منشي نوٽ ڪندو وڃي ٿو. هڪ وڳي هال ۾ آيل سردار سوا هڪ وڳي اتي وڃي ٻئي ڪمري ۾ ويهن ٿا. ٻئي ڌريون هڪٻئي جي انهن همراهن کي سمجهائينديون سيڪاريندريون رهن ٿيون جن کي بيان ڏيڻ لاءِ وڃڻو هو. اهو ٻه عجيب منظر هو جو هڪ ڌر جو ماڻهو اهو تسليم ڪري رهيو هو ته فلاڻو اسان جي گهرن ۾ سي آءِ ڊي (جاسوسي) ڪرڻ آيو، اسان ٻه ڪيس پڪڙي ٻڌي برسٽ هنيو ۽ لاش وڃي فلاڻي هنڌ اڇليو. ان همراهه کي سياڻا ورائي ويا. ”ميان متان ائين چيو اٿئي، بس اهو وڃئي چئه ته فلاڻي کي ماريو اٿم باقي ٻڌڻ واري ڳالهه ئي نه ڪيجانءِ“ جيئن ته اهڙو جرڳو اٿيندڙ ڪرڻ جو پهريون تجربو هو انڪري سرداري لوازمات جي خبر ئي نه ٿي پئي. فرياد ۾ شرن پاران چيو ويو هو ته فلاڻو مهر اسان جو ڪارو آهي. هاڻي مون کي اٽڪڻ اها هجي ته ان ڪاريءَ جو نالو پڇجيءَ ته ڇا هو، جنهن کان پڇان چئي؛ ”الله سنهن، مان بيگناهه آهيان“. جڻ نالو نه پئي پڇيومانس پر متس الزام پئي هنيومانس. ڳالهين ڪندي هڪ همراهه ملي ويو جيڪو ان عورت جو پاءُ هو. اسان ڪيس چيو ته مهر چون ٿا ته ڪارنهن وارو ڪوڙ ٿا هڻن اصل تڪرار زمين جو آهي. هن نهه پهه چيو ”منهنجي ڀيڻ ڪاري آهي متاثر ڌر ٻه اسان آهيون.“ اتي ڪيس جذبات جي اڌ ۾ روڪي پڇيم ”ان جو نالو ڇا آهي جنهن کي ڪاري ڪيو اٿو.“ همراهه صفا چپ ٿي ويو. وري چيومانس تو جيڪا پنهنجي ڀيڻ ڪاري ڪئي آهي ان جو نالو ڇا آهي. همراهه هيڏانهن هوڏانهن ڏسي شرمساري وچان چيو ”فلاڻي مائي!“ بشير جو ائين چوڻ ۽ پريان ٻئي نوجوان هڪل ڪيس ”نالو ڇو تو ٻڌائينس اڙي بيغرت؟“ هن مون کي ٻه هڪل ڪئي ته اهو نالو ڊاهه، مان اجان ڏانهن ڏسي رهيو هئس ته مائي جي پاءُ مون کان نوٽ بوڪ کسي تازو لکيل اکر متان آڱر رکي ڌمڪيءَ واري لهجي ۾ حڪم ڪيو ته ”هن کي ڊاهه“ مون ته تڪڙ ۾ اتي ئي نالو ڊاهي ڇڏيو پر سوچيان ٿو ڇا هو منهنجي ذهن مان اهو نالو ڪڍي سگهندو؟

سردار فرياد ٻڌڻ بعد جيئن اندر هليا ويا ته وري ٻاهر نه آيا. اسان وري اهڙا سدورا جن کي سڪون جي ننڊ ۽ ناشتو ڪڏهن نصيب نه ٿيو آهي سو جڏهن گهڙيال جا ڪانٽا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

منجهند جو ٽين وڳي طرف وڌڻ لڳا تہ اسان بہ اتي ريفريشمينٽ جي تلاش ۾ نڪري پياسين پر ڳولڻ جي باوجود ڪو هوٽل نہ مليو. سن جهڙين ڪشادين گهٽين واري خانڳڙهہ جي هڪ دڪان تي وجي ڪيڪ بسڪيٽن ۽ بوتلن تي ٽٽاسين. جنهن ڪان پوءِ فوٽو گرافر وزير عباسي، شڪيل سومرو ۽ مون ۾ ڪجهہ ساهہ پيو. هوٽل بابت پڇڻ تي ٻڌايو ويو تہ ”خان گهٽي ٽڻ مڻ برداشت نہ ڪندا آهن، ان ڪري ڪنهن ڪي بہ خانڳڙهہ ۾ هوٽل کولڻ جي اجازت ناهي. خانن موجب هوٽل تي ٻاهريان آوارهہ ماڻهو بہ اچي ويهندا ۽ گند وڌي ويندو.“ بوتلن پيئڻ ڪان پوءِ اسان ڏاڍو تازو توانا ٿي وجي فيصلي واري هال ۾ ويناسين مس تہ سردار جي خاص نوڪر اچي ٻڌايو تہ سردار صاحب توهان جي انتظار ۾ آهي، هلو ماني ڪائو. سندس اهڙي صلاح تي اسان هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ شروع لڳاسين تہ نوڪر چيو اٿو سائين سردار صاحب انتظار ۾آهي. سردارن جي ماني ڪان اڳ شرن ۽ مهرن پاران آيل سمورن ماڻهن ڪي ماني ڪارائي وئي هئي. اسان سيني سردارن سان گڏجي بنگلي جي ڀئي پاسي نهيل هڪ شاهي ڊائيننگ هال ۾ داخل ٿياسين، ٽيبل ڏسي بک مارڻ لاءِ ڪاڌل ڪيڪ بسڪيٽن تي پڇتائڻ لڳاسين. ماني وقت ڏهرڪي ٽاٽي جي ايس ايچ اوز ڪانسواءِ باقي ٽن ٽاٽن جا ايس ايچ اوز ڪٺل هئا جن ڪي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليا ويا. ٽنهي نوجوانن اچي مٺي چانورن جو اڌ اڌ چمچو پليٽن ۾ وجهي ڪائڻ شروع ڪيو. هو اسان ڪي نماز پڙهن جو ٻڌائي ويا هئا پر پوءِ خبر پئي تہ هنن ڪي بہ اسان وانگر بک بيحال ڪيو هو ۽ ٽاٽي تي ماني ڪائڻ ويا هئا. مانيءَ ڪان ترت پوءِ فيصلي جي فتوىٰ ٻن صفحن تي لکي ڌرين ڪان صحيحون ورتون ويون. صحيحون ڇا هيون مس ۾ پريل آڱوٺن سان پني تي ڪيل ڇٽسالي هئي. جڏهن ٻاهر اچي سڀ سردار شاميانن هينان رکيل صوفن تي وينا تہ ٻئي ڌريون فيصلي ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿي ويون. فتوىٰ پڙهڻ ڪان اڳ ۽ نہ ئي وري پوءِ ئي ڪنهن ماڻهو ڪي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو يا ڳالهائڻ ڏنو ويو. سردارن ماڻهن ڪان ايترو بہ نہ پڇيو تہ فيصلو قبول آهي يا نہ. بعد ۾ دعا گهرائي سردار اٿي هليا ويا. ائين شر مهر پاڻ ۾ نهي ويا. هن خانگي عدالت صرف 4 ڪلاڪن اندر 4 خونن ۽ ٻئي نقصان جو فيصلو ڪري ڌرين ۾ ناهہ ڪرائي ڪين گهر اماڻي ڇڏيو.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# عروج تي پهتل اڻ لکيل قانونن جو ڪاروهنوار

ڪنڌڪوٽ لڳ هڪ ذات جا چور جڏهن ٻي ذات وارن جي گهرن ۾ چوريءَ جي نيت سان گهڙيا ته پاڳيا به سجاڳ ٿي پيا. چورن ۽ پاڳين وچ ۾ ان رات ٿيل فائرنگ دوران جڏهن هڪ چور مارجي ويو ته علائقي ۾ قبيلائي تڪرار شروع ٿي ويو جنهن ۾ هن وقت تائين ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي ماڻهو مارجي چڪا آهن. سندن ڪجهه چڱا مڙس به جيل اندر آهن ۽ علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته جڏهن به ٻنهي ڌرين وچ ۾ فيصلو ٿيندو ته ان چور جي خون جو عيوضو پاڳين واري ڌر کان ضرور ورتو ويندو، ڇو ته جهنگ جي قانون کي رواج سمجهي هلندڙ اتر سنڌ جي سردارن اڳ ۾ به اهڙا فيصلا ڪيا آهن، جن ۾ مارجي ويل چور جي خون بها به لک روپيا پاڳين کان ڏنڊ طور وصول ڪئي وئي آهي ته هنن گهر ۾ گهڙي چوري ڪندڙ چور کي قتل ڇو ڪيو؟

قانون جي شاگرد ۽ سول سوسائٽي لاءِ جاکوڙيندڙ ماڻهن سان ڪيل لڳاتار ڪچهرين مان معلوم ٿيو ته قانون جي ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪٿي به اهو ذڪر ناهي ته چور کي قتل ڪندڙ پاڳين مٿان ڏنڊ پوندو. ان ڏس ۾ جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور ۽ ٻين اهڙن علائقن (جتي اهڙا واقعا رونما ٿين ٿا) جي عام ماڻهن سان ڪيل ڪچهرين مان معلوم ٿيو ته اهو اڻ لکيل قانون هتان جو رواج بڻجي پيو آهي ۽ اهو رواج تڏهن کان پيو جڏهن کان ڏاڍي ذات وارن جو چور مارجي پيو ۽ پاڳيا جيئن ته هيٺي ذات (علائقي ۾ اقليت سان رهندڙ) وارا هئا ان ڪري هنن ڏاڍي ذات جي چورن سان فيصلو ڪري ڏنڊ ڀري ڏيڻ جي آڇ ڪئي ڇو ته ٻي صورت ۾ ڪين روزانو حملي / چوريءَ جون ڌمڪيون ملنديون هيون. اهڙي ريت هاڻي به اها رسم ڏاڍي هيٺي جي فرق سان جاري آهي. چور جيڪڏهن هيٺي ذات وارو هوندو ته ڏاڍي ذات وارن جي گهرن ڏي لڙندو ئي نه پر جيڪڏهن هو ويو ۽ چوري ڪندي مارجي ويو ته پاڳين واري ڌر سان چورن جا مائٽ اٽڪاءُ نه ڪندا ۽ نه ئي ڪائنئن فيصلو ڪرائي ڏنڊ وصول ڪندا.“ هڪ جهوني ڪاٽڪوءَ ٻڌايو. اهڙي مرحلي تي سڀ ڪنهن کي اها چوٽي ياد اچي ويندي آهي ته ”چور مئو ته ڪتو مئو“ چورن جو به ڪو عيوضو ٿيندو آهي ڇا؟ پر ڏهڪاءُ ۽ ڦڏي فساد ۾ رهندڙ ڌر جو چور جيڪڏهن مارجي پيو ته هوان جو نه رڳو فيصلو ڪرائي ڏنڊ وصول ڪندا پر فيصلو نه ٿيڻ جي صورت ۾ عام جهيڙي جو اعلان ڪري ڇڏيندا. اتر سنڌ جي پڙهيل لکيل ۽ وزير مشير رهندڙ سردار سان سنگت ۾ رهندڙ هڪ همراهه ٻڌايو ته ”شڪارپور جو هڪ سردار چورن جو عيوضو چورن جي مائٽن کي وصول نه ڪرائي ڏيندو آهي باقي سمورا سردار پنهنجو راڄ پاڳ هلائڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

واري خيال کان اهڙا فيصلا ڪن ٿا جن کي بظاهر ڪوبہ دليل يا سبب ناهي ۽ نہ ئي قانون ۾ ڪٿي ان جي گنجائش آهي.“ اتر سنڌ اهڙي تہ اياڳي ٿي پئي آهي جتي چوري ڪي رسم يا رواج سمجهيو / مڃيو وڃي ٿو. ”سائين چوري تہ اسان جي سماج جو رواج بڻيل آهي اها ختم تہ ناهي ٿيڻي، ان جو ڪونہ ڪو حل تہ ڪڍڻو پوندو،“ سرداري جرڳن ۽ فيصلن ۾ اڪثر ڪري شريڪ رهندڙ ريٽائرڊ هيڊ ماستر ڪريم ڏنو جتوئي چوي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ ”مک سردارن جي مجموعي ۾ مون هڪ راءِ اها بہ ڏني هئي تہ قتل ٿيل چور جو عيوضو پاڳين کان ڏنڊ طور وصول ڪرڻ بدران مارجي ويل چور جي ساٿين کان وصول ڪيو وڃي ڇو تہ جڏهن نفعي ۾ هو ڀائيوار آهن تہ نقصان ۾ بہ انهن کي ئي ڀائيوار بڻايو وڃي“ ڪريم ڏنو موجب اهڙي رٿ سان سمورا سردار متفق ٿيا هئا پر عمل اجان شروع نہ ٿيو آهي. سنڌي سماج جي اڪثريتي آباديءَ تي پنهنجا اثر ڇڏيندڙ اڻ لکيل قانونن جون پنهنجون سزائون، شاهدين جا پنهنجا طور طريقا ۽ معاوضي جا اصول بہ پنهنجا آهن. هونئن تہ مارجي ويل چور جو بہ عيوضو ورتو وڃي ٿو پر عجيب ڳالهہ اها بہ آهي تہ چوري ٿيل سامان جي واپسيءَ سان گڏ اڻ لکيل قانون موجب چور ڪي گهر ۾ گهڙڻ (لوڙهو لتاڙڻ) جو ڏنڊ بہ پاڳين کي ڀري ڏيڻو آهي. جيڪڏهن چوري ٿيل سمورو سامان چور واپس نٿا ڪري سگهن تہ ڪانئن ان سامان جي رقم وصول ڪئي ويندي ۽ ان رقم جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ انهن وڏيرن/سردارن پاران مشير يا امين مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪي اڻ لکيل قانونن جا اڻ چونڊيل رکوالا (جج) بڻيل آهن. غلط بياني کي روڪڻ لاءِ ڪلام پاڪ وچ تي رکيو ويندو آهي. سنڌ اندر پختيون ڪندڙ اڻ لکيل قانونن ۾ هر عمل / ڏوهہ جي سزا ۽ جزا مقرر ٿيا، پر قيمت ڪنهن بہ ڏوهہ جي سزا قيد يا جسماني ايذاءُ يا مشقت واري سزا نہ تہ مقرر ٿيل آهي نہ ئي ڏني وڃي ٿي. جڏهن تہ ڪجهہ علائقن ۾ باهہ جي ساک واري امتحان (سزا) مان مشڪوڪ چورن کان اجان بہ جيڪب آباد ۽ ڊيرهہ بگٽيءَ ۾ ورتي وڃي ٿي. ڪنهن بہ شڪي چور ڪي جاچ جي ان مرحلي مان گذارڻ جو ذڪر جيتوڻيڪ ڪنهن بہ مروج قانوني ڪتاب ۾ ناهي پر سردارن جي اوطاقن تي باهہ جون اهڙيون بہ ادائي فوٽ وانهيون (ڇريون) ڪنيل آهن. جن ۾ ٽانڊن کي ڀري مشڪوڪ چور کي ٻرندر ٽانڊن مٿان ست وکون ڪٽايون وڃن ٿيون. ست وکون ڪٽڻدڙ مشڪوڪ چور جي چوڌاري بہ ٿي مقرر ٿيل ماڻهو ڪلام پاڪ جون مخصوص آيتون پڙهندا رهندا آهن. مشڪوڪ چور جيئن ست وکون ٽانڊن تي گهمي پوريون ڪندو تہ ڪيس ڪجهہ مقرر ماڻهو ٻانهن کان وٺي اهڙي جاءِ تي ويهاريندا جتي پاڻي يا ٻڪڙي جي تازي رت ڀريل ٿانو ۾ سندس پير ڪلاڪ اڌ تائين پسايا ويندا. بعد ۾ اهي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سردار اهي ٺري ويل پير چيڪ ڪندو، جيڪڏهن انهن پيرين جي ترين تي ڦلوڪڙا نڪري آيا هوندا ته مشڪوڪ چور مٿان چوري ثابت ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن ڦلوڪڙا نه اڀريا ته ان کي بيڏوهي قرار ڏنو ويندو. چوري جي اهڙي غير سائنسي ۽ غير منطقي جاچ ۾ اڄان تائين ڪيترائي ماڻهو نه رڳو يقين ڪن ٿا پر سردارن کان اهڙي ساک وٺي ڏيڻ لاءِ زور ڀرين ٿا. اتر سنڌ جا سردار اهڙي ساک لاءِ مشڪوڪ ماڻهن اڪبر بگٽيءَ جي ديري بگٽيءَ موڪلين ٿا، جتي باهه جون ساکون مستقل ورتيون وڃن ٿيون.

اڻ لکيل قانونن موجب قتل جو معاوضو ٻه لک، شديد زخمي ڏيڍ لک يا پنجهتر هزار، معمولي زخمي پنجاهه هزار ۽ عورت جي قتل جو لک ته ڪٿي ڏيڍ لک معاوضو ٿئي ٿو. جڏهن ڪارو ڪاريءَ ۾ هڪ ئي هنڌ قتل ٿيل مرد، عورت جو هوندڙ ته ڪو معاوضو نٿو ٿئي پر جيڪڏهن ڪوڙي الزام هيٺ آيل مرد قتل ٿئي ٿو ته قاتل ڌر مٿان پيسن يا جيڪڏهن ڌريون پاڻ ۾ مائٽ آهن ته عورت جو سڱ عيوضي طور ڏنو وڃي ٿو. ڪاروڪاريءَ جي مشڪوڪ قتلن جي چندڇاڻ کان پوءِ هر علائقي جي رواج موجب ڏنڊ/معاوضي جون رقمون وصول ڪيون وڃن ٿيون. "عورتن کي عيوضي طور ٻي ڌر کي ڏيڻ جو مقصد اهو هوندو هو ته جهيڙيندڙ ڌريون جيئن ته نفرتن ۾ گهڻو وقت گذارين ٿيون ان ڪري سردارن اهو سوچي عورتون معاوضي ۾ آيل عورتن کي غلامن وانگر سمجهن ۽ سخت پورهيون ڪرائين ٿا." سرداري نظام جي گهٽي ۾ گهٽي وڪالت ڪندڙ جيڪب آباد جي هڪ سردار چيو جنهن پنهنجي حياتي ۾ ڏهه هزارن کان مٿي فيصلا ڪيا آهن. اڻ لکيل قانون تحت چوڪري (نينگر) سان زوري زنا جا ٽيهه هزار روپيا ڏنڊ وصول ڪيو وڃي ٿو. اڻ لکيل قانونن تحت فيصلا ۽ جرڳا ڪندڙ سردارن کان وٺي عام وڏيرن تائين هر روز ٽي چار اهڙا فيصلا ڪيا وڃن ٿا جن ۾ اڻ لکيل قانونن تحت جوابدارن کي سزائون ڏئي مروج قانوني ڪاروائين کي روڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ڌرجا هڪ ٻئي خلاف ڪيس داخل هجن ٿا اهي فيصلي کان پوءِ سمورا ڪيس واپس وٺن ٿا.

سنڌ اندر اڻ لکيل قانونن جو ڪارونهوار هلائيندڙ اڻ چونڊيل سردارن، وڏيرن ۽ چڱن مڙسن جي چونڊ جو ڪو به بظاهر نظام ناهي ۽ نه ئي انهن جي چونڊ جي ڪا قابليت يا لياقت ڏني وڃي ٿي يا مقرر ٿيل آهي. صرف تجربن ۽ عام فهم آڌار اهي ماڻهن جي روزمره جا فيصلا ڪن ٿا، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن انهن جي زندگين جي مستقبل جا فيصلا به بڻجي پون ٿا. اڻ لکيل قانونن تحت وڏيرن، سردارن جي اوطاقن تي لڳل غير قانوني عدالتن ۾ روزانو فيصلا ۽ نبيرا ڪرائيندڙن ۾ اڪثريت ٻهراڙيءَ جي انهن ابوجهه ماڻهن جي هجي ٿي، جيڪي سرڪاري مشينريءَ تان مڪمل ويساهه ڪڍي وينا آهن. هڪ سردار موجب اڻ لکيل قانون تي انهن علائقن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جا نوجوان ۽ عورتون گهڻ يقين رکن ٿيون پر جيئن اهي عمر جي هڪ حد پار ڪن ٿا/ٿيون ته اهي به انهن اڻ لکيل قانونن کي مڃڻ، انهن ۾ يقين ڪرڻ شروع ڪن ٿا. سنڌ اندر ڪجهه اڻ لکيل قانون اهي به رائج آهن ته جنهن ڇوڪريءَ جو سڱ هڪ ڌر ونڻ واري آهي ته ان جي سڱ ونڻ (خريدڻ) لاءِ ٻي ڌر آڇ نٿي ڪري سگهي. ائين ڪير به ڪندو ته ڪيس برادري جو ڏنڊ ڀرڻو پوندو، اهو قانون (اڻ لکيل) بلڪل ائين هلي ٿو جيئن هنن علائقن ۾ واپاري ڪنهن به پلاٽ، زمين يا مشينري جي سودي وقت آڇ مٿن ڏئي ڪنهن جو به سودو نه ٿو ڦٽائي سگهي. سرداري نظامن تحت انهن جي ئي اڻ لکيل قانون جي پاسداري ڪندڙ ڪجهه پڙهيل لکيل ماڻهن جو خيال آهي ته رياستي ادارن جي ڪمزوري ۽ سست رفتاري سان نتيجا ڏيڻ سبب ماڻهن جو مروج قانونن تان ويساهه ئي ڪجي ويو آهي ۽ اهي انهن اڻ لکيل قانونن تي وڌيڪ ڀاڙين ٿا، جتي بنا ڪنهن خرچ جي سندن اعتبار ۽ مرضي موجب ڪين انصاف ملي وڃي ٿو. هو چون ٿا ته رياستي ادارن ۾ ڪنهن به زيادتي، ڏاڍائي خلاف دانهڻ تي ايترو خرچ ۽ وقت لڳي ٿو جو هڪ طرف دانهيندڙ ماڻهو ڪنگال ٿي وڃي ٿو جو هڪ طرف قانون ۽ انصاف تان سندس ايمان ڪڇي وڃي ٿو. سندن چوڻ آهي ته سادي ايف آءَ آر ڪٽرائڻ جا به جڏهن پئسا ورتا وڃن ٿا ته اهڙي نظام جو ڪونه ڪو متبادل تي اچي ئي ويندو. انهن پڙهيل لکيل سرداري حلقن ۾ اها ڳالهه به عام مشهور ۽ حوالي طور اچي ٿي ته جڏهن هڪ هوم سيڪريٽري پنهنجي پاءُ ۽ موچاري شهرت رکندڙ ڪهاڻيڪار نسيم کرل جي خون کي ڪورٽن بدران پنجهتين سالن ڪان پوءِ به انهن اڻ لکيل قانون تحت اچي نبيري ٿو ته پوءِ عام ماڻهو تي ميار ڏيڻ اجائي آهي. هي حلقا موجوده مروج قانونن ۾ ڪيترائي جهول ٻڌائن ٿا ۽ اهو منطق به سمجهائن ٿا ته ماڻهو سرڪاري عدالتن ۾ ڪوڙ ۽ خانگي عدالتن ۾ سچ ڳالهائيندو آهي. هوڏانهن عدالتي ڪارونهوار سنڀاليندڙ ڪجهه سينئر عملدار اهو مڃن ٿا ته سرڪاري عدالتن ۾ ڪوڙن قسمن ۽ قلمن تي ڪوڙيون شاهديون ڏيندڙن جا ٽولا سرگرم آهن، جيڪي پئسن عيوض ڪنهن به وقت ڪنهن جي به خلاف ڪا به ڪوڙي گواهي ۽ شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار رهن ٿا. سرڪاري عدالتن ۾ ڪوڙن ڪاغذن تي ضامن پوندڙ جا به ٽولا ڪوڙن شاهدن جيان ئي سرگرم آهن. ان ڏس ۾ قانوني عدالتن جو ڪارونهوار هلائيندڙ اڻ لکيل قانونن ۾ اهڙيون ترميمون ڪيون وڃن، جن ۾ ڪميونٽي جي نمائندن جي شرڪت هجي ۽ اهڙي شرڪت ٿاڻن جي سطح تائين هجي ته جيئن ڪوڙيون ايف آءِ آر درج ٿيڻ بند ٿي وڃن، ڇو ته ڪوڙين ايف آءِ آرن سبب ئي جهيڙا وڌي جرڳن تائين پهچن ٿا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڪارنهن جو ڪاروبار

شڪارپور جي هڪ واپاري جو نوجوان پٽ ڪجھ مهينا اڳ جڏهن پنهنجي ضلعي جي ٻهراڙي ۾ پنهنجي مائٽ قرضدارن کان قرض اوڳاڙڻ ويو تہ هنن ڪيس مائٽياڻي قرب ۾ رات ترسڻ ۽ صبح سان پيسا ڪٺي وجڻ لاءِ چيو. اڌ رات جو نوجوان جي ”خون ٽڙي خون ۽ ناحق ٿي ويو“ جي رڙين تي اک کلي تہ سڄي پاڙي جون عورتون ۽ مرد هڪ هنڌ گڏ ٿيل هئا. هن اجان پنهنجي بستري مان نڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ سندس اهو اڌڙوٽ مائٽ رت ۾ ڳاڙهي ٿيل ڪهاڙي ڪٽيون ڏانهس وڌڻ لڳو، جنهن ڏانهن سندس ڏيڍ لک روپيا قرض رهيل هو. هو تڪڙ ۾ بستري مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن بچاءِ لاءِ واجهائي رهيو هو تہ ان ڪهاڙي ڪٽي ايندڙ همراهہ ڪي سندس ٻين مائٽن پاڪر وجهي روڪي وڌو ۽ ڪجھ عورتون ڏانهس ڪلام پاڪ ڪٽي آيون تہ ”ڪوڙ تي اهڙو ناحق نہ ڪر“ اها فلمي سين اجان جاري هئي تہ ان نوجوان کي هڪ بظاهر رحمدل پوڙهو پاڻ سان وٺي ويو ۽ ڪيس سائيڪل ڏيندي چيائين ”پٽ تون تہ هن باهہ مان نڪري وڃ پوءِ وڏڙا پاڻهي پيا منهن ڏيندا“

ان ڳوٺ ۾ ان رات مائٽاڻي سرڪل ۾ اٽوٽندڙ چاليهن سالن جي عورت ان نوجوان واپاريءَ سان ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ٿي هئي. ۽ سندس وڏڙن ان مامري کي ائين منهن ڏنو تہ قرض سمورو ڏنڊ ۾ معاف ڪري ان ڌر سان مائٽاڻو ۽ قرضداري وارو رستو ئي ختم ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ ڪارنهن هيٺ قتل ٿيل قتلن خاص ڪري عورتن جون خبرون روز اخبارن ۾ پڙهيون وڃن ٿيون ۽ ڪنهن حد تائين اعتبار بہ ڪيو وڃي ٿو تہ ان قسم جي واقعن ۾ واڌ اچي وئي آهي پر ڪچي وارن علائقن ۾ رهندڙ نام نهاد غيرتي پوڙهن کي اهڙن واقعن تي ڏاڍي ڪاوڙ وٺي ٿي. هو اهڙن علائقن ۾ رهن ٿا جن جي آسپاس اردو محاوري جيان آئي دن اهڙا واقعا ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن جي پسمنظر جي بہ ڪين پروڙ هجي ٿي. لاڙڪاڻي جي اهڙي ئي غيرتي پر ڪلمڪ پوڙهي جو چوڻ هو تہ ”ماحول گهٽو منجي ويو آهي. حقي قتل تہ ڪو ڪو ٿئي ٿو ناحقي واقعا وڏي ويا آهن.“ هن پنهنجي ڳالهہ ۾ اهو بہ واڌارو ڪيو تہ اصل ڪارن ۽ ڪارين جي چونڊ ڪبي تہ ڪارتوس ئي ڪٽي پوندا. بهرحال ان پوڙهي جي راءِ سان ڪير سهمت ٿئي ٿو يا نہ پر واقعن پويان اصل ڪارڻ ڳوليندڙن کي اها پروڙ آساني سان پئجي ويندي تہ ڪارنهن جو الزام اڄڪلهہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

کھڙي نہ گدلي ڪاروبار جو نالو ٻڌجي پيو آهي. ان ڪاروبار ۾ رڳو قرض واري رقم ئي معاف نٿي ڪرائي وڃي پر بي رحميءَ سان قتل ڪيل عورتن جي خون بها بہ وڏي بيشرمي سان روڪ رقم طور ورتي وڃي ٿي. ان ڪارنهن جي ڪاروبار جو وڏيڪ اونداهو پاسو تڏهن بہ سامهون آيو جڏهن گهوٽڪي پرسان چوڪراٽي سنگت جي تڪرار تان ٽيل قتل ڪيسن مان پنهنجو سر بچائڻ خاطر هڪ همراهہ پنهنجي شريف پاجائيءَ کي ان ئي ڏينهن قتل ڪيو جنهن ڏينهن رستي ۾ ان همراهہ کي قتل ڪيائين، جيڪو سندس سهٽي چوڪري جو تازو سنگتي ۽ سندس رقيب ٿي پيو هو. اهڙي ڪاروبار کي وڏي ۾ وڏي هٿي اهي راجوڻي فيصلا قانوني رليف ڏين ٿا جن جي تحت هو پنهنجي غيرت تڪڙ ۾ ثابت ڪري وجن ٿا. اهي فيصلا ائين ٿين ٿا جيئن راڌڻ جي ٽيليفون آپريٽر جي 9 مهينا اڳ ٽيل قتل جو فيصلو هڪ پ پ اڳواڻ (جيڪو هاڻي سردار بہ سڏرائي ٿو) ڪري ڇڏيو. ان فيصلي ۾ فريادي ڌر کي قتل ڪيس واپس وٺڻ ۽ الزام هيٺ آيل چوڪريءَ کي طلاق ڏيارڻ جا فرمان جاري ٿيا. ”اهڙا فيصلا انڪري بہ تڪڙ ۾ ڪرائي هرڪا ڌر جان آجي ڪرائڻ چاهي ٿي جو ڪين وڏي ۽ سالن تائين هلندڙ خونريزي ۾ خطرو رهي ٿو.“ شڪارپور جي هڪ مناسب حد تائين پڙهيل لکيل همراهہ چيو، جيڪو پير ڳوٺ پرسان معصوم ٻارڙن ۽ عورتن سميت ٽيل ڇهن قتلن جي خبر پڙهيو وينو هو جنهن ۾ ان بي رحم ڪاروائيءَ جو ڪارڻ ڪجهہ مهينا اڳ ٽيل ڪارنهن وارو معاملو ٻڌايو وڃي ٿو.

هاڻي جڏهن مرد کي مرد سان ڪارو ڪري مارڻ جا واقعا بہ رپورٽ ٿيڻ لڳا تہ ڪيئن نہ ڪشمور ويجهو پيءُ پنهنجي پٽ کي ڪارنهن جي الزام هيٺ ماري سندس سسي ڪٽي فرار ٿي ويو يا ڪجهہ مهينا اڳ شڪارپور جي ڳوٺ ”گهر پنهنجا“ ۾ پائرن غيرت اچي ڏنار پاءَ کي قتل ڪري ڇڏيو. ڪارنهن وارو معاملو سنڌ لاءِ جڻ تہ ڪاريهر نانگ وانگر ڪر ڪٽي بيٺو آهي. سوال اهو آهي تہ ان کي اين جي اوز جي واويلا منهن ڏيئي سگهندي يا مانيٽرنگ راند ڪيڏيندڙ حڪمران؟ ڪجهہ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تہ اهو خيال آهي تہ عورتن جي حقن جي پاسداريءَ جا پوسٽر ڪٽي هلندڙ اهي اين جي اوز بہ ان ڪارنهن جي ڪاروبار ۾ شريڪ آهي جنهن جي راڳڻي ڳائي هو لکين روپيا ڪمائي رهيون آهن. پر چپ چورڻ کان سواءِ هنن ڪڏهن بہ ڪو اهڙو ڪيس هٿ ۾ نہ ڪنيو آهي جنهن سان ڪارنهن واري مامري کي رڳو اخلاقي شڪست بہ اچي سگهي هجي. ”ايمانداري سان چوان ٿو تہ سموريون اين جي اوز جيڪي عورتن سميت انساني حقن جون دعويدار بڻيل آهن. اهي صرف ڇهن مهينن جي پنهنجي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ گڏجاڻين



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي بجيٽ بچائي ڏين ته هو سنڌ ۾ اهڙو ادارو نه رڳو قائم ڪري به هلائي به سگهن ٽيون جتي ڪارنهن جي ستايل عورتن کي سڪون، تحفظ ۽ مالي سهائتا ملي پوي.“ اين جي اوز جي ڪلچر کان چڱي ريت واقف هڪ مڊل ڪلاسي همراهه چيو. سندس ڳالهه ۾ واڌارو ڪنهن بئي هينئن ڪيو ته اين جي اوز ذريعي جيڪڏهن ڪاڇي، شهدادڪوٽ يا ناري جي ڪا ڇوڪري اسلام آباد، ڪوهه مري ۽ ڪراچي گهمي ڦري ۽ هوٽلن تي ترسي اچي ٿي ته سڄي ڳالهه آهي پر سندس جان وري به ڪارنهن جي تلوار کان آجي ناهي ڇو ته هوءَ اهڙي سماج ۾ رهي ٿي جتي اردگرد اهو قاتل ڪلچر حاوي آهي. قانوني توڙي راڄوٽي طور ڪيس ڪو تحفظ ناهي. اين جي اوز ان تحفظ جو بندوبست ڪن نه ته اهي محدود دائري ۾ ئي ”شعور ڦهلائيندڙيون“ رهنديون ۽ سنڌ جون عورتون ناحق قتل ٿينديون رهنديون. جيئن ڪنهن زماني ۾ هڪ شاعر چيو هو ته ”سنڌ وڏو واپار... “ يعني سنڌ جو نالو ڪٽي ڪٽي ان کي ڪير به ڪيترو ڪيش ڪرائي سگهي ٿو. ائين ئي اڄوڪي سنڌ جو منظر نامو ڏسي ڇوٽو پوي ٿو ته ”ڪارنهن“ وڏو ڪاروبار بڻيل آهي. جنهن کي جيترو عقل سمجهه آهي اهو ان کي ايترو ئي ڪيش ڪرائي سگهي ٿو. ڪو پنهنجي سر بچائڻ لاءِ، ته ڪو پنهنجو قرض لاهڻ لاءِ ڪو وري پنهنجي پيٽ پرڻ ۽ سماجي رتبو وڌائڻ لاءِ ڪارنهن کي استعمال ڪري رهيو آهي. جنوني ۽ بيرحم انسانن سنڌ کي ڪيئن نه ڪٻاڙ خانو بنائي ڇڏيو آهي. جنهن جي ذري پرزي مان ”ماڊرن“ ماڻهو عجائبات ڳولي ڳولي ڪڍن ٿا. ڪٽان ڪارين جو ڪوٽ ٿو ليڄي ته ڪٽان وري ڪارين جو قبرستان برآمد ٿي عالمي ميڊيا تي مقامي ماڊرن ماڻهن جي مهربانين سان فليش ٿئي ٿو.

اهڙي ماجرا ڏسي دل ڇوي ٿي ته ان پڙهيل لکيل ڇرئي دوست جي سوال ۾ گم ٿي وڃجي ته سنڌ ۾ ڪارنهن جو رواج نه هجي ها ته جنوني جاهل ماڻهن ۽ اين جي اوز وارن کي پنهنجو ڪاروبار هلائڻ لاءِ آخر ڪهڙو اشو هٿ اچي ها؟.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ذلت جون ماريل عورتون

اڄوڪي ڏينهن عورتن جي حقن بابت ٿيندڙ پروگرامن ۾ ان معصوم ڪنوار ڪي سنياريو ويندو الائي نه، جنهن ڪي سڳاوتي تڪرار تان ”غيرتي مڙس“ سهاڳ رات ئي قتل ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن ڪنهن پروگرام ۾ سڄاول جوٽيجو جي ان رحيمان ڪي ساريو به ويو تڏهن به انهن هزارين رحيمائن جو ڇا ٿيندو، جيڪي پنهنجي گهرن ۾ سدائين امتحانن ۽ سدائين نشانن تي آهن. جيڪي پيءُ جي گهرن ۾ نوڪرياڻين وانگر گذارين ٿيون ۽ مڙسن جي گهرن ۾ ڪنيزن جيان گذارين ٿيون. حسن مجتبىٰ شايد ان ئي خيال اسان جي سماج ڪي عورت دشمن آبادي ڪوٺيو هو. اهري سماج ڪي هوندئن به پلا ڇا ڇئجي جنهن ۾ عورت جي عزت نفس ڪان وٺي حياتي تائين هر ساهه ۾ جذبي جي ڪا گارنٽي نه هجي. انهن جي ته ڪنهن به ڪاتي ۾ ڪا انشورنس به ٿيل ناهي. سنڌ ڪي اڃا ڪي ايڪسپلوروز ته اڃي ايڪسپلور ڪندا پر اها ڳالهه شايد حساس دل ۽ نفيس جذبن وارن ماڻهن لاءِ حيران ڪندڙ حد تائين پريشان ڪندڙ هجي ته سنڌ ۾ رشتداريون محبتون وڌائڻ خاطر نه پر دشمنيون پاڙڻ خاطر ڪيون ويندون آهن.

سنڌ اندر روزانو جيترا ماڻهو نام نهاد ”سڳاوتي تڪرار“ تان مرن ٿا ايترا شايد ڪنهن بي ”وبا“ ۾ نه مرندا هوندا. اهڙن تڪرارن ۾ قتلن جو تعداد اڃا به وڌي وڃي ٿو جڏهن اهي ”سڳاوتي تڪرار“ قبيلائي جهيڙن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا. شادي ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ ڪان وٺي جيون ساٿي چونڊڻ تائين دنيا ۾ پلي ڪيترا به فلسفا رائج ٿي وڃن پر سنڌ ۾ اڃا به سڳاوتي تڪرار جي نالي ۾ ان ڪنوار جي ڪک ۾ بندوق هنئي وڃي ٿي جنهن ڪي نه چاهيندي به مائٽ پاڻپي برادريءَ جي دٻاءَ ۾ اڃي مجبوري وچان پرڻائين ٿا. ”بهار جي هيءَ موسم به سنڌ جي جواني ڪان پاسو وٺي گذري وئي ۽ بهارن جي جشن ملهائڻ بدران سنڌ جي جواني يا ته گولين جو کاڄ ٿيندي رهي يا زهر ڦڪيندي رهي.“ هڪ اديب دوست چيو. سنڌ اندر روايتي طريقي سان ٿيندڙ رشتن ناتن جي جڙڻ ۽ ٽٽڻ ڪان واقف ماڻهن جو چوڻ آهي ته سماج جا پرائمري يونٽ (گهر) اڪثر ان ڪري افراتفريءَ جو شڪار آهن جو سندن رشتا غلط طريقن (رسمن) تحت ٿيا آهن. سماجي سائنس جي ان موضوع سان دلچسپي رکندڙ پڙهيل لکيل ماڻهن جو اهو به چوڻ آهي ته سنڌ اندر سڳاوتي تڪرار يا گهرو اڻبت تان زهر کائي پاڻ ماريندڙ عورتن ۽ مردن ڪان وٺي اهڙي نموني جي جهيڙن تائين مرندڙ سمورا ماڻهو انهن غلط رسمن جو هر روز شڪار ٿين ٿا. اهڙن تڪرارن ۾ گهٽي لوڙيندڙ عورت ئي هجي ٿي جيڪا پٺائي جي انهن سٺن واري صورتحال ۾ اڙيل آهي ته:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مون کي مون پرين، ٻڌي وڏو ٻار ۾،
ايا ايئن چون، متان پاند پسائين.

سنڌ اندر ريتن رسمن تحت ٿيندڙ سگاوتين کان ته هر کو واقف هجي ٿو پر انهن رسمن جي اپن ڪندڻ واري واٽ تي هلندڙ عورتن جو ڪرب شايد ڪنهن ڪنهن ئي محسوس ڪيو هوندو. ”مان پنهنجي مڙس ۽ ٻارن سان گهر ۾ خوش هئس، ابي وارن منهنجي سهري سا ڪا ڪاروباري اڻبڻت تي پئي، جڏهن اها وڌي وئي ته هاڻي ابي وارا مونکي طلاق وٺڻ لاءِ چون ٿا، جيڪا مان نٿي وٺڻ چاهيان.“ نري ميرواهه جي ٽن ٻارن جي ماءُ چيو جنهنجي ٻي شادي به سندس موٽي ”ابي“ جي مرضيءَ سان ئي ٿي هئي. اخبار ۾ گهڻو وقت اڳ اهڙو ڏيان طلب ڏياريندڙ عورت جي هاڻي شايد طلاق ٿي به وئي هجي. ان عورت جو درد به شهدادڪوٽ پرسان وينل ۽ پڙهيل لکيل ان قبيلائي ڇوڪريءَ جي درد سان ملندڙ آهي جنهن کي سندس مائٽ گريجوئشين تائين پڙهائڻ کان پوءِ هاڻي ”سگاوتي تڪرار“ تارڻ خاطر هڪ اتي ڇڪيءَ جي اڻپڙهيل مزدور سان زوريءَ پرڻائڻ چاهين ٿا. هو اهو ”عذاب“ تارڻ لاءِ شاعري ڪندي ۽ پنهنجي دوستن وٽ فرار ڳوليندي پئي وتي پر آخر ڪيستائين؟... سندس حشر به ڳيريلو جي ان وڏين اکين واري ذهين شاگرداڻيءَ جهڙو (شايد) ٿيڻو آهي جيڪا نندپڻ ۾ طئه ٿيل رشتن موجب شادي ڪرڻ جي پابند بڻي ۽ هن وقت ڪنهن ڪمپيوٽر ليب ۾ هجڻ بجاءِ هو ڇهن ٻارن جي اهڙي ماءُ بڻجي وئي آهي جنهن کي پيئڻ وارو پاڻي پرڻ لاءِ صبح وشام ڏورانهين پنڌ تي وڃڻو پوي ٿو. نندپڻ ۾ ڏي وٺ جون شاديون صرف اهو ئي عذاب عورتن تي ڪونه ٿيون آڻين پر سندن زندگي ان عورت جي زندگيءَ جي محتاج بڻيل هجي ٿي جيڪا سندس عيوضي ۾ سندس پاءُ، سئوٽ يا چاچي کي ڏنل هجي ٿي جيڪا سندس عيوضي واري عورت کي پنهنجي مڙس مار ڏني ته ايتري ئي مارڪائڻ سندس مقدر ۾ هوندي. جيڪڏهن عيوضي واري عورت جو کائڻ پيئڻ بند ٿيندو ته هوءَ اها ماني کائڻ به کائڻ جي حقدار نه هوندي جيڪا هن پنهنجي هٿن سان پچائي هوندي. ذلتن واري گهرو زندگي گذاريندڙ اهرين عورتن کان گهڻو واقف ماڻهن جو چوڻ آهي ته اها واهيات مقابلي بازي ايتري تائين دنگ نٿي ڪري پر جيڪڏهن عيوضي واري ڇوڪريءَ کي سندس مڙس هار سينگار ته نه پر جتي، ڪپڙا ۽ صابڻ نه وٺي ڏنو ته عيوضي ۾ آيل عورت به انهن ”نعمتن“ کان محروم رهندي. اهڙي مقابلي بازي ۾ شامل ٻئي ڌريون جڻ ته سولي سنڌيءَ وارو هڪٻئي جو پاڻي ڪڇنديون آهن. سالن تائين ڇا حياتين تائين هلندڙ ان مقابلي بازيءَ ۾ جنهن جو حوصلو يا دماغي رڳون جواب ڏيئي وينيون اهو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فرسٽريٽ ٿي ڪنهن نہ ڪنهن پنهنجي گهر ڀاتي (زال ڀاڄائي وغيره) کي يا ٻي ڌر وارن کي قتل ڪندو ۽ اها هوندي سڳاوتي تڪرارن ۾ وڙهندڙن جي اڪثريت پاڻ ۾ سئوٽ، ماسات، ماروٽ، ڀڳات جهڙن رشتن ۾ ڳنڍيل هوندي آهي. " اهي قرآن تي صلح ڪرڻ کان پوءِ بہ وڙهندا آهن." شڪارپور جي هڪ جرڳائي جج (سردار) ٻڌايو. هن اهو بہ ٻڌايو تہ اهڙن جهيڙن ۾ ملوث ڌرين جون عورتون ڏنار بنا ڏڻ جيان هونديون آهن. اهي ڪڏهن ڻاٽن تي ڪٽبيون آهن تہ ڪڏهن سردارن جي حويلين ۾ غلاماڻي زندگي گذاريندي يون آهن. اهڙن تڪرارن ۾ ملوث ماڻهو پنهنجي عورتن جي احساسن ۽ جذبن کي قدر جي نگاهہ تہ ڇا پر ڪنهن بہ نگاهہ سان ڪونہ ڏسندا آهن. "چوريءَ کي مٽي تہ نہ ڇاڙهہ، اڳي ئي گهٽي آڪٽيل (خوداعتماد) آهي. صبح شام جو موچڙي جو زيبٽ لائينس تہ پاٺي سڌي ٿي ويندي." ڳڙهي ياسين پرسان ڳوناٽي پٽر ۾ تازو پرڻجي آيل نوجوان کي سندس اڌڙوٽ عمر واري سئوٽ "مرداڻو مشورو" ڏنو ۽ جڏهن اها عورت سندن پرسان گذري تہ هن ڏاڍيان چيو "موچڙو آ گهٽ ماني آ ڊووءَ تي تہ پوءِ ڪيئن نہ رنن ۾ آڪڙ وڌندي. منهنجي مجين تہ لنين جا اهي آهورا ڪديئنس جو تنگون پجي پونس." اهڙا مرداڻا مشورا نون پرڻجي آيل نوجوانن (جيڪي اڪثر ڪري ٻارنهن کان ارڙهن سالن جا هجن ٿا) کي اجان بہ ٻهڙارين ۾ اثرائتي نموني ڏنا وڃن ٿا. جيڪي هو ترت قبولي ونن ٿا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ماڻهوءَ کي مڙس ماڻهو ۽ زال کي محبت ڏيندڙ کي نفرت وچان "جوءِ جو غلام" ۽ "رنن جهڙو" يا "ماديلو"چيو وڃي ٿو.

ڳڙهي ياسين پرسان قمبراڻين وچ ۾ هن سال جي پهرئين ڏينهن ٽيل راڪيٽ لانچرن واري جهيڙي کان پوءِ ٻنهي ڌرين جون عورتون گرفتار ٿي ٿاڻي تي آيون هيون. انهن عورتن ۾ هڪ اڌڙوٽ عمر واري عورت اها بہ هئي جنهن جو مڙس هڪ ڌر ڏانهن وڙهندي مري ويو ۽ پاءُ ٻي ڌر طرفان. ان عورت جي حياتي ڪيتري سکي هوندي / گذرندي جيڪا پنهنجي پاءُ جو غم پنهنجي گهر ۾ ۽پنهنجي مڙس جو غم پنهنجي پيڪن (پاءُ جي گهر) ۾ روئي نہ پئي سگهي. هوءَ صدين جو اهو الميو پاڻ جهڙين هزارين عورتن جيان اندر ۾ سانديون اجان بہ جيئري آهي ۽ اهڙي مدار تي پهتي آهي، جتي غم ۽ خوشيءَ جي ڪيس خبر ئي نٿي پوي. سندس اولاد واري سهاري جا دشمن سندس پائر ۽ ان اولاد جا ماما ئي بڻيا آهن. هو اهو غم قطرا قطرا ڪري پيئنديون رهن ٿيون ۽ ڪنهن سان بہ شيئر نٿيون ڪري سگهن. اهڙن مڙسن آڏو غلامي ڏين ٿيون جيڪي سندن پائرن جا دشمن آهن، اهڙين عورتن جون روداليون اجان تہ ڪنهن اين جي اوز بہ نہ ڳايون آهن، جيڪي پنهنجي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ئي گهرن ۾ ائين واڙيل آهن جڻ تہ ڪنهن نام نهاد نجي جيل ۾ واڙيل ڪولهاٽيون هجن. اهڙين عورتن جا مرد اڪثر ڪري ڇوڪري بازيءَ واري ريڊي ميڊ جهان طرف هليا وڃن ٿا يا ڪجهہ وري پراوا لوڙها لتاڙيندا وتن ٿا. اين جي اوز جي ڪنهن بہ فورم اهڙين عورتن جي ذلتن ڪي نروار نہ ڪندڙن تي ڪاوڙيل هڪ فيمينسٽ مرد چيو تہ "اين جي اوز عورتن جي حقن بابت جيستائين پنهنجو نام نهاد شعور ڦهلائين تيستائين اسانجي اڌ آبادي تہ قتل ٿي چڪي هوندي." پر شايد عورتن جي ان جذباتي همدرد کي اهو پتو ناهي تہ رشتن ناتن ۽ سڱاوتي تڪرارن جي الميں ۽ عذابن مان گذرندڙ عورتن مٿان اهو بہ لازم هوندو آهي تہ هو پنهنجو نسل وڌائين تہ جيئن عذابن جو اهو سلسلو ايندڙ نسل تائين منتقل ٿي سگهي. اهي چاهيندي يا نہ چاهيندي بہ "ڪيٽل فارمن" ۾قاتل جانورن جيان مڪمل روانيءَ سان پنهنجو نسل پيدا ڪنديون رهن ٿيون جنهن مان ڇوڪرين لاءِ تہ ساڳي ئي اها عذابن واري ٻني ٻريل رهي ٿي پر ڇوڪرو جيڪڏهن ڊسٽرڪٽ جيل سکر ۾ واڙيل ان ڪنڌڪوٽي ڇوڪري جيان نام نهاد غيرتي هوندو جنهن کي اڃان مڇن جي ساول ئي مس آئي تہ هو پنهنجي ماءُ کي بہ ڪاري ڪري ماري ڇڏيندو ۽ جيل ۾ قيدين مٿان تہ ڪڙڪو ڪري چوندو "غيرت ۾ آيا آهيون" پر پنگوڙي سپاهيءَ آڏو اونڌو ٿي ٻيهي رهندو.

گهرو عذابن ۾ گذاريندڙ عورتون ايتريون هيسيل ۽ اوسي پاسي جي ترقيءَ کان اڻواقف هجن ٿيون جو هو ٽرين ۾ چڙهندڙ ٽڪيٽ ڪليڪٽر کان بہ ڊڄي وڃن ٿيون. هو قسمت سان ٻاهر نڪرن ٿيون ۽ چونڊڪي جي ان نئين پرٽيل ناريءَ جيان هراسيل ۽ اڻ واقف هجن ٿيون جنهن ٽيڪسي ڪار جي ڊرائيور پاران سامان رکڻ لاءِ کوليل ڊگيءَ مان ٽپو ڏئي ڪار ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ڊرائيور پاران ٽوڪڻ تي هن معصوميت مان چيو هو "ادا ويگن "ڏبو" ۾ تہ پويان ويهبو آهي نہ." هو پنهنجو اعتماد ايترو وڃائي ويهن ٿيون جو ڪڏهن ڪڏهن "امير" مائٽن وٽ ٽي وي تي ٽينس راند ڏسندي بہ شرمائجي وڃن ٿيون ۽ پنهنجي ننڍي عمر جي ڪنهن حجائتي مائٽ کي چون ٿيون تہ "بيحائي تہ ڏس مايون اگهاڙيون بيٺيون ٿيون ڪيڏن."

بهتر زندگي، خوداعتمادي، ترقي ۽ تفريح اهڙين عورتن کان ائين پري آهن، جيئن پاڪستاني جيلن ۾ واڙيل قيدياڻين کان سٺي کاڌ خوراڪ ۽ دوائون پري آهن. هو پنهنجي جوان ٿي ويل پٽن سان بہ ڏکي ۽ هبڪي ڳالهائين ٿيون تہ ڪٿي هو ڪاوڙجي سنڌس سسي نہ لاهي وجهي. هو شاديءَ جي سنگهرن کان وٺي سمورن رشتن ناتن ۾ اهڙو قيد آهن جتان نڪري وڃڻ تہ هاڻي شايد هو پاڻ بہ راضي نہ هجن!



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# حصو ڇهون :

# ڇڙوڇڙ ڳالهيون



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# پاپندين جي پهاڙ تان پيچرا ٺاهيندڙ پيار

بلهڙيجيءَ پرسان ان ڏينهن گهاٽي سرنهن جي ڦولار وارو ٻنو ڏئي ايندڙ ننڍڙي زميندار جي پٽ کي جڏهن ٻئي ٻني سا اها خوبصورت عورت نظر آئي. جنهن کي دوستي رکڻ لاءِ ڪيترائي نياپا ڪرايا هئا ته هو تڪڙيون وکون کڻي پليءَ پٺڻ لاءِ ويندڙ ٻن ٻارن جي ماءُ کي وڃي پهتو. ”اسان سا ڪا ڪاوڙ آهي جا جو نياپن جي ورندي ئي ڪونه ڏنئي.“ هن پنهنجي دل جي دهڪي کي دٻائيندي چيو. هن چپن اندر ئي مرڪي بنا رکجڻ جي ڪيس لاپرواهي مان چيو چو بلا؟ هن ٻني تان هيٺ لهي سندس پاسي ۾ ايندي چيو ڪڏهن ملاقات ڪجي ٻيو وري چا؟ ”اسان جي ملاقات ڏاڍي مهانگي پوندئي.“ هن چڻ ته رضامندي ڏيکاري چڏي ۽ هن ٻه اقرار ڪيو ته پلي سر هليو وڃي پر نباهينداسين“ اتان ان عشق جي شروعات ٿئي ٿي جيڪو سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن نوجوانن لاءِ ايڊونچر ۽ عورتن لاءِ ٻه آبسيشن بڻيل آهي، جنهنجي پڇاڙي ڏاڍي خوفناڪ ٿئي ٿي. سرنهن جي پيلن گلن ۽ ڪڻڪ جي ساوڪ سان سينگاريل وسيع زمينن واريءَ هيءَ موسم چڻ ته پيار جا پاچا ڪڻي پهچي ٿي. ”هي واعدن، اقرارن ۽ ملاقاتن جي موسم آهي، ٿڌين راتن جو ڪو هڪڙو پهر ٻه لوڪان لڪي، محبوب سان ملڻ جو مزوئي ڪجهه ٻيو آهي.“ هڪ عاشق ماستر ٻڌايو. جهيڙن جهٽن ۽ جرڳن جو ڪيترائي پيرا سبب بڻجندڙ هي عشق اجان ٻه جاري آهي جنهن ۾ ڏرين جي منزل شادي ناهي هوندي، ريتون رسمون ۽ پهرا ايڏا سخت ٿين ٿا جو ٻنهي کي اڳواٽ ئي خبر هوندي آهي ته سندن شادي ناممڪن آهي ”اسان جي ذات وارا ٻئي هنڌ سنگ ڏيندا ئي ناهن پوءِ مان هن سان شادي جو وعدو ڪيئن ڪريان ها“ڳڙهي ياسين جي هڪ عطائي ڊاڪٽر وٽ آيل سندس مريض محبوبه ٻڌايو. شهرن ۾ جيئن شادي شده عورتن جي اڪثريت ڪو افيئر هلائڻ کان لنوائي ٿي. ايئن ئي هتي غير شادي شده ڇوڪريون ڪنهن سان ملاقات ڪرڻ کان پري ڀڄن ٿيون. ”پورو ڏيڍ سال مون هن تي محنت ڪئي پر جڏهن سندس شادي ٿي ويئي، ان کان مهينو پوءِ اچي هن مون سان ملاقات ڪئي“ پريا جو هڪ ڪرياني وارو دڪاندار ٻڌائي ٿو. جڏهن ته شادي شده عورتن جو گهڻو انگ ان قسم جي پيار ڪرڻ طرف مائل ٿئي ٿو جيڪو سندن پوري زندگي الزام جي پاچي هيٺ آڻي چڏي ٿو. ”هو اڪثر پنهنجي ڪروڌي مردن جي پيار کان محروم رهن ٿيون ۽ گهر جي پر تشدد ماحول ۾ رهن ٿيون، جنهن ڪري هو پنهنجي غلاماڻي زندگي مان ڪجهه گهڙيون چورائي ان ڪوڙي مرد جي آسرن تي اچي سندس آغوش ۾ هليون وڃن ٿيون جنهن جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سچائي هميشہ سوال نشان بڻيل هوندي آهي.“ هڪ هيڊ مسٽريس ٻڌايو. هونئن تہ ڪنهنجي ڪنهن سان بہ اک اڙجي سگهي ٿي پر ٻنين جي مزدوري ڪندڙ ۽ اڻ پڙهيل عورتن ڪان وني وڏ گهراڻين تان اهو معاملو ڪجهہ مقرر ٿيل معيارن پٽاندر بہ ٿئي ٿو. ”ڪنهن بہ حملي جو آساني سان شڪار ٿي سگهجندڙ ۽ غير محفوظ عورت هميشہ ان مرد سان عشق ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿي جنهن جو تصور طاقتور هجي ٿو“ لطيف يونيورسٽي جي پروفيسر ٻڌايو. هو چوي ٿو اهو ئي سبب آهي جڳ ملهہ، چور يا ڌاڙيل ۽ ظالم وڏيرا اهڙين عورتن جا آئيڊيل عاشق رهيا آهن. ڪنڊڪوٽ پرسان هڪ ڳوٺ جي چڱي مڙس جي ڏيءُ شايد ان ڪري ئي نئين اسرندڙ ڌاڙيل سان وجي سنگت رکي هئي جو هن مقامي پوليس جي ڪمائپ سبب سندس ڳوٺ ۾ چوڪري چواٽي واردات ڪئي هئي، پر عاشقي جي تازي لپيٽ ۾ تازو آيل نوجوان ٻڌائين ٿا هاڻي ٽرينڊ تبديل ٿيا آهن ۽ انهن مڙس ماڻهو ٽائيپ مجنوئن جي جاءِ اچي عطائي ڊاڪٽرن، سيڪڙاٽ ڳاٽڻ، ماسترن ۽ ٽيڪسي ڊرائيورن ورتي آهي. ”اڳي ملاقات ڏاڍي ڏکي مهانگي پوندي هئي يا تہ سيوهڻ يا گاجي شاہ تي وڃڻو پوندو هو پر هاڻي آساني سان پنهنجي ڪلينڪ تي ٿي وڃي ٿي“ ميهڙ لڳ هڪ عطائي ڊاڪٽر ٻڌايو جيڪو ننڍي لاءِ رنگ جو ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ ڪمپائونڊر ٿي ويو. دادو ضلعي جي هڪ درگاہ (جيڪا اهڙن عشق هلائيندڙن جي مک ميٽنگ پوائنٽ آهي) سميت مختلف درگاهن تي ڳوٺان آيل سوالي عورتون پنهنجي عاشقن کي وقت ڏئي اچي چار راتيون يا ست راتيون رهنديون آهن. درگاہ جي آسپاس مسواڙي جاين ۾ رهڻ دؤران هو پنهنجي من جي مراد پوري ڪري ونن ٿيون ۽ دنيا کي ڏيکارڻ خاطر پڙهيل ڌاڳا، پڙهيل مٽي، ڳانا، والا ۽ ڪنگڻ پائي واپس ڳوٺ پهچن ٿيون.

ڪنگن جي لڙاٽيل پاٽيءَ جهڙين انهن پيار کهاڻين دؤران عورتن جي اڪثريت هڪ وقت هڪ ئي مرد سان پيار ڪري ٿي، جڏهن تہ مردن جي اڪثريت هڪ ئي وقت ٽي چار افيئر هلائڻ جي موڊ ۾ رهي ٿي. ”جيتوڻيڪ ٻنهي جو مقصد ساڳيو ئي هجي ٿو پر عورت پوءِ بہ وفادار رهي ٿي، مرد رولو ڪتو ٿي پوي ٿو.“ نصير آباد جو هڪ اڳوڻو هيڊماستر ۽ پاڻ کي عشق تائين محدود رکندڙ جهونو چوي ٿو. عشق جو هي پورو جهان وڏي رازداري (جنهن کي اوپن سيڪرٽ چئي سگهجي ٿو) سان هلي ٿو جنهن ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ کلي پوي تہ وڏي خواري ۽ ذلت هميشہ عورت جي ئي حصي ۾ اچي ٿي. شايد انڪري ئي عورتون هميشہ هڪٻئي جي بهتر رازدار رهن ٿيون۽ هڪٻئي جي محبت ڪامياب ڪرڻ ۾ پڻ سهڪار ڪن ٿيون. هو نياپا ۽ سوکڙيون امانت سمجهي هڪ ٻئي تائين پهچائين



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٿيون ۽ ملاقاتن دوران پهريدار ٿي بيهن ٿيون ”مان هميشھ هنن جي مال واري واڙي پرسان پيل پلال ۾ ملاقات لاءِ ويندو آهيان جتي هو اڳواٽ ئي موڪليل نند جو گوريون تہ سيني (گهرياتين) کي پياري چڙيندي آهي پوءِ بہ خوف خطري کان سندس ياجائي بچائيندي آهي. جيڪا اسان تي پهرو ڏيندي آهي“ شاھ بيلي جي هڪ چور عاشق ٻڌايو ”ڪڏهن بہ اسان پڪڙجي نہ سگهيا آهيون“ اهڙيون عورتون يا تہ پنهنجي يارن کي گهر اندر ئي رات جو گهرائينديون آهن يا وري ڳوٺ کان پري وڃي ملاقات ڪنديون آهن. جوهي وارا ان عورت جو بہ قصو ٻڌائين ٿا، جيڪا مرداڻو ويس ڪري پٽڪو ٻڌي ۽ ڪهاڙي هٿ ۾ ڪٽي ڳوٺان نڪرندي هئي ۽ بہ ميل پري ويٺل پنهنجي محبوب سان ملڻ لاءِ رستي ۾ ڪنهن بہ رڪاوٽ جو هوءَ مڙسي سان مقابلو ڪندي هئي. ”اڄڪلھ عاشقي تي پئي آهي سولي نہ تہ اڳي وڏا ڪشالا ڪرڻا پوندا هئا“ غوثپور جي هڪ جهوني ٻڌايو. گهٽي وفا اهڙين پيار ڪهاڻين ۾ جيئن تہ عورتن طرفان ٿئي ٿي انڪري هو پنهنجي مردن (عاشق) کي ملاقات وقت مختلف طعام بہ کارائينديون آهن. اهڙا طعام انهين ڊگهين ملاقاتن دؤران آندا وڃن ٿا. جيڪي ڳوٺ يا گهر کان ٻاهر ٿينديون هجن. انهن کاڌن ۾ ٻُگل بسري، مڇي يا ڪجهھ بيون شيون هجن ٿيون ”اسان هن ڳوٺ کان ٻاهران واري ڪمند ۾ ملندا هئاسين ۽ هوءَ ان رات مڇي پلي ۽ چانورن جي ماني پچائي ڪٽي ايندي هئي.“ ٻان سيد آباد جو اڌڙوٽ ٽيڪسي ڊرائيور ٻڌائي ٿو. هو مختلف عورتن سان ڪامياب افيئرز جي تجربي آڌار ٻڌائي ٿو ”کاڌ خوراڪ جو خيال خوشحال گهراڻن واريون عورتون رکنديون آهن. باقي تہ خرچ ڪائڻ جي چڪر ۾ هونديون آهن، جنهنجي دل سچي هجي اها پلي غريب هجي يا امير اها پنهنجي يار جو گهڻو خيال رکندي آهي باقي گهڻيون تہ اجايو پيسا ڪائي وينديون آهن.“ دوڙ جي هڪ ميڊيم سائيز سياسي ڪارڪن ٻڌايو. ڳوٺاڻي عشق جي پنهنجي هڪ الڳ ٽرمنالاجي ٿئي ٿي، انهن جا پنهنجا ڪوڊ ورڊ ٿين ٿا پنهنجي دل هٿان مجبور ٿي هڪ نوجوان عاشق، محبوبا جي نندي پيڻ کي اهو نياپو ڏنو تہ ”چئجانس گاھ سڪي ويو آهي پاڻي اچي پيار“ جنهن جو هن اهو مطلب ٻڌايو تہ ساھ سڪي ٿو اچي ملاقات (پيار) ڪريو. يا جڏهن عورتن جي مائٽن پهچي وڃڻ جي خوف کان ملاقات، اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي آيل عاشق کي ان عورت جو اهو نياپو مليو تہ ”لک شاٻسون تنهنجي ياري کي“ تہ هن ان جو ترجمو لک لعنتون تنهنجي نينهن نباهڻ کي ڪري ورتو ۽ نياپو آڻيندڙ اڳيان شرمندو ٿي ويو. اها خبر ناهي تہ اجان بہ ٻهراڙين جا نوجوان پنهنجي محبوبائن کان سينڊ تي هٿ رکرائي وعدا وٺن ٿا يا نہ، پر اهو پتو ضرور پوي ٿو تہ ميڊيا، چيزل شاھ جي ڏاچين جيان هيڏانهن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هوڏانهن ڦرندڙ پريم ڪهاڻين ۾ تبديليون ضرور آنديون آهن. هاڻي تحفن جي تلاش ۾ عجيب فرمائشون به ٿين ٿيون ”ڪلين شيو ته مان پنهنجي مرضي سان ٽيس پر پينٽ پائڻ جي فرمائش هن ڪئي“ قمبر جو يارهين جماعت وارو شاگرد چوي ٿو، جنهنجي پرسان واري ڳوٺ ۾ رهندڙ ڇوڪريءَ سان ڪنهن شادي ۾ اکيون سنگت ٿي وئي هئي.

هي علائقا جيڪي مختلف برادرين جي تڪرارن ڪان پوءِ ٻي ڌر لاءِ ايستائين جو پوليس لاءِ به نوگو ايريا ٿين ٿا، جتي هر شئي ۽ هر چر پر چڻ ته ممنوع هجي ٿي پر پيار اتي به پنهنجا رستا ناهي وني ٿو. پيار ڪرڻ جي نتيجن وارين خطرناڪ ڪهاڻين جي بار بار ورجاءِ ڪان پوءِ به پيار ڪيو ٿو وڃي. آخر ڇو؟ ان سوال جو جواب سوشيالوجي جي هڪ شاگرد ته انساني فطرت ٻڌايو پر وارهه جي ڪارا ڪپڙا پهريل ان اڳوڻي چور ۽ هاڻوڪي سگهڙ (جنهنجي محبوبا ڪي ڪاري ڪري ماريو ويو هئو) ٻڌايو ته ”هي ته سر هي بازي آهي صاحب! سر جو سانگو لاهڻ ڪان پوءِ ئي هيءَ منزل ملي ٿي ته باقي دنيا جي ڪهڙي پرواهه ! جيڪو ڏڄندو اهو هن گهيڙ ۾ نتو گهڙي سگهي“ جيڪڏهن ڪير پيار جو ڏوهه ڪندي ٿڏي ٿي ئي پڪڙجي پوي ٿو ته پوءِ انهن جو ڪيس ملٽري ڪورٽن ڪان به تيز رفتاري سان هلايو وڃي ٿو. سسيون ڏڙن ڪان ڏار ٿين ٿيون. ڪجهه ڏينهن آسپاس افسوس ۽ نراسائي رهي ٿي وري ملاقاتن جا سلسلا شروع ٿين ٿا ۽ ملاقاتن ۾ سرٻات ٿين ٿا ”فلاڻي ڪي ماري ڇڏيائون... نصيب چڱو هئس محبت ۾ مئي... پاڻ پڪڙجي پئون ته؟... وڌ ۾ وڌ ماري ڇڏيندا ٻيو ڇا ڪندا؟“ هو اهڙيءَ طرح موت ڪان ئي محبت هڳ سفر شروع ڪن ٿا ۽ موت ڪي ٻي معنىٰ ٻڌائي محبت جي معنىٰ سمجهائيندا وڃن ٿا. انهن نينهن نهوڙيل جون ڪهاڻيون اڃان تائين جاري آهن ۽ اهي انتهائي دشمناڻي ماحول ۾ به پنهنجي محبت ڪرڻ واري حق تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ناهن.

”اها چوڏهين جي رات هئي جڏهن ڪشمور لڳ ياڳان پنهنجي نئين پرڻيل مڙس ڪي ننڊ ۾ ستل ڇڏي ڳوٺ ٻاهران جنگ ۾ وينل پنهنجي پرديسي محبوب سان ملڻ لاءِ نڪري پئي هئي. هن جون اکيون نري پيل رات مٿان هاريل چانڊوڪيءَ جو حسن پسڻ بدران محبوب ڪي ڏسڻ لاءِ آتيون هيون. سندس پويان ئي اڌ ننڊ اڌ جاڳ وارو مڙس پنهنجي ٻن سئوٽن ڪي ساڻ ڪري اچي ان جاءِ پهتو جتي هو پهرئين ڀاڪر وارو پيار ونڊي رهيا هئا. ڪهاڙيون اپيون ٿيڻ ڪان اڳ ئي ياڳان ان پيڪاڻي پار ڪان آيل پرديسيءَ ڪي بچائي ڇڏيو. ياڳان جي مڙس ۽ سئوٽن ڪهاڙين جا پاها هڻي سندس هڏڱڏ ڀڃي ڇڏيو. هوءَ ملاقات جي سڪ ۾ جيڪو ڳاڙهو رئو پائي آئي هئي ان سان سندس ميندي لڳل هٿ ۽ پير


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻڌا ويا. رئي مٿان پاتل اجرڪ سندس ڳچيءَ ۾ ڦاهوڪري وجهي جڏهن ٻنهي طرفن کان ڇڪيو ويو تہ ياڳان چانديءَ ۽ محبوب ڏسڻ کان پري هلي ويئي. تنهي ڄڻن اهو لاش ڪٽي اچي پرسان واري ڪئنال ۾ اڇليو. جنهن جي وچئين ريگيوليٽر وٽ وينل ماڻهن جڏهن منجهند جو هڪ نوجوان ۽ حسين ڇوڪريءَ جو هٿ پير ٻڌل لڙهي آيل لاش ڏٺو تہ هو حيران گهٽ ۽ پوليس جي خوف کان پريشان وڌيڪ ٿي ويا. هنن اهو لاش در ڪولي اڳتي روانو ڪري ڇڏيو. اها سزا آهي ٻهراڙين ۾ محبت جي جيڪا گهٽو ڪري عورتن کي ئي ملي ٿي ان جي باوجود هو دنيا جي نظرن ۾ ناپاڪ ۽ ناجائز ٻڌيل رشتو نباهڻ لاءِ هر حد پار ڪري وڃن ٿيون.“

شاهہ ٻيلي ۾ جڏهن هڪ خوبصورت ڇوڪري پنهنجي سئوٽ سان نہ نهي تہ هن مٿس ڪارنهن جو الزام هڻي ڇڏيو. شاهہ ٻيلي ۾ ڪارين کي ڪهڻ واري رسم اجان تائين نباهي وڃي ٿي. جڏهن هن ڇوڪريءَ کي ڪهڻ واري مقرر تاريخ آئي تہ ڪيس سينگاري گهر جي اڱڻ ۾ کٽ تي سمهاريو ويو ۽ سندس پيءُ نہ هجڻ ۽ ياءُ ننڍو هجڻ ڪري ان ئي سئوٽ کي ڪيس ڪهڻ جو ڪم سونپيو ويو پر ڇوڪريءَ پنهنجي آخري خواهش اها ٻڌائي تہ ”هي پاڻ اچو ناهي مان هٿان مرڻ نہ قبوليندس. ڪهٽو ئي اٿو تہ منهنجي ننڍي (معصوم) ياءُ کي ڪاتي ڏيو اهو پلي ڪهي.“ ۽ اها رسم ان معصوم کي نباهي پئي. پوري شڪارپور ضلعي اندر اهڙيون ڪئي ڪهاڻيون پکڙيون پيون آهن تہ ڪيئن ڪارين کي ماريو ويندو آهي. هو چڪ وارا نوجوان ٻڌائين ٿا تہ پيار ڪرڻ جي جرم ۾ ڪاري قرار ڏنل عورت کي ماريو ويندو آهي. هو چڪ وارا نوجوان ٻڌائين ٿا تہ پيار ڪرڻ جي جرم ۾ ڪاري قرار ڏنل عورت کي جڏهن ڪاريءَ طور پڌرو (ڊڪليئر) ڪندا آهن تہ ڪيس پنهنجن ڏانهن هفتو کن سڪ لاهڻ لاءِ موڪليندا آهن تہ پلي سندس سهيليون ۽ مائٽياڻيون ان مان پنهنجي سڪ پوري ڪري وٺن، ان دؤران سندس هر خواهش ڦاهي چڙهندڙ قيدي جي آخري خواهش جيان پوري ڪئي ويندي آهي سواءِ محبوب سان ملڻ واري خواهش جي. ڪيس سنا ڪپڙا پارائي پلا طعام ڪارائي آخري ڏينهن تي پنهنجي ويجهي مرد (مڙس، ياءُ يا پيءُ) هٿان ڪهاڙي سان ماريو ويندو آهي. هو ٻڌائين ٿا تہ اهڙيون ڪاريون مارڻ لاءِ اڳي مخصوص جلد مقرر ٿيل هوندو هو جيڪو هاڻي لکيءَ ۾ واندڪائي جا ڏينهن گذاري رهيو آهي. ”مقرر جلاد کي تہ واندڪائي مليل آهي پر هاڻي مرد پاڻي جلاد ٿي ويو آهي“ چڪ جو ڊرائينگ ٽيچر ۽ آرٽسٽ چوي ٿو ”محبت ۾ ڪيڏو نہ ٻٽو معيار هلندو ٿو اچي. اهي مرد پنهنجي عورتن کي ڪاري سڏي مارين ٿا جيڪي پاڻ هڪ ئي وقت ٻن ٽن عورتن سان پيچن ۾ پورا آهن“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ھھڙن علائقن ۾ عورت جي زندگي مرد جي منشا تي ھجي ٿي ھو ڪيس ڪنھن سان اعتراض جوڳي حالت ۾ ڏسي بہ اکيون پوري سگھي ٿو ۽ ڪٿي قبر سان ڪاري قرار ڏئي بہ ڪيس ماري سگھي ٿو. ھڪ ماستر ٻڌائي ٿو تہ ڪنھن مائٽ جي گھر وڃي جيڪڏھن ڪنھن ڇوڪريءَ يا عورت سان ھٿ ملائيندي ھن ڪو رشتو نہ سڏيو (ادي، پيڻ، امڙ جھڙو) يعني گونگو ھٿ ڏنو تہ اھو بہ ڪارو ھوندو ۽ ڇوڪري بہ ڪاري، جڏھن تہ ھن اھڙو مثال بہ ٻڌايو تہ "ڪنھن شخص قبرستان ۾ وڃي تازو گذاري ويل عورت جي قبر مٿان قل بخشيا تہ ان مري ويل عورت جي مڙس ڪيس قبر سان ڪارو قرار ڏئي مارڻ جو اعلان ڪيو" عشق جي گھٽي ھتي ڏاڍي سوڙھي بڻيل آھي جتان سر ۽ ساھ جو سانگو لاھي ھلڻو پوي ٿو. ان گھٽي ۾ مردن جي اڪثريت سدائين پوئتي ھٽي ٿي "مونکي خطرو تہ اڳي ئي ھو تہ ڏنگي ذات وارا آھن پر ھن ضد ڪيو تہ گھر ۾ ئي اچ" مدئجي وارو عطائي ڊاڪٽر ٻڌائي ٿو. اسان بہ اجان ويناسين تہ ھن جو مڙس ڪھاڙي کڻي اچي مٿان بيٺو. ھوءَ سائين مڙس ماٺھو ھئي مڙس کي پاڪر ۾ جھلي مون کي ڇپائين پڇ ۽ مان خدا جا شڪر ڪري جو ڀڳس تہ وري نہ ويس پوءِ خبر پئي تہ ڪيس اتي ئي ڪھاڙيون ھڻي مڙس ماري ڇڏيو ھو" ھن کي ڇڻ تہ ان جي موت جو ڪو افسوس نہ ھو. جيستائين فيصلي ۾ ڪاريون ثابت ٿين تيستائين انھن عورتن کي سردارن جي ڪوٽن اندر ٻانھيءَ طور رکيو وڃي ٿو. ڪوٽن اندر اڪثر سرداري گھراڻن جا ٻار انھن سان ڪيڏڻ ۾ ڪو حرج ناھن سمجھندا. اڳوڻو ھيڊماستر چوي ٿو اھي ئي عورتون جن کي پنھنجي پسند تي پيار ڪرڻ جي سزا ڏني وئي ھئي، انھن کي سردارن جا ٻالڪا تعلقات رکڻ تي مجبور ڪندا آھن ۽ انھن ٻالڪن لاءِ ڪي سزائون ناھن ھونديون، اھي ڪارين جي ڪوٽن ۾ رھنديون آھن ۽ ٻانھيون ٿي حويلين ۾ ڪم ڪن ٿيون. ڇون ٿا تہ ڪجھ سال اڳ گھوٽڪي ضلعي ۾ ڪارين جي ڪوٽ مان ڪجھ سرڪش عورتن ڏاڪٽين ۽ رسين جي مدد سان فرار ٿي ويون ھيون. سردارن جي تلاش جي باوجود ھو اجا تائين نہ ملي سگھيون آھن. "ڪارين جا قتل اجڪلھ گھٽ ٿين ٿا. عيوضا ورتا وڃن ٿا" شھدادڪوٽ جو نوجوان ٻڌائي ٿو تہ ھو اجا تائين ان ارمان ۾ آھي تہ پنھنجي محبوبہ کي ھن مائٽن جي ڇاپي پوڻ وقت اڪيلو ڇو ڇڏيو. ھو چوي ٿو تہ "اھا عيد جي رات ھئي ۽ ھو منھنجي لاءِ مٺيون سيون کڻي آئي ھئي. پر اوطاق جي ٻاھران ئي سندس مائٽ اچي ويا جن کي ڏسي مان ڀڄي ويس پوءِ ان کي مارڪٽ ڪري پرڻائي ڇڏيائون ۽ مونکان ستر ھزار روپيا ڏنڊ طور ڀرائي ورتائون." ماڻھو بدناميءَ ۽ ٻين ڏچن کان بچڻ لاءِ بہ ھاڻي قتل نٿا ڪن. جيڪڏھن ڪنھن کي ڏسي وٺن ٿا تہ ٽڪ چنبو ڪري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڇڏي ڏين ٿا. ”ڪنڌياري جو ننڍو زميندار ٻڌائي ٿو، زميندار جي هلڪي ڦلڪي مار وارو مفهوم جڏهن هڪ نوجوان عاشق سمجهائي ٿو ته قصو ڪجهه ٻيو بڻجي وڃي ٿو پنهنجي افيئر جي زبردستي ٿيل خاتمي کان پوءِ شهر بدر ٿي ڪراچي ويل نوجوان ٻڌائي ٿو ”جڏهن ڳالهه کلي ته هنن (ڇوڪريءَ جي مائٽن) مون کي ڌمڪيون ڏياري موڪليون پر هن کي ڪمري ۾ هڪ هفتي تائين بند ڪري ڪيس مار ڏيندا رهيا ۽ اڃيو بکيو رکيائون. هو اڃا به ان جي ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙي چوي ٿو ته هن کي هڪ ڏک سان پلي ماري ڇڏين ها، پر ائين اڌ مئو ته نه ڪنس ها. ”هڪ مرد پاران ٻي ذات جي عورت سان محبت ڪرڻ جي قيمت ته پرپالوءِ تاٽي پويان وينل انهن هڪ ئي ذات جي ڏهن گهرن کي به ڏيٽي پئي هئي جڏهن ٻي ڌر وارن سندس برادري جي عورتن جي اجتماعي اغوا ڪري ٻانهن موٽائڻ جو زور پريو. خيرپور شهر ۾ به هڪ برادريءَ جي وينل ماڻهن کي بنا هٿيارن جي ويل ماڻهن ڪڙو ڪڙڪائي رڳو اهو چيو ته اسان فلاني ذات وارا آهيون ٻاهر ويگن بيٺي آهي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي هلي ان ۾ ويهو ۽ ظاهر اهي انهن جا حڪم مڃڻ کان سواءِ هنن وٽ ڪو چارو ڪونه هو. اها عورت ته موٽي آئي پر متاثر ڌر کي خيرپور ضلعو ئي ڇڏڻو پيو. هاڻي هو شهدادپور ۾ هڪ پوليس آفيسر جي زمين تي ڪم ڪن ٿا.

بهراڙين جا جهونا جڏهن پنهنجي رات وارين ڪچهرين ۾ ان ڳالهه تي افسوس ڪن ٿا ته ملڪ مان غيرت موڪلائي وئي آهي يا بيحائي وڌي وئي آ ته جڻ هو پنهنجي شڪست مڃي ويهن ٿا، هنن عمر ڳاڙي ڇڏي پر پيار جي پيرن ۾ پاڪ (زنجير) نه وجهي سگهيا. راتيون اونداهيون هجن يا چانڊوڪيون، عشق جي آڳ وارا انهن پوڙهن کي ڪائين جي ٻاهه تي افسوس سان هٿ سيڪڻ لاءِ ڇڏي هڪٻئي سان ملڻ لاءِ نڪري پون ٿا. جيتوڻيڪ سندن ان جرم جي سزا وقت گذرڻ سان گڏ ڪجهه گهٽ ٿي آهي پر موت جو پاڇو اڃان مٿانئن ٽريو ناهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# گهران ڀڳي نڪتل ڇوڪرين جي ڪهاڻي

اخبارن جا فرنٽ پيج پلي سنڌ ۾ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ يا افغنستان ۽ سوڊان مٿان آمريڪي حملن يا ڪالاباغ ڊيم خلاف نڪرندڙ جلوسن ۽ ڌرڻن وارين خبرون ۽ فوٽن سان ڀريا پيا هجن پر اندرين صفحن ۾ هڪ مخصوص جاءِ تي اوهان کي گهران ٽن ڪپڙن ۾ نڪتل ڇوڪري/عورت جو فوٽو ۽ اهي رٽيل جملا ضرور نظر ايندا ته ”نه ڪنهن ورغلايو آهي نه ڪنهن ڀڄايو آهي، مان عاقل بالغ وات وڪيل آهيان، بنا ڪنهن نشو واپرائڻ جي سالم دماغ سان چوان ٿي ته منهنجي پيءُ لالچي قسم جو ماڻهو آهي. ماءُ پاڙي ۾ سني ساک رکندڙ ناهي، هو پيس عيوض هڪ ڪراڙي شخص سان منهنجي شادي زبردستي ڪرائي رهيا هئا. تنهنڪري مان ٽن ڪپڙن ۾ فلاڻي خان سان گهران نڪتي آهيان ۽ ساڻس شادي ڪري رهي آهيان.“ پر هو جيڪو المرتضىٰ هائوس لاڙڪاڻي اڳيان برياني‍ءَ جو پڙهو هٽندو آهي، ان جي ميٽرڪ پاس ڌيءُ ته وٽس هزار روپيا پگهار تي ڪم ڪندڙ نوڪر سان هلي وئي هئي. ”هن نمڪ حرام منهنجي معصوم ڌيءُ کي اغوا ڪيو آهي. جيڪڏهن ٻنهي ۾ ڪو پيار هو ته مون کي ٻڌائين ها مان سندن شادي ڪرائي ڇڏيان ها“ ٽن ڏينهن کان بکيو رهي به ڌيءُ کي ڳوليندڙ ان شخص ٻڌايو هو ۽ پنهنجي ڌيءُ کي معصوم سڏيو هو. ڇا هو واقعي لالچي هو؟ آءُ حيران هئس ته هو جيئرو ڪيئن هو. جڏهن ته سندس ڌيءُ پاران ڏنل قسم نامي ۾ ته هو فوت ٿي چڪو هو ۽ سندس بيواهه ماءُ بدڪردار ٿي پئي هئي. ”خبر ناهي اها حوس آهي يا پيار جو انڌ، جو اولاد پنهنجي والدين کي سرعام لوئي رهيو آهي، جن جي اوجاڳن ۽ ڪٽيل ڪشالن جو هڪ به احسان هو لاهي نٿا سگهن“ هڪ ريٽائرڊ ماستر چيو. بدين جي ان مئٽرڪ پاس نوجوان کي ڪيئن وسارجي جيڪو بيماري جي بستري تي پيل ماءُ کي ڇڏي پنهنجي محبوبا سان فرار ٿي ويو هو. ڇا هو ڇوڪرين يا عورتن پاران ڪنهن ٻئي سان فرار ٿي وڃڻ کان پوءِ ٿئي ٿو. نصير آباد ۾ هاڻي به اهو نوجوان اڇي ٻيڙين جي ڀانڊي تي ويهي ٿو جنهن سان پيار جي شادي ڪندڙ عورت پوءِ ڪنهن صوبيدار سان فرار ٿي ويئي هئي. ان عورت هن کان سندن پهريون پيار، سياست ۽ دوست به ڇڏائي ڇڏيا هئا. سندس دوستن ته ڪوٺڙي ۾ وڃي ان صوبيدار جي گهر جو ڪڙو ڪڙڪائي ان عورت کي ست سريون ٻڌايون هيون پر هاڻي به پينسل سان ناهيل اسڪيچ کي ڏسي خاموشي‍ءَ سان پن جي ٻيڙي پيئندڙ ۽ ”تم هي وه حسين هو“ وارو گانو ٻڌندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”اسان جا گهر افراتفري جو شڪار آهن جنهن ۾ ٻارڙن ۽ عورتن جي هر گهڙي تذليل ٿئي ٿي، اهي واقعا ان جو نتيجو آهن“ سماجيات پڙهائيندڙ هڪ استاد چوي ٿو. ”ڇا سنڌ جي ڪنهن سماجي سائنس جي ماهر يا اداري ڪڏهن ان تي تحقيق ڪئي آهي ته آخر هي واقعا ٿين ڇو ٿا؟ “ سنڌ جي سماجي حالتن تي نظر رکندڙ هڪ سياسي ڪارڪن پڇيو. ڇا اهو سڀ ڪجهه پيار ۾ ٿئي ٿو؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان گهران ٽن ڪپڙن ۾ نڪري نوابشاهه واري ريلوي اسٽيشن تان ٽرين ۾ چڙهندڙ ڇوڪري جهمپير کان اڳيان اچي ڊنيڪرون ڏئي ڇو رني هئي. سانوڻ جي اها چانڊوڪي رات مون کان اجان نه ٿي وسري جڏهن ٽرين جي دٻي ۾ فرش تي ويٺل ان ڇوڪريءَ گهٻرائجي پنهنجي ساٿي کي ٻانهن کان پڪڙيندي چيو هو: ”مونکي گهر وٺي هل، مونکي ڊڄ ٿو ٿئي“ پوءِ هو روئي روئي اچي ڪينٽ تي لٿي هئي. ٽن ڪپڙن ۾ گهران صرف پيار جي شاديءَ واري خواهش رکندڙ ڇوڪريون، عورتون نڪتيون نڪرن پر اهي به نڪرن ٿيون جن لاءِ پنهنجا گهر دوزخ جا درياهه يا قبر جيان ساهه ٻوساٽيندڙ ٿي پيا آهن. ”مون کي پلي جيل موڪليو يا مارائي ڇڏيو پر ان ظالم جي گهر نه موٽنديس.“ مڙس جي موچڙن کان تنگ ٿي دارالامان آيل عورت کي جڏهن دارالامان وارا به ڪڍي رهيا هئا ته هن ڪين ايلازيندي چيو هو. هن ڪين ٻڌايو هو ته شڪ جي بنياد تي سندس ايذاءُ پسند مڙس ڪيس روز ايذاءُ ڏيندو هو، جنهن کان تنگ ٿي هن خودڪشيءَ جي ڪوشش به ڪئي پر سندس جان بچي وئي. هاڻي ڪيس دارلامان ۾ ئي رکيو وڃي. ”اسان وٽ جيڪڏهن دارلامان به هڪ ٻيو جيل ۽ ڏنڊوڙي آفيسرياڻين جو اڏو بڻيل نه هجي ته دارلامان جون آباديون ٽيڻ تي وڌي سگهن ٿيون.“ هڪ صحافيءَ ٻڌايو. جهالت ۽ معاشي دارو مدار مردن تي هجڻ ڪري به ائين ٿئي ٿو نه ته لاڙڪاڻي واري ڊاڪٽر جي اها زال به اڄ ڪنهن دارلامان جي ڪنڊ ۾ ويٺل هجي ها جنهن کي هن مارڻ پئي چاهيو. ڊاڪٽر کي پاڻ کان وڌيڪ خوبصورت ۽ ذهين زال مٿان هميشه شڪ هوندو هو. جڏهن ڪين نياڻي ڄائي ته ان ڊاڪٽر ڇري ڪڍي اهو چئي ته هيءَ حرام مان ڄاول آهي منهنجي ڌيءُ ناهي. ان نياڻي کي ڪهڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس ماءُ ٻارڙي سميت جان بچائي گهران نڪري وئي ۽ هاڻي نوڪري ڪري عزت سان آزاد زندگي گذاري رهي آهي. پر ڳڙهي خيرو جي اها اڻ پڙهيل ۽ حسين ڇوڪري هاڻي ڪيڏانهن وڃي جنهن جي پائرن کي مٽس ڪارنهن جي پڪ ٿي وئي آهي. هوءَ رهي ته دارلامان ۾ ٿي پر اهو به ڪيس غير محفوظ محسوس ٿئي ٿو. هوءَ مجبوري ۾ گهران نه نڪري آئي پر هاڻي وٽس ڪيڏانهن وڃڻ جو رستو ناهي. ”گهر، جتي ماڻهو پنهنجي ڳالهه



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آساني سان نہ چئي سگھي، جتي ھر ڳالھ جو مطلب غلط ورتو وڃي. گھڻ اھميت ملي ۽ آواز کي گھٽيو وڃي تہ اھڙي گھر ۾ رھڻ مان ڇا فائدو.“ گھڻو وقت ھاسٽلن ۾ رھندڙ ھڪ ڇوڪري چيو. ”اسان ناچ سکڻ يا بکني پائي بيچ تي پکنڪ جي اجازت تہ نٿيون گھرون پر زندگي جنھن جيلر (مڙس) سان گذارڻي آھي ان کي تہ پسند ڪرڻ جو حق ڏيو“ ھوءَ طنز مان چوي ٿي.

پڙھيل لکيل ڇوڪريون ڪنھن نہ ڪنھن طريقي سان پنھنجي اندر جو آواز ڪڍي وجھن ٿيون، جيئن ھوءَ ڪراچي واري امينہ فاروق جنھن گھڻ ہوسٽ ڪان بچڻ لاءِ جيڪو ڪجھہ لکيو سو شاعري ٿي پيو. ھوءَ ٻارنھن سالن تائين برطانيا ۾ رھي جنھن ڪان پوءِ سندس مائٽن ڪراچي اچي وسائي تہ ھتان جو ماحول امينا کي ڏاڍو گھٽيل لڳو جنھن جي دانھن ھن پنھنجي مائٽن سان ڪرڻ چاھي پر ڪيس سڻي موٽ نہ ملي، پوءِ ھن پنھنجي ماءُ کي ھڪ رات ويھي خط لکيو، جيڪو نظم ٻڻجي ويو. ھاڻي سندس پھريون شعري مجموعو لنڊن جي پبلشرن منرواءِ ايون وارن ڇپائڻ شروع ڪيو آھي. پر سنڌ ۾ پيءُ ماءُ کي اولاد پنھنجي معمولي خواھش بہ چئي نٿو سگھي. پوءِ ٽن ڪپڙن ۾ گھران نڪرڻ ۽ عاقل بالغ وات وڪيل ھجڻ واري فلم ھڪ دفعو وري شروع ٿي وڃي ٿي. ٽن ڪپڙن ۾ گھران نڪرندڙ ڇوڪرا تہ بچي وڃن ٿا پر ڇوڪرين مان ڪي دارلامان جي ڪنڌ ۾ سڏڪن ٿيون تہ ڪي ٽرين جي دٻي ۾ فرار جي پھرئين رات ئي گھٻرائجي روئي پون ٿيون. ائين لڳي ٿو جڻ سنڌ جي ان نسل تي آزادي ۽ شفقت واري تربيت جون ھوائون ئي نہ گھليون آھن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# انوکو پيار ۽ زماني جي روڪ ٽوڪ

تازو جڏهن هڪ پراڻي سياسي ڪارڪن جي پٽ پنهنجي گرل فرينڊ سان سندس مائٽن جي رضامنديءَ کان سواءِ وڃي ڪورٽ مئريج ڪئي ته ٻنهي فيملين کي ڪجهه مشڪلاتون سامهون اچي ويون ۽ اهو مسئلو رڳو ٻن خاندانن وچ ۾ ڳٽيتين جو سبب نه بڻيو پر انهن سياسي ڪارڪنن ۽ مزدور اڳواڻن کي به ڳٽيتيون تي پئيون، جيڪي پنهنجي ڪچهرين ۾ چيچنيا ۽ ڪشمير مسئلن تي ڳالهائيندي اجا به آمريڪي سامراج تي لعنت موڪلين ٿا. ”ادا ڪامريڊ واري ڇوڪريءَ ته ڏجو ڪري وڌو، هن عمر ۾ پيءُ لاءِ اهڙو مسئلو ڪري وڏائين جو همراه چڪرن ۾ اچي ويو آهي.“ هڪ پراڻي سرخي جي نندا ڪرڻ واري انداز ۾ ڪيل ڳالهه تي هڪ جهونو مزدور اڳواڻ ڪاوڙجي ڪين ٽوڪي ٿو ته ”توهان سڄي عمر ترقي پسنديءَ جا راڳ ڳايا، ڪتاب لکيا ۽ شاعري ڪئي سا سڀ آخر ڇا جي لاءِ هئي؟ ان ۾ عورت، مرد جي برابري ۽ آزادي جي ڳالهه نه هئي ڇا؟ اهي سڀ ياشن ٻين لاءِ هئا پر هاڻي جڏهن توهان جي پنهنجي اولاد جو وارو آيو آهي ته توهان ڪميونسٽن مان ڦري رجعتي ڇو ٿي ويا آهيو.؟“ جهوني ڪامريڊ جي اها ڳالهه في الحال نه ته انهن سياسي ڪارڪنن کي سمجهه ۾ اچي ٿي. جيڪي سماجي حالتون جيئن جو تيئن برقرار رکڻ جا حامي بڻجي ويا آهن ۽ اڄ جڏهن تبديليءَ جي ٻوڏ مدي خارج ريتن رسمن جي پورين ديوارن جي پاڙن تائين پهچي وئي آهي تڏهن ڪيترن ئي بظاهر دانشمند ماڻهن جي بحثن جو موضوع انهن مرضيءَ وارين شادين خلاف ٿي پيو آهي. ”اهڙن قصن کي وڏائي چڙهائي (پنهنجي اخبارن) ۾ پيش ڪرڻ سان توهان کي ڇا ٿو ملي؟ ڇا توهان چاهيو ٿا ته سيني جون نياڻيون گهران ڀڄي وڃي شاديون ڪن، گند ڊڪيل رهي ٿو ته انهن کي ڊڪيل ئي رهڻ ڏيو. انهن کي صفا کولي نه ڇڏيو.“ لاڙڪاڻي جي هڪ شهري سطح جي سينئر سياستڪار چيو، جنهن کي هڪ صحافي دوست جي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آهي ته گهران ڀڄي شادي ڪرڻ جو ارادو ڪندڙ ڇوڪريون يا ڇوڪرا سنڌي اخبارن جو انتظار ڪونه ٿا ڪن اهي سندن افيئر کي ڪوريج ڏين ٿا نه نيڪ نه ته هو پنهنجي مرضي سان شادي ڪرڻ وارو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيندا. ”منجهيل سماجي حالتن تي ڌيان ڏيڻ بدران هو سنڌي پرنٽ ميڊيا تي ڪاوڙجن ٿا جڻ ته اهي معاملا ڪوريج نه ڏيڻ کان پوءِ رڪجي ويندا، ٻيو ته اخبارون گهر جا سڀ ڀاتي مشڪل سان ئي پڙهندا هوندا پر گهرن ۾ لڳل ڊش، وي سي آر ۽ ڪيبلز تي سمورا ڀاتي خاص ڪري نوجوان شوق سان ڏسن ٿا. انهن ۾ ڇا ڏيکاريو ويندو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهي؟ ڇا اهو سڄو ۽ اثرائتو نياپو نہ هوندو آهي؟ جڏهن ڪو شاهہ رخ ڪنهن ماڏوري ڪي هر بي فلم دوران گهران ڀڄائي ويندو آهي.“ هو تلخ ٿي چوي ٿو.

سنڌي اخبارن تي ان نوعيت جي تنقيد شايد اڳ ۾ نہ ٿي هجي، جنهن ۾ ڪجهہ پڙهندڙ ۽ اخبارون هڪ پاسي هجن ۽ پڙهندڙن جي گهٽائي بئي پاسي ۽ معاملو بہ سنڌي سماج جي مقدس ڳئون ٻٽيل ريتن رسمن بابت هجي. ”پسند يا مرضي واري شادي جي تہ مخالفت نہ ٿي ڪري سگهجي پر اخبارون پريمي جوڙو، پريمي جوڙو ڪري جنهن انداز ۾ مهم هلائڻ شروع ڪن ٿيون اهو مناسب نہ آهي.“ لبرل خيالن واري هڪ اديب چيو. جو اڻ سڌي طرح اهو بہ چوي ٿو تہ جيڪڏهن ٽرمنالاجي تڪراري نہ هجي تہ تنقيد بہ شايد ايڏي شديد نہ هجي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ اضافي نہ ٿيندو تہ ڪيترائي نوجوان ڪورٽ ميريج ڪرڻ کان اڳ ۾ اها ڳالهہ يقيني بڻائن ٿا تہ سندن معاملو اخبارن تائين نہ پهچي پر سلسلو تہ تيستائين هلندو رهندو جيستائين ڪنهن جي راءِ (پوءِ اهو ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري) جي احترام ڪرڻ جو رواج رائج نٿو ٿئي. پر اڄوڪي افراتفري واري دؤر ۾ والدين پنهنجي اولاد کان راءِ جهڙا بہ لفظ بہ نہ ٿا پڇن ۽ سڀ ماڻهو ننڍڙي شهر جي ان سبزي فروش جهڙا بہ تہ شريف نہ آهن جنهن لاءِ چون ٿا تہ هن پنهنجي ڌيءُ کان پڇيو تہ پنهنجي مرضيءَ ۽ سامان (ڏاج) جي لسٽ لکي ڏي. سندس ڌيءُ اهي شيون لکي ڏيڻ بجاءِ ڪيس پنهنجي واتان ٻڌايون ۽ ان لکاپتي واپاري پنهنجي ڌيءُ قيمتي ڏاج سميت هڪ ٽيڪسي ڊرائيور حوالي ڪري ڇڏي.“

سائين نياڻين جا (مرضي سان شادي ڪرڻ وارا) معاملا ڏينهون ڏينهن وڌندا ٿا وڃن. انهن جي باري ۾ ڪو اهڙو بيان نہ ٿا لکو تہ جيئن اهي پڙهي صبر ڪن ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ تي ڪجهہ رحم ڪن. خيرپورجي هڪ معصوم طبيعت دڪاندار چيو. سندس اها فرمائش (معصوم ئي سهي) ضرور پوري ڪجي ها، جيڪڏهن موافق سماجي حالتون هجن ها. سنڌي سماج لاءِ هن صدي جو شايد اهو وڏو سوال بہ ٿي سگهي ٿو تہ ايڏي وڏي تعداد ۾ آخر ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا پنهنجي گهرن مان ڀڄڻ چو ٿا چاهن؟ روزانو ٽن ڪپڙن ۾ نڪري اخباري ڏيان طلب ڪالمن جي زينت بڻجندڙ عورتون ان ڪان الڳ آهن. ”راجو جيڪو ڪرٽو اٿئي جلدي ڪري وٺ پر مون کي هن قيد مان جلدي ڪڍي هل ۽ ايترو پري وٺي هل جتي هن ظالم (پيءُ) جي نظر ئي نہ پوي ۽ سندس ڇاڙتا پهچي نہ سگهن. تون جلدي پاسپورٽ نهراءِ پاڻ انديا يا ايران هليا وينداسين پر ڏس نڪرڻ کان اڳ ۾ سموريون تياريون مڪمل هجن. گاڏين جو بہ انتظام ٺيل هجي ائين نہ ٿئي جو پنهنجي ارادن جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن کي خبر پئجي وڃي ۽ پاڻ ٻئي هميشه جي لاءِ جدا ٿي وڃون.“ اڌ رات جو آيل اها چٺي ان بيروزگار نوجوان لاءِ هئي جنهن جي محبوبا کي هفتي اندر ٻئي هنڌ پرائڻ جا سانباها ٿي رهيا هئا. ان نڪاح جي آڏار تي جنهن جي رسمي ”ها“ سندس ماءُ ڪئي هئي، چو ته هوءَ بيهوش هئي. اها انتر پاس چندا پنهنجي پيءُ جو اهو گهر جتي ڪيس سموريون آسائشون ميسر هيون ان بيروزگار نوجوان لاءِ ڇڏڻ پئي چاهي (۽ شايد ڇڏي به وئي) جنهن وٽ پنهنجي ڪا دولت ڪونه هئي.

هينيئن ۽ وچولي طبقي جون ڪجهه ڇوڪريون اڄڪلهه انهن معاملن ۾ اڳ پريون آهن جن کي ميڊيا پريمي جوڙي جو نالو ڏئي ڇڏيو آهي. هو گهران نڪرڻ وقت پاڻ سان گڏ ڇا کڻي نڪرن ٿيون؟ هڪ پرس اندر پيل اڌوريون لپ اسٽڪ، نيل پالش ۽ زنانيون ضرورتون. ڪجهه ڪئسيٽون، ڪوڙا ڳچين جا هار، ننڍڙا هٿ وارا رومال ۽ ڪجهه ڪتاب. (جيڪڏهن ڪين پڙهڻ جو شوق آهي) پر ان مختصر سامان سان گڏ هو گهر جو ڪيتريون ئي اڻ ڏٺيون خوشيون ساڻ کڻي وڃن ٿيون. ”پيءُ ماءُ جهڙو پيارو رشتو ٻيو ڪو به نه هوندو آهي پر جڏهن زندگي جو مسئلو هجي ۽ گهر ۾ ڳالهه نه سمجهي وڃي ته ڇا ڪري سگهجي؟“ تازو ڪراچي مان ڪورٽ مئريج ڪري آيل هڪ ڇوڪري چيو، جنهن کي سندس مڙس جي مائٽن قبول ڪونه ڪيو ۽ هاڻي تنگدستي واري زندگي گذاري رهيا آهن پر ڪين پنهنجي عمل تي ڪو پڇتاءُ نه آهي. دادو ضلعي جي هڪ ننڍي شهر سان واسطو رکندڙ مئٽرڪ پاس ڇوڪري سان ڪيل تفصيلي ڳالهين کان پوءِ پتو پيو ته ڪيس گهران نڪري ڪراچي وڃي ڪورٽ مئريج ڪرڻ بابت ڪنهن اخبار ته ڪونه اڪسايو هو پر ان گهرو زندگي مان هوءَ بلڪل بيزار ٿي چڪي هئي، جتي سندس به پيٽون شادي جي نالي ۾ وڪرو ٿي چڪيون هيون ۽ انهن پئسن مان سندس وڏي ڀاءُ ٻي شادي رچائي ڇڏي هئي. سندس حياتي ڀائرن جي رحم ڪرم تي ڇڏيل هئي. ”مون کي ان ڪري خوف ٿيندو هو جو منهنجي ننڍڙي ڀاءُ جا به ارادا نيڪ نه هئا ۽ هو ڀاڀي سان وڙهندو رهندو هو، ڇو ته ٻئي پاڙي جي ماسترياڻي سان تعلقات وڌي ويا هئا ۽ هو ڀاڀي کي طلاق ڏيڻ جا بهانا ڳولي رهيو هو، مون کي اهو خوف ٿيندو هو ته ڪٿي ان سودي ۾ منهنجو وڪرو نه ٿي وڃي، ڪنهن اهڙي ظالم سان جهڙا منهنجي پيٽن جا مڙس آهن.“ هن خوفزده ڇوڪريءَ چيو. جڏهن ڳالهه ضد جي اچي وڃي ٿي ته پوءِ ڪيتريون ئي زندگيون رحم جوڳين حالتن مان هميشه لاءِ گذرن ٿيون. جيڪب آباد مان جڏهن هڪ ڇوڪري هلي وئي ته سندس پيءُ کي اهو احساس ستائيندو رهي ٿو ته نياڻي جي ڳالهه مچي ونڻ ۾ آخر ڇا هو؟ هاڻي اها ڳالهه



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مجي ونڻ واري ڳالهه رڳو پڇتاءُ ۾ گذاريندڙ پوڙهي جي نه پر لڳ ڀڳ انهن سمورن ماڻهن جي ايجندا تي اچي وئي آهي، جن کي پنهنجي اولاد جون شاديون ڪرائڻيون آهن. ڇو ته سندن اولاد وٽ ٻيا به آپشن اچي ويا آهن. ”مان حج واري عيد تائين انتظار ڪيان ٿي نه ته پوءِ مون تي ميار نه ڏجو.“ خيرپور جي هڪ شاگردياڻي پنهنجي ماءُ کي پنهنجي پسند ٻڌائيندي چيو ۽ خيرپور جو اهو چلولو نوجوان به ته هاڻي اها ڳالهه ڪري ڪرڻ جي موڊ ۾ اچي ويو آهي. جيڪو شادي نه ٿي سگهڻ واري خطري سبب هڪ ئي وقت ٻه ٿي افيئر هلائيندو هو، ته هتان نه ته هتان شادي ٿي ويندي. ”پيارا هاڻ پنهنجي تياري به پڪي اٿئي. عزت سان نياپو ڪرائينداسون ڳالهه نه ٿهي ته پياريءَ کي وجي ڪورٽ ۾ پيش ڪبو. ڏسين نٿو ڪورٽون به اڄڪلهه اسان جهڙن ڪيسن ۾ تڪڙو انصاف ٿيون ڪن ۽ معاملو اجا به وڌي ويو ته اهو ڪيس توهان اخبار وارن وٽ ڪٽي اچبو، چئين ته هاڻي ٻنهي جا فوٽو ڏيئي ڇڏيانءَ.“ هن پنهنجي ڳالهه ان نعري تي ختم ڪئي ته ”آخر هوگي پيار ڪي جيت“ ان خيرپوري پياري جهڙا ڪيترائي نوجوان اڄڪلهه اخبارون ٻين خبرن سان گڏ اهو ڄاڻڻ لاءِ به پڙهن ٿا ته ڪٿي ۽ ڪهڙو تازو پيار جو مقدمو هلي رهيو آهي؟ ۽ هو نه رڳو اهي خبرون دلچسپي سان پڙهن ٿا پر پنهنجي سنگت ۾ فيصلن وارن ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ شرطون به لڳائن ٿا ته اها ڇوڪري اڄ ڪورٽ ۾ ڪنهن جي حق ۾ بيان ڏيندي. ”ارم فدا واري معاملي جي فيصلي واري ڏينهن پري پري کان نوجوانن فونون ڪي فيصلي جو نتيجو ائين پڇيو هو، جيئن ڪنهن امتحاني رزلٽ جي باري ۾ پڇيو ويندو آهي.“ حيدرآباد جي هڪ رپورٽر ٻڌايو. جنهن کي ماڻهن پيار جي ڪاميابي تي مبارڪون به ڏنيون هيون ڇو ته انهن رپورٽرن به عدالتي فيصلي تي خوشيون ملهايون هيون.

اڄوڪو زمانو اهڙن معاملن کي پريمي جوڙو چوي يا پيار جي سوڀ ۽ پلي کي ماڻهو ان کي گند چون يا پاجوڪڙ جوڙو پر اهڙين شادين کي اسان جو هڪ وکري ٽائيپ دوست ضرورتن جي شادي چوي ٿو ۽ اهڙن معاملن ۾ پيار محبت جي خوامخواه خوارين تي هو چڙي پوي ٿو. ”اهو سڄو فلمي ڪلچر آهي ته پيار جي شادي ڪجي ۽ نوجوانن فلمون ڏسي ڏسي پنهنجي فرسٽريشنز جو اهو ٿوڙ ڪڍيو آهي ته پيار جو شاديون ڪجن.“ هو وڌيڪ چوي ٿو ته ”مون کي رڳو ايترو ٻڌايو ته شادي ۽ پيار گڏ هلي سگهن ٿا ڇا؟ ماڻهو وڏا بيوقوف آهن جو چون ٿا ته محبت جي شادي.... يائي يا ته محبت ڪريو يا شادي ڇو ته ٻئي الڳ الڳ ذميواريون آهن. جڏهن توهان محبت ڪريو ٿا ته ان مان ايتري فرصت ئي ڪٿي ملي ٿي جو ماڻهو شادي ڪري ۽ جڏُهن توهان شادي ڪريو ٿا ته اهو ارادو ۽ اهو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

رشتو قائم رکڻ جا ايترا لوازمات اچي وڃن ٿا جو محبت جي يادگيري ئي نہ ٿي اچي.“ هن پنهنجي ليڪچر نما ڳالهہ ختم ڪئي. اهڙي ڳالهہ ڪندڙ ۽ سمجهندڙ شايد ٿورا ئي ماڻهو هجن. ڇو تہ جنهن موڙ تي بيهي اسان جو سماج مرضي سان شادي ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ بابت ٿيندڙ عوامي بحث ۾ رڌل آهي. اهو موڙ نفيس ۽ نازڪ موڙ تي ٿيندڙ ڳالهہ کان ڪوهين ڏور آهي. ڏور تہ اسان جي سماج کان مرضي سان شادي ڪرڻ وارو تصور هيو، پر هاڻي اهو تصور ڪو اوپرو نہ رهيو آهي ۽ نوجوانن ۾ ٻي ڪا سجاڳي اچي وئي هجي يا نہ پر ايتري خبر انهن کي بہ ضروري پوي ٿي تہ هو پنهنجي محبوبا جي حياتي (پاڻ سان گڏ) بچائڻ لاءِ ڪوڙا نڪاح ناما هٿ ڪري ۽ ڪورٽن ۾ ڪوڙا قسم بہ کائي سگهن ٿا. اهو رستو باغي ٻٽيل انهن نوجوانن جو آهي جيڪي هر طرف مايوسين جي ڏٽڻ ۾ ڦاٿل آهن ۽ ڪين رائج ريتن رسمن مان ايتري ساهہ منجهائيندڙ بدبوءِ اچي ٿي جو هو پنهنجيون زندگيون تازين هوائن کان محروم سمجهن ٿا ۽ ڀهروپ واري هن سماج ۾ سندن مدد ڪرڻ لاءِ تمام ٿورائي هٿ اڳتي اچن ٿا. هو ان ڀهروپ کي منهن نٽا ڏئي سگهن تہ جيڪي روشن خيال وڪيل پئسن عيوض سندن ڪيس ڪورٽن ۾ وڙهن ٿا ۽ ڪين ڪيس ڪٽي ڏيڪارين ٿا، اهي وڪيل شام وارين ڪچهرين ۾ اهڙي ٽريند جي مخالفت ڪن ٿا. سندن اهو الميو اهو بہ ٿي پيو آهي تہ جن شاعرن جي شاعري جا ٽڪرا هو هڪ ٻئي کي ارپيندا ۽ احساسن جي ترجماني طور موڪليندا رهيا آهن، اهي شاعر بہ سندن عمل جي نجي توڙي عوامي ڪچهرين ۾ مخالفت ڪن ٿا. ”ان ڀهروپ معاملو منجهائي وڌو آهي نہ تہ اهو تصور هرويرو ايڏو بہ خراب نہ آهي“ سماج کان بيزار هڪ جهوني پروفيسر چيو، جيڪو ڪيترن ئي نام نهاد روشن خيال نوجوانن کان وڌيڪ اتساهہ ڏياريندو رهندو آهي اهڙن نوجوانن کي جيڪي پنهنجي مرضي سان شادي ڪرڻ جي راهہ ۾ ايندڙ سمورين ڏکيائن سان ڪيس آگاهہ ڪندا ۽ هدايتون ونندا رهندا آهن پر اهڙا پوڙها پروفيسر بہ تہ ٿورڙائي وڃي بچيا آهن.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سهڻو ساڻ ضروري آ

ڪيترن ئي مهينن جي ناراضگيءَ ڪان پوءِ تازو جڏهن ساجن جو پنهنجي سنگتيءَ سان سرچاءُ ٿي ويو تہ هن پنهنجي سنگتيءَ کي ان خوشي ۾ نئين مليني‍م جي تحفي طور نئين موٽر سائيڪل وٺي ڏني. ساجن جيئن تہ هڪ سرڪاري کاتي ۾ ڪلارڪ آهي تنهنڪري اهڙو اضافي خرچ سندس پگهار جي وس کان ٻاهر هو پر سنگت جي راضپي خاطر هن پنهنجي حصي ۾ آيل زمين جي ڪجهہ جريبن مان هڪ جريب وڪڻي ڇڏيو. ساجن جو سنگتي نائين ڪلاس ۾ پڙهندو آهي، سندس پيءُ ڪڙمت (هارپو) ڪندو آهي ۽ سندس پڙهائيءَ جو سمورو خرچ ساجن پريندو آهي. ساجن ٻڌايو تہ ”مان تہ پنهنجي سنگتي جي پيءُ کي بہ وجي ڪلام پاڪ تي ڳالهہ سمجهائي آيو هئس تہ هو منهنجو ياءُ آهي، منهنجي ڪا بہ بري نظر نہ اٿس نہ ئي ڪو اسان فعلي (برا فعل ڪندڙ) آهيون، بس دل جي ڳالهہ آهي سا جتي اڙجي.“

معمولي ڳولا ڪان پوءِ سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ننڍين شهرن ۾ اهڙا ڪيترائي ساجن ملي ويندا جن کي پريور معنائن ۾ نہ هم جنس پرست چئي سگهجي ٿو ۽ نہ وري ڪين حسن پرستي واري دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو ڇو تہ هو گهڻو ڪري پنهنجي سنگتين (پاليل يا رکيل ڇوڪرن) سان ڪو جنسي فعل نہ ڪندا آهن ۽ هو عورتن جي حسن ڏانهن پلجي بہ ڪشش نہ ڪائيندا آهن. ”ماڻهو ڏاڍا ساڙيلا آهن مون سان بہ وڏيون دشمنيون هليون، منهنجو سنگتي 9 مهينا هڪ وڏيري پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو. شهر ۾ اهي ٻئي گڏ ٽريڪٽر تي چڙهي ايندا هئا تہ منهنجو پيو اندر سڙندو هو پر پوءِ قدرت واري اهڙو ڪم ڏيکاريو جو وڏيرو خرچ ۾ ڪٽي پيو“. لاڙڪاڻي پرسان وينل هڪ همراهہ چيو. جنهن هاڻي ٽيون ڇوڪرو سنگتيءَ طور پاڻ سان گڏ ڪنيو آهي. ”هاڻي هي دوکو نہ ڏيندو ڇو تہ هن جي مائٽن کي بہ مهيني تي اڍائي هزار ڏيندو آهيان.“ هن پنهنجي سنگتي جي ڪلهي تي هٿ هڻندي چيو. جيڪو چرس پريل سگريٽ پيئڻ ۾ محو هو. اهڙن عاشقن ۽ سندن سنگتين جو آستانو ٻهراڙين توڙي ننڍين شهرن جون اهي جهوپڙا هوٽلون هجن ٿيون. جتي ان قسم جي رشتي کي هٿي ڏيارينڊڙ شاعريءَ واريون ڪيسٽون وڏي آواز ۾ وڄنديون رهن ٿيون.

ڇوڪراٽي سنگت يا ڇوڪري بازي هاڻي رڳو دادو تائين محدود نہ آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن هئي، جيئن تاثر ڏنل آهي. ڇوڪرن جا عاشق يارو لنڊ، داد لغاري ۽ ميرپور ماٿيلي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جي هوٽلن تي به اڻ واقف سهڻن ڇوڪرن جا بل ائين بنا پڇا جي ڀرين ٿا جيئن ڪنڊڪوٽ ۽ ڪي اين شاهه جي آسپاس وارين هوٽلن تي ڀرجن ٿا.. "اهڙيون هوٽلون ئي ان عاشقي جو مرڪز آهن جتي ڇوڪراٽي سنگت تي ناز ڪندڙ ماڻهو پنهنجي سهڻ رکيل ڇوڪرن سان ائين اچن ٿا. جيئن نيويارڪ يا لنڊن جي ريسٽورنٽن ۾ نوجوان پنهنجي گرل فرينڊز سان اچن ٿا." دادو جي هڪ پڙهيل لکيل نوجوان چيو. سندس خيال هو ته اهي هوٽلون ئي چورن ۽ بدماشن جون بينڪون ثابت ٿين ٿيون ۽ هو چپ چاپ چوري موٽائڻ جي خواهشمند پاڳين کي به اتي ئي اچڻ جو چون ٿا جتي هو پنهنجي سهڻن سنگتين کي ملڻ جو ٽائيم ڏين ٿا. اهڙين هوٽلن تي ٿيندڙ پهرين ملاقاتن ۾ سهڻن ڇوڪرن جي منائي، مائي، پڪوڙن ۽ چانهه سان خاطر تواضع ڪئي وڃي ٿي ۽ سنگت (ياري) رکڻ ۽ نه رکڻ بابت انهن ڇوڪرن کان راءِ ورتي وڃي ٿي. ڪيترا ڪاٽڪو ۽ ڏوهاري ماڻهو پنهنجيون دوستيون ۽ دشمنيون به انهن ڇوڪرن جي بنياد تي رکن ٿا. "نبو سميت ڪيترائي ڊاڙيل ڄاڻي واڻي ننڍي عمر وارا ڇوڪرا اغوا ڪندا هئا ۽ پسند اچڻ جي صورت ۾ هو ينگ جا پيسا ڪٽي ايندڙ مائٽن کان الٽو پڇندا هئا ته هن ڇوڪري جا توهان گهٽا پيسا وٺندو؟" هڪ ڪاٽڪوءَ ٻڌايو.

ڏوهارين کان سواءِ ڇوڪراٽي سنگت جي هيراڪ ماڻهن ۾ ماستر، سپاهي، ٽپيدار، ننڍا زميندار ۽ صحافي به اچي وڃن ٿا پر ڏوڪريءَ جي ان ٻاليشاهيءَ کي ڪيئن وسارجي جنهن غصي ۾ اچي پنهنجي رقيب کي چاقو هڻي زخمي ڪيو هو. اهي ٻئي هڪ سهڻي ڇوڪري تي عاشق هئا ۽ راجوءَ (ٻاليشاهي) پنهنجي رقيب کي ڀري بازار ۾ ان وقت چاقو هنيو هو. جڏهن هو سهڻي ڇوڪري جي ڪلهي تي هٿ رکي بيٺو هو. بعد ۾ راجو نفسياتي مريض ٿي گدو بندر پهتو ۽ سالن تائين علاج هيٺ رهيو. راجوءَ کان گهٽ ڇوٽ ميرپور ماٿيلي پرسان وينل ان زميندار کي به نه آئي هئي جنهن زمين ۽ ٽريڪٽر ته وڪڻي ڇڏيو پر ڪارخانيدارن جو قرضي ٿي به ڇوڪرا پاليائين. "منهنجو سهڻو (سنگتي) هاڻي مهراڻ يونيورسٽي ۾ پڙهي ٿو. خرچ ته ڪيس سمورو پهچايان ٿو پر سندس ديدار هاڻي صفا گهٽ نصيب ٿئي ٿو. ڇو ته هو مهينن پڄاڻان صرف موڪلن تي اچي ٿو." گهوٽڪي جي هڪ عاشق جيوڙي چيو.

ڇون ٿا ته گهوٽڪي ضلعي جي ڪجهه علائقن ۾ نسل در نسل عاشقي هلي ٿي يعني جيڪڏهن ڪنهن خاندان جو هڪ ڇوڪرو حسين آهي ته ان جي نئين ڄاول پاءُ جي وڏي ٿيڻ لاءِ ڪيترائي عاشق جيوڙا انتظار ۾ هوندا ڇو ته ڪين پڪ هوندي آهي ته اهو پڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سھڻو ڇوڪرو ٿيندو. ”اسي واري ڏھاڪي ۾ ته اسان وٽ گھوٽڪي شھر ۾ ٻه پيءُ پنھنجي خوبصورت پٽ کي موٽرسائيڪل تي صرف ان خواريءَ کان بچڻ لاءِ گڏ نه ڪڻندو هو ته ڪٿي مٿس ڇوڪري بازي جو الزام نه لڳي.“ گھوٽڪيءَ جي هڪ پڙهيل لکيل نوجوان ٻڌايو، جنھن کي ڊگري ڪاليج گھوٽڪيءَ جي هاسٽل ۾ ڇوڪرن لاءِ گھڙي ايندڙ ڪاٽڪوئن وارا سڀ واقعا ياد آهن. سھڻا ڇوڪرا پنھنجي خرچ تي پاليندڙ عاشقن جيوڙا پنھنجي سنگتين جون سموريون فرمائشون پوريون ڪندا رهن ٿا. انھن جي خريداريءَ جي اها هڪ عجيب خاصيت آهي ته هو ڪپڙا، رومال، ٽوپ ۽ بوٽ پاڻ ۽ پنھنجي سنگتيءَ لاءِ هڪجهڙا ۽ هڪ رنگ وارا وٺندا آهن.

ڇوڪراڻي سنگت جي پائداري لاءِ ڪجھه همراهه تعويذن جو به سھارو وٺن ٿا ڪجھه طاقت جو. ”تعويذن ۽ دابي سان به ايترو اثر نٿو ٿئي جيترو پنھنجي اوبر ڪارائڻ ۽ پيارڻ سان.“ ڇوڪراڻي عشق جي هڪ سينئر جيوڙي ٻڌايو. جيڪو چانھه يا پاڻي پيئڻ کان به اڳ ۾ اهو ڪوپ يا گلاس پنھنجي سنگتي حوالي ڪري ڪيس چوندو آهي ته ” سائين پلا ڪيوس حلال.“ ۽ ان ڇوڪري پاران به ٿي ڍڪ پرڻ کان پوءِ اها چانھه يا پاڻي هو پيئڻ شروع ڪندو آهي. ڇوڪراڻي عشق ۾ مبتلا ماڻھن جي ”هاٽ اسپاٽ“ شھرن ۾ هوٽل مالڪ پنھنجن هوٽلن تي بيرا پڻ موچاري شڪل وارا رکڻ کي ترجيح ڏين ٿا ته جيئن سندن گراهڪي گھٽ نه ٿئي. ڪنڊڪوٽ جي ڪوڙي جهڙا جھونا به پنھنجي تر ۾ صرف ان عاشقي سبب مشھور آهن. ڪوڙو آبپاشي کاتي ۾ داروغو آهي پر پنھنجي آفيسرن کان وڌيڪ چوڻ سھڻن ڇوڪرن جو مڄيندو آهي. چون ٿا ته ڪوڙي جي هڪ واهه تي ڊيوٽي لڳائي انجنيئر کيس پابند ٻڌايو ته ڪنھن کي به پاڻي ناهي ڏيڻو. هن واقعي به چڱن چوڪن ماڻھن کي موٽائي ڇڏيو پر جڏهن حرفت سان هن ڏانھن ڪجھه سھڻا ڇوڪرا موڪليا ويا ته هن پاڻي سندن مرضيءَ موجب ڏئي ڇڏيو. چيو وڃي ٿو ته هن پنھنجي زال به پيڪين پھچائي هئي ته هيءَ ڳالھه اسان کان زور آهي. ڪوڙو اڃا تائين ان عارضي ۾ مبتلا آهي ۽ ڪنھن بس اسٽاپ تي بيھندي جيڪڏهن سندس نظر ڪنھن سھڻي ڇوڪري تي پئجي وڃي وئي ته پلي ڪيس ڪشمور وڃڻو هجي پر هو ان ڇوڪري پويان شڪارپور ڏانھن هليو ويندو. اهڙن بي ضرر عاشقن جو تعداد تمام ٿوڙو آهي، جڏهن ته اڪثريت ان لالچ ۾ هجي ٿي ته سھڻو سدائين سندن ڪڇ ۾ ائين هجي جيئن خفتيءَ جي بغل ۾ ڪڪڙ هجي ٿو. اهڙي عاشقي (عياشيءَ) جون اهي ڳريون قيمتون ادا ڪن ٿا. ”کھڙيون ٿو ڳالھيون پڇين، اسان ته سھڻن جا خرچ پري پري پنڻ جهڙا ٿي ويا آهيون. مڙئي لڳيءَ کي لعنت آهي نه ته ياءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

وينو آهين، تي اسان سان به ڏاڍي آهي.“ چوڪراٽي سنگت جي خرچ ۾ ڪهجي پيل هڪ ڪلمڪ زميندار چيو. جنهن مٿان زرعي بئنڪ جي قرضن جي اوڳاڙي وارو بار به اچي سخت ٿيو آهي.

چوڪرن جي عاشقي جي ٽرمنالاجي جي ڄاڻندڙ ماڻهن جو چوڻ آهي ته هن عشق جا سچا عاشق چرسي ۽ پنگوڙي (پنگ پيئندڙ) آهن جيڪي چوڪرن ۾ جنسي لالچ نٿا رکن ۽ صرف ديدار تائين پاڻ کي محدود رکن ٿا. ”چرس يا پنگ جو موالي عاشق اک اک ۾ ملائي وينو آهي ته وڏو سرور ۽ سڪون پيو ونندو ۽ ان چوڪري مان اک ئي نه ڪڍندو.“ شڪارپور جي هڪ ماستر ٻڌايو. سندس چوڻ هو ته آفيمي عاشق ۽ ڊرائيور چوڪرن سان صرف جنسي لاڳاپا رکن ٿا ۽ انهن کي عشق جي چٽنگ هي خبر ئي ناهي.

چوڪراٽي سنگت واري دنيا ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ڪردارن جي گهٽائي جيتوٽيڪ جنسي لاڳاپن کي اولين ترجيح نٿي ڏئي ۽ ڪجهه ڪيسن ۾ ته اهو آپشن ئي نٿو رکيو وڃي پر پوءِ به ڏينهون ڏينهن وڌندڙ اقليت اهڙن ماڻهن جي به آهي جن کي پريور معنائن ۾ چوڪري باز سڏيو وڃي ٿو. ”اهي ماڻهو گهڻو انتظار، ايلاز يا مهينن جا نخرا برداشت نه ڪندا آهن ۽ نه ئي وري سهڻي صورت هنن لاءِ ڪشش جو باعث بڻجي ٿي. هنن کي ته بس اهڙي چوڪري جي تلاش هجي ٿي جنهنجي رضامنديءَ سان هو پنهنجي جنسي بک ماري سگهن.“ ميهڙ جي هڪ پڙهيل لکيل واپاريءَ چيو. اهي حيدرآباد جي اسٽيشن روڊ وارين هوٽلن کان وٺي اسلام آباد جي پير وڌائي بس اسٽاپ تائين پنهنجي هوس مارڻ لاءِ ڦرندا وتن ٿا. اهڙن چوڪري بازن کي ويجهرائي کان سڃاڻيندڙن جو چوڻ آهي ته اهڙن ڇورن جي شوقين مڙسن جون زالون پڻ ڪائنن عليحدگي اختيار ڪن ٿيون.

چوڪراٽي سنگت رکي پنهنجن عاشقن کان پيسا، ڪپڙا ۽ ٻيا سامان وٺندڙ چوڪرن جي گهڻائي سماج جي اهڙي هيٺين طبقي سان واسطو رکي ٿي جنهنجي والدين لاءِ پرائمري کان پوءِ ٻارن جي تعليم جاري رکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي ۽ هو ڪين چائلڊ ليبر طور ڪٿي نه ڪٿي پرتي ڪرائڻ چاهيندا آهن، جنهنڪري اهڙي طبقي جا سهڻا چوڪرا عاشق جيوڙن جي آسرن، ڏتن ۽ صلاحن جي جار ۾ آسانيءَ سان اچي وڃن ٿا. ”منهنجو سهڻو مون وٽ آهي ته موٽر سائيڪل تي به گهمي ٿو ۽ ڪڙاهي گوشت به کائي ٿو. گهر ويندو ته اتي چا اٿس؟ اها ئي لسي ماني.“ ميرپور جي هڪ مغرور عاشق چيو. پر جڏهن اهي ئي عاشق وچولي طبقي (جيڪي ننڍن شهرن جا اپر ڪلاس هجن ٿا) جي ڪنهن چوڪري کي تنگ ڪن ٿا ته معاملو جهيڙن تائين پهچي وڃي ٿو. ڪجهه ڪيسن ۾ ته



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

شريف مائٽ وڏي آزار ۾ هجن ٿا. ”روز نوان جهيڙا ۽ نوان ڦڏا لڳا پيا آهن. ڇوڪرن کي ڪاليج ۾ ۽ شهر جي هوٽلن ۾ تنگ ڪيو ٿو وڃي. هاڻي ته سوچيان پيو ته انهن کي شهر کان ٻاهر پڙهائڻ لاءِ موڪليان پر مالي حالتون اهڙيون ناهن ڇا ڪريان ؟“ بادهه جي هڪ سرڪاري ملازم ۽ ٻن پٽن جي پيءُ چيو.

ڇوڪراڻي سنگت واري موضوع کي سنڌ اندر گهٽي وقت تائين بندش پيل سمجهيو ويو، جنهن ڪري ان جي سببن ۽ نقصانن تي ڪا تحقيق نه ٿي سگهي آهي پر سوشيوسائيڪالاجي جي هڪ شاگرد جو چوڻ هو ته ”عورتاڻي عشق ۾ ڪارو ٿي مرڻ واري ڊپ ماڻهن کي هن سولي متبادل طرف آندو، جتي هو سرعام پنهنجي محبوب سان ٻانهن ٻانهن ۾ ڏئي گهمي ڦري سگهن ٿا“ پر ڪيترائي پڙهيل لکيل ماڻهو سندس ان راءِ سان اختلاف رکندي چون ٿا ته ”ٻهراڙين ۾ ڪارنهن جا قتل ٿيڻ باوجود عورتاڻي عشق ۾ گهٽتائي نه ٿي آهي ۽ نه ئي انهن سماجن ۾ ماڻهن هم جنس پرستي ترڪ ڪئي آهي جتي جنسي آزادي مليل آهي.“ ڇوڪراڻي سنگت واري بيماريءَ ۾ ورتل ماڻهن کي ويجهي کان ڏسندڙ ماڻهن جي راءِ آهي ”هيءَ ته هم جنس پرستي به ناهي، ائين لڳي ٿو مڙئي عاشقي جي ”ترڪ“ پوري ڪرڻ ۽ ساٿن مقابلو ڪندڙن کي ساڙ ۾ ساڙڻ لاءِ هو اهڙا سڀ سانگ رچائين ٿا، جيڪي شايد ڪنهن ٻئي سماج ۾ ملڻ مشڪل هجن.“ ”سموريون انساني آزاديون ماڻيندڙ ماڻهو يا ته سڌو سڌو جنسي مفاد جي ڳالهه ڪن ٿا يا پري ٿي وڃن ٿا، هنن وانگر ٿورو ئي خرچ پري پاڻ کي اهڙي معاشقيءَ ۾ ڪنگال بڻائين ٿا، جنهنجو ڪو حاصل مطلب ئي نه نڪري.“ هڪ نوجوان ڇوڪراڻي سنگت تي طنز ڪندي چيو، جيڪا اڃا تائين سنڌ ۾ رائج به آهي محبوب به سمجهي وڃي ٿي ۽ مبهم به آهي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# پيرن جي نشانن جي تاڙ ۾ هلندڙ پيري

خيرپور ۾ اهو ڌاڙيلن جي اوج وارو زمانو هو، جڏهن ڪجھ سال اڳ ماڻهو اغوا ڪري ويندڙ ڌاڙيلن جي هڪ ٽولي جا پيرا ڪٽائيندي پوليس پريالوءَ ڪان ٻه اڳيان نڪري وئي، رات جو ئي تازا پيرا ڪٽندي ناري جي مشهور نظاماڻي پيريءَ ڪيلن واري گهاٽي باغ ٻاهران ئي بيهي ساٿس گڏ هلندڙ سينئر پوليس عملدار کي خبردار ڪيو ته ”اڳيان وڌنداسين ته مقابلو ٿيندو، ان ڪري وڌيڪ پوليس فورس گهرائي وٺو.“ ڌاڙيلن پاران مقابلي ڪرڻ وارو ارادو (تياري) هن هوشيار پيري سندن پيرن جي چرپر مان ئي لڳائي ورتو ۽ ان پوليس عملدار موجب فورس پهچڻ کان پوءِ جڏهن اڳيان وڌياسين ته ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو. پيراڊو يا پيري ڀهراڙين ۾ گهر جي فرد جيان ڏنا وڃن ٿا. اهو هنر يا فن سوين سالن کان ڪنهن به تربيتي اداري ڪانسواءِ سيني ٻه سيني هلندو اچي ٿو. چيو وڃي ٿو ته ضرورت موجب چورين (ڌوهن) جي عذاب مان جان ڇڏائڻ لاءِ ڪجھ ذهين فردن جي محنتن سا اهو هنر وجود ۾ آيو، جنهنجو هاڻي ٻه ڪو باقاعدھ سکيا گهر يا تربيتي ادارو ناهي. اجا تائين ڀهراڙين جا ڪجھ ذهين ماڻهو ضرورتن ۽ شوق تحت اهو فن سکي رهيا آهن يا سکڻ جي ڪوشش ۾ آهن. جي هر ڳالھ تي اعتبار ڪندا آهن، ”هونئن ٻه اسان وٽ پيرين کي عزت جي نگاھ سان ڏٺو وڃي ٿو ڇو ته هو بنا معاوضي ماڻهن جي خدمت ڪن ٿا.“ لاڙڪاڻي جي هڪ پڙهيل لکيل زميندار ٻڌايو. پيري تمام وڏو رسڪ کڻي سچائي سان ڌوهن جي روڪ ٿام ۾ هٿ ونڊائين ٿا پر سندن وجود کي ڪو خاص ڌيان يا تحفظ حاصل نٿو هجي. سچائي سان پيرا کڻي اصل ڌوهارين جي نشاندهي ڪندڙ پيرين کي چور، لانڙيا ۽ ڪاٽڪو هميشھ پنهنجي اک جو ڪنڊو سمجهن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪين ائين نقصان پهچائي وجن ٿا، جيئن گهڻا سال اڳ لاڙڪاڻي جي پيري رمضان ڪورائيءَ کي پٽ سميت سندس گهر ۾ قتل ڪيو ويو هو. اهو واقعو اجا تائين ڳجهارت بڻيل آهي. جيئن پريالوءَ پرسان هڪ صوبيدار پيريءَ کي قتل، جيڪو پير ڪٽندي، جڏهن ڌوهارين جي ويجهو پهتو ته هنن ڪيس قتل ڪري لاش زمين اندر دفن ڪري ان جي قبر مٿان باھ جو مچ ٻاري ڇڏيو ته جيئن ان قبر جي ڪا نشاندهي نه ٿي سگهي.

ڌوهارين ۽ پيرين وچ ۾ سرد جنگ ته هميشھ هلندي رهندي آهي پر ڪجھ مصلحتن سبب اڄڪلھ چور ۽ پيري هڪ اڻ لکيل معاهدي تحت هلي رهيا آهن. ڌاڙيل يا چور (جيڪڏهن ڌوهاري اخلاقيات سمجهندڙ هوندا) علائقي جي پيريءَ جي ڳوٺ يا پاڙي ۾ ڌوھ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪرڻ کان ائين لنوائيندو يا پاسو ڪندو جيئن ڪنهن سنگتيءَ يا سنگتياڻيءَ جي علائقي کان. ڏوهارين جي دنيا سڃائيندڙ ذريعا ٻڌائين ٿا تہ سياڻو پيري، پير ڏسڻ شرط ئي ڏوهاري کي سڃاڻي ويندو آهي پر پاڳين سان ڳالهہ اها ڪندو تہ اجا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. جنهن کان پوءِ هو واسطيدار چور ڏانهن نياپو ڪندو تہ سنو اٿئي تہ چوري واپس ڏي نہ تہ مان پاڳين ۽ پوليس کي نالو ٻڌائيندو سانءِ. ذريعن موجب ڏوهن کي ڪيريئر ٺاهيندڙ ڏوهاري ائين ئي ڪندا آهن جيئن ڪين پيري چوندو، پر ڪجهہ ڏوهاري انهن اصولن کي نٿا مڃين ۽ پيرين کي سڌيون ڌمڪيون موڪلين ٿا. "سياڻو پيراڍو (پيري) ڏوهارين کان ڍور ڍڳا يا پنج روپيا بہ ائين نہ وٺندو جيئن شريف شهري هيروئنين کان ڪا شيءَ نہ وٺندا آهن، باقي چانهہ پاڻي يا پاڙي ڪرائي وغيرهہ جا پيسا پاڳين کان وٺندا آهن، چورن کان ڪجهہ نہ وٺندا آهن." لاڙڪاڻي ۾ پيرين جي هڪ سنگتيءَ ٻڌايو. ٻهراڙين جي اڪثر ماڻهن جو خيال وري ان همراهہ جي راءِ ابتڙ آهي. هو چون ٿا تہ اڄڪلهہ پيري ڏوهارين سان مليل يا ڏوهارين تي ڪک رکندڙ ٿي پيا آهن، ڪجهہ پيري تہ اهڙا لالچي بہ ٿي پيا آهن جو پاڳين کي نپوڙي انهن وٽان مختلف بهانن سان پيسا ڪڍڻ ڪانسواءِ ڏوهارين جي نشاندهي نٿا ڪن ۽ صرف اهو چوندا رهن ٿا تہ"اجا ڳالهہ سمجهہ نہ ٿي اچي."

پير سڃاڻڻ تڏهن هڪ لحاظ سان فنگر پرنٽ جي ماهرن کان بہ ڏکيو ڪم ٿي پوي ٿو جڏهن پيري بنا ڪنهن جديد اوزارن جي مدد جي، پيرن کي ڏسي ڏوهاري سڃاڻي وٺي ٿو. پيرين جي گهٽائي پير جي بيهڪ يعني آڱوٺي کي ڏسي يا پٻ کي ڏسي ۽ ڪڙي رکڻ جي انداز کي ڏسي سڃاڻن ٿا تہ هي ڪنهنجو پير آهي؟ جڏهن تہ پيرن جي مفاصلي (وک کڻڻ جي انداز) کي بہ پيرين وٽ وڏي اهميت حاصل آهي ڇو تہ پيرين موجب وک کڻڻ جو انداز هر ماڻهو جو مختلف آهي ۽ ڏوهاري ڪيڏي بہ ڪوشش ڪري هو پنهنجي پير رکڻ جي انداز کان وٺي وک کڻڻ واري اسٽائيل تائين سموريون شيون لڪائي نٿو سگهي. ذهين پيرين جي ذهن ۾ جڏهن ڪنهن مخصوص ماڻهوءَ جي پير جو نقشو چٽجي وڃي ٿو تہ اهو پير اگهاڙو هجي يا ڪيس بوٽ پاتل هجي پر ان پير کي پيري هر لباس ۾ ۽ هر جڳهہ تي سڃاڻي وٺندو.

پيرين جي اڪثريت اڻ پڙهيل هجي ٿيءَ هو زرعي شعبي سان لاڳاپيل هجن ٿا. هن وٽ ڏوهارين جي مخصوص اندازن ۽ ادائن بابت ڪي فائل پريل (رڪارڊ نهيل) ناهن، جتان هو مدد وٺندا هجن ۽ نہ ڪا اڪيڊمي ڪين تربيت ڏئي تيار ڪري ٿي. "هي سڄو چڪر



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

دل دماغ جو آهي، جيئن ڳالهه دماغ ۾ ويهندي ويندي، تيئن ان جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو.“ گهوٽڪيءَ جي هڪ پيريءَ ٻڌايو.

سنڌ جي سمورن ضلعن اندر تمام ٿورن پيرين کي پوليس ۾ سپاهي طور ڀرتي ڪري ڪائنن پيرا کڻڻ ۾ مدد ورتي وڃي ٿي ۽ اهي عام سپاهين واري ڊيوٽيءَ کان آجا آهن. جڏهن ته خانگي طور پيرا کڻندڙ پيري پنهنجي پيٽ گذر لاءِ مختلف ڪم ڪار پڻ ڪندا رهن ٿا. انهن پيرين کي ياڳيا ڪڏهن ڪڏهن چوري واپس ملڻ جي خوشيءَ ۾ ڪجهه ڏوڪڙ منائي طور ڏين ٿا نه ته ٿيا خير. جو ته انهن خانگي پيراڏن (پيرين) سان ڪا به اڳواٽ في ڳالهائي پيرا نه ڪٽايا ويندا آهن پر اڪثر ڪري پيري ڪميونٽيءَ جي مدد خاطر پيرا ڪڻن ٿا.

جيتوٽيڪ سنڌ جي سمورن ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ پيري موجود آهن پر انهن کي شڪايت آهي ته نوجوانن ۾ تمام ٿورڙاچوڪرا اهو فن سکڻ طرف ڌيان ڏين ٿا. انهي بي ڌيانيءَ سبب پيراڊوءَ يا پيرا کڻڻ جو فن ڏينهون ڏينهن پوئتي پيو وڃي. ان ڏس ۾ هڪ سينئر پوليس عملدار ايس ايس پي بشير ميمڻ جو چوڻ هو ته ”ٻهراڙين ۾ ڏوهارين کي لغام ڏيڻ لاءِ پيرا کڻندڙن جو نيٽ ورڪ مضبوط بڻايو وڃي ته ڏوهن تي قابو پائڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿي پوندي، جو ته جديد زمانن ۾ به پوليس کي پيرين جي سخت ضرورت آهي.“

ٻهراڙين جا ڏوهاري پڪي روڊ سا گهٽ هلندا آهن ۽ جيڪڏهن پڪي روڊ سان هلندا به ته ڪٿي نه ڪٿي هو ضرور هيٺ لهندا.ڏوهاري اڪثر سنسان رستا يا روڊ وٺندا آهن جتان پيرين جي مدد سان سندن سڃاڻپ يا نشاندهي ٿي سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ پنجن کان وڌيڪ پيرين سان ڪيل ڪچهرين مان معلوم ٿيو ته سرڪار خاص ڪري پوليس جو پيرا کڻندڙن ڏانهن ”وقت آهر ڪم ڪڍڻ“ وارو رويو آهي ۽ ان فن سان لاڳاپيل ماڻهن جي ڪا مالڪي يا پنيرائي عملي طور نٿي ڪئي وڃي.انهن پيرين جو چوڻ هوته جيڪڏهن سنڌ سطح تي پيرا کڻندڙن جو ڪو نيٽ ورڪ جوڙيو وڃي ته سندن علم ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو ۽ هڪ ٻئي سان ملي اهو سڃاڻي سگهندا ته لاڙڪاڻي جي ڏوهاري ۽ سانگهڙ جي ڏوهاريءَ جي طريقه واردات ۾ ڪهڙيون هڪجهڙايون آهن ۽ هڪٻئي کي ڄاڻ ڏئي پيري پنهنجي اها خامي به ڪڍي سگهن ٿا ته ”هڪڙو پيري صرف هڪ مخصوص علائقي جي ڏوهارين جا پير سڃاڻي سگهي ٿو.“ اڳوڻو پيري غلام رسول جتوئي چوي ٿو:


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”پيريءَ جو سڄو ڏيان پيرن تي هوندو آهي ته کھڙي ماڻھو جا پير ننڍا يا کھڙي جا وڏا آهن، سندس گھمڻي سڌي آهي يا ڦڏي. آڱريون ننڍيون اٿس يا وڏيون.“ اهڙو اظهار لاڙڪاڻي جي اڳوڻي پيري غلام رسول جتوئي مون سان ڳالھائيندي ڪيو. سندس چوڻ هو ته اڳ ۾ پير ڏنل يا ڪنيل هوندس ته پيري ڏوهاريءَ ڪي سڃاڻيندو پر جي اڳوات ڏنل نه هوندس ته شڪي ماڻھن جي ”پيرا پيٽي“ ڪري ڏوهاري سڃاڻي وٺندو. جهوني غلام رسول جتوئي 18-19 سالن جي عمر ۾ ئي تڏهوڪي مشهور پيري بهاول جي شاگرد ڪان سکڻ شروع ڪيو. سکيا دوران ڪنهن جي به واردات ٿئي پر هي ساڻن شوق ۾ گڏ گڏ هلندو هو. ان دوران ڪيس استاد ٻڌائيندو هلندو هو ته پير هتان گم ٿيو آهي ته هتان نڪرندو. هو چوي ٿو ته چور اسان جون مينهون ڪاهي درياءَ تي ويا پر اسان پيڙا کڻي سندن گهرن تائين پهتاسين. هن چيو ته جيئن پاڳيو کير پيئڻ شرط پنهنجي مينهن سڃاڻيندو. ائين ئي پيري به پير ڏسڻ شرط ڏوهاري سڃاڻيندو. غلام رسول ڏھ سال لاڳيتا پيرا کنيا پر جڏهن هڪ واردات ڪان پوءِ چور وٽس قرآن کڻي آيا ته هو ڏوهي ضرور آهن پر ڪين ظاهر نه ڪري. ائين ئي چورن جي وڃڻ کان پوءِ اها عورت به وٽس قرآن کڻي آئي، جنهن جي چوري ٿي هئي ته غلام رسول پيرا کڻڻ وارو ڪم ئي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ۽ گذريل ڪيترن ئي سالن کان هو پيرا نه کڻندو آهي، هاڻي هو نظاماڻي ليبر هال لاڙڪاڻي تي چوڪيدار آهي. هو چوي ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن پيراڊو به چورن تي ڪک رکي ويندا آهن. ان عيوض چور به سندس خيال رکندا آهن. پر ڪجھ پيري پير سڃاڻڻ جي باوجود پوءِ يا مصلحتن سبب پير وڃائي چوندا آهن ته ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي. پر ڪجھ پيري به اهڙا آهن جيڪي چورن جو رک رکاءُ نه ڪندا آهن، پھريان چور کي چوري واپس ڏيڻ لاءِ چوندا نه ڏيڻ جي صورت ۾ پوليس کي نالا ٻڌائي ڇڏيندا آهن. هو چوي ٿو ته پيرا کڻڻ وارو پيراڊو اڪثر اڪيلو ئي پيرا کڻندو آهي پر ڪجھ شاگرد ساڻس گڏ هوندا آهن. هو صبح جو سوير مال ۽ ماڻھن جي نڪرڻ کان اڳ ئي پيرا کڻڻ کي بهتر وقت سمجهي ٿو.

هو چوي ٿو ته روڊ تي ماڻھن جا پيرا ته نٿا سڃاڻي سگھجن پر مال جو پير روڊ تي به کڻي سگھجي ٿو جو ته ڍور ڏھن پندرهن منٽن جي پنڌ کان پوءِ ڇيڻو ضرور لاهيندو ۽ اهو ڇيڻو ٻڌائيندو ته ڍور کي ڪيڏانهن نيو پيو وڃي؟ ڇيڻي مان اها به خبر پوندي ته ڍور ڇا کاڌو آهي؟

سرڪاري پيري الاهي بخش سومرو چوي ٿو:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

”هي فن فيلڊ ۾ سڪي سگهجي ٿو. پوليس وارن جو هن طرف لاڙو گهٽ آهي.“ گهوٽڪيءَ جو سرڪاري پيري الاهي بخش سومرو نديپڙ ۾ پنج درجا پڙهي جڏهن ڇهين ڪلاس ۾ پهتو ته مائٽن ڪيس مال سان موڪلڻ به شروع ڪيو، ڪين سئو ڪن ٻڪرين جو ڌڻ هوندو هو پر ساٿن چورن جو وڏو آزار هوندو هو. سندن ٻڪريون ٽڪريون ٽڪريون چوري ٿينديون هيون. ”اسانجو چاچو هوشيار هو، ان ئي اسان کي پيرا ڪڻڻ سيکاريو. جڏهن اهو فن سکي پياسين ته اسانجون ٻڪريون ٻيلي ۾ ٽن ڏينهن تائين پيون چرنديون هيون پر چور نه ڪاهيندا هئا.“ چاليهه سالن جي الاهي بخش ٻڌايو. جيڪو هاڻي سرڪاري پيريءَ طور پوليس ۾ ڀرتي ٿيل آهي. هن هڪ واقعو ٻڌائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ مان هڪ پيري ڍاند چورائجي ويا، پيرو ڪڍي وڃي چورن جي در تي پهتس، جيڪي پيءُ ۽ پٽ قرآن پاڪ جا حافظ هئا. همراهه کي چيم ته ”چور تون آهين“ موٽ ۾ هن وراڻيو ته ”مان تراويحون پڙهائي آيو آهيان.“ نيٺ اسان جي ضد کان پوءِ هن چوري واپس ڪئي. الاهي بخش سومرو جڏهن علائقي ۾ ٺورو مشهور ٿيو ته مقامي پوليس ڪيس ٿاڻي تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ ٻن سالن تائين هو بنا پگهار جي روزانو رات جو ٿاڻي تي اچي ڪم ڪندو رهيو. جڏهن ٿاڻي تي نه ايندو هو ۽ ڪو ڏوهه ٿي ويندو هو ته پوليس ڪيس ڳوٺان وٺي ايندي هئي. ايتري خدمت جي باوجود هن جڏهن پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ جي خواهش ڏيکاري ته شيٽ ڪلارڪ ڪانئس پنج هزار روپيا رشوت طور گهريا. غريب پيريءَ پنج هزار رشوت ڀرڻ بدران هڪ رٽائرڊ پوليس عملدار فضل محمد خان هٽان سکر جي ڊي آءِ جي کي سفارش ڪرائي، جنهن ڪيس ڀرتي ڪرايو. هاڻي 1991ع کان وٺي هو سرڪاري پيريءَ طور ڪم ڪري رهيو آهي، ڪيس عام سپاهين جيترو پگهار ملي ٿو. وڏو ڪيس پڪڙجي پوڻ وقت ڪيس ڪجهه غير سرڪاري انعام به ملي ٿو. الاهي بخش پنهنجي فن بابت چوي ٿو ته ”ڏوهارين جا ويندڙ پير ڏسڻ سان گڏ ايندڙ پير به ڏسندا آهيون ته اهي پير ڪٿان آيا آهن؟ ڏوهاري هميشه ڏوهه ڪرڻ بعد ٽيهه چاليهه قدم پنهنجي گهر طرف رخ ڪندو ۽ بعد ۾ پير وڃائيندو آهي، پر ماهر پيري اهو ڏسندا آهن ته ڀريان پير ڪبو (ڪابو) ٿو ڪڍي يا سڄو (ساڄو) وڪ ڪيتري اٿس؟ ان وڪ تي به ڏوهاري سڃاڻجي پوندو آهي. هڪ هڪ شيءِ کي ڏهه دفعا ڳوليندا آهيون“ هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڏوهاري ڪوشش ڪري مٽي يا دز ۾ پير نه ڏيندو، پڪي زمين، روڊ، ٻني، چبر يا ڊين ۽ مال جي ڇيڻي تي پير رکندو ويندو. ڪي ڪي ڏوهاري پاڻي ۾ هلندا يا ترندا ويندا آهن، پوءِ اسان به پارٽيون تشڪيل ڏئي واهه جي ٻنهي پاسن کان ڳوليندا آهيون ته پاڻي مان نڪري ڪٿان ٿو؟ ڀراڙين ۾ واردات ٿيڻ کان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

پوءِ ترت پير ڪنهن تغاري يا ڪاري سان ڍڪيا ويندا آهن ته جيئن انهن کي هوا نه لڳي ۽ نه ئي ڪو جيت گهمي وجي. الاهي بخش چوي ٿو ته صحيح طريقي سان نه ڍڪڻ سبب پيرا جلد ضايع ٿي ويندا آهن پر جيڪڏهن صحيح ڍڪيل هوندا ته هفتيءَ تائين پيريءَ کي خبر پئجي ويندي.

هو چوي ٿو ته پيري جاسوسي ڪتن کان به وڌيڪ هوشيار آهن آپريشن دوران جڏهن فوجي جاسوسي ڪتن جي مدد سان ڌاڙيلن پويان ويندا هئا ته ڪتا ٻين ماڻهن جي گهرن ۾ هليا ٿي ويا جنهن سبب گهڻو نقصان پي ٿيو. هن ٻڌايو ته اسان برسات وسندي به پيرو ڪنيو. واهه جي ڪناري لڳل وڻن جي هيٺان پيرا ڏسندا وجي چورن تائين پهتاسين. هو چوي ٿو ته پيرو ڪڻڻ لاءِ رات جو وقت موافق آهي، باقي پيري ڏوهارين سان مليل ناهن هوندا.

وڏين وڏين وارداتن ۾ اعلىٰ عملدار به گڏ هوندا آهن پر اهي پيرين جا محتاج هوندا آهن. الاهي بخش موجب پوليس وارن ۾ عام طور پيرا ڪڻڻ وارو فن سکڻ جو لاڙو گهٽ آهي. جيڪو ڏيان ڏيندو، اهو ئي سکي سگهندو. هي فن سکڻ لاءِ ڪو ادارو ناهي، هي فن فيلڊ ۾ ئي سکي سگهجي ٿو. ڪجهه پيراڊو مصلحتن ۽ پوءَ سبب ٽتائيندا آهن ته ڪين ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# سنڌ : جتي محبتن کان محروم ٻار رهن ٿا!

ان رات قمبر پرسان معصوم مريم جي دل گهڻو روئڻ تي چيو هو جنهن رات سندس پنجاهه سالن کي پهتل پيءُ وران کي خضاب ۾ ڪارو ڪري سندس عيوضو ڏئي ٽين شادي ڪري آيو هو. ڇهن مهينن کان پوءِ مريم جي شادي به نقلي ٻنيهي وات ۾ وجهندڙ اهڙي ئي هڪ پوڙهي سان ٿيڻي آهي. مريم جي عمر ڇا هئي، اها ته ڪيس به خبر ناهي پر هو جاهل پيءُ جي نظرن ۾ بالغ ٿي چڪي آهي.ڪيس رڍن جو هڪڙو ڌڻ ٻين گهر پاتين سان گڏ چارڻو هوندو آهي. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ سبب ڪيس سوير ئي ننڊ اچي ويندي آهي. پر ان رات ڪيس ننڊ دير سان آئي ۽ هو پنهنجي ڪٽ کان ڪجهه پريرو ڪليل اڱڻ ۾ پيبل ان ڪٽ ڏانهن تڪيندي رهي جتي سندس پيءُ سندس نئين ماءُ سان ستل هو. ويهين جون اچي گذري به ويئي پر مريم جهڙن ڪيترن ئي ٻارن کي خبر به نه پئي ته اهو ”فادرز ڊي“ هو. اهڙو خاص ڏينهن جيڪو پيءُ جي شفقت، تربيت، پيار ۽ ڌنل ڌيان کي ڪو هلڪو ئي صحيح پر خراج پيش ڪرڻ جو ڏينهن هو. اهو خراج معصوميت مان پيءُ جي ڳل تي ڌنل چمي ۽ ڪنهن سرپرائيزنگ ڪارڊ جي صورت ۾ به ٿي سگهي ٿو. ”نندي عمر ۾ ئي هوٽلن ۽ گيرئجن ۾ ڌڪا ۽ چنبا ڪائيندڙ ٻارڙن کي ڪهڙي خبر ته پيءُ جي شفقت به ٿيندي آهي“ لاڙڪاڻي جو هڪ ڪاوڙيل نوجوان چئي ٿو، ”بدقسمتيءَ سان هتي عورت کي ٻار ڄڻڻ جي مشين ۽ مرد کي ان مشين جو اهڙو مالڪ سمجهيو وڃي ٿو جيڪو مشين جي پيداور وڪڻڻ جو حق رکي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن خود مشين کي ئي وڪڻڻ يا پيچي پرزا پرزا ڪرڻ جو به اختيار رکي ٿو“. ان نوجوان جي راءِ سان پيلي ڪٽي سهمت نه ٿجي پر هر گهٽي ۽ هر ڪم واري جاءِ تي ملندڙ ”ڇوٽوئن“ کي ڏسي آخر توهان ڪهڙي راءِ قائم ڪندا؟

دنيا جي بدنصيب خطن مان سنڌ به اهڙو هڪ خطو آهي جتي والدين خاص ڪري والد اولاد کي پيسن ڪمائڻ جي مشين سمجهي ٿو. ”مون کي خبر آهي فادرز ڊي جي، پر مان پنهنجي ان پيءُ جو ڪهڙو ٿورو مڃيان جنهن مونکي ميٽرڪ به پاس ڪرڻ نه ڏني، نه ڪمائڻ تان مار ڏني ۽ گهر بدر ڪري ڇڏيو“ ڪراچي جي هڪ گارمينٽ فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ دادوءَ جو نوجوان چوي ٿو. ”مان پرائمري پاس ڪري ويني هيس، انگريزي پڙهڻ لاءِ پيسا گهريم ته هن کي الاءِ ڇا ٿي ويو گهڻو بدشد ڳالهائي امان ۽ مون کي چوي ٿي، جنهن ٽن ڪپڙن ۾ نڪري اچي ان ماستر سان شادي ڪئي هئي.“



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سنڌ ۾ اخلاقي قدرن ۽ رشتن جي تقدس ٽٽڻ واري موسم هزارين ٻارن وٽ آئيڊيل پيءُ ڇا پر آئيڊيل پيءُ جو تصور بہ مشڪل سان آهي. شهرن ۾ جيتوڻيڪ تعليم جي حوالي سان چيو وڃي ٿو تہ صورتحال بهتر آهي پر انهن ٻارڙن ڪان ڪير پيءُ جي دهشت جا داستان ٻڌي جيڪي روزانو پنهنجي بلوغت واري عمر ۾ پنهنجي مائرن ڪي مارون ڪائيندي ڏسن ٿا. اهڙن دهشت ڦهلائيندڙ پيئرن ڪي ”پرفيڪٽ ورلڊ“ فلم ڏيکارجي جنهن ۾ هڪ عادي ڏوهاريءَ جي بہ اخلاقيات ايتري بلند آهي جو هو ڪيس پناه ڏيندڙ شخص سان بہ انڪري وڙهي پوي ٿو جو اهو پنهنجي پٽ ڪي سڀاجهڙن سنڌين وانگي ڳالهہ ڳالهہ تي چماٽ وهائي ٿو ڪڍي. ”اهڙا پيئر جيڪي پنهنجي ٻارن ڪي شفقت نہ ٿا ڏئي سگهن سي موٽ ۾ اولاد ڪان معصوم مرڪ واري محبت نہ پر پيسا طلبين ٿا. انهن پيسن خاطر ئي هو ننڍي عمر ۾ ڪين هوٽل مالڪن، گيراج مسترين ۽ بداخلاق ڊرائيورن جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا“ خيرپور جو هڪ استاد چوي ٿو. پنهنجي پٽ ۽ ڌيءُ ڪي سمر وئڪيشن لاءِ ڪراچي وني ويندڙ شڪارپوري سيٺ جي ڪار جڏهن لکي پرسان پهچي ٿي تہ سندس نظر رڍن جي ڌڻ سان بيٺل هڪ اهڙي ٻارڙيءَ تي پوي ٿي جنهن جي پيرن ۾ ڪا چپل بہ ناهي ۽ جون جي تپيل ڌرتي تي پيرن جون تريون بچائي هلڻ جي ڪوشش ۾ هوءَ سڄي ٻيٺي ٿي وڃي ٿي، تہ هو ايئر ڪنڊيشنڊ ڪار ۾ اڪيون ٻوٽي توبهہ ڪري اڳتي نڪري وڃي ٿو. هن شايد ئي اکيون ٻوٽي اهڙن ٻارڙن جي باري ۾ سوچيو هجي جن جي ڪا وئڪيشن ئي ناهي ٿيندي. هو اسڪولن ڪان واندا ٿيندا آهن تہ مال چاري وهي آيل واهہ ۾ وڃي وهنجندا آهن ۽ بدن تي مٽي صابڻ جيان مليندا آهن، اها ئي سندن سمر هاليڊي آهي.

پير ڳوٺ ڪان موٽندي فيض واهہ جي ڪناري لڳل وڻ تي چڙهي وينل ڇوڪر ڪي ڏسي اندازو لڳائڻ مشڪل آهي تہ سياڻي جو وڏو بيورو ڪريٽ ٿيندو يا وڏو ڌاڙيل. ”ڀهراڙين ۽ شهرن ۾ ٻارڙن جي تربيت جو ڪو تصور ناهي، وقت جي ويرن تي انهن ڪي ڇڏيو وڃي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو پڙهيل لکيل ڀهراڙين جا ٻار سي ايس ايس پاس ڪري ويندا آهن ۽ پڙهيل لکيل مائٽن جو اولاد بہ ڪنهن گهر گهاٽ جو نہ رهندو آهي“ نوابشاه جو هڪ ريٽائرڊ پروفيسر چوي ٿو. سنڌ ۾ اڃان تائين تہ اهو حساب نہ لڳايو ويو آهي تہ ڪيترا ٻارڙا پنهنجو ننڍپڻ وڃائي مزدوري ڪرڻ لڳن ٿا، پر دنيا اهو تلهي ليکي حساب رکي ٿي. جنيوا ۾ تازو انٽرنيشنل ليبر آرگنائزيشن جي ٿيل سالياني اسيمبليءَ ۾ ٻڌايو ويو تہ پنجن ڪان چوڏهن سالن جي عمر وارا ڪوارٽر بلين ٻار دنيا ۾ ڪنهن نہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪنهن قسم جو ڪم ڪن ٿا، اهڙن مزدور ٻارن جو 61 سيڪڙو ايشيا ۾ ڪم ڪري ٿو، جڏهن ته آفريقا ۾ 32 سيڪڙو ۽ لاطيني آمريڪا ۾ 7 سيڪڙو ٻار ڪم ڪن ٿا. ان موقعي تي ايمنسٽي انٽرنيشنل جي واچ ڊاگ ٻڌايو ته 18 سالن کان گهٽ ڄمار وارا ٿي لک ٻار مختلف جاين تي ٿيندڙ فسادن ۾ وڙهي رهيا آهن. ”آءِ ايل او يا ايمنسٽي انٽرنيشنل پلي ڪٽي ڪهڙا به اپاءَ وٺي پر جيستائين غربت ختم نه ٿيندي ٻارڙن جا حق غضب ٿيندا رهندا“ حيدرآباد جو دانشمند نوجوان چڻ ته اڳوٽي آمريڪي صدر جمي ڪارٽر سان سهمت ٿئي ٿو پر سنڌ اندر ٻارڙا جاهل سيٺين ۽ مالڪن هٿان گهڙيءَ گهڙيءَ بي عزتو ٿين ٿا. اهڙن مائٽن وٽ ٻارن جي تربيت جو ڏاڍي منهن جي پڪائي وارو فارمولا آهي، ”ٻارن جي به ڪا عزت ٿيندي آهي ڇا؟ ٻار ننڍي لاءِ (ننڍپڻ) کان ئي ٺڪ چنبي ۾ هوندو ته سڌرندو نه ته اڌرجي ويندو. باقي رهيو خوارڪ جو سوال، ته رزق مالڪ جي هٿ ۾ آهي، ٻارن کي به ملي پوندو !“ شڪارپور جو چرسي ڊرائيور ۽ پنجن ٻارن جو پيءُ ائين چئي چڻ ته پنهنجي ڪلهن تان ذميواري لاهي ڇڏي ٿو.

اڄ جڏهن دنيا ۾ چائلڊ ليبر، چائلڊ رائٽيس ۽ چائلڊ رپورٽنگ تي سيمينار ٿي رهيا آهن. جڏهن سڌريل گهراڻن جا ٻارڙا پنهنجي پيئرن کي فادرز ڊي تي ”ٿئنڪ يو“ ۽ ”لو يو“ جهڙا ڪارڊ موڪلين ٿا تڏهن معصوم عمرين ۾ ئي اونداهين ۾ اڇليل سنڌ جا ٻارڙا ”اي خدا ميري ابو سلامت رهين“ وارا اشتهار به ڏاڍي تعجب پريل نظرن سان ڏسن ٿا ۽ احساس ڪمتريءَ ۾ هليا وڃن ٿا. هو ان وقت اهو ضرور سوچيندا هوندا ته اهڙا ”ابو“ ڪٿي ٿا ملن، جيڪي سندن لاءِ گهاٽي ٻڙ جي ڇانو بنجن، نه ڪي گهر جي ڏرتي مٿن ٿامون ڪري ڇڏين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# جيڪب آباد جا رهجي ويل رف نوٽس

گهڻي عرصي کان پوءِ ٿيل مڪاني چونڊن ۾ ماڻهن جي دلچسپي ڪاست ٿيل ووٽن جي شرح کان به گهٽ رهي. ان ڪري چونڊ مهمن ۾ اهو ڇهڇٽو ڏسڻ ۾ نه آيو جيڪو روايتي بلدياتي چونڊن وقت ٿيندو آهي. جڏهن هر شهر ۽ هر گهٽيءَ جو رنگ ئي الڳ هوندو آهي. جيتوڻيڪ هاڻي به اڃي متي وارو الاهي بخش سومرو دعويٰ ڪري ٿو ته جيڪب آباد جي ضلعي حڪومت مان ۽ مقيم ناهيندا سين پر جيڪب آباد تي راڄ ڪندڙ احمد ميان سومري جو پٽ محمد ميان سومرو بڻيل آهي. سرڪاري پروٽوڪول ۽ بريفنگس تي ايندڙ گورنر محمد ميان کي جيڪب آباد جا ماڻهو هروڀرو به اهڙي ڪا پنجهائپ مان ڪونه ٿا ڏسن جهڙي پنجهائپ سان هو پنهنجون درخواستون احمد ميان ڏي لاهور به کڻي ويندا هئا ۽ هو ڪين اهي دڙڪا ڏئي موٽائيندو هو ته پيسا گهڻا ٿيا اٿو جو لاهور جا پنڌ ٿا ڪريو. پنهنجي گهران ڪين ناشتا ڪرائي اها آٿت ڏيندو هو ته هو سندن ڪم ڪرائي پوءِ جيڪب آباد ايندو. ان وقت هو قانونساز اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر هو. احمد ميان جيڪب آباد جو پهريون بار ايٽ لا سياستدان ته هو پر هن پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ميونسپل جي صدارت کان شروع ڪئي. تازين چونڊن ۾ جهونن جيڪب آبادين کي احمد ميان ان ڪري به ياد آيو جو چونڊن ۾ احمد ميان جهڙي هوشياري ڪنهن نه ڏيکاري. احمد ميان جي دؤر ۾ رات جو ٽين وڳي کان شهر جي صفائي شروع ٿيندي هئي ۽ صبح تائين شهر جا رستا ۽ ناليون جرڪندا هئا. رات جو اسٽريٽ لائيٽ به ٻرندي هئي. سيمينٽ بجري جا روڊ به هن ئي ٺهرايا هئا پر جيڪب آباد کي پنهنجي جاگير به احمد ميان ئي بڻايو، جنهن پنهنجا بورچي ۽ جمعدار به ڪائونسلر بڻائي ڇڏيا. هاڻوڪين چونڊن ۾ شايد ئي اهڙو ڪو ڪائونسلر ٿيو هجي جيڪو صفائي ڪندڙ عملي (ينگين) مان هجي. احمد ميان عيدو جمعدار کي ڪو غريبن سان محبت سبب ڪائونسلر جو اميدوار نه بيهاريو هو پر ڪائونسلر جي اميدوار سردار نور محمد ڪولو کي مقابلي ۾ هن چوڙري عيدو کي پنهنجو اميدوار بيهاري ڇڏيو. ايوب خان جي دور ۾ ٿيندڙ انهن بلدياتي چونڊن عرف بي ڊي چونڊن کي عام ماڻهو ٿي بي چوندا هئا. جنهن گهر گهر ۾ جهيڙا وجهرايا هئا. گولن جي سردار سامهون بينل چوڙري عيدو بروچڪو پٽڪو ٻڌي ٻانهن لوڏي هلڻ شروع ڪيو. ينگين جي ڪالوني وٺان ٻهاريون کڻي سندس ووٽر جلوس ڪيندا هئا ۽ ووٽ ڪا حقدار عيدو جمعدار جا نعرا هڻندا شهر جو گشت ڪندا هئا. گولن جي سردار نور محمد اثر رسوخ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هلائي عيدو سان جڏهن مذاڪرات ڪري ڪيس هٿ ڪڻ لاءِ چيو ته همراهه اصل مجيو ئي ڪونه، ڪين جواب ڏيئي آيو ته ”هماري بهت ساري ووٽ هين اور هماري عجت ڪا سوال هي.“

اليڪشن واري رات عيدوءَ جون پيٽيون (بيلٽ باڪس) چورائجي ويون. جنهن جو الزام مخالفن تي آيو. هاٿوڪين چوندن ۾ ته اميدوارن ڪي ٻيا خفا ڪرڻا پيا هجن پر پيٽيون ته ڪيس سرڪاري مليون. جڏهن ته عيدو جمعدار واري دؤر ۾ اميدوار ڪي پنهنجا بيلٽ باڪس پاڻ نهرائڻا پوندا هئا. اميدوار ڪاني جون 2 ٻاءِ 2 جون پيٽيون نهرائي انهن مٿان پنهنجو نشان پينٽ ڪرائي هر پولنگ اسٽيشن تي رکندا هئا. اهڙيون اڳواٽ تيار ڪرايل عيدوءَ جون پيٽيون چوري ٿي ويون. بلدياتي چوندن جي جيڪب آباد جي وڏي ڪلاڙيءَ احمد ميان هڪ پڙهيل لکيل وڪيل احمد خان جمالي سامهون پنهنجو گهرو نوڪر بچل بورچي بيهاريو. احمد خان جمالي بعد ۾ پ پ جو ضلعي صدر ٿيو پر انهن چوندن ۾ سومرا محلا جي ڪائونسلري تان وڪيل ڪان احمد ميان جو بيهاريل بچل بورچي ڪٽي ويو ۽ ميونسپل جو ڪائونسلر بڻجي ويو. وڪيل احمد خان جمالي جي زال جي مقابلي ۾ سومري پنهنجي نوڪرياڻي ڪامياب ڪرائي. شايد هن پنهنجي ڪائونسلرن ڪي نوڪرن جيان رکڻ پيو چاهي يا نوڪرن ڪي ڪائونسلر ڏسڻ پيو چاهي.

ميونسپل جو پريزيڊنٽ رهڻ دؤران هن شهر ڪي ايترو ته خوبصورت بڻايو جو خيرپور ڊويزن اندر شهرن جي صفائي واري مقابلي دؤران جيڪب آباد ڪي گولڊ ميڊل مليو. ٻه شاديون ڪرڻ جي باوجود صفائي ڪندڙ عورتن ۾ دلچسپي وٺندڙ احمد ميان ڪي آخري ڏينهن ۾ غرور اچي ويو. جنهن ڪري 70ع ڌاري هن در محمد اوستي ڪان اهڙي شڪست کاڌي جو جيڪب آباد ئي ڇڏي ويو. مخالف اميدوار محمد اوستي ڪيفي ايران وارو اشو ڪٽي احمد ميان ڪي آئوٽ ڪري ڇڏيو. جتي هاڻي جيڪب آباد جي پريس ڪلب آهي. ان جاءِ تي احمد ميان جي سالي جو هوٽل ڪيفي ايران هوندو هو جنهن لاءِ در محمد اهو مشهور ڪيو ته اهو پلاٽ ميونسپل جي مسجد جو هو جيڪو احمد ميان پنهنجي سالي ڪي الاٽ ڪيو آهي. وعدي جي پڪي ۽ اصول پسند طور مشهور احمد ميان ڪي ان اسڪينڊل ڊاهي وڌو ۽ چوندون هارائڻ ڪان پوءِ هن جيڪب آباد شهر ئي ڇڏي ڏنو. سندس زال سعيده بيگم ڪڏهن ڪيڙا غريبن ۾ مفت ورهائڻ ائين ايندي آهي جيئن سندس پٽ محمد ميان پئنجائت واري ٻارهن سؤ ايڪڙ زمين جو حساب وٺڻ ايندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هندو پنجائت جي اها زمين محمد ميان جي هٿن مان وڃڻ واري هئي پر هن جو ڀاڳ ڪليو ۾ گورنر ٿي ويو.

هاٽوڪين چونڊن دوران جيئن جيڪب آباد جي سين تان احمد ميان ۽ سندس اليڪشني چرچا غائب رهيا تيئن ئي جيڪب آباد جو باغي ڪردار لالي منو به غائب رهيو. ترڪي ٽوپي پائيندڙ نبي بخش سرڪي عرف لالي منو اصل هيو ته صحافي پر هو سماجي ناانصافين خلاف اخباري ڪالمن کان ٻاهر نڪري به احتجاج ڪندو هو. اتحاد پرنٽنگ پريس مان اتحاد اخبار ڪڍندو هو جيڪا پهريان هفتيوار پوءِ ته روزا ۽ آخر ۾ روزنامه ٿي. سندس خصوصيت اها هئي ته هو ڪجهه معاملن تي گهنڊ ڪٽي شهر جي چوڪ تي اچي احتجاج رڪارڊ ڪرائيندو هو. اهو گهنڊ سندس پريس ۾ پيل هوندو هو. هڪ ڀيري جڏهن ڊي سي طرفان اٽي مهانگي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو ته لالي مني پنهنجي اخبار ۾ ان سرڪاري فيصلي مٿان چِتي تنقيد ڪئي. جنهن تان ناراض ٿي ڊي سيءَ سندس اخبار بند ڪرائي ڇڏي ته لالي منو گهنڊ ڪٽي شهر جي چوڪ تي اچي ويو ته ”ڊي سي تون اخبار بند ڪرائي سگهين ٿو. منهنجو وات بند نٿو ڪرائي سگهين.“ ان چوڪ تي بيهي هن سرڪاري فيصلي تي تنقيد ڪئي. تڏهوڪي صدر ايوب خان خلاف هن هڪ پمفليٽ ”شرم شرم“ جي عنوان سان پنهنجي پريس مان سنڌي اردو ۾ ڇپرايو. اهو پمفليٽ شايد ايڏو پر اثر نه ٿئي ها پر ذوالفقار علي ڀٽي اچي اهو پمفليٽ لالي مني جي اتحاد پريس ۾ ڏنو ۽ سرڪار ٻئي ڏينهن پريس سيل ڪري ڇڏي. لالي منو جڏهن بلدياتي چونڊن ۾ احمد ميان سومرو جي اميدوار سامهون بيٺو ته ڪيس ڌمڪيون ملڻ شروع ٿيون. پر هو مرد مجاهد نه مڙيو، جنهنڪري سومري جي وانن پريس اندر سٽل لالي منو جا بيلٽ باڪس(ڪاني وارا) به ڪنيا ۽ سندس منهن تي ڪارو رنگ به هاري ويا. جيڪب آباد ۾ آزاد صحافت تي احمد ميان جي چاڙتن جو شايد اهو پهريون حملو هو. جيڪب آباد جو هاٽوڪو سينئر صحافي شاهمراد ٻڌائي ٿو ته ان ڏينهن ۾ گهنڊ ڪٽي لالي منو جڏهن ڪاشي رام پل تي اعلان ڪرڻ آيو ته سندس منهن ڪارو ٽيل هو پر هن اهو منهن نه لڪايو نه هو. ڪاشي رام پل تي گهنڊ وڄائي ماڻهو ميڙي هن اعلان ڪيو ”ڏسو ڏسو شهر وارو ظلم سان جهاد ڪرڻ جو نتيجو ڏسو، احمد ميان ڌمڪائڻ خاطر ائين ڪيو آهي ۽ منهنجون پيٽيون (بيلٽ باڪس) به ڪٽائي ويو آهي.“ وڏن ماڻهن جي ننڍڙي شهر جيڪب آباد ۾ هاڻي ته ڳولهئي به ڪو لالي مني جهڙو ڪردار نٿو ملي. ٻيو ته ڇڏيو ان پراڻي اتحاد پريس ۾ به لالي مني جو ڪو فوٽو ناهي. نه ئي ڪو ڄاڻ ڏيڻ وارو وينل آهي. جيڪب آباد جي ان نئين پرتي ٽيل صحافي ڪي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

بيباڪ لالي منو  ڪيئن ياد هوندو جيڪو هڪ سردار مٿان ايف آءِ آر ڪٽرائڻ ڪان پوءِ به اجان تائين دان ساڳئي سردار جي تان وني ٿو.

هاڻوڪين چوندن مان نل واري ڪامريڊ محمد اقبال سرڪي جهڙا ڪردار به غائب رهيا جيڪو پاڻ کي پاشاني سڏائيندو هو. ان جو پروفائيل انڪري به اٽپورو رهي ٿوجو ڪامريڊ پاشاني بابت اهو ٻڌائڻ وارو نٿو ملي ته هن کي اها چٽنگ ڪٿان لڳي. ڪيس نل ۾ سائيڪلن جو دوڪان هوندو هو. پاڻ هميشه سردارن جي مقابلي ۾ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي بيهي رهندو هو. ڪامريڊ پاشائي چوندڙ ورڪ به پنهنجي سائيڪل تي چڙهي ڪندو هو. بک لڳندي هئس ته ماني ڪنهن به شهر ۾ سردارن جي اليڪشن ڪيمپ ۾ وڃي ڪائيندو هو. ماني ڪائي ٽڪ پڇي ان ڪيمپ ۾ پنهنجي ورڪ شروع ڪندو هو ۽ ڪيمپ ۾ موجود ماڻهن کي چوندو هو ته هي وڏيرا ظالم اٿو انهن خلاف جهاد ۾ مون سان گڏ ٿيو. مون کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪريو ته هنن ظالمن ڪان حساب وٺون. اهڙو جذبو ڪنڌڪوٽ جي ڪامريڊ ڪوڙا خان مري وٽ به هوندو هو پر مير هزار خان بجاراڻي جي پيءُ سردار نور محمد بجاراڻي ۽ سردار سندر خان سندراڻي سان اليڪشن ۾ مقابلو ڪندو هو. ڪنڌڪوٽ مان هفتيوار اخبار فرياد به ڪيندو هو. ڪامريد ڪوڙا خان جڏهن قومي اسيمبلي لاءِ اميدوار بيٺو ته سڄي ضلعي ۾ سائيڪل تي چڙهي پنهنجو ورڪ ڪيائين. وڏيرن خلاف دونهيدار تقريرن ڪرڻ سبب هڪ ٻن وڏيرن پنهنجي ڳوٺن ۾ اچڻ وقت ڪامريڊ مٿان ڪتا به ڇڏيا.  اهي بيعزتون ۽ ذلتون سهندو هو پر وڏيرن جي ڪيمپن ۾ وينل هارين کي به چوندو رهيو "خبردار هاري — جو پوتار آيا." ڪامريڊن جون تقريرون ٻڌنڌڙ چون ٿا ته ماڻهو ڪامريڊن جون تقريرون ڏاڍي شوق سان ٻڌندا هئا. چو ته هو سٺا مقرر هئا پر ووٽ وڏيرن کي ڏيندا هئا. صورتحال هاڻي به ڪاخاص بدلي ناهي. اجان به وڏيرن ۽ پوتارن جو راڄ جاري آهي. ماڻهن جي ڳالهيون ڪامريڊن جون ٻڌڻ ۽ ووٽ وڏيرين کي ڏيڻ واري عادت به برقرار آهي. چو ته پاڪستان ۾ ماڻهو آزاديءَ سان پنهنجو ووٽ ڪٽي به نٿو ڏئي سگهي. ٻهراڙين ۾ چوڌري ۽ وڏيرن جي مرضي هلي ٿي. شهر ۾ ووٽ پائي صاحبن جي راضپي ڪان سواءِ نٿو ڏئي سگهجي. اهڙي گهٽيل ٻوساٽيل ماحول ۾ لالي مني يا ڪامريڊ پوشاني جهڙا وکري ٽائيپ ماحول جي چانيل سانت ۽ اسٽيٽسڪو کي ٽوڙين ٿا. هو پنهنجي دؤر جو باغي آواز ٿي ايرن ٿا.

جيڪب آباد وارين چوندن ۾ هن پيري مائي حرمت جهڙي ڪا عورت اميدوار به ظاهري نه ٿي سگهي. جيڪا مائي باقاعده مڙس ماڻهو طور اجان به شهر وارن کي ياد


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهي. شيدي پاڙي جي مائي حرمت شلوار قميص پائي لٺ کڻي اڪثر پنڌ گهمندي هئي. جڏهن ڪائونسلر چونڊجي وئي تہ ننڍڙي پارليامينٽ جي ميمبر هئڻ ناتي هن شلوار قميص سان گڏ صدري ۽ بوٽ چشمو ۽ پوتي پائڻ شروع ڪئي. ڇهہ فوٽ قدارو حرمت ٻن ڦورن ڪي بہ پنهنجي هٿن سان پڪڙي ٽاٽي تي آندو هو. حرمت غير شادي شده هئي ۽ مردن سان گڏجي هوٽلن تي ويهي چانهيون پي ڪچهريون نہ ڪندي هئي پر مجال آ جو ڪو مرد ڏانهنس ميري اک کڻي ڏسي. ستر واري ڏهاڪي ۾ وفات ڪري ويل حرمت کي شيدي پاڙي جا پوڙها پوڙهيون تہ اڄان بہ ياد ڪن ٿا پر جيڪب آباد ۾ ان جي ڪا جانشين اڄان ظاهر نہ ٿي سگهي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# صحرا ۾ پلجندڙ پيار

سماجي سائنسدانن جي اها ٿيوري خبر ناهي ته تي چو لاڳو نٿي ٿئي جيڪي هميشه اهو قول دهرائيندا رهندا آهن ته "امن کانسواءِ ڪنهن به خطي جي ترقي ممڪن ناهي!" ته حيرتناڪ حد تائين جيترو پرامن آهي. ايترو ئي معمولي ترقيءَ کان وانجهيل. ته جا ماڻهو جيڪڏهن اها ٿيوري اينٽي ڪري پيش ڪن ته سندن اها ڳالهه ڪنهن حد تائين جائز هوندي ته جتي بدامني هجي ترقي اتي ئي ٿئي ٿي.

جيتوڻيڪ مختلف مذهبي مشنريز به ڪين ابوجهه سمجهي مٿن مختلف تجربا ڪري رهيون آهن پر ٿري انهن جي سمورن سنجيده ڪمن کي ڏاڍو هلڪو وٺن ٿا. ٿر ۾ ڪرسچن مشنريز جو ڪم ڏاڍي زور شور سان هلي ٿو ۽ اهي ڳوٺن تائين پهتل آهن بلڪه ګوڙي ڳوٺ ۾ ته هنن مشنريز ٽي بي سينٽر جي تعمير وارو ڪم به شروع ڪري ڏنو آهي. مشنريز جا گورا مهمان بنا خوف خطري پيا راڄ ۾ هلندا وتن ۽ ڪڏهن به سيڪولر انڊيا وارن وارن واقعن جيان انهن جي گرجائن تي حملا ڪونه ٿا ٿين. انهن جون سسٽرز (راهبائون) لڄالٽ جون دانهون نٿيون ڪن ۽ نه ئي انهن مشنريز جي ڪنهن ڪارڪن کي پٽن سميت ڪار اندر ئي جيئري جلايو وڃي ٿو. مشنريز جو گهٽو ٽٽو ڪم پيلن تي ٿئي ٿو. اهي سندن اهڙين سرگرمين کي ڪل پوڳ ۾ تاري چڙين ٿا ۽ پاڻ ۾ چرچا ڀڏائين ٿا ته فلاڻو پيل ڏڪار ۾ جڏهن عيسائي ٿي ويو ته ڪيس ڪجهه ماڻهن ٺوڪيو پر جڏهن وسڪارو ٿيو ته هو ساڳيو پيل ٻڌجي ڳوٺ هليو آيو. سنگت ساٿ جي پڇڻ تي هن چيو ته "مڙئي بک جي هئي دٻ سوائي تڏهن وڃي ٿياسين عيسائي هاڻي وري ساڳيا ئي پيل."

ائين ئي هو قادياني مشنريز پاران شروع ڪيل مهم کي پڻ مذاق ۾ ٿارين ٿا ته "پائر پلي پيا اسان کي ويڙهائڻ ۽ ورهائڻ لاءِ محنت ڪن پر اسان جي محبت ساڳي رهندي. هو نفرتن کان وڌيڪ محبتون پالين ٿا ۽ محبتن جا لوڪ داستان هو اجان تائين پنهنجي اولاد کي آڪاڻين ذريعي ٻڌائيندا رهن ٿا. تڏهن ئي صحرائن جا قرب جا قصا ڪو به ڏڪار اجان تائين ختم نه ڪري سگهيو آهي.

هونئن ته ٿر ۾ ڪيترائي لوڪ داستان مشهور آهن پر پڙهيل لکيل ٿري به توهان کي اجان تائين "ڍولا ماروئل" ۽ "سڏونت سارنگا" جي قرب جا قصا دهرائيندي ملندا. پراڻن پريمين موجب ڍاٽي ڍولو، راجپوتانا نرهڙ گڊ قلعي جي سردار راجپوت پينگڙ راءِ جي ڌيءُ ماروئل سان شادي ٿي وئي هئي. جيئن پراڻن قصن ۾ ٿيندو آهي ته بادشاهه ۽ قلعي دار پاڻ


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۾ سنگتي هوندا آهن ۽ هڪٻئي جي اولاد جي رشتيداري ڪري ڇڏيندا آهن. ڍولا ماروئل قصي ۾ به ائين ئي ٿيو. پر جوان ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ڍولو پنهنجي ونيءَ ڏانهن پئي آيو ته هو رستي ۾ مسمات مارڻ جي سونهن جو اسير ٿي ان وٽ ئي ترسي پيو. اها مارڻ سونهن سان گڏ ايڏي ته چالاڪ ۽ فريبڻ ٻڌائي وئي جنهن وٽ جڏهن ماروئل جا قاصد ڍولي لاءِ ڪو پيغام ڪٺي پهچندا هئا ته مارڻ انهن قاصدن کي به قيد ڪري ڇڏيندي هئي. ان مونجهاري جو ماروئل اهو ٽوڙ ڪڍيو ته هڪ مڱڻهار فقير سانگو نالي هٿ ڪيائين ۽ ڪيس ڏوهيڙن ۾ نياپا لڪائي ڏنائين ته وڃي اهي مارڻ جي گهر ٻاهران ڳاءِ. سانگي فقير اچي پهريون طعنو اهو ميدان تي اڇليو ته:

ڍولا تيئون ڍور پيلا، چرين جنگل روگاس
سانجهه پڙي سجل لي، لئين گهران ري آس.

(ڍولا توکان ته ڍور ڀلا جيڪي جهنگ جو گاهه چري شام جي پهر گهر ته هليا اچن ٿا.) وري ماروئل جو درد ٻڌايائينس ته:

ڍولا رات جي سارس ٽولي ٽولي ٽئين
ماروئل ڍولو ساريو، تيئه ارڏي ڀاڳي ايس

(ڍولا رات جڏهن سارس جوڙي جوڙي ٿي پئي ٻوليو ته تنهنجي ياد ماروئل وٽ ائين اچي نڪاءِ ڪيو جيئن ڪٽ جي ٻانهين وٽ ائين اچي نڪاءَ ڪيو جيئن ڪٽ جي ٻانهين پيڃڻ مهل نڪاءَ ڪري.) بهرحال ساڳي مڱڻهار واتان تمام گهڻا طعنا ۽ دوها ٻڌڻ کان پوءِ همراهه اٿي ڪڙو ٿيو ۽ اچي پنهنجي ماروئل سان مليو.

ڍولا ماروئل کان به وڌيڪ دلچسپي سان ٿري توهان کي سڏونت ۽ سارنگا جو قصو ٻڌائيندا ته ڪيئن مها ايڪاري راجا جي پٽ سڏونت ۽ پاري نگر جي واپاري سيٺ پرم شام جي ڌيءَ سارنگا وچ ۾ ننڍي لاءِ کان ئي محبت ٿي وئي ۽ هو گڏ پڙهندا ۽ باغن ۾ باتيون ڪندا وتندا هئا. جڏهن سارنگا جوان ٿي ته مائٽن سندس شادي جيان ننگر جي هڪ وڏي واپاريءَ سان ڪرائي ڇڏي، جنهنڪري ٻئي پريمي امتحان ۾ اچي ويا. روايت موجب سارنگا چؤنري جا چار ڦيرا هڪ داسيءَ کان ڏياريا ڇو ته هوءَ پارمار کان اڃا به سڏونت جي امانت پئي سمجهي.

ڄڃ رواني ٿيڻ کان اڳ سارنگا پنهنجي محبوب کي ننڊ ۽ جاڳ جون گوريون ڏياري پيغام موڪليو ته هو ڪيس رات جو گوندري واري ديويءَ جي مندر ۾ اچي ملي. جتان پوڄا پاٺ کان پوءِ سارنگا کي ڄڃ سان وڃڻو هو. ان مندر ۾ رات جو انتظار ڪندي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪندي سڏونت ڪي ننڊ پئي آئي تہ هن سارنگا پاران موڪليل گوريون ڪوليون ۽ پل ۾ جاڳ بدران ننڊ واريون گوريون ڪائي الوٽ ٿي سمهي پيو. جڏهن سارنگا فلمي اسٽائيل ۾ ڇڄ ڪان لڪي اچي محبوب وٽ پهتي تہ سڏونت صاحب اگهور ننڊ ستل هو. سارنگا جي گهڻين ئي ڪوشش ڪان پوءِ بہ جڏهن سڏونت سجاڳ نہ ٿيو تہ هٿ تي هينئين ائڊريس ڌوهي جي صورت ۾ لکي تہ:

پاري ننگر ڪان پڌاري، ڪر جو پڳوٽا اٿس
جنهن گهر ناريل رونڪڙ، تنهن گهر جو اليک

چيائين تہ: پاري ننگر اچي جوڳين وارو ويس ڪجو ۽ جنهن گهر ۾ ناريل جو وڻ بيٺو هجي. ان جي اڳيان اچي صدا هڻجو.

روايتن موجب سڏونت پنهنجي پريم خاطر اچي پنڌ جهاڳيو ۽ رستي ۾ پاڻي بہ جانورن جيان صرف وات سان پئي پيتائين ۽ هٿ ان ڪري نہ پئي پسايائين تہ ڪٿي سارنگا واري ايڊريس نہ ميسارجي وڃي. هوڏانهن سارنگا جي سونهن ۾ تجلا ڪندي پئي وئي ۽ اها ڇڄ ڏسي هڪ ٻڪرار ويچاري جو ڌيان ئي الاءِ ڪٿي هليو ويو ۽ هن جو ڏڌل ڪير لوٽي بدران هيٺ زمين تي هارجندو پئي ويو. جنهن تي سارنگا دوهي ۾ ڪيس چيو تہ اي پارڪر جا ريٻاري! اکيون ڦاڙي نہ نهار، هوڏس ڪير ٿو هارجئي، پر جي سڏونت ملئي تہ چئنجانس سارنگا روئيندي پئي وئي.

ڪجهہ ئي ڏينهن ڪان پوءِ ڇڄ بہ وڃي پنهنجي ماڳ پهتي تہ سڏونت بہ جوڳيءَ جي ويس ۾ اچي نڪاءَ ڪيو ۽ اچي سارنگا موتين جي ٿالهہ ڀري ڪيس خيرات ڏيڻ آئي تہ ٻئي هڪٻئي کي ڏسندا رهجي ويا ۽ ٿالهہ وارا موتي ڪانو ڪائڻ لڳا. اهڙو لقاءَ مٿين ماڙ تي بيٺل راجا پنهنجي راڻي کي ڏيکاريندي ڌانهيو تہ هن نگريءَ ۾ سڀ بيوقوف آهن. سياڻو ڪو بہ ناهي. ”ڪانو موتي ڪائي ويا پر ڪير هڪلڻ وارو ناهي.“

اس نگري ۾ مورک وسي، چتر وسي نہ ڪوءِ،
ڪانگا موتي چگ گيا، ڪوڪ نہ ڪري ڪوءِ.

سندس ان جواب ۾ راڻي بہ ڪيس دوهي ۾ جواب ڏنو، تہ هرويرو ائين بہ ڪونهي، ملڪ ۾ چتر (سياڻا) بہ آهن، نندپڻ جو پيار اٿن پلي ملي جلي وٺن. شايد ٻئي شاعر هئا جو دوهن ۾ پيا ڳالهائين تہ:

اس نگري ۾ چتر وسي مورک وسي نہ ڪوءِ
ٻالاپڻ ري پريتڙي، مٺ ميلا پوءِ هوءِ.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

روايت موجب ٻنهي پريمين سڏونت ۽ سارنگا جو هڪٻئي سان ملندي ئي ساهه نڪري ويو ۽ هو پاڻ ۾ ملي هميشه لاءِ هڪ ٿي ويا.

خبر ناهي اهي ڪهڙن زمانن جا قصا آهن، جيڪي محبتن جا امين ماڻهو اجا تائين سانديون اچن ٿا ! انهن قصن ٻڌائڻ جو مطلب هرو ڀرو ائين به ناهي ته ڪو صحرائڻ مان محبتون ڪنهن ڏورانهين ڏيهه اڏامي ويون آهن.

جيڪڏهن ائين هجي ها ته گذريل سال جنوري مهيني ۾ مهراڻي ۾ محبت جو ڪڙو امتحان نه ٿئي ها. ڏيپلو پرسان ان ڳوٺ ۾ ٻن پريمين جنهن رات زهر پيئڻ جو فيصلو ڪيو. اها رمضان شريف جي عيد واري رات هئي. مير محمد جيتوٽيڪ اڳواٽ ئي شادي شده هو پر هن جو راڻيءَ سان پيچ جڏهن اڙجي ويو ته ٻئي هميشه لاءِ هڪ ٿيڻ پيا چاهين، پر مائٽن راڻي جو سڱ ڪنهن ٻئي هنڌ ڏئي ڇڏيو. مائٽن جي اهڙي فيصلي کان ناراض ٿي ساڳئي ئي ڳوٺ جي پريمين رات جو ڳوٺ ٻاهران جهنگ ۾ وڃي گڏجي زهر پيتو ۽ هو مرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي گهر طرف موٽي آيا. اها بعد ۾ سهوليتين جا اڻاٺ جي ڳالهه آهي ته پوسٽ مارٽم لاءِ سندن لاش 36 ڪلاڪن تائين مختلف شهرن جي اسپتالن ۾ رلايا ويا. اهڙيون ڪيئي ڪهاڻيون صحرا ۾ واريءَ هيٺان دٻيل آهن، جيڪي ٿوري ڇنڊ ڦوڪ سان ٻاهر اچي وڃن ٿيون.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# فقيرن جي يارهين پيڙهي تائين ڦهليل ڀٽائيءَ سان عشق

ڪارا ڪپڙا پهري تمر جي اوطاق تان دنبورا کڻي هو جڏهن آڏيءَ رات جو ڀٽائي جي آڳنڊ ۾ اچي تارن جي ڇيڙ ڪن ٿا ته تاڙين جا ڦهڪا ۽ نوٽن جي ورڪا سندن ذهن جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ جاءِ نٿي ولاري. هو ان ئي عقيدت ۽ احترام سان ڀٽائي جا بيت ۽ وايون ڳائين ٿا. جنهن محبت سندس ابا ڏاڏا ان ئي در تي ڳائي ويا آهن. هو نسلن کان اهي فقير آهن جيڪي اجان طمع جا طالب نه ٿي سگهيا آهن. شاهه جو راڳ عام راڳن کان نه رڳو مختلف پر سکڻ ۽ ڳائڻ ۾ ڏکيو آهي. راتين جا اوجاڳا ڪاٽڻا ۽ حفظ ڪرڻو پوي ٿو. مادي بنيادن تي دنياوري رستن کي توريندڙ تڪيندڙ اڪابرن کي شايد اها نئين سر تحقيق ڪرڻي پوي ته شاهه جي راڳي فقيرن پنهنجون حياتيون ڇو ارپي ڇڏيون؟ انهن کي راتين جي اوجاڳن ۽ دنبوري جي تارن مان ڇا ٿو ملي؟ ان روحاني رمز واري راڳ ۾ وقت سان گڏ خوشگوار واڌارو ايندو پيو وڃي. فقيرن جي وڌندڙ گهٽائي کي نظر ۾ رکندي هاڻي جمع ۽ آچر جي ڏينهن جو به راڳ جي اجازت ڏني وئي آهي ۽ ڪجهه ئي سالن ۾ شايد ڀٽائي جي درگاهه تي رات ۽ ڏينهن مسلسل راڳ ٻڌڻ لاءِ ملي وڃي.

جڙيل فقير لنجواڻي ان ڪيهر فقير جو پڙپوٽو آهي، جيڪو ڀٽائي جي اوائلي راڳين منجهان هڪ بهترين راڳي هو. جنهن لاءِ اها روايت مشهور آهي ته ڪيهر فقير پيهي تي بيهي اهڙي سريلي آواز سان پئي جهار هڪلي جو هالا کان موٽندڙ ڀٽائي جو راڳي مراد فقير سندس آواز تي موهت ٿي پيو ۽ ڪيس شاهه جو راڳ سيکارڻ لاءِ ڪيهر فقير جي پيءُ کان نينگر جي ٻانهن گهريائين. هاڻي ڀٽ شاهه پرسان ڪيهر فقير ڳوٺ ۾ شاهه جا 10-8 راڳي رهن ٿا. جڙيل فقير لنجواڻي جو پيءُ جلال فقير به پلوڙ راڳي هو. سندس پيءُ شاهه جي راڳين ۾ معتبر نانءُ سيد غلام شاهه جو پاسيئڙو هو، جيڪو دنبوري جو بادشاهه هو. سندس پٽ جڙيل فقير پنهنجي ذات جو اڳواڻ ٿيو. چاليهه سال راڳ ڳايائين. نوجوانن ۾ سريلو سمجهيو ويندڙ جمن شاهه سندس شاگرد آهي، پر جڙيل فقير جو گلو خراب ٿي پيو آهي ۽ هاڻي هو نٿو ڳائي. "هي علم ڏکيو آهي. اهو سمجهڻو پوي ٿو ته ڏيدي ۾ ٿي ڏک لڳندا ۽ چوٽون خالي ويندو، ڏتالي ۾ وري چارئي لڳندا." جڙيڪ فقير چوي ٿو "سيني سرن جون تندون ۽ جڙ به ڄاڻان ٿو. هن وقت فقير پنج تندون ٿا وڄائين، آئون ست وڄائيندو هئس. هو خوش ٿي ٻڌائي ٿو ته "اسان جي امڙ به سڀ سر ۽ شاعري دنبوري وڄڻ سان ئي سمجهي ويندي آهي. گهر ۾ شاهه جو راڳ اوپرو ناهي. هاڻي به دل چوندي آهي ته دنبورو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪٿي گهر ۾ ئي ويهي ڳائيندو آهيان پر آواز ناهي.“ هو شڪايت واري انداز ۾ چوي ٿو. شاهه جي راڳين وچ ۾ ڳائڻ لاءِ ست ئي راتيون ورهايل آهن. هر رات هڪ نئين ٽولي پنهنجي اڳواڻ جي اڳواڻي ۾ اچي پرهه ڦٽيءَ تائين پنهنجي مرشد کي پيٽا ڏئي ٿي. جمعي تي الهبچايو تمراڻي فقير جي اڳواڻي ۾ ڇنڇر تي فقير قربان لنجواڻي، آچر تي جمن شاهه، سومر تي تمراڻي فقير، اڱاري تي گل محمد خاصخيلي، اربع تي قادو فقير خاصخيلي خميس تي غلام حيدر خان ۽ فقير الهڏنو نظاماڻي ڳائين ٿا. جڏهن ته تازو ئي ڏينهن واري شروع ڪيل راڳ ۾ آچر ڏينهن الهڏنو نظاماڻي جو سؤٽ ۽ جمعي ڏينهن جمن ساهه ڳائين ٿا. هر رات ۾ هو شاهه جي 32 سرن مان چونڊ بيت ۽ وايون ڳائين ٿا. فقيرن ۾ ان ڳالهه تي اتفاق نظر نٿو اچي ته شروع شروع ۾ ڪيترين راتيون راڳ ٿيندو هو ۽ ڪجهه چون ٿا ته صرف جمعي ۽ سومر واري رات راڳ ٿيندو هو. راڳ ٿيڻ تي سڀ مقفق آهن. ”اسان کو پيسن لاءِ ٿوروئي ٿا ڳايون.راڳ کي پنهنجو گذر سفر نٿا سمجهون، محنت مزدوري به ڪندا آهيون، منهنجي ٽيلرنگ جو دڪان آهي.“ جڙيل فقير وڏيڪ ٻڌائي ٿو ”درگاهه تي حاضري هر حالت ۾ پرڻي پوي ٿي، گهر ۾ اٿو به نه هجي پر درگاهه تي مقرر رات ضرور اچبو. اسان ته ان دؤر ۾ به ڳايو جڏهن بجلي نه هوندي هئي ۽ کو چانهه پيارڻ وارو به نه هوندو هو.“ جڙيل فقير ٻڌائي ٿو.

فقيرن جي راڳ ڳائڻ جو هڪڙو تسلسل سالن کان جڙيل آهي، جنهن تحت جڏهن فقير اچي پيڙهي تي ويهندا ته سر ڪلياڻ سان شروعات ڪندا، جنهن کان پوءِ يمن (ايمن) ڪلياڻ ٿيندو، ان کان بعد ڪنيات ٿيندو پر جي چانڊوڪي نه هوندي ته سريراڳ ڪٽندا، بعد ۾ سامونڊي ۽ آڌي رات جو سهڻي ڳائيندا. ”محرم هجڻ جي صورت ۾ ڪيڏارو ڳائيندا، مينهن وسڻ جو مهينو هوندو ته سارنگ ڳائيندا، ان کان پوءِ سسئي، آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، رات ججهي ٿي ويندي ته ڪوهياري ڳائيندا. ان سان گڏ ئي سورٺ، راڻو، سنڌي بروو، هندي بروو، ڊول ماروي به ڳائيندا، بعد ۾ ڪاهوڙي، رامڪلي، ان دؤران بلاول، ليلان، ڏهر ۽ رپ جو موقعو مليو ته اهو به ڪري ونبو ۽ آخري سر ماروي ڪبو.“ جڙيل فقير ٻڌائي ٿو. هن سرن جو تناسب ٻڌائيندي چيو ته ”اونهاري جي رات ۾ 12 سُر ۽ سياري جي رات ۾ 17-18 سُر تي وجن ٿا.“ بئلجم ۽ پيرس جا دورا ڪري آيل جڙيل فقير خبر ناهي ڇا سمجهي ان وقت جي وزيراعظم بينظير ڀٽو کي ڀٽائي جي اها وائي ٻڌائي هئي ته:

هاڙهي جي هوت ڪي دل ساري


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## خان بلوچ کي دل ساري

بينظير ان وائي جو مفهوم سمجهي سگهي هئي الاءِ نہ، پر هن فقيرن جي رهائش لاءِ ڪالوني جي تعمير جو تڪڙو ڪم ڪرائي ڪين گهر فراهم ڪيا هئا. سندن وظيفن ۾ اضافو بہ شايد ان دؤر ۾ ٿيو هو. ”چا توهان سان ڪڏهن ڪنهن روبرو شڪايت ڪئي آهي تہ شاهہ جو راڳ جنهن انداز ۾ توهان ڳايو ٿا سو ماڻهن ڪي سمجهہ ۾ نٿو اچي؟ “ منهنجي سوال تي جڙيل فقير چوي ٿو”هاڻي ڪافي ماڻهو چون ٿا، راڳ سمجهہ ۾ نٿو اچي، مشڪل لفظ انهن ڪي سمجهائبو يا لکي ڏبو تہ پوءِ سمجهي ويندا.“ جڏهن تہ شاهہ جي وائي ڳائڻ جي هڪ ٻئي جهوني راڳي سيد غلام حيدر شاهہ جو چوڻ آهي تہ ”شاهہ جي راڳ ۾ سرگم ناهي. ان جو سرگم ناهي ئي نٿو سگهجي هونئن بہ رڳو شاهہ جو راڳ چو ڪوبہ پڪو راڳ ماڻهن ڪي سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي. شاهہ جي وائي تند تار جي لحاظ کان ڳائجي ٿي چاڻو ڪانسواءِ ڪوبہ سمجهي نہ سگهي تہ وائي ڪي تند جي لحاظ ڪان ڏکهو چو ڪرڻو پوي، بيت تہ سولا آهن، پر وائي سمجهڻ ڏکي آهي.“ هو چوي ٿو، ” ان ۾ ڪجهہ فقيرن جو بہ ڏوهہ آهي تہ چٽو ڪري نٽا ڳائين. اسان بہ ڪوشش ڪريون تہ راڳ چٽو ٿئي ۽ ماڻهن ڪي سمجهڻ ۾ آساني.“ جڏهن تہ نوجوان اڳواڻ جمن شاهہ جو چوڻ آهي تہ ”نجي محفلن ۾ تہ اسان پهريان اها وائي تحت اللفظ چئون ٿا پر درگاهہ تي ائين ناهي ڪرڻو.“ جڏهن تہ گل محمد خاصخيلي فقير جو ارادو آهي تہ ”شاهہ جي راڳ ڪي سمجهائڻ لاءِ اسان ڪتاب لکنداسين تہ جيئن ماڻهن ڪي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.“

شاهہ جا راڳي نہ رڳو ٻاهرئين ملڪن جي دؤرن، پي ٽي وي ۽ ريڊيو تي سڏايا وجن ٿا پر مختلف درگاهن تي ڊيوٽيون ڏيڻ بہ وجن ٿا. جڏهن تہ شادين وارين محفلن ۾ هو هرگز نٽا وجن جڏهن هو پيڙهو سنيالي ويس ٻڌن ٿا تہ ڪين ٻيڙي سگريٽ بہ ناهي پيئڻو. اهو ڪيهر فقير وارو زمانو تہ هاڻي ناهي رهيو جو شاهہ جا راڳي بنا وقفي انن پهرن تائين پيا راڳ ڳائين پر هاڻي بہ هو راڳ ۾ وقفو نٽا ڪن. فقيرن ڪي چانهہ پاڻي پيئڻو بہ پوي ٿو تہ واري واري سان پي ونن ٿا، پر راڳ ۾ وقفو نٽا ڪن. سيني فقيرن وٽ هڪ هٿ جو لکيل پٺائي جو رسالو آهي، هو ان ڪي ئي مستند سمجهن ٿا ۽ ڪنهن بہ ڇپيل شاهہ جي رسالي ڪي هو رجوع نٽا ڪن. ”اديبن ۽ محققن اسان سان ڪڏهن تعاون ناهي ڪيو. پنهنجي منهن رسالا ڇپرائيندا ٿا وتن. پٺائي ڇيئر ٿا ڪولين تہ بہ شاهہ جي فقير سان ڪو رابطو نٽا ڪن. يا تہ اسان سان ويهي هڪ هڪاڻي ڪن يا (اٿارٽي بابت بحث) رسالو شايع ڪرائڻ وقت درستگي ڪرائين.“ جذباتي جمن شاهہ چوي ٿو. ”شاهہ جي راڳين ۾ هڪ اڳواڻ ٿئي ٿو ٻيو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سندس پاسيئڙو ۾ چار ٻيا پاسيئڙا جن منجهان ٻه گرامي ۽ ٻه سنهي وارا پاسيئڙا تين تا. سخت محنت ۽ رياضت کان پوءِ جيڪو فقير اڳواڻ ٿئي ٿو، ان کي ڪلام ياد ڪرڻو پوي ٿو. وراڻو ٻه ياد هجيس. بيت ۾ وائي جو ته ڪيس حافظ هجڻ کپي پر تند وڄائي ٻه ڄاڻي ۽ تند مان سُر ڪڍڻ ٻه ڄاڻي. راڳين جو اڳواڻ ٿيڻ واري منزل صرف محنت سان ملي ٿي. ان ۾ عمرين جو حساب ناهي. ائين ته گهڻا فقير پنهنجي پوري حياتي ۾ پاسيئڙا تي رهيا ۽ اسان نوجوان اڳواڻ تي وياسين.“ اڱاري رات وارو اڳواڻ گل محمد خاصخيلي چوي ٿو. جنهن سکيا جي شروعاتي 6 مهينا پاسيئڙو تي گهايو بعد جو سمورو عرصو هو پنهنجي رات جو اڳواڻ بڻيل آهي.

شاه جي راڳين ۾ جيتوڻيڪ وقت سان گڏ واڌرو اچي ويو آهي پر انهن جي قابليت اڃان تائين ڪيترن ئي سينئر راڳين اڳيان سواليه نشان بڻيل آهي. ”شاه جو راڳ هاڻي بگڙي ويو آهي جيڪو اصل صورت وارو راڳ هو اهو هاڻي ناهي رهيو. ”جڙيل فقير چوي ٿو ۽ اهو ٻه ٻڌائي ٿو ته جهل روڪ ته ڪنهن کي آهي ڪونه، جنهن کي وڻي ٿو دنبورو کڻي اچي ويهي رهي ٿو. جمعي واري ته وڏي رات آهي. ان رات جو ئي راڳ قتل آهي ته باقي ڇا حشر هوندو. هو ٻڌائي ٿوته ”تمر جي پونئيرن وٽ ٻه راڳ ناهي رهيو ته باقي ڇا؟ هو چوندي نٿا ويهارين بس رڳو پنهنجا ڏسي فقير ويهاريندا تا وڃن.“ جڙيل فقير موجب جڏهن بيت جون هونگارون ئي غلط ٻڌندو آهيان ته درگاه تان اٿي هليو ويندو آهيان. سندس نظر ۾ جمن شاه، خان محمد چانڊيو، قربان فقير ۽ ٻيا سنو ڳائين تا. ”جيئن شاه جا سمورا راڳي پنهنجي ڦوهه جواني کان راڳ سکڻ جي شروعات ڪن تا، تيئن ئي غلام حيدر شاه ٻه راڳ سکڻ جي شروعات ڪئي. هن پنهنجي چاچي ۽ شاه جي راڳ جي ماهر سيد غلام شاه جي اتساه سان بيتن جون هونگارون ڏيڻ شروع ڪيون.“ پهريان ته ڏکيائي ٿيندي هئي پر چاچا چيو ته روز هڪڙو سر چئه. ائين چاچا سان ئي چار سال گڏ ڳائڻ کان پوءِ مان ٻه سکي ويس.“ ڏهن ٻارنهن سالن جي عمر ۾ راڳ جي سکيا شروع ڪندڙ 70 سالن جي جهوني غلام حيدر شاه ٻڌايو. هاڻي هو پان ڳائي ته نٿو پر سندس ڪمري ۾ دنبورو ۽ ٻيا ساز هر وقت پيل رهن تا. ”هي الهامي راڳ آهي، جنهن جو سرگم جڙي نٿو سگهي. سکڻ جو اهو ئي طريقو آهي ته استاد کي ٻڌي سکجي. اهائي چال ڪجي، جيڪا استاد ڪري.“ شاه جي وائي جو ڪنهن وقت پلوڙ راڳي غلام حيدر چوي ٿو ۽ اها ٻه تنبيهه ڪري ٿو ته هر ڪو پاڻ کي ڪاريگر سڏائي ٿو پر اصل ڪاريگريءَ جي ته امتحان ۾ خبر پوندي. گذريل ٻن سالن کان هو نه رياض ڪري ٿو نه ئي درگاه تي ڳائي ٿو. درگاه تي شاه جو


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪلام ڳائيندڙن جي غلطين سلطين بابت ڪيل سوال تي هو چوي ٿو ته ”شاهه جي راڳ جي اصل صورت ته ڪونه بگڙي آهي باقي ڳائڻ وارن کان ڪجهه غلطيون سلطيون ٿين ٿيون. انهن کي درست ڪرڻ کپي.“ غلطين جي نشاندهي ڪير ڪري واري سوال تي هو چوي ٿو ته ”جمن شاهه کي شوق آهي، ٻين کي سڪاري ٿو پر اهي به منجهي پون ته مون وٽ اچن. اها هر ڪنهن کي خبر آهي ته وائي جو علم مون کان وڌيڪ ڪنهن وٽ ناهي. جيڪڏهن ڪنهن کي نٿو اچي ته مون وٽ هليو اچي سکڻ ۾ ڪو حجاب ته ناهي.“ شاهه جي راڳين ۾ اوچتي آيل واڌاري سبب سينئر راڳي به ڪلي اهو اظهار ڪن ٿا ته جنهن کي بيت جو هونگارو (اچار) ڪرڻ به درست نٿو اچي. انهن کي نه ويهاريو وڃي. ان اوچتي عددي واڌ جو سبب شاهه جي راڳين کي اوچتو مليل مجتا واري اٽريڪشن ٻڌائي وڃي ٿي، جنهن ۾ ڪين پرڏيهي دورا ڪرايا وڃن ٿا. ماهوار هڪ هزار روپيا وظيفو ۽ رات جو عقيدتمندن پاران ملندڙ پيسا شامل آهن، جنهن ڪري ڪجهه فقيرن پنهنجن مٽن مائٽن کي ٽولين ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. هونئن ته شاهه جي راڳين جي عام ٽولي ۾ پنج يا ڇهن فقيرن جي ضرورت پوي ٿي پر هاڻي هر ٽولي 8 يا 9 فقيرن تي مشتمل ٿي وئي آهي. درگاهه تي ڳائڻ لاءِ ايندڙ فقير هاڻي پاڻ سان گڏ ڏاڳن جو به چڱو تعداد ڪنيو اچن ٿا، جيڪي ڪجهه بيت پڙهي دنبوري سان گسائي انهن عقيدتمندن کي ڏين ٿا، جن کي مٿي جي سور ۽ چيلهه جي سور جون مستقل شڪايتون رهن ٿيون. انهن پڙهيل ڏاڳن عيوض اهي سوالي ڪين پيسا ڏيندا رهن ٿا. سينئر فقيرن جو خيال آهي ته اهڙي لاڙي سبب شاهه جي راڳ تي اهي فقير گهربل توجهه ڏئي نه سگهيا آهن. جڏهن فقيرن جي سرڪاري سرپرستي بابت سوال ڪيم ته جهونو راڳي غلام حيدر شاهه چوڻ لڳو ”سرڪار به ڪنهن جي سرپرستي ڪري، جنهن کي بيت ڏيڻ به نٿو اچي اهو به وظيفا ٿو کٽي، ٽڪيٽون ۽ پيسا ته جنهن مهل اچن ٿا، پوءِ هي ڪنهن کان به ڪونه ٿا پڇن“ هن ناپسندگيءَ واري انداز ۾ چيو. ڀٽائي جي فقيرن جي تربيت لاءِ سرڪاري اسڪول جو اعلان ته ڪيو پر اهو شروع نه ڪيو ويو. اسڪول جو بورڊ شهر کان ٻاهر هنيو ويو جڏهن ته ڪجهه فقيرن جي صلاح هئي ته تمر فقير واري اوطاق کي ئي شاهه جي راڳين جو اسڪول بڻائجي. ان اسڪول جا احڪامات سيد غوث علي شاهه تڏهن ڏنا جڏهن هو وزير اعلىٰ هو پر اسڪول شروع نه ٿي سگهيو. سرڪاري سهاري جي آسري ويهڻ بدران پنهنجي همٿ ڪندي نوجوان راڳي جمن شاهه راڳ سيکارڻ جو پرائيوٽ اسڪول کولي ورتو آهي. گذريل 22 سالن کان درگاهه تي هڪ رات ۾ هڪ ڏينهن ڳائيندڙ جمن شاهه اهو اسڪول پنهنجي اوطاق ۾ گذريل 2 سالن کان هلائي رهيو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin:Ameer Adnan 00923337516944

آهي. ”شاگردن جي تربيت سر ساموندي سان شروع ڪندا آهيون. ڪين ٻڌايون ٿا ته بيت جو هونگارو (اچار) هيئن ٿيندو. آواز سنهو ڇو ڪڍيو ۽ گهرو ڇو ڪبو“ سندس تيار ڪيل 8 شاگرد هاڻي درگاهه تي ساڻس گڏ ڳائين ٿا. هو شاگردن کان سکڻ جي ڪابه في وغيره نٿو وٺي پر ڪين چانهه ماني به فراهم ڪري ٿو. شاهه جي راڳين ۾ اها ڳالهه به عام طور مشهور آهي ته استاد منظور علي خان شاهه جي راڳ کي سرگم وارن سرن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو ائين ڪري نه سگهيو. جڏهن ته جمن شاهه موجب استاد بڙي غلام علي خان به چيو هو ته جتي اسان جو راڳ ختم ٿئي ٿو، اتان شاهه جو راڳ شروع ٿئي ٿو. ”هاڻي جڏهن اهو راڳ شروع ئي اتان ٿيندو هجي ته اهو ڪيڏو نه مشڪل هوندو؟ “جمن شاهه پڇي ٿو.

شاهه جي راڳ سکڻ جا شوقين ۽ شاگرد اڪثر ڀٽ شاهه ۽ آسپاس جا ئي ماڻهو هجن ٿا. انهن ۾ اڪثريت سيد، تمراڻين، لنجواڻين ۽ خاصخيلي برادري جي انهن فقيرن جي پونيئرن جي هجي ٿي جيڪي شاهه جي راڳ وراي ويراڳ ۾ نسلن ۽ پيڙهين کان ورتل آهن. پنجاب واري سنجرپور جي چن شاهه کي ته الائي ڪهڙي عشق آندو جو هو ڀٽ شاهه تي به سال ترسي راڳ سکي پوءِ روانو ٿيو. هاڻي هو اهڙو صوفي بيوروڪريٽ آهي جيڪو شاهه جو راڳ ڳائي به آساني سان ڳائي سگهي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# خزاني جي تلاش ۾ شهدادڪوٽي ڀائر

شهدادڪوٽ پرسان وينل ٻہ حافظ ڀائر فقير محمد ۽ دمساز علي هونئن تہ شهر جي ڪجھہ خاندانن جي ٻارڙن کي قرآن شريف پڙهائيندا آهن ۽ اتان ملندڙ ٽيوشن في وارن پيسن مان پنهنجو گذر سفر ڪندا آهن پر سندن اصل شوق (ڪم) ڌرتيءَ ۾ پوريل خزانا ڳولڻ آهي. ان خفت ۾ هو اجا تائين ايترو تہ گهرو گهڙيل آهن جو ان ڪم سانگي ڪنهن ٻاهرئين ملڪ هلڻ لاءِ بہ تيار آهن. هنن حافظ ڀائرن کي اهڙي خفت جي موٽ ڪا چڱي ڪونہ ملي آهي ۽ هو اجا تائين ڪکاون گهرن ۾ رهن ٿا پر جڏهن بہ ڪنهن خزاني جي ڳالهہ نڪري ٿي تہ سندس اکيون چمڪي پون ٿيون ۽ هو رات جو بہ ڪوٽائي تي هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. هو خزانو ڳولڻ وارو ڪم ڪنهن سائنسي طريقي سان ڪونہ ٿا ڪن پر هو پنهنجي حفظ (ياد) ڪيل وظيفن جي اڌار اهو ڪم ڪن ٿا. شهدادڪوٽ پرسان ننڍا سيلرا ڳوٺ ۾ وينل ڳاڙهين ڏاڙهين ۽ پٽڪن وارا معذور حافظ ڀائر پنهنجي ئي گهر جي آڳنڌ ۾ نهيل اوطاقڙيءَ ۾ ٻڌائين ٿا تہ "اهو خفت ڪين جوانيءَ کان ئي شروع ٿيو." جڏهن اسان پنجويهہ ڇويهہ سالن جي عمر ۾ قرآن جو حفظ ڪيو تہ اسان کي وڏيڪ وظيفن ۽ وردن جوبہ شوق ٿيو. پنهنجي استاد عيسىٰ خان مستوئي جي ڏسيل وظيفي کي پڙهڻ لاءِ اسان ٻنهي ڀائرن جوانيءَ جي 9 سالن جون راتيون ڪڙڪ قبرستانن ۾ گذاريون." وڏو ڀاءُ حافظ فقير محمد ٻڌائي ٿو. سندس چوڻ هو تہ ان وظيفي جو مقصد جنات (جنن) کي قابو ڪري پنهنجي مقصدن (خزانو ڳولڻ) خاطر استعمال ڪرڻو هو. "انهن نون سالن دؤران قبرستان ۾ رات جو برساتون بہ پيون، جن کان بچاءَ لاءِ اسان ڪڏون ڪوٽي ويهي وظيفا پڙهيا. گرمين ۽ سردين کي تہ منهن ڏنوسين پر جنات جا حملا بہ سهي وياسين." دمساز علي ٻڌايو. هو چون ٿا تہ ٻئي ڀائر ساڳئي قبرستان ۾ الڳ الڳ دائرو ٺاهي ليڪي اندر ويهي وظيفا پڙهندا هئا ۽ جنات اهو ليڪو لتاڙي اندر اچي نہ سگهندي هئي ۽ ليڪي ٻاهر اسان کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪيل تماشا ڪندا هئا. ڪڏهن باھ جا آلا پيا وسندا هئا تہ ڪڏهن مُردا اٿي هلڻ شروع ڪندا هئا. ڪڏهن وري هٿياربندن جو گهيرو ٿيل نظر ايندو هو. فقير محمد ٻڌائي ٿو تہ "ان نون سالن جي وظيفي وارن آخري ڏينهن ۾ هڪڙي رات وڏو ڌماڪو ٿيو تہ اهو چاقو جيڪو وظيفي مهل هٿ ۾ ڪري ويهڻو پوندو هو. اهو وڃي زمين ۾ لڳو تہ هڪ وڏي ڪيھہ (دانهن) ٿي. ان دانهن ڪانپوءِ هڪڙي ڪاري رنگ جي ڪل اچي اسان آڏو ڪري تہ بدن مان سيسراٽيون نڪري ويون. اهڙي واقعي ڪانپوءِ هلڪو بخار شروع ٿيو، جيڪو ڀارنهن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڏينهن تائين هليو ۽ جڏهن بخار ڇڏي ويو ته ڇيلهه کان هيٺ بدن مان طاقت ڇڏائجي وئي ۽ اسان ٻئي پائر معذور ٿي وياسين.“ سندن معذوريءَ بابت ٻنهي حافظ پائرن پاران ڇيل ڳالهه کي چيلينج ڪرڻ وارو ڪو به نه مليو ۽ ڳوٺ توڙي آسپاس جي ماڻهن اهو چيو ته اسان سدائين کين معذور ئي ڏٺو آهي. معذور ٿيڻ ڪانپوءِ هنن تعويذ لکڻ جو ڪم به شروع ڪيو پر سندن اصل ڪم خزانا تلاش ڪرڻ ئي رهيو. سندن ڇيل ڳالهين موجب جنات کين معذور ڪري ڇڏيو ۽ هو جنات کي قابو ۾ نه آڻي سگهيا پر هو چون ٿا ته ”هاڻي به اسان جي علم ۾ ايتري طاقت آهي جو جنات اسان کي نقصان نٿي پهچائي سگهي ۽ نه ئي اسان جنات کان ڊڄندا آهيون.“ جنن کي جيڪو ڪرڻو هو سو بقول سندن ڪري ويا پر گڏريل لڳ ڀڳ ويهن سالن کان هو خزانن جي تلاش ڪندا رهيا آهن ۽ ويهين جڳهين تي کوٽائي به ڪري چڪا آهن. جنهن مان کين ٿوري گهڻي ڪاميابي به ملي آهي.

جيئن ته اهي خزانن جي ڳولا جو ڪم سائنسي بنيادن تي نٿا ڪن انڪري وٽن ڪي به کوٽائي جا مخصوص اوزار ۽ نقشا وغيره ناهن. هاڻي هو پنهنجي پاران ڪا به مهم نٿا هلائين پر ماڻهن جو انتظار ڪن ٿا، جيڪي اچي کين ڪنهن پراڻي جاءِ تي لڪل خزانو وارو شڪ ٻڌائين ٿا ۽ هو انهن ماڻهن سان گڏجي وڃي رات جو ان جڳهه تي وظيفا پڙهي کوٽائي شروع ڪرائين ٿا. پنهنجي ايڊونچر جهڙن تجربن بابت ٻڌائين ٿا ته هڪ پيري مگسي برادري جي ماڻهن سان گڏجي قبو سعيد خان کان مٿي وڃي پراڻي دڙي تي پڙهائي شروع ڪئي. هو ڇهه ڄڻا هئا، اسان به پائر هئاسين. کوٽائي دوران دڙي مان ٽامي جو هڪ ديڳڙو مليو،جنهن جو منهن چمڙي سان ٻڌل هو. اهو ديڳڙو ڪڍي هنن گاڏيءَ ۾ وڌو ۽ پاڻ ۾ ٻروچڪي ٻولي ۾ ڳالهائڻ لڳا ته اسان کي سندن نيتن تي شڪ ٿيو، اسان هڪٻئي کي چيو ته خزانو ته پلي ڪٽن پر سرن جو خدا خير ڪري. انهن همراهن اسان جا ئي پٽڪا لاهي انهن سان اسان جون ٻانهون پويان ٻڌيون ۽ وات به ٻڌي هليا ويا. سياري جي رات ۾ ٺٺڪي مري وڃون ها پر لاڏائن جو قافلو اچي لانگهائو ٿيو ۽ اهي اسان کي قبو سعيد خان ۾ ڇڏي ويا.“ فقير محمد ۽ دمساز پنهنجيون ڳالهيون ٻڌائيندي ڪلي پون ٿا ”ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خبر پئي ته ان ديڳڙي تان اهي پاڻ ۾ به وڙهي پيا ۽ ٽي خون ٿي پيا. ان ديڳڙي ۾ ڇا هو؟ اها اسان کي اڄ تائين خبر نه پئجي سگهي آهي.“ هو پنهنجي واحد ڪاميابي متعلق ٻڌائين ٿا ته ٻگو دڙو پرسان بادشاه سوداگر واري دڙي جي کوٽائي دوران ڇهن ٻروهين ۽ اسان ٽن ڄڻن کي سون مليو جنهن مان هر هڪ جي حصي ۾ اسي اسي هزار روپيا آيا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هو ڪنهن بہ خطري ۽ ڦشريءَ کان بچڻ لاءِ رات جو کوٽائي ڪن ٿا. ڪجهہ ڏڦن مان کين هڏا، پٿر ۽ ٺڪر ملن ٿا جڏهن تہ ڪجهہ ڏڦن مان مليل شيون ٻاهر ڪڍڻ سان ئي سڙي وڃن ٿيون. هو پنهنجيون آڪاٽيون هاليووڊ جي ڪنهن هارر (ڊيڄاريندڙ) فلم جيان ٻڌائين ٿا. فقير محمد موجب هڪڙي قبرستان جي کوٽائي دوران مردا نڪري گهمندا پيا رهن. اسان جيئن مردي کي ڪڍي رکيو تہ اهو گم ٿي پئي ويو. اهڙي ماجرا کان پوءِ اسان کوٽائي بند ڪري واپس اچي وياسين.

هو سڄو وقت بادشاهن، سوداگرن، محلاتن، پوريل خزانن، جنن، ڀوتن ۽ ديون جون ڳالهيون ڪندا رهن ٿا. پر سندن صدمو اهو آهي تہ هو پنهنجي ئي راهہ جا ڀٽڪيل مسافر بڻيل آهن، جيڪي خزانن جي ڳولا ۾ برپٽن ۽ جبلن ۾ ڀٽڪندا وتن ٿا پر ڪا اهڙي سٽ يا منتر ڪانئن گٽل (وسريل) آهي، جيڪو سندن سمورا سانگ سجايا ڪري. ٻنهي حافظ ڀائرن معذور ٿيڻ کان پوءِ شاديون ڪري گهر گهات بہ وسايا آهن. حافظ دمساز کي پنج پٽ ۽ ٻہ نياٽيون آهن، جڏهن تہ حافظ فقير محمد کي هڪڙو پٽ ۽ ٻہ نياٽيون آهن. هو چون ٿا تہ معذوريءَ سندن هينئون ڏڙ تہ ختم ڪري ڇڏيو آهي پر سندن مردانگيءَ تي ڪو اثر نہ پيو آهي. پنهنجي حياتي خزانن جي تلاش ۾ ئي وڃائيندڙ هي حافظ ڀائر جيتوڻيڪ هاڻي پوڙها ٿي ويا آهن پر کين اڃا اميد آهي تہ ڪڏهن  نہ ڪڏهن کين خزانو هٿ اچي ويندو. ”خزانو مليو تہ ملڪيتون وٺنداسين.“ هو خوش ٿي چون ٿا ۽ ٻڌائين ٿا تہ سياٽي رات بہ هڪڙا ماڻهو اچي ڪٽي ويندا ۽ هو خزانو ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا. هو پاڻ تہ خزانو ڳولهيندي حياتيون گذاري وينا آهن پر سندن اولاد جو ان طرف لاڙو نہ ٿي سگهيو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

